# سيد ظفر حسن

## هڪ مثالي ۽ آدرشي ادبي شخص



مختيار احمد ملاح

ريڪائون

# سيد ظفر حسن

## هڪ مثالي ۽ آدرشي ادبي شخص

مختيار احمد ملاح

ريڪائون پبليڪيشن

ڪراچي 2021

(حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ)

ڪتاب جو نالو: سيد ظفر حسن
(هڪ مثالي ۽ آدرشي ادبي شخصيت)
موضوع: تحقيق
ليکڪ: مختيار احمد ملاح
ڇاپو پهريون: جنوري 2021
ڇپيندڙ: ريڪائون پبليڪيشن ڪراچي
قيمت: 400 روپيا

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ايڊريس: ڏکي بخش خاصخيلي ڳوٺ
ڀٽائي آباد ڪراچي
03337551931
rehmatpirzado@yahoo.com

## انتساب

مادرعلمي سنڌ يونيورسٽي ۾ ان جي جاگرافي شعبي کي،
جتي سائين ظفر حسن جهڙا آدرشي استاد مليا ۽
کي دل گهريا دوست پڻ،
جن جي اتساهہ ۽ همت افزائيءَ تي
هيءُ ڪتاب کي سهيڙ ڪرڻ جي ذميواري ڪنيم.

مختيار احمد ملاح

# فهرست


1.پبلشر جو نوٽ..........................رحمت پيرزادو 07
2.سهيڙيندڙ پاران..........................مختيار احمد ملاح 08
3.منهنجي پنهنجي ڪهاڻي..........................ظفر حسن 26
4.سنڌ جي سچڻ دانشور پروفيسر ظفر حسن سان ڳالهه ٻولهه انٽرويو: ..........................همسفر گاڏهي 28
5.ظفر حسن جو انٽرويو..........................عبدالرحمان سيال 39
6.سنڌ جو ساچهه وند ليکڪ..........................ولي رام ولڀ 43
7.ڏکهي سات جي مختصر ڪهاڻي..........................ولي رام ولڀ 47
8.ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي ٻوءِ بهار جي.....غلام نبي مغل 52
9.ظفر حسن ۽ سندس هڪ ڪهاڻي..........................علي بابا 55
10.ظفر حسن هڪ باوقار شخص..........................حميد سنڌي 58
11.ظفر حسن جا خواب ۽ انهن جي تعبير..........................امداد حسيني 60
12.هڪ پياري انسان ۽ سٺي اديب ظفر حسن جي نالي...الطاف شيخ 62
13.سيد ظفر حسن سان يادگيريون..........................ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ 64
14.ظفر حسن ۽ منهنجو سات..........................پروفيسر اعجاز قريشي 67
15.تان ڪِي ساٿن اور...!..........................پروفيسر لال بخش جسڪاڻي 74
16.سنڌين جي ڳولها ۾... ظفر حسن..........................ڪلا پرڪاش 80
17.۽ منهنجا ٻه ڪي آهن خواب..........................مدد علي سنڌي 88
18.ظفر حسن هڪڙو ئي هو!..........................شوڪت حسين شورو 125
19.جي جيءَ ڪي جيارين..........................عبدالغفور الستي 131
20.سائين ظفر حسن..........................بيدل مسرور 136
21.ظفر حسن ايماندار ليکڪ..........................ڊاڪٽر ذوالفقار سيال 141
22.چاچا نہ مري ويو آهي... (ظفر حسن تي تاثر)..........................ناز سنائي 144
اڙي موت ميار، جيڏا روز جدا ڪرين.ڊاڪٽر محمدقاسم ٻگهيو 155
23.سُرس جنين سان سِڱ..........................انور فگار هَڪڙو 159
24.سنڌي ٻوليءَ جو عاشق..........................ادل سومرو 161
25.ظفر حسن، هڪ "نان ڪنفارمسٽ" شخص.پرفيسر نظير قاسمي 164
26.ظفر حسن باشعور شخص ۽ قوم پرست اديب..........................عابد مظهر 169
27.ظفر حسن هڪ اصول پرست شخص..........................آغا شهاب الدين 172
28.سائين ظفر حسن شاهه..........................طارق عالم ابڙو 174
29.سنڌ جو هڪ نيڪ ۽ پارسا روح..........................نصير مرزا 178

30.سنڌي ادب جو ضمير: ظفر حسن.........................يوسف سنڌي 183
31.مرڻ مون سين آءَ (سائين سيد ظفر حسن جي ياد) ستار پيرزادو 189
32.سنڌ جو سچو خدمتگار سائين ظفر حسن...........اڪبر جسڪاڻي 193
33.منفرد پيشڪاريءَ جو ماهر ظفر حسن سيد.....................راز شر 195
34.ظفر حسن سيد "هڪ ڊائريسٽ بابت ڊائري"...........ظفر جوڻيجو 199
35.سائين ظفر حسن- گهڻ رخو شخص.............................رفيق منگي 206
36.سائين ظفر حسن جي ڊائري جو مختصر تعارف....حميد سبزوئي 212
37.ظفر حسن جو سنڌي ڪهاڻيءَ تي رهيل قرض.....طارق قريشي 214
38.سنڌ جو سچو هڏڏوڪي ـــ ظفر حسن سيد......عبدالمجيد قريشي 243
39.عظيم ڪهاڻيڪار ظفر حسن سيد، ڊاڪٽر ڪرم علي رستماڻي 247
40.ظفر حسن جون يادون..........................................ربنواز ناريجو 249
41.سنڌ جو دلير ۽ باضمير اديب سائين ظفر حسن........سندر چانديو 251
42.سائين ظفر سان گهاريل ڪجهه ساروڻيون........شاهنواز جلباڻي 253
43.ظفر حسن: سنڌي ٻوليءَ جو عاشق ۽ کرو شخص..رمضان شورو 255
44.سائين ظفر حسن.................................................روزينہ جوڻيجو 258
45.رهيل قرض جي موٽ..............پروفيسر ظهير احمد ڪلهوڙو 262
46.سائين ظفر حسن هڪ شفيق استاد.....................ڊاڪٽر نور چانديو 269
47.اي ڌرتي منهنجي پياري استاد جي پارت
اٿي!...........................................پروفيسر سوجومل ميگهواڙ 271
48.ڪهاڻيڪار، ايڊيٽر، پبلشر ۽ آدرشي استاد، ظفر حسن
سيد...............................................پروفيسر رضوان گل 275
49.ظفر حسن سيد جو سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾
ڪردار ..............................................مختيار احمد ملاح 282
**50.ظفر حسن جي باري ۾ مختصر تاثرات** ......................... 299
51.محمد ابراهيم جويو
52.پيرسيد آفتاب شاهه
53.غلام رباني آگرو
54.پروانو ڀٽي
55.قاضي خادم
56.پروفيسر ڪي.ايس ناگپال
57.اخلاق انصاري
58.منصور قادر جوڻيجو
59.نذر علي سيد
60.گلبدن جاويد

61.محمد عرس چانڊيو
62.عبداللطيف لغاري
63.آئجا جٽ
64.پروفيسر اعجاز قريشي
65.ڊاڪٽر علي اڪبر ڍڪڻ
66.دستگير ڀٽي
67.ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو
68.ثريا مخدوم
69.خالده نسرين

English Section

70.Zafar Hassan Shah as a husband by **Prof. Qamar Zafar Hassan** 320

71.Short story writer Zafar Hassan by **Mazharul Haq Siddiqui** 319

72.On the death of Zafar Hassan Syed by **Shaikh Aziz 318**

73.Zafar Hasan , the Renaissance Man of Sindhi Literature by **Gul Muhammad Umrani 316**

74.Zafar Hassan Syed – Popularly known as "Shah Sahib" by **Prof. Mohammad Rafique Dhahani** 312

**اداري پاران:**

سيد ظفر حسن شاهه هڪ تمام وڏو ماڻهو هيو، جنهن جي ڇڏيل ڪارنامن ۾ ڪيل ڪم سان هي سمورو ڪتاب پريل آهي، هڪ سچي ٿهي آهي جنهن تي سندن ڪردار پنهنجا اثر ڇڏيا آهن. سيد ظفر حسن شاهه هڙئون وڙئون ڏئي ادارا ٺاهيا، نقصان برداشت ڪريا، مهل جو مڙس ماڻهو ٿي بيٺو، ڪرو سچو انسان. هڪ ماڻهو پنهنجو قلمي پورهيو به ڪري، علمي آبياري به ڪري ۽ سماج ۾ اهڙو ڪردار ڇڏي وڃي، اهو واقعي هڪ ڪامياب ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو خاڪو آهي.

افسوس ته جن ماڻهن جي ڪردار تي فلمون ٺهڻ گهرجن اسين اهڙن ڪردارَن تي اڄ تائين ڪو ڪتاب به آڻي نه سگهيا هئاسين، ڪا جامع ڊاڪيومينٽري به نه ٺاهي سگهياسين، مطلب ته اسان ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ مان ڪهڙو فائدو ورتو؟

هي ڪتاب سائين مختيار احمد ملاح جنهن جذبي سان آندو آهي اِها نقط مون کي ۽ پروفيسر اعجاز قريشيءَ کي خبر آهي ته هي ڪتاب ڪيترن مشڪل مرحلن مان گذري، اڄ اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي. سچ پچ ته مختيار ملاح صاحب کي جس هجي، جنهن پراڻا ليک جمع ڪري، نوان ليک لکرائي، ڪمپوز ڪرائي، پروف ڏسي، هي ڪتاب اوهان تائين پُهچايو آهي.

سيد ظفر حسن جيئن ته مختيار احمد ملاح صاحب جو استاد رهيو آهي ان ڪري هڪ فرض شناس شاگرد جا سڀ حق ادا ڪندي هُن هي ڪتاب مرتب ڪري منهنجي حوالي ڪيو، جيڪو اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي. هي ريڪائون پبليڪيشن لاءِ اعزاز پڻ آهي ته ڊسمبر2020 ۽ جنوري2021ع ۾ مختيار ملاح صاحب جا به ڪتاب "ريڪائون پبليڪيشن" ڇپايا آهن. آئون هڪ ذميوار پبلشر جي حيثيت سان اها دعوا ڪيان ٿو ته سنڌ ۾ هن دور ۾ به علم پرور انسان موجود آهن، جيڪي دلي جذبي تحت ڪتاب وٺن ٿا، پڙهن ٿا ۽ پين دوستن کي پڻ پڙهائن ٿا.

**ساٿ هلندو رهي، لاٽ ٻرندي رهي.**

**رحمت پيرزادو**

## سهيڙيندڙ پاران:

سيد ظفر حسن جو سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ تمام وڏو ڪردار آهي، جيڪو شايد اڄ جي نوجوان اديبن جي ڄاڻ ۽ عام پڙهندڙن کان اوجهل آهي. هو ڪهاڻيڪار، مضمون نگار، نقاد، ايڊيٽر، پبلشر، مترجم ۽ ادب پرور شخص هو. مون سندس ڪهاڻين جو ڪتاب ”رهيل قرض“ 1990ع ۾ ڪاليج واري زماني ۾ پڙهيو هو ۽ ان ۾ شامل ڪهاڻي ”حياتيءَ نہ رقمي“ منهنجي پسند جي ڪهاڻي هئي.

**جاگرافي شعبي سان منهنجو ناتو:**

1992ع ۾ انٽر پاس ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جو رخ ڪيم، جتي منهنجو ڀاءُ نياز ملاح (جيڪو هڪ شاعر آهي، هن وقت تائين سندس ٻارنهن شاعريءَ جا مجموعا شايع ٿي چڪا آهن) ايڪنامڪس شعبي ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو هو. داخلا جي لاءِ مختلف شعبن ۾ اپلاءِ ڪيو هئم پر داخلا صرف جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ ٿي. انهن ڏينهن ۾ مشهور هوندو هو تہ جنهن جي ڪنهن بہ شعبي ۾ داخلا نہ ٿئي ان جي داخلا جو آخري حل جاگرافي شعبي ۾ ٿيندو آهي. مون سان بہ ڪجهہ ائين ئي ٿيو.

ڪلاسن جي سلسلي ۾ جڏهن ڊپارٽمينٽ پهتاسين تہ خبر پئي، جاگرافي، سائنس فيڪلٽيءَ جو هڪ شعبو آهي، جتي ٻين شعبن جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ شاگرد داخل ٿين ٿا ۽ جيڪي داخلا وٺي اچن ٿا، اهي بہ ٿورن ڏينهن ۾ تعليم اڌ ۾ ڇڏي هليا وڃن ٿا. ان قسم جي ڊراپ آئوٽ جا ڪيترائي سبب هئا، جن ۾ خاص طور تي وڏو سبب اهو هو تہ داخلا وٺندڙ شاگرد، انگريزي ڪمزور هئڻ ڪري انگريزي ۾ پيپر ڏئي نہ سگهندا هئا، ڇو تہ اڪثريت گهٽ مارڪون رکندڙ شاگردن جي هوندي هئي، ان کان علاوه ڊپارٽمينٽ جو نظام انتهائي سخت هوندو هوندو، جنهن ۾ هر حال ۾ ريگيولر ڪلاس، ڪاپي ڪلچر جو بلڪل

نہ هجڻ ۽ سفارش کان پاڪ تدريسي نظام هو، ان سموري سخت نظام جي پويان هڪ سخت ۽ با اصول چيئرمين سائين ظفر حسن شاهہ جو هجڻ هو، جيڪو مقدار کان وڌيڪ معيار کي برقرار رکيون ٿي آيو.

اسان جنهن سال 1992 ع ۽ 1993ع وارن سيشن ۾ داخلا ورتي تہ اسان جي پهرين سال ۾ 30 کن شاگرد هئا، اسان کان مٿئين يعني ٻئي سال ۾ صرف ٻہ شاگرد، ٽئين سال ۾ هڪ شاگرد ۽ آخري سال ۾ شايد پندرنهن ويهہ کن شاگرد هئا. ڪلاسن دوران سينئي شاگردن سان دوستي ٿيندي دير ئي ڪو نہ لڳي، ڇو تہ شاگرد ايترا گهڻا هئا ڪو نہ، جن سان واقفيت يا دوستي ڪرڻ ۾ دير لڳي ها. ان دور جي هم ڪلاسين ۾ شفيق احمد جوڻيجو (هن وقت جاگرافي شعبي جو چيئرمين آهي)، ظهير احمد ڪلهوڙو (هن وقت حيدرآباد قاسم آباد ڪاليج ۾ جاگرافي شعبي جو اسسٽنٽ پروفيسر آهي)، علي انور چانڊيو (هن وقت حيدرآباد ۾ نرسنگ انسٽرڪٽر آهي)، محمد ٻبر (هن وقت زرعي يونيورسٽي، ٽنڊو ڄام ۾ سيڪيورٽي آفيسر آهي)، عبدالحق بنگلاڻي (هن وقت سالڊويسٽ مئنيجمينٽ ۾ ڪنسلٽنٽ طور ڪم ڪري رهيو آهي)، لوڌومل ڪرماڻي (سرڳ واسي)، فيروز پنهور (هن وقت ڪوٽڙيءَ ۾ پرائيوٽ نوڪري ڪري رهيو آهي)، ان کان علاوه، ڪوٽڙيءَ جون ٻہ اردو اسپيڪنگ ڇوڪريون هيون ۽ ڪي ٻيا بہ ڪلاس فيلو هئا، جيڪي جلدي يونيورسٽي ڇڏي هليا ويا. اڳتي هلي پريويس سائيڊ کان مهر علي ٽالپر ۽ ملان ممتاز شيخ بہ جاگرافي شعبي ۾ شامل ٿيا، جن سان پڻ گهرائپ هوندي هئي. جڏهن تہ اسان کان هڪ سال سينيئر شاگردن ۾ ڊاڪٽر نور چانڊيو (هاڻي شاهہ لطيف يونيورسٽيءَ ۾ جاگرافي شعبي جو چيئرمين)، وڌيڪ سينئر ڊپارٽمينٽ فيلوز ۾ شاهنواز جلباڻي، نورمحمد جلباڻي، سڪندر شاهہ، طاهر لغاري، رمضان شورو، روشن نانگراج، روزينہ جوڻيجو ۽ ڪي ٻيا هوندا هئا. استادن ۾ سائين ظفر حسن سيد (شعبي جو چيئرمين)، ميڊم مهرالنساءِ پنهور، سائين رفيق احمد ڏناڻي، ميڊم نرگس افروز بلوچ (مرحوم)، اڪبر لغاري (بعد ۾ يونيورسٽيءَ جي نوڪري ڇڏي ڪاليج ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو)، شير خان پناڻ (مرحوم)، ميڊم شهناز قاضي (مرحوم)هوندا هئا. اسان جي هاسٽل جي سنگت ۾ ڪجهہ دوست ٻاٽنيءَ جا شامل هئا، انهن ۾ خالد حسين قريشي ۽ احمد علي سميجي سان گهاٽي دوستي هئي.

**سائين ظفر حسن، جاگرافي ۽ آءٌ:**

اسان نون آيل شاگردن کي سينئر شاگردن ڏاڍو خوفزده ڪيو ته چيئرمين تمام گهڻو سخت گير آهي ۽ چيئرمين صاحب استادن تي به سختي ڪئي آهي، ان ڪري هر سال فقط هڪ يا ٻه شاگرد ماسٽرس جي ڊگري وٺي نڪرندا آهن. ان خوف جي ڪري ئي اسان جي ڪلاس مان ڪافي شاگرد آهستي آهستي الوداع چوندا هليا ويا ۽ ٻئي سال تائين صرف ڏهه يا ٻارنهن ڪلاس فيلو وڃي رهياسين.

مان پڻ جاگرافي شعبي ۾ سوا ٻه سال رهيس، ان دوران سائين ظفر حسن سان هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ ڪافي ملاقاتون ٿيون، جيڪي جاگرافي شعبي کان ٻاهر ڪو نه هيون، مون ڏٺو ته سائين انتهائي اصول پرست، لائق، ايماندار ۽ چاڻ جو پنڊار هو. هو سختي صرف شاگردن جي تعليمي ۽ اخلاقي سکيا جي خاطر ڪندو هو. سندس سڄو ڌيان انهن ڳالهين طرف هوندو هو ته سنڌي شاگرد سٺا اخلاق ۽ منظم زندگي گذارين. اهو ئي سبب آهي ته اسان ادبي بحث ڪندي جهڙي طرح امرجليل جي ڪهاڻين جا ڊائلاگ حوالن ۾ استعمال ڪندا آهيون، تهڙي ريت سائين ظفر حسن جون چيل ڳالهيون پڻ حوالي طور استعمال ٿينديون آهن، جو جز اهي هڪ حڪمت ڀريئي شخص جي زبان مان نڪتل ڳالهيون آهن. امتحانن جي ڏينهن ۾ هڪ دفعي پيپر ڏيندي مون سائين کي چيو ته "سائين! مون کي باٿ روم وڃڻو آهي". سائين مون کي روم کان ٻاهر وٺي وڃي سمجهايو ته "بابا باٿ روم" نه پر "ٽوائليٽ" چئبو آهي. امتحانن دوران ئي اسان جي جاگرافيءَ جي هڪ ٽيچر ميڊم نرگس افروز بلوچ (مرحومه) وڏي ڪڙيءَ وارو سينڊل پائي آئي ۽ ڪلاس جي خاموش ماحول ۾ سندس سينڊل جي "ٽڪ ٽڪ" جو آواز پوري ڪلاس جي خاموشيءَ ۾ خلل وجهي رهيو هو. سائين ظفر حسن، ڳالهه کي سمجهي ويو ۽ ميڊم کي ٻاهر وٺي وڃي تاڪيد ڪيائين ته اڳتي اهڙو سينڊل پائي نه اچجي، جنهن سان شاگردن جي تسلسل ۾ رخنو پوي.

سائين پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ انتهائي هينڊسم قسم جو شخص هو. پنهنجي منفرد شخصيت جي ڪري سڀني جي اکين ۾ سمائجي ويندو هو. انتهائي صاف سٿرو ۽ وئل ڊريسڊ. سائين جوانيءَ واري زماني ۾ ڪلين شيو هوندو هو، پر آخري سالن ۾ ڪيس سوبر ۽ پرڪشش مڇون رکيل هيون. سائين هڪ دفعي پنهنجي شيو جي

سلسلي ۾ واقعو ٻڌائيندو چيو تہ هو روزانہ جي بنياد تي شيوِ ڪندڙ آهي، جڏهن سندس دل جو باءِ پاس ٿيو تہ اسپتال ۾ هئڻ سبب شيوِ ڪرائي نہ سگهيو. پر جيئن ئي هو هوش ۾ آيو ۽ ماڻهن سان رابطي ۾ آيو تہ پهريون ڪم سندن اهو هو تہ حجم گهرائي شيوِ ڪرايائين.

اسان جڏهن ايڊميشن جو فارم يا امتحان جو فارم يا ڪو ٻيو ليٽر صحي ڪرائڻ لاءِ، سائين ظفر حسن جي آفيس ۾ ويندا هئاسين تہ پاڻ سمورو فارم چيڪ ڪندو هو، اگر ڪو ٿورو بہ رهيل هوندو هو تہ اسان کي واپس ڪندي چوندو هو تہ "بابا آفيس کان ٻاهر وڃي فارم کي ٻيهر چڪاسي ۽ مڪمل پري ٻيهر ڪٺي اچو." سمجهائيندي اهو بہ چوندو هو تہ "منهنجا شاگرد گهٽ ۾ گهٽ پورو فارم پرڻ سگهي ويندا." سنڌ يونيورسٽيءَ جي ايڊمن سيڪشن ۾ جاگرافي شعبي جي فارمن جي ٻيهر چڪاس ئي ڪا نہ ٿيندي هئي، چوندا هئا تہ هي فارم سائين ظفر حسن جا صحي ٿي آيل آهن، انهن ۾ غلطيءَ جي گنجائش ڪا نہ هوندي. اهڙي طرح سائين، اسان کي مختلف وقتن تي ڪي اهم ڳالهيون سيکاريندو رهندو هو. هڪ دفعي واڪ ويندي سائين سان ملاقات ٿي وئي. سائين واڪ (Walk) تمام گهٽي ڪندو هو. سائين شاگردن جي شڪايت ڪندي چيو تہ "اسان جا شاگرد گهمندي ڦرندي، جتي جڳهہ ملين ٿي اتي ويهي پيشاب ٿا ڪن، پٽين تي چا لکيل آهي، ان جو بہ احترام ڪو نہ ٿا ڪن." سائين اهڙي عمل کي نندينديو، اسان کي سمجهايو تہ اهڙي عمل کان پاسو ڪيو وڃي، چو تہ اهڙي عمل سان فرد جي شخصيت تي خراب اثر پوندا آهن. ايتري تائين سائين اسان کي ڪپڙن پائڻ جي ڍنگ تي بہ صلاحون ڏيندو هو.

سائين ظفر حسن جون ڳالهيون ساهہ سان سانڍڻ جهڙيون هونديون هيون، چو تہ انهن ۾ حڪمت پريل هوندي هئي. هڪ دفعي 21 سيپٽمبر 1996ع تي صبح جو ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ لاءِ پهتاسين تہ خبر پئي تہ گذريل رات مير مرتضيٰ ڀٽو جي ڪراچيءَ ۾ شهادت وارو واقعو ٿي چڪو آهي، ان ڪري ڪلاس نہ هلندا. اسان جاگرافي ڊپارٽمينٽ جي ٻاهران بيٺا هئاسين تہ سائين ظفر حسن پنهنجي گاڏي تي پهتو ۽ لهندي اسان کان ڊپارٽمينٽ بند هجڻ جو سبب پڇيائين. اسان ڪيس سڄي خبر ٻڌائي. ان جي جواب ۾ سائين هڪ وڏي ڳالهہ ٻڌائي جيڪا مون کي اڄ بہ ياد آهي: "جن قومن ترقي ڪئي آهي، انهن وٽ وقت ڪونهي، جڏهن تہ اسان جي قوم ڪا بہ ترقي نہ ڪئي آهي،

چاڪاڻ تہ اسان وٽ تائير تمام گھٽو آهي. اڄ اسان جي قوم جو هڪ ليبر مارجي ويو آهي ۽ اسان پنهنجون يونيورسٽيون بند ڪري ڇڏيون آهن ۽ اڇوڪو سڄو ڏينهن شاگرد رانديون ڪندي گذاريندا ۽ استاد واندا ويهي گذاريندا، ڇو جو اسان وٽ وقت تمام گھٽو آهي، جنهن جي اهميت جي خبر ڪنهن بہ نہ آهي."

هڪ دفعي، سائين ظفر حسن شاهہ سان اخبارن پڙهڻ جي سلسلي ۾ وڏو بحث ٿيو. سائين اسان کي صلاح ڏني تہ سنڌي شاگردن لاءِ ڊان اخبار پڙهڻ تمام ضروري آهي، ڇو تہ ان ۾ ڪرنٽ افيئرز، ايوريڊي سائنس، اسلاميات، ايڪنامڪس، پوليٽيڪل سائنس سميت ڪيترائي موضوع پڙهي سگھجن ٿا، پر سڀ کان وڏيڪ انگريزي سکڻ، لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ آساني ٿي پوي ٿي. اسان، سائين کي شڪايت ڪندي چيو تہ "سائين ڊان اخبار تمام گھڻي مهانگي آهي، اسان افورڊ نہ ٿا ڪري سگھون." ان جي جواب ۾ سائين اسان کي لاجواب ڪندي چيو تہ "نہ بابا، منهنجي نظر ۾ ڊان اخبار سڀني اخبارن کان سستي آهي." اسان پڇيو اهو وري ڪيئن سائين؟ سائين اسان کي سمجھائيندي چيو تہ "ضروري نہ آهي تہ توهان روزانو هڪ نئين اخبار خريد ڪيو. توهان ڪنهن بہ دڪان تان پراڻي ڊان اخبار جو ڪلو ڪن خريد ڪري اڇو، جڏهن پڙهي پورو ڪيو تہ ان کي وڪڻي ۽ هڪ ٻيو ڪلو خريد ڪري اڇو." "توهان کي ڊان اخبار سان مطلب آهي، ان جي نئين يا پراڻي هئڻ سان نہ آهي."

سائين ظفر حسن پڙهائڻ ۾ تمام بهترين هوندو هو. هن ان وقت اسان کي صرف هڪ سيمسٽر ۾ ريجنل جاگرافي پڙهائي هئي. سندس ليڪچر ڏيڻ جو انداز اهڙو آسان ۽ وڻندڙ هوندو هو جو ٻيهر ڪتاب پڙهڻ جي ضرورت ئي نہ پئي. هو هر چيپٽر صاف ۽ آسان ڪري سمجھائيندو هو. اهڙي طرح مارڪن ڏيڻ ۾ ٻين استادن جي ڀيٽ ۾ سخي هوندو هو، جنهن جو لکيل جواب سمجھ ۾ اچي ويندو هوس، ان کي دل کولي مارڪون ڏيندو هو.

ٻن سالن بعد بي.ايس.سي (پاس) جي ڊگري وٺي، مون جاگرافي ڊپارٽمينٽ کي الوداع چيو ۽ انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ داخل ٿيس، پر هاسٽل تي منهنجي رهائش ۽ دوستي جاگرافي ۾ باٽني وارن دوستن سان هوندي هئي. اهڙي ريت سائين ظفر حسن سان بہ ملاقاتن جو سلسلو جاري رهندو آيو. هاڻي فرق صرف اهو هو تہ سائين سان

جاگرافيءَ جي بجاءِ ادبي ڪچهري ٿيندي هئي. سائين پنهنجي ادبي سرگرمين کان علاوه مستقبل لاءِ رٿيل سرگرمين جي باري ۾ ٻڌائيندو رهندو هو. اهو سلسلو يونيورسٽي ڇڏڻ کان پوءِ به جاري رهيو. سائين 1997ع جي آخر تائين نوڪريءَ مان رٽائر ٿي چڪو هو، پر ساڻنس ڪي ملاقاتون بعد ۾ به رهيون. آخري ملاقات شايد سائين جي وفات کان هڪ هفتو اڳ گاڏي کاتي، حيدرآباد ۾ ٿي هئي، جنهن ۾ ظهير احمد ڪلهوڙو ۽ شاهنواز جلباڻي به شامل هئا. جيئن ته سائين هميشه هر ڪم پلاننگ ڪري پوءِ ڪندو هو ۽ هر وقت نوان پلان جوڙيندو هو، ان آخري گڏجاڻيءَ ۾ به سائين، اسان کي پنهنجي مستقبل جي حڪمت عملين جي باري ۾ تفصيل سان آگاهه ڪيو، جنهن ۾ معياري پبلشنگ هائوس، اخبار وغيره شامل هئا، پر سائين جيئن ته ننڍي پيماني تي هڪ زميندا ر به هو، ان ڪري سائين زمينن کي نئين سرِ آباد ڪرڻ جي لاءِ فرٽيلائيزر ۽ ڪيميڪل کان پاڪ فصلن کي آباد ڪرڻ جو پروگرام رٿيون ويٺو هو. سندس خيال هو ته پلي آمدني گهٽ ٿئي، پر قدرتي ياڻ سان فصل ڪيميڪل ۽ مختلف بيمارين پاڪ هوندا. زمينن سان پڻ سائين ظفر کي تمام گهڻي محبت هوندي هئي، اهو ئي سبب آهي جو هو پنهنجي هارين کي پنهنجي ٻچن وانگر پائيندو هو.

**سائين ظفر جي حياتيءَ جو احوال:**

سائين ظفر حسن 41 آگسٽ 1937ع تي حيدرآباد ضلعي جي ڳوٺ واڏڪي وسيءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد سيد نذر علي شاهه پنهنجي ڳوٺ جو پهريون پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو هو ۽ حيدرآباد ۾ سنڌ ڪوآپريٽو بئنڪ ۾ مئنيجر هو. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ”واڏڪي وسي“ ۾، پوءِ پريڪٽسنگ اسڪول، ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد جي تعليمي ادارن نور محمد هاءِ اسڪول مان، ميٽرڪ 1954ع، انٽر آرٽس 1957ع ۾، ايم. اي 1961ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان جاگرافي شعبي ۾ ڪيائين. هو 1961ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جاگرافي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. اڳتي هلي ايسوسيئيٽ پروفيسر، پوءِ پروفيسر ۽ نيٺ جاگرافي ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين مقرر ٿيو. جتان 1997ع ۾ رٽائر ڪيائين. پاڻ 61 سالن جي عمر ۾ 8 مارچ 1998 تي لاڏاڻو ڪيائين.

ذاتي زندگيءَ ۾ ظفر حسن هڪ بهترين شخص هو. هڪ سٺو مهمان نواز، سياسي ۽ سماجي شعور رکندڙ، وقت جو پابند، هر ڪم رٿابنديءَ سان ڪندڙ، صرف هم خيال ماڻهن سان دوستي رکڻ، پنهنجي عقيدن ۾ پڪو يقين رکندڙ، دنيا ۾ ايندڙ تبديلين جي گهري نظر رکندڙ، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان بيحد محبت ڪندڙ وغيره وغيره.

**سائين ظفر بابت تعزيتي رفرنس ۽ اخباري اشاعتون:**

سائين 8 مارچ 1998ع تي وفات ڪري ويو، سندس مرتئي جي خبر ٻئي ڏينهن تي اخبار وسيلي ملي، انتهائي گهڻو صدمو پهتو، ڇو ته سنڌ هڪ عالم، استاد، جاگرافيدان، اديب ۽ هڪ سنڌ پرست ڏاهي کان محروم ٿي وئي هئي. جيتوڻيڪ سائين ظفر حسن اسان جي وچ ۾ موجود نه هو، پر سندس ذڪر اسان جي ڪچهرين ۾ شامل رهندو هو ۽ جڏهن به يونيورسٽيءَ جا دوست ملندا هئاسين ته اڪثر سوچيندا هئاسين ته سائين جي باري ۾ ڪجهه لکجي.

سائين جي وفات کان پوءِ، سنڌي ادبي سنگت جي ڪن شاخن ۽ سنڌ يونيورسٽي وارن سائين جي باري ۾ تعزيتي رفرنس ڪيا هئا، انهن ۾ محترم عبدالرحمان سيال، سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ شايد سائين جي پهرين ورسيءَ جي مناسبت سان هڪ پروگرام ڪيو هو، جنهن ۾ يونيورسٽيءَ جي استادن پنهنجا پيپر پڙهيا هئا، پر اهي هاڻي هٿ اچي نه سگهيا. ان سلسلي ۾ سڀ کان وڌيڪ ۽ اهم ڪم عبدالمجيد قريشيءَ جو نظر اچي ٿو، جنهن سائين ظفر جي وفات تي نه صرف اديبن کان ڪمنٽس (رايا) لکرايا، پر تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺائي اديبن کان سائين ظفر جي باري ۾ تقريرون ڪرايون ۽ اهي پنهنجي رسالي ”عوامي امنگ“ ۾ شايع به ڪيا. اهڙي طرح، هن صاحب سائين جي متعلق ورسين جي موقعن تي به ڪي خاص نمبر شايع ڪيا آهن، جنهن لاءِ هو جس لهڻي ۽ انهن مان ڪجهه لکڻين کي سندس ٿورن سان هن ڪتاب ۾ پڻ شامل ڪيو ويو آهي. 2007ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي تڏهوڪي وائيس چانسلر سائين مظهر الحق صديقي صاحب جي صدارت ۾ سائين ظفر حسن جي نائين ورسي جي حوالي سان هڪ پروگرام ٿيو هو، جنهن ۾ ڊاڪٽر رفيعه شيخ، ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو، پروفيسر غلام حسين خاصخيلي، ولي

رام ولڀ صاحب ۽ ڪي ٻيا شريڪ ٿيا هئا. اتي به پڙهيل مضمون هٿ اچي نه سگهيا.

**هن ڪتاب جي اشاعت جي رٿابندي:**

اسان يونيورسٽي جي دوستن گڏجي هڪ واٽس ايپ گروپ ٺاهيو آهي، جنهن ۾ ڪيترائي دفعا سائين ظفر حسن جي شخصيت جي باري ۾ بحث ڪياسين ۽ هڪ ڏينهن مون دوستن کي صلاح ڏني ته ڇو نه سائين ظفر تي هڪ ڪتاب مرتب ڪجي. منهنجي صلاح سان سڀني اتفاق ڪيو، ان گروپ ۾ ڪي دوست ٻاٽني ڊپارٽمينٽ جا فارغ تحصيل آهن، ته ڪي انگريزيءَ جا ۽ انهن مان ڪن کي لکڻ جو تجربو ڪو نه هو. بهرحال، ارادو ڪيوسين ته سائين تي ڪم شروع ڪبو. اهڙي نموني، ان ڪم جي باري ۾سائين پروفيسر اعجاز قريشي صاحب سان پڻ صلاح مشورو ٿيو، جيڪو يونيورسٽيءَ جي زماني ۾ سائين جو ويجهو دوست هو. ان ميٽنگ ۾ ظفر جوڻيجو صاحب به شامل هو، جيڪو سائين ظفر جو ويجهو دوست رهيو آهي. آخرڪار اتفاق ٿيو ته سائين ظفر حسن جي شخصيت کي نوجوانن تائين پهچائڻ ۽ کيس خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ هڪ خاص ڪتاب (نمبر) شايع ڪيو ويندو، جنهن جي ترتيب ۽ مضمون گڏ ڪرڻ جي ذميواري مون پنهنجي سر تي کنئي.

مون هڪدم، ادبي تاريخن جا ڪتاب جاچڻ شروع ڪيا، ان حوالي سان ته ادبي تاريخن ۾ سائين ظفر جو ذڪر ڪيترو آيو آهي ۽ مون کي انتهائي افسوس ٿيو ته ادبي تاريخن جي لکندڙن، سائين کي بلڪل نظرانداز ڪيو آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، جنهن جا ادبي تاريخن تي ڪافي ڪتاب شايع ٿيل آهن ۽ سندس ٻهرين ادبي تاريخ پڻ سائين ظفر پاڻ شايع ڪرائي هئي، ان، پنهنجي ڪنهن به ڪتاب ۾ سائين ظفر تي هڪ سٽ به نه لکي آهي. ادبي تاريخن کان پوءِ، ڪجهه خاڪن ۽ آتم ڪٿائن جا ڪتاب تلاش ڪيم، جن ۾ هڪ به مضمون هٿ اچي ويا، ان کان علاوه سائين سان تعلق رکندڙ اديبن سان فون تي رابطو ڪيم، جن مان ڪن اڳ لکيل پنهنجا مضمون موڪلي ڏنا ۽ ڪن نوان مضمون لکي ڏنا، مان سندن دل جي گهراين سان شڪرگذار آهيان. وڌيڪ مضمون گڏ ڪرڻ ۽ نوان مضمون لکرائڻ جي سلسلي ۾ پنهنجي فيس بڪ تي هڪ عام ميسيج يا اعلان ڪندي سائين جي

دوستن، شاگردن، اديبن کي گذارش ڪندي لکيو تہ "اسان سائين ظفر حسن سيد جي سمورين لکڻين کي گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي ۽ سائين جي باري ۾ سندس دوستن، شاگردن ۽ اديبن کان مضمون لکرائي هڪ خاص ڪتاب شايع ڪيو ويندو. ان سلسلي ۾ سيني علم دوست ۽ سائين سان تعلق رکندڙن کي اپيل ٿي ڪجي تہ سائين جي باري ۾ ڇپيل، اڻ ڇپيل مواد فراهم ڪن ۽ پنهنجا نوان مضمون لکي موڪلين، جنهن ۾ سائين جي علمي، ادبي خدمتن ۽ سندس ذاتي زندگيءَ کي اجاگر ڪري سگهجي." هن اعلان يا گذارش تي تمام گهڻ موٽ ملي، صرف ڪجهہ ماڻهن اهڙي ڪتاب جي اچڻ جي آجيان تہ ڪئي، پر مضمون لکي ڪو نہ ڏنا.

ان کان پوءِ مون، سائين جي همعصر اديبن، يونيورسٽيءَ جي دوستن ۽ شاگردن سان سڌي ريت ٽيليفون رابطا ۽ فون تي ميسيج ڪرڻ شروع ڪيا، جنهن جي نتيجي ۾ ڪجهہ پراڻا ۽ نوان مضمون گڏ ٿيا. ڪجهہ ان دور جي يونيورسٽيءَ جي پروفيسرن سائين تي لکڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سندن خيال هو تہ سائين ظفر پنهنجي اصولن ۽ موقف ۾ ايترو تہ سخت هو جو ساڻن ملڻ جلڻ ختم ڪري ويو هو. سائين ظفر حسن پنهنجي اصولن تي پابند رهندو هو ۽ ڪنهن سان بہ انهيءَ سلسلي ۾ ڪمپرومائيز نہ ڪندو هو. سهڻيءَ جي شيخ اياز نمبر 2- (1991ع) ۾ اهڙي شڪايت طارق اشرف بہ لکي آهي تہ "مان اها ڳالهہ بہ ٻڌائڻ چاهيندس تہ جتي منهنجي ڪن دوستن اياز نمبر ڪڍڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو، اتي گهڻا دوست ناراض بہ ٿيا. مون کي سڀ کان وڌيڪ ظفر حسن جي ناراضگيءَ جو ڏک آهي. هيءَ نہ فقط منهنجي ننڍي هوندي جو دوست آهي، بلڪ هن سهڻي رسالي کي هڪ عرصي تائين ڪڍڻ ۾ برابر جو ساٿ ڏنو، ۽ جڏهن مان جيلن ۾ويس تڏهن بہ هن منهنجو ساٿ نہ ڇڏيو. پر اياز نمبر ڪڍڻ تي، بلڪ انهن ليکڪن جي سهڻيءَ ۾ ڇپڻ تي هن مون سان ناتا ٽوڙي ڇڏيا، جن ڪنهن طريقي سان مارشل لا جي حمايت ڪئي يا آمر ضيا جي حمايت ڪئي يا ساٿاري رهيا. مان ظفر حسن جي جذبن ۽ خيالن جو احترام ڪريان ٿو، پر منهنجو چوڻ آهي تہ جن ليکڪن غلط ڪم ڪيا، انهن تي تلوار نہ کڻو، قلم کڻو، ڇو تہ قلم جو اثر تلوار کان وڌيڪ اثرائتو ٿيندو آهي."

منهجي خواهش هئي تہ سائين ظفر جي پٽن (نذر شاهہ ۽



ظفر حسن پنهنجي والده سان گڏ



ظفر حسن پنهنجي پٽن نذر ۽ يوسف سان گڏ



ظفر حسن پنهنجي نياڻين سان گڏ



ظفر حسن مشهور اديب ڪيرت ٻاٻاڻيءَ سان گڏ



ظفر حسن مشهور عالم غلام مصطفيٰ قاسميءَ سان گڏ



ظفر حسن امداد حسيني، عثمان ميمڻ ۽ ٻين دوستن سان گڏ

يوسف شاهہ) مان بہ کو سندس باري ۾ ڪجهہ لکي ڏئي. ان سلسلي ۾، مون سندن موبائيل نمبرَ هٿ ڪري ڄامشوري نڪري ويس، جتي سندن هڪ دوست جي معرفت ملڻ جي ڪوشش ڪئي. سائين نذر شاهہ سان رابطو ٿي نہ سگهيو، پر سيد يوسف شاهہ سان مسلسل رابطو رهيو. سائين جي مهرباني، جنهن منهنجي ڪم جي قدرداني ڪندي ٿورا ميڃيا ۽ تعريف ڪئي، سندس ڪوششن سان سائين ظفر صاحب جي شريڪ حيات پروفيسر قمر ظفر صاحبہ هڪ مختصر پر بهترين مضمون لکي موڪليو، جنهن لاءِ مان سندن انتهائي گهڻو شڪر گذار آهيان. هن ڪتاب ۾ سائين نذر شاهہ جو بہ هڪ ننڍڙو مضمون هڪ اخبار مان هٿ آيل شامل آهي.

**هن ڪتاب ۾ شامل مواد بابت:**

الله سائين جا لک احسان جنهن اها توفيق ڏني جو تمام گهڻي محنت ڪان پوءِ مان، سائين جي دوستن، همعصر پروفيسرن، شاگردن، ۽ اديبن جا ڪجهہ قدر مضمون گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهيان، جنهن سان سائين جي شخصيت ۽ ادبي ڪٿ ڪي اجاگر ڪرڻ ۾ ڪافي مدد ملي ٿي. هن ڪتاب ۾ سائين جا بہ انٽرويو، هڪ مختصر آتم ڪٿا بہ شامل آهي. آتم ڪٿائي باب ۾ سائين جي علمي ادبي نظرين ۽ مستقبل جي رٿابندين جي معلومات ملي ٿي. سائين ظفر جا ڪي ٻيا بہ انٽرويو شايع ٿيل آهن، پر اهي هٿ اچي نہ سگهيا. منهنجي خواهش هئي تہ گهٽ ۾ گهٽ سائين جا اهي سيئي انٽرويو ڪتاب ۾ هجڻ گهرجن ها.

هن ڪتاب جو اصل حصو، سائين ظفر جي علمي، ادبي ڪارنامن ۽ سندس شخصيت جي باري ۾ لکيل ننڍن ۽ وڏن 50 ڪن مضمونن تي مبني آهي. انهن مضمون نگارن ۾ ڪي سائين ظفر جا ذاتي دوست آهن، ڪي يونيورسٽي جا ڪليگ آهن، تہ ڪي شاگرد آهن، ڪي همعصر اديب آهن تہ ڪي سندن خير خواهہ آهن. انهن سيني جا مضمون خلوص، محبت ۽ دل جي گهراين سان لکيل آهن. علي بابا جو مضمون ”ظفر حسن ۽ سندس هڪ ڪهاڻي“ مهراڻ رسالي مان ڪنيل آهي. سائين ظفر، علي بابا ڪي تمام گهڻو پائيندو هو ۽ ڪيس وهاري ڪهاڻيون لکرائيندو هو ۽ سانڍي بہ رکندو هو. ڪيس خبر هئي تہ علي بابا جهڙو سيلاني ماڻهو پنهنجون ڪهاڻيون پاڻ سانڍي ڪو نہ سگهندو. علي

بابا، پنهنجي مضمون ۾ سائين ظفر جي ڪهاڻي ”ياڳ نياڳ“ ۾ سمايل موضوع، ليڪڪ جي ٽيڪنڪ ۽ ٻوليءَ جو شاندار تنقيدي جائزو ورتو آهي.

جڏهن ته ظفر حسن جو ذڪر ايندو ته ولي رام ولڀ جو ذڪر به لازم ٿي پوندو. هن ڪتاب ۾ به مضمون: ”سنڌ جو ساجهه وند ليکڪ“ ۽ ”ڏکهي ساٿ جو مختصر ڪهاڻي“، نالي واري ليکڪ ۽ سائين ظفر جي دوست ۽ ساٿي ولي رام ولڀ صاحب جا آهن، جيڪي سندس ڪتاب ”يادون، ملاقاتون ۽ ڪجهه اپياس“ تان ورتل آهن. ولي رام ولڀ صاحب، سائين ظفر جو ويجهو ۽ ادبي ساٿي هو، جنهن سان گڏجي پاڻ ڪيترائي ادبي سلسلا جاري ڪيائون، جن ۾ ”آرسي“ ۽ ”ڌرتي“ به شامل هئا. ولي رام ولڀ جي مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي مضمونن ۾، ٻنهي اديبن جي دوستي ۽ سنڌي ادب جي ڪيل گڏيل جاکوڙ جي پلي پت خبر پوي ٿي. اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو مختصر مضمون سائين ظفر جي هڪ ٻئي ادبي دوست ۽ نالي واري ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار غلام نبي مغل صاحب جو ”ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اڃي ٻُو بهار جي“ شامل آهي. مغل صاحب پڻ سائين ظفر حسن جو ماهوار سهڻي واري زماني جو ساٿي هو ۽ پاڻ گڏجي سهڻي رسالي لاءِ ڪم ڪيو هئائون. اهوئي سبب آهي جو مغل صاحب پنهنجي مضمون ۾ انهن يادن کي سمويو آهي. اهڙو ئي هڪ ٻيو مضمون سنڌي افسانوي اديب، ڊرامانويس ۽ نقاد شوڪت حسين شوري صاحب جو به شامل آهي، جيڪو پڻ سائين ظفر جو ادبي دوست هو. شوڪت حسين شوري پنهنجي مضمون ”ظفر حسن هڪڙو ئي هو“ ۾ سائين ظفر سان گهاريل گهڙين ۽ ”پرفيڪٽ پريس“ ۾ ڪيل گڏيل ڪمن کي ڊاڪيومينٽ ڪيو آهي.

سنڌ جي جديد تاريخ کي نئين سِر لکندڙ پروفيسر اعجاز احمد قريشي صاحب نه صرف سائين ظفر حسن جو ويجهو دوست هو، پر پاڻ يونيورسٽيءَ ۾ گڏجي ”سماجي سائنس“ جي نالي سان هڪ جرنل به ڪڍيو هئائون. پروفيسر قريشي صاحب جو مضمون ”سيد ظفر حسن ۽ منهنجو ساٿ“ ۾ انهن سيني واقعن، گهڙين ۽ گڏيل ساٿ جي ڪتا ڏنل آهي، جنهن ۾ پاڻ گڏجي جدوجهد ڪندا رهيا. قريشي صاحب نه صرف پنهنجو مضمون لکي ڏنو،پر هر وقت صلاح ۽ مشورن ۾ به مون کي مستفيد ڪندو رهيو، سندس تعاون کان سواءِ هي ڪتاب

شايد پورو ٿي نہ سگهي ها. پاڻ سائين ظفر جو فيملي فرينڊ هو، ان ڪري سندس مضمون بہ پڙهڻ لائق آهي. سنڌ يونيورسٽي جي سائين ظفر جي هڪ ٻئي ڪليگ پروفيسر لال بخش جسڪاڻي جو مضمون ”تان ڪِي ساڻن اور...!“ اهم مضمون آهي. پروفيسر جسڪاڻي صاحب خود بہ نالي وارو اديب ۽ تاريخدان آهي. سندس ڪتاب سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ شايع ٿيل آهن. سائين منهنجي گذارش تي هيءُ هڪ نڪور مضمون لکيو، جنهن ۾ سائين ظفر سان وابستہ يادن کي شانائتي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

سرحد پار جي سنڌي اديبن ۾ ڪلاپرڪاش ۽ موتي پرڪاش جو ادبي ۽ زندگيءَ ۾ همسفر جوڙو وڏي اهميت رکي ٿو. ڪلاپرڪاش جا ڪيترائي ناول ۽ ڪهاڻين جا مجموعا شايع ٿيل آهن. سندس مضمون ”سنڌين جي ڳولها ۾... ظفر حسن“ دراصل سندس سفرنامي ”جي هيئنڙي منجهہ هُرن“ تان ڪنيل آهي، جيڪو يوسف سنڌي صاحب موڪلي ڏنو هو. هي سفرنامو ڪلا پرڪاش ۽ موتي پرڪاش ۽ ڪن ٻين هند جي سنڌي اديبن جي سنڌ ياترا جي باري ۾ آهي، جيڪي 1988ع ڌاري سنڌ آيا هئا. موتي پرڪاش پڻ پنهنجي آتم ڪٿا واري ڪتاب ”وهي ڪاتي جا پنا“ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي سائين ظفر جو ذڪر ڪيو آهي، پر ڪلا پرڪاش پنهنجي مٿئين سفرنامي ۾ سائين ظفر جي باري ۾ هڪ الڳ باب لکيو آهي، جنهن ۾ هن سائين ظفر حسن پاران ڪين ايئر پورٽ ويندي پنهنجي پيٽ جي گهر ۾ ترسائڻ کان ويندي ادبي محفلن جو ذڪر شاندار نموني ڪيو آهي، ان سا گڏ هن سائين ظفر جي سنڌي ٻوليءَ سان والهانہ محبت کي عقيدت ۽ احترام سان پيش ڪيو آهي.

ڪتاب ۾ شامل سنڌ جي نالي واري محقق ۽ ڳل حيات انسٽيٽيوٽ جي باني ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ جو ”سيد ظفر حسن سان لاڳاپيل منهنجون يادگيريون“ هڪ اهم مضمون آهي. جو تہ ڊاڪٽر پٺاڻ صاحب ۽ سائين ظفر گڏجي ڪم ڪيو. سائين ظفر ان وقت سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو ۽ پٺاڻ صاحب سنڌالاجيءَ ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو. پٺاڻ صاحب پنهنجي مضمون ۾ انهن ڏينهن جي حوالي سان ادبي گڏجاڻين ۽ ٻنهي جي اصول پرستيءَ تي مبني ڪجهہ اهم حقيقتن تان پردو کنيو آهي.

سائين ظفر حسن جي هڪ ٻئي ادبي ۽ ذاتي دوست مدد علي

سنڌي پنهنجي ياداشتن تي مبني هڪ طويل مضمون لکيو آهي، جنهن ۾ نہ صرف ظفر صاحب جي ذاتي زندگيءَ کي ڇنڊيو آهي، پر سائين جي فيملي ۽ ادبي سرگرمين تي بہ تفصيل سان جائزو ڏنو آهي. مدد علي سنڌي صاحب سالن جي حساب سان سائين ظفر حسن جي يادن کي سهيڙيو آهي.

ادبي سفر ۾، سائين ظفر جا کيترائي ساٿي هئا، انهن ۾ شاهہ لطيف جي انگريزيءَ ۾ مترجم عبدالغفور الستي جو نالو بہ اچي ٿو. سندس مضمون "جي جيءَ کي جيارين"، يوسف سنڌيءَ کان مليو. هن مضمون ۾ الستي صاحب، سائين جي ڪجهہ يادن سان گڏ سندن ٿَٽي جي سير سفر جو بہ ذڪر ڪيو آهي. اهڙو هڪ ٻيو اهم نالو سائين بيدل مسرور جو بہ آهي، جيڪو هڪ ئي وقت ڪهاڻيڪار، ناول نگار، مترجم ۽ راڳي بہ آهي. پاڻ ٽي.وي تي پروڊيوسر بہ رهيو آهي. بيدل سائين جي مهرباني جو منهنجي گذارش تي پنهنجو مضمون "سائين ظفر حسن" ۽ هڪ خط موڪلي ڏنائون، جيڪو هر طرح سان بهترين يادن سان ڀرپور مضمون چئي سگهجي ٿو. ساڳئي تسلسل ۾ هڪ ٻيو اهم مضمون "چاچا نہ مري ويو آهي..." (ظفر حسن تي تاثر)، نالي واري ليکڪ ۽ پبلشر ناز سنائيءَ صاحب جو لکيل آهي. هن طويل مضمون ۾ سنائيءَ صاحب، سائين ظفر جي اصول پرستي، سنڌي ٻوليءَ تي سخت موقف کان علاوه، انهن سڀني رٿائن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي سائين ظفر صاحب پنهنجي رٽائرمينٽ کان پوءِ ڪرڻ لاءِ رٿيون هيون. سنائيءَ صاحب موجب، سائين ظفر جي وفات سان اهي سڀ رٿائون بہ مري ويون آهن.

سائين ظفر جيتوڻيڪ جاگرافي ڊپارٽمينٽ جو پروفيسر هو، پر سندس حلق احباب بين شعبن ۾ بہ ڪافي هو، خاص طور تي مختلف يونيورسٽين جي سنڌي شعبي ۾ اهم هو. ان ڏس ۾ سنڌي ڊپارٽمينٽ جي اڳوڻي چيئرمين ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو جو مضمون "اڙي موت ميار، جيڏا روز جدا ڪرين"، هاڻوڪي چيئرمين ڊاڪٽر انورفگار هڪڙي جو مضمون "سُرس جنين سان سِڪَ" ۽ شاهہ لطيف يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي اڳوڻي چيئرمين ۽ نالي واري شاعر ادل سومري جو مضمون "سنڌي ٻوليءَ جو عاشق"، ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي رٽائر پروفيسر ۽ ڪهاڻيڪار ڊاڪٽر عابد مظهر جو مضمون "ظفر حسن با شعور شخص ۽ قوم پرست اديب" بہ هن

ڪتاب ۾ شامل آهن. اهي سڀ مضمون پنهنجي جاءِ تي اهميت رکن ٿا.
ادل سومري صاحب جو مضمون دراصل سائين ظفر سان ملهايل هڪ شام ۾ پڙهيو ويو هو. سائين غلام مصطفيٰ قاسمي جي فرزند پروفيسر نظير قاسميءَ جي مضمون "ظفر حسن هڪ نان ڪنفارمسٽ" ۾ سائين ظفر جي اصول پرستيءَ تي بهترين روشني وڌل آهي. سندس خيال ۾ سائين ظفر حسن مروج سماجي قدرن سان نه ٺهڪندڙ شخص هو. نالي وارو سماج سڌارڪ ۽ ڪامورو آغا شهاب الدين پڻ سائين ظفر جي ويجهو رهيو. هو علمي ادبي ۽ تعليمي ڪمن ۾ سدائين اڳي ڪان اڳرو رهندو هو، خاص طور تي سچل سرمست ۽ لعل قلندر جي ميلن تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنسن ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو هو. سندس آتم ڪهاڻي "شهاب نامو" شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ هن سائين ظفر تي تفصيل سان لکيو آهي، پر مون سندس ان باب مان مختصر حصو ڪٽي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ شامل ٻين مضمونن ۾ طارق عالم ابڙي جو ڪالم "سائين ظفر حسن شاهه" به شامل آهي، جيڪو سائين جي حياتيءِ ۾ عبرت ميگزين ۾ شايع ٿيو هو. طارق عالم ابڙو پڻ سائين جي تمام ويجهو هو ۽ سائين ظفر ئي سندس جڳ مشهور ناول "رهجي ويل منظر" پهريون دفعو شايع ڪيو هو. طارق عالم جو دوست ۽ نالي وارو شاعر ۽ اديب نصير مرزا به سائين ظفر سان ويجهو رهيو. هن اهڙيون يادون پنهنجي مضمون "سنڌ جو هڪ نيڪ ۽ پارسا روح" ۾ بيان ڪيون آهن، خاص طور تي سائين سان وابسته ٻن واقعن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. ادبي قافلي جو هڪ ٻيو اهم نالو يوسف سنڌي، جيڪو ناول نگار، ڪهاڻيڪار، مترجم هئڻ سان گڏوگڏ هڪ وڏو پبلشر به آهي، اهو پڻ سائين سان ڪيترن موقعن تي گڏ ڪم ڪندو رهيو ۽ ڪيس سائين ڪي ويجهڙائي سان ڏسڻ جو موقعو مليو. سندس مضمون "سنڌي ادب جو ضمير: ظفر حسن" ۾ سائين جي خطن گڏ اهڙا ڪوڙ يادگار واقعا بيان ٿيل آهن. ان ساڳي ڪڙيءَ جو هڪ ٻيو اديب ستار پيرزادو صاحب پڻ مترجم‌ءِ پبلشر به هو. سندس مضمون "مرڻ مون سين آءُ" دل جي حضور سان سائين ڪي خراج تحسين طور لکيل آهي.

سائين ظفر جي سچ چوڻ واري عادت جي ڪري سندس آخري ڏينهن ۾ ڪيترائي ويجها دوست به ڪانئس ڪناراڪشي ڪري

ويا هئا، پر انهن ڏينهن ۾ سائين سان جيڪي ويجها رهيا، انهن ۾ هڪ ڊاڪٽر ظفر جوڻيجو بہ هو. هوبنيادي طور تي غير سرڪاري ادارن ۾ ڪم ڪندو رهيو آهي ۽ ويجهڙائيءَ ۾ ملائيشيا جي يونيورسٽيءَ مان سنڌ جي هاري تحريڪ تي پي.ايچ. ڊي ڪري آيو آهي. سائين جي وفات کان پوءِ ظفر جوڻيجي صاحب، سائين ظفر جي اڻڇپيل ڊائرين ۾ دلچسپي ورتي ۽ ولي رام ولڀ سان گڏجي نہ صرف سائين جي ڊائريءَ جو پهريون واليوم شايع ڪيائين پر آرسي رسالي مان چونڊ ڪري ڪهاڻين جو پڻ ڪتاب شايع ڪيو اٿائين. سندس مضمون "ظفر حسن سيد هڪ ڊائريسٽ بابت ڊائري" سندس ۽ سائين ظفر جي تعلق تي بهترين روشني وجهي ٿو. اين. جي. اوز جي دنيا جو هڪ ٻيو اهم نالو رفيق منگي صاحب بہ آهي، جيڪو پڻ آخري ڏينهن ۾ سائين ظفر سان ويجهو رهيو. سائين ظفر حسن، منگي صاحب سان گڏجي ڪرنٽ افيئر جي حوالي سان هڪ رسالو "عام جائزو" جاري ڪيو هو. منگي صاحب پنهنجون يادگيريون "سائين ظفر حسن- گهڻ رخو شخص" ۾ محفوظ ڪيون آهن.

هن ڪتاب کي مرتب ڪرڻ وقت منهنجي خواهش هئي تہ سائين جي ادبي خدمتن خاص طور تي بحيثيت ڪهاڻيڪار، ڊائري نويس، نقاد وغيره تي الڳ الڳ اڀياس ٿيڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر حميد سبزوئي جو مختصر مضمون "سائين ظفر حسن جي ڊائريءَ جو مختصر تعارف"، نالي واري ڪهاڻيڪار طارق قريشي جو مضمون "ظفر حسن جو سنڌي ڪهاڻيءَ تي رهيل قرض" ۽ علي راز شر جو مضمون "منفرد پيشڪاريءَ جو ماهر" بهترين آهن، انهن ۾ سائين جي ڪهاڻين جو اڀياس ڪيو ويو آهي. سائين جي گهڻ گهرن مان هڪ نالو عبدالمجيد قريشيءَ جو بہ آهي، جنهن جي پريس جي مهورت سائين پنهنجي هٿن سان ڪئي هئي. قريشي صاحب پڻ منهنجي گذارش تي اهڙن يادن تي مبني مضمون "سنڌ جو سچو هڏوڪي _ ظفر حسن سيد" لکي ڏنو.

هن ڪتاب ۾ پنج مضمون انگريزي ٻوليءَ ۾ شامل آهن، جن مان هڪ مضمون سائين شيخ عزيز صاحب جو ڊان اخبار ۾ سائين جي مرتئي تي شايع ٿيو هو. ٻيو مضمون نالي واري اديب ۽ ڪاموري سائين گل محمد عمراڻيءَ صاحب لکي موڪليو ۽ ٽيون مضمون جاگرافي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ پروفيسر رفيق احمد ڏناڻي جا لکيل

آهن. عمراڻي صاحب جو مضمون تفصيلي طور سائين جي علمي ۽ ادبي خدمتن تي روشني وجهي ٿو ۽ ڏناڻي صاحب، جيڪو سائين کان جاگرافي شعبي جو چيئرمين بہ ٿيو هو، سندس مختصر مضمون جاگرافي شعبي ۾ سائين جي بحيثيت استاد طور خدمتن کي اجاگر ڪري ٿو.

هن ڪتاب ڪي ترتيب ڏيڻ وقت، منهنجي اها بہ خواهش هئي تہ سائين ظفر جا ڪي شاگرد، سائين جي باري ۾ لکن. ان سلسلي سان ڪيترن کي لکڻ جي دعوت ڏني وئي، پر ڪن ٿورن لکي موڪليو. ان حوالي ۾ پهريون نالو شاهنواز جلباڻيءَ جو آهي، جيڪو ان دور ۾ ”ڪامريڊ شاهنواز“ سڏبو هو ۽ هڙتالون ۽ ڪلاسن جي بائيڪاٽ ڪرائڻ جي حوالي سان مشهور هوندو هو، پر سائين ظفر جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو. اهڙو اظهار هن پنهنجي مضمون ”سائين ظفر سان گهاريل ڪجهہ ساروڻيون“ ۾ ڪيو آهي. ٻيو نالو رمضان شوري صاحب جو آهي، جيڪو يونيورسٽيءَ جي دور کان ئي صحافت سان وابستہ هو ۽ جاگرافي ۾ پڙهندو هو. ادي روزينہ جوڻيجو پڻ سائين ظفر جي شاگردياڻي آهي، هن پنهنجي مضمون ۾ سائين جي باري ۾ پنهنجي يونيورسٽي جي يادن کي تازو ڪيو آهي. هن سائين جي شخصيت تي ”ظفر حسن: سنڌي ٻوليءَ جو عاشق ۽ ڪرو شخص“ مضمون لکيو آهي. ٽيون مضمون ڊاڪٽر نور چانديي جو آهي، هو هن وقت شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ ۾ جاگرافي شعبي جو چيئرمين آهي ۽ سائين ظفر جو شاگرد رهيو آهي. هن ڪتاب ۾ شاگردن طرفان هڪ اهم مضمون ”رهيل قرض جي موٽ“، ظهير احمد ڪلهوڙي صاحب جو آهي، جيڪو هن وقت حيدرآباد جي ڪاليج ۾ جاگرافيءَ جو اسسٽنٽ پروفيسر آهي. سائين جي حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ سائين سان تمام گهڻو ويجهو رهيو. هن صاحب، سائين جي ڪهاڻين جي ڪتاب ”رهيل قرض“ کي ٻيهر ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي ويبسائيٽ تي رکرايو آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي اسسٽنٽ پروفيسر سوجومل ميگهواڙ جو مضمون ”اي ڌرتي منهنجي پياري استاد جي پارت اٿئي! “ هن ڪتاب ۾ شامل آهي. هي صاحب پڻ سائين جو شاگرد رهيو آهي. سائين ظفر جو هڪ ٻيو شاگرد رضوان گل، جنهن جو شمار هن وقت اهم اديبن ۾ ٿئي ٿو. سندس مضمون ”ڪهاڻيڪار، ايڊيٽر، پبلشر ۽ آدرشي استاد - ظفر حسن سيد“ اهم آهي. آخري مضمون راقم الحروف جو آهي، جو پڻ سائين جو شاگرد رهيو آهي ۽

هن پنهنجي مضمون ”ظفر حسن سيد جو سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار“ ۾ سائين جي مڙني ادبي خدمتن جو مختصر جائزو ورتو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪجهه نالي وارن عالمن ۽ اديبن جا مختصر رايا شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي گهڻو ڪري سائين جي تعزيتي ريفرنس جي موقعي تي ”عوامي امنگ“ رسالي ۾ شايع ٿيا هئا ۽ ڪجهه رايا فيس بوڪ تي ٿيل هڪ بحث مان کنيا ويا آهن.

هن ڪتاب جي اشاعت جا صرف ٻه مقصد آهن، پهريون سائين جي عظيم ۽ وساريل شخصيت کي خراج تحسين پيش ڪرڻ ۽ ٻيو سائين جي ادبي خدمتن کي نوجوان اديبن ۽ عام پڙهندڙن آڏو اجاگر ڪرڻ آهي. هن ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ سائين جي شخصيت جا مختلف پهلو کلي سامهون اچي وڃن ٿا، جنهن ۾ هڪ استاد جي حيثيت ۾ هڪ قابل ۽ ڪميٽيڊ استاد، اديب جي حيثيت ۾ هڪ بهترين اديب، پبلشر جي حيثيت ۾ هڪ ڪامياب پبلشر، قوم پرست جي حيثيت ۾ انتهاپسند ۽ ڪڏهن به مفاهمت نه ڪندڙ شخص، والد جي حيثيت ۾ هڪ شفيق پيءُ ۽ سندس ذات جا ٻيا به ڪيترائي پهلو اجاگر ٿين ٿا.

ڪوشش آهي ته سائين ظفر حسن جي سيني ڪهاڻين جي تلاش ڪري سندس ”ڪهاڻين جو ڪليات“ شايع ڪرائجي. سائين ظفر جي مضمونن جهڙوڪ سوانحي، تنقيدي، تحقيقي، عام راءِ ۽ حالات حاضره وارن مضمونن کي گڏي ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪجي. اهڙيءَ طرح سائين ظفر جي ڊائرين، انگريزي ڪالمن ۽ سائين جي خطن کي به شايع ڪرڻ جي سلسلي ۾ سندس فيمليءَ کي اپاءَ وٺڻ گهرجن، جو ته ليکڪ کي سندس ڪتاب ٻيو جنم ڏئي امر ڪري ڇڏيندا آهن.

مان دل جي گهراين سان شڪرگذار آهيان پنهنجي يونيورسٽيءَ جي دوستن جو، پروفيسر اعجاز احمد قريشي صاحب ۽ ظفر جوڻيجي صاحب جو، جن هن ڪتاب جي سهيڙ جي سلسلي ۾ همت افزائي ڪئي. يوسف سنڌي، ناز سنائي ۽ نصير مرزا جا احسان، جن اڳ شايع ٿيل مواد جي تلاش ۾ مدد ڪئي ۽ پنهنجا مضمون ڏياري موڪليا. خاص طور تي منصور قادر جوڻيجي جا لک احسان، جنهن کي جڏهن به ڪو نئون مواد هٿ ايندو هو ته فون ڪري انهيءَ مهل آگاهي ڏيندو هو. هن ڪتاب لاءِ سائين ظفر حسن جي فيمليءَ جو به شڪرگذار آهيان، جن ڪتاب جي اشاعت جي سلسلي ۾ خوشيءَ جو اظهار ڪيو. ڪتاب جي لاءِ جن به اديبن ۽ اعلمن پنهنجي مصروف

شيڊيول مان وقت ڪڍي بهترين ۽ دل سان مضمون لکي ڏنا، انهن سيني جو بہ ٿورائتو آهيان. هر مضمون پنهنجي جاءِ تي اهميت رکي ٿو ۽ انهن ۾ سائين ظفر حسن لاءِ سڪ، محبت ۽ خراج تحسين سمايل آهي.

هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ جي سلسلي ۾ اقبال ابڙي جون مهربانيون، جنهن بغير ڪنهن حساب جي ميٽر وقت سر ڪمپوز ڪري ڏنو. پروفن جي سلسلي ۾ مانواري دوست اڪبر برهماڻي پنهنجي مصروفيتن هوندي بہ وقت ڪڍيو ۽ احتياط سان ڪتاب کي پڙهيو، اهڙيءَ طرح ثناءُ الله سومري بہ پروفن ۾ ڪافي مدد ڪئي. ڪتاب جي اشاعت جي سلسلي ۾ مون سان گڏ سائين ظفر حسن جي ڪن دوستن ۽ شاگردن جي مالي مدد شامل آهي، جن ۾ سائين پروفيسر اعجاز احمد قريشي صاحب، ظهير احمد ڪلهوڙو صاحب، محمد ٻبر صاحب، سيد مظفر شاهہ ۽ ڪتاب جو پبلشر رحمت پيرزادو شامل آهن، جن جي ڪري هي ڪتاب توهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

********

ظفر حسن

## منهنجي پنهنجي ڪهاڻي

جنم 14 آگسٽ 1937ع تي ۽ هاڻي چمار پنجاهه* سالن کان مٿي. پريان نظر ڪريان ٿو ته پولار ۽ ان ۾ اڏورن ڪمن جي دز ئي دز. ڪجهه ڪهاڻيون، ڪجهه مضمون، هڪ ڪتاب، پبلشنگ جو ڪم، جاگرافي- سڀ وقت جي ايندڙ جهوٽي ۾ ڪک پن تي اڏامندا ٿا وڃن. باقي رهجي ويا آهن "ڊائري" جا هزا ڪن صفحا- اڻ ڇپيل، پر انهن جو ڇا ٿيندو!

باقي لڳي ٿو جيڪي گهڙيون حياتيءَ جون بچيل آهن، انهن ۾ جيڪي ڪرڻو آهي سو هڪ سپنو ٿو لڳي. سچو عجيب سپنو آهي. وڪريل وڪريل ننڍڙن ننڍڙن سپنن ۾ ورهايل هڪ مڊل ڪلاس پگهار تي گذارو ڪندڙ ماڻهوءَ جو ڪجهه ڪرڻ جو سپنو جهڙوڪ هڪ پبلشنگ هائوس هجي، اهو ئي ته هڪ سنڌي اخبار ڪڍان، انهيءَ عجيب دعويٰ سان ته سنڌ ۾ پبلشنگ جي معيار کان مون کان وڌيڪ ڪير نه ڄاڻي ۽ جي سنڌي اخبار ڪڍان ته ڪير به مون سان پڇي نه سگهي. سنڌي اخبار وارا ته ٿيو پر اڙدو ۽ انگريزيءَ وارا به نه. آهي ته بناڪ ۽ پنهنجي باري ۾ ڪنهن وڏي غلط فهميءَ تي ٻڌل پر مٽي ۾ اٽ ويٺل آهي. جي اخبار ڪڍڻ جو موقعو نه مليو ته منهنجو عملي ڪم ٻڙي رهجي ويندو. اهو ته ٿيو مستقبل جو سپنو پر حال ۽ ماضي!

ماضي ۽ حال! مون سڄي حياتيءَ ۾ مان ڇا حاصل ڪيو. تجربي، مشاهدي، يونيورسٽيءَ ۾ پنجويهن سالن کان به مٿي پڙهائيندي اها ئي حاصلات منهنجي پونجي آهي، منهنجو املهه خزانو آهي ۽ اهو خزانو لٽائڻ لاءِ، ورڇ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. جيترو لٽائيندس اوترو وڌندو. اهو خزانو آهي قوم ۽ ان جي سڃاڻپ جو پڌرو راز! قوم جي واحد سڃاڻپ ان جي ٻولي آهي. اهو ئي حاصل ڪيو اٿم پنجاهه سالن ۾. ۽ ڪنهن به قوم کي ختم ڪرڻ لاءِ به طريقا استعمال ڪبا آهن. هڪ ته قوم جو جنسي قتل عام (Physical genocide) ۽ ٻيو قوم جي ٻولي ۽ ڪلچر جو قتل عام (Cultural genocide) . پر جنسي موت سان ڪنهن به قوم کي بنهه ختم نه ٿو ڪري سگهجي. پر ٻيو طريقو

هر غصب، ظالم، حاڪم ۽ ڏاريو استعمال ڪندو آهي ۽ نهايت چالاڪيءَ، حرفت ۽ ظاهري محبت ۽ ميناج سان استعمال ڪندو آهي، لوڀ ۽ لالچن جي انعامن، اڪرامن ۽ شهرت جي سينگار سان مظلوم قومن کي آچيندو آهي ۽ مظلوم قوم هوريان هوريان، بي سرت، ڏاري ٻولي ۽ ڪلچر ورتائيندي ويندي آهي تان جو ان ڏاري قوم ۾ ضم (Merge) ٿي ويندي آهي. اهو ڪم غاصب ۽ قابض سدائين ان مظلوم قوم مان ٿي فرد چوندي انهيءَ جو ڪلچرل قتل عام انهن جي هٿان ئي ڪرائيندا آهن.

ها! اهو ئي حاصل ڪيو آهي مون پنهنجي سڄي حياتيءَ جي تجربي، مشاهدي ۽ ڄاڻ مان. اها ڄاڻ، ڄاڻ ئي رهجي وڃي ها. تجربو، تجربوئي رهجي وڃي ها،مشاهدو، مشاهدوئي رهجي وڃي ها پر امڙ جي 1982ع ۾ وفات ۽ 1983ع ۾ سوين سنڌين جي شهادت مون کي لوڏي ڇڏيو ۽ باقي رهي ڪسر 1984ع ۾ ٺوڙهي ڦاٽڪ جي سانحي پوري ڪري ڇڏي. مسلسل انهن ٽن دل ڏاريندڙ واقعن مون مان منافقي ۽ مفادپرستي ڪڍي مون کي هڪ نئون ماڻهو بنائي ڇڏيو. نئين سوچ ڏيئي ڇڏي. هونئن به انسان لاءِ هڪڙو واقعو اڪيون ڪولڻ لاءِ ڪافي هوندو آهي پر مون جهڙي ٺاهہ پرست لاءِ هڪ نہ ٻن پر ٽن ٽن ڌڪن جي ضرورت هئي .

پنهنجي هن نئين سوچ تي، نئين عمل تي ڀهرين پاڻ کي اڪيلو سمجهندو هوس، پوءِ بہ الڪو ڪونہ هو پر هاڻي منهنجي سوچ، منهنجا ويچار جيڪڏهن هڪڙي ماڻهوءِ کان ٻئي ماڻهوءَ تائين ۽ ٽئين ماڻهوءَ تائين پهچندا هجن تہ پاڻ کي هاڻي مطمئن سمجهندس، پنهنجي هن دنيا ۾ اچڻ تي پنهنجي هن جيئڻ تي.

(ڪهاڻين جي مجموعي "موتي جي مهراڻ جا"، مرتب فيروز احمد، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1987ع تان ورتل)

---

• هي آتم ڪٿا جو باب 1987ع جو شايع ٿيل آهي (مرتب)

انٽرويو: همسفر گاڏهي

## سنڌ جي سڄڻ دانشور پروفيسر ظفر حسن سان ڳالهه ٻولهه

حيدرآباد جڏهن به وڃڻ ٿيندو هو تڏهن آءٌ ڊاڪٽر نجم عباسي (مرحوم) سان نسيم نگر واري گهر تي ضرور ملڻ ويندو هئس، پر ڄامشوري کان لنگهندي ذهن جي اسڪرين تي ٻين نالن سان گڏ سنڌ جي هڪ اهڙي خاموش مجاهد جو نالو به تري ايندو هو جنهن سان رهاڻ ڪرڻ لاءِ دل ته سڱون پئي ڪائيندي هئي پر وقت جي گهٽتائيءَ جو احساس ٿيندي ئي هر ڀيري دل مان اهو خيال ڪڍي ڇڏيندو هئس. سنڌ جو اهو خاموش مجاهد ۽ دانشور ظفر حسن صاحب هو. آخرڪار اپريل 1995ع ۾ دل ٻڌي ڄامشوري ڦاٽڪ وٽ لهي پيس ۽ پوءِ ڊاڪٽر گهنٽ ۽ سيلاني وڏيڪ پنهنجي يار ڪرم رستماڻي سان گڏ گهر تائين هليو ويس. پاڻ مليو، انٽرويو وٺڻ واري ڳالهه تي ڪلي ڏنائين، چيائين ته درويش جا ڪهڙا ٿا انٽرويو ڪريو؟ ڪنهن دانشور جو ڪريو. بس اسان به طئي ڪري آيا هئاسين ۽ ظفر حسن صاحب جي به ضيائي اهل قلم ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙ اديبن سان هٿ نه ملائڻ توڙي سماجي لاڳاپا نه رکڻ جي حوالي سان ڪافي شهرت هئي، سو ڪچهري شروع ٿي، جيتوڻيڪ ڪجهه ورهيه اڳ ظفر حسن هي جهان ڇڏي چڪو آهي پر سندس چيل ڳالهيون تاريخ جو اهڙو رڪارڊ آهن، جن جي ترديد نٿي ڪري سگهجي. هن گهٽن ئي سنڌ دوستيءَ جي غلاف ۾ ويڙهيل معتبر مهاندن جا وکا پڌرا ڪيا. اسان جي خواهش هئي ته هي انٽرويو ڪتاب ۾ سندس زندگيءَ دوران ئي ڇپجي پر ايئن شايد قدرت کي منظور نه هو. پوءِ به مرحوم جيڪي علمي، ادبي ۽ فڪري ڳالهيون اسان سان اوريون اُهي هتي هوبهو ڏجن ٿيون ته جيئن تاريخ مرتب ڪرڻ ۾ سولائي ٿي سگهي. (هـ -گ)

سوال: اوهان جي نظر ۾ هاڻوڪي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا ڪهڙا آهن؟

جواب: سنڌي ٻوليءَ بابت آءٌ انهي راءِ جو آهيان ته ان کي ان جي حيثيت موجب حق نه پيو ڏنو وڃي، حالانڪه اها ان حيثيت جي حقدار به آهي.

تاريخي پسمنظر ۾ ڏٺو وڃي ته پاڪستان ٺهڻ مهل پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان جي تعليم جو ذريعو اردو ٻولي هئي، مشرقي بنگال جي بنگالي هئي، باقي سنڌ ۾ سنڌي پڙهائي ويندي هئي. ان قت انگريزي ٻولي مٿين (ڪاليج سطح) ڪلاسن لاءِ لازمي هئي، جنهن جي سنڌ، بنگال، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان ۾ هڪ جيتري اهميت هئي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ به پوسٽ آفيس جون ٽڪليون سنڌيءَ ۾ ڇپيل هيون، مني آرڊر به سنڌي ۾ لکيل هوندا هئا، ساڳئي وقت ريلوي اسٽيشن تي سائن بورڊ کان ويندي ريل اندر هدايتون به سنڌيءَ ۾ لکيل هونديون هيون. انهيءَ ڳالهه مان به سولائيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان وقت سنڌي ٻوليءَ جي ڪيتري اهم حيثيت هئي. ايئن سمجهو ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي ٻولي جي حيثيت هٽ وٺي گهٽائي وئي، سڀ کان پهرين جڏهن ڪراچيءَ کي گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو ته اتان اسان جي ٻولي کي رٿابندي هيٺ نيڪالي ڏني وئي. ان کانپوءِ مارشل لا لاڳو ٿيڻ سبب سنڌي ٻولي جي مادري زبان واري حيثيت گهٽائي، ان کي ٻئي درجي جي ٻولي بڻايو ويو. اڳ سڄاٽپ فارم سنڌيءَ ۾ هوندا هئا، انهن تي هدايتون به سنڌيءَ ۾ لکيل هونديون هيون، پر هاڻ اهو سڀ ڪجهه ختم ڪري ان جي جاءِ تي اردو کي آندو ويو آهي.

ٻولين جي سلسلي ۾ هڪ دلچسپ مثال اوهان کي ٻڌائيندو هلان ته ڀٽي صاحب واري دور ۾ نوان نوٽ جاري ڪري انهن جي ڪُنڊن تي پاڪستان جي چئن ٻولين سنڌي، بلوچي، پشتو ۽ پنجابي جا اکر اُڪاريا ويا، پوءِ ان تي وفاق ۾ سخت احتجاج ٿيو، ان بعد سرڪار اهي نوٽ واپس وٺي ضبط ڪري ڇڏيا. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته اهڙي روايت برقرار رهي ها ته هوند چڱي ڳالهه هئي ۽ ان سان قومن جي جمهوري حقن کي هٿي ملي پئي سگهي. ليڪن هتي ته حالت اها آهي جو انگريز بهادر به آزاديءَ کان اڳ اسان جي ٻوليءَ کي سٺي حيثيت ڏني هئي ۽ آزاديءَ کانپوءِ ٿيڻ ته ايئن کپندو هو ته سڀني ٻولين کي غلاميءَ واري دور کان وڌيڪ اهميت ڏني وڃي ها پر ايئن نه ٿي سگهيو. ان جو سنڌي ٻولي جيئرو جاڳندو مثال آهي. توهان ٿورو جيڪڏهن ميڊيا طرف غور ڪندئو ته اتي به ليڪا لٽا پيا آهن، چئني صوبن ۾ ٽيليويزن اسٽيشنون ته قائم ڪيون اٿن پر مڪاني ٻولين کي وقت خيرات وانگر ايترو ٿو ملي جنهن مان انهن جي اهميت اجاگر ٿيڻ ته ٺهيو، ماڻهن

تائين رسائي ٻه نٿي ٿئي. ٻيو وقت وري اهڙا اُبتا رڪيل آهن جو ڪير پروگرام ڏسي نٿو سگهي. انهي مان پڻ اهو ٿو محسوس ٿئي ته هتي ڄاڻي ٻجهي مڪاني ٻولين جي اهميت کي گهٽايو پيو وڃي. اڄ ڪلهه اهو بحث پيو هلي ته انگريزي ۽ اردو کي تعليم جو ذريعو بڻايو وڃي پر اتي سوال ٿو پئدا ٿئي ته انهن ٻن ٻولين سان سنڌي ڀلا ڇو نه شامل هجي، ان جي شامل ٿيڻ سان ڪهڙي خطا ٿي پوندي، خود ميڊيم جو چڪر ڦهلائي ماڻهن کي پريشان ڪيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ جو ميڊيم، مادري زبان واري ئي ٻار لاءِ درست آهي. هتان جي حاڪمن جو خيال آهي ته اردو قومي زبان هجي، باقي ٻيون صوبائي ٻوليون هجن ئي نه، اها تمام وڏي ڏاڍائي آهي.

1972ع ۾ آئين پڻاندڙ لساني بل پيش ڪيو ويو هو، جنهن ۾ پڻ اهو واضح طور چيل آهي ته پاڪستان جي قومي ٻولي اردو هوندي، انگريزي 15 سالن تائين عبوري طرح سرڪاري ٻولي جي حيثيت سان رهندي، جيستائين اردو اها حيثيت اختيار ڪري. باقي صوبن کي پنهنجي مادري ٻولين کي قومي ٻوليون قرار ڏيڻ جو اختيار حاصل هوندو. باوجود آئين ۾ ڪجهه جهول هجڻ جي ان ۾ ڪجهه چڱائي وارو پاسو به آهي، پوءِ به ان کي نظرانداز ڪندي هميشه اهو موقف اختيار ڪيو وڃي ٿو ته سنڌ ٻه لساني صوبو آهي ۽ پاڪستان هڪ لساني ملڪ، مطلب ته اردو ڪانسواءِ ٻين ٻولين جو وجود ئي ڪونهي. اهڙي ڳالهه ڪرڻ وارا ڪالهه به غلط هئا، اڄ به غلط آهن ۽ سڀاڻي به غلط ثابت ٿيندا، ان ڪري ايئن چئي سگهجي ٿو ته سرڪاري طرح سنڌي ٻولي تمام گهٽي ڪمزور آهي ۽ ڏينهون ڏينهن ان جي حيثيت گهٽائي پئي وڃي.

سوال: مطلب ته پاڪستان ٺهڻ سان صوبن ۽ اتان جي ٻولين کي فائدي بجاءِ نقصان ٿيو آهي؟

جواب: آءٌ اوهان جي سوال سان انهي حد تائين سهمت آهيان ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي اها حيثيت نه ڏني وئي، جيڪا ان کي اڳ حاصل هئي. ان ڪري اسان جا عوامي نمائندا جيڪي اسلام آباد ۾ سدائين ڪُپ ڪوڙيون ويٺا آهن تن کي پنهنجي مادري ٻولي لاءِ آواز اٿارڻ گهرجي. سنڌي ٻولي جيڪڏهن سنڌ جي قومي ٻولي ٿئي ٿي ته ان سان اردو کي ڪهڙو نقصان پهچندو؟ هرويرو مڪاني ٻولين کي

نظرانداز ڪرڻ لاءِ سدائين ڊونگ رچايو وڃي ٿو. ان ڪري ضروري آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي ورهاڱي کان اڳ واري حيثيت کان بہ بهتر حيثيت ڏني وڃي.

سوال: ڪٿي ايئن تہ ڪونهي تہ سنڌ ۾ سنڌي ٻولي مري رهي آهي؟
جواب: بلڪل، سنڌي ٻولي مري رهي آهي. اها استعمال جي لحاظ کان ايترو تہ گهٽبي پئي وڃي جو ان کي مرڻ سان تعبير ڪجي، تڏهن بہ ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو.

سوال: اوهان قومي ٻولي ڇا کي ٿا چئو؟
جواب: جنهن ٻوليءَ جي حيثيت سرڪاري هوندي، اها قومي ٻولي بڻجي ويندي آهي. ان سلسلي ۾ آءٌ توهان کي آمريڪا جو مثال ڏيندس. اتي جڏهن قومي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ٻن ٻولين، انگريزي ۽ جرمن ٻولي جو مسئلو سامهون آيو تڏهن أتي ووٽ ڪرايا ويا. اهڙي ريت انگريزي ٻولي قومي ٻولي قرار ڏني وئي ۽ هاڻ آمريڪا جي قومي ٻولي انگريزي ئي آهي.
قومي ٻولي جو مطلب اهو بہ ٿئي ٿو تہ اها ڪنهن قوم جي نمائنده حيثيت ۾ مڃيل هجي. ڳالهائڻ، لکڻ پڙهڻ کان ويندي زندگيءَ جي هر شعبي تي ان جو غلبو هوندو آهي. اهڙيءَ ريت هندستان وارن جي قومي ٻولي هندي آهي پر اتي سرڪاري طرح انگريزي ۽ هندي ٻئي هلن ٿيون. مطلب اهو تہ سرڪاري طرح مڃيل ٻولي ئي قومي ٻولي سڏبي، پوءِ ان کي ڪير مڃي يا نہ، ان سان ڪو فرق نہ ٿو پوي.

سوال: سنڌي ٻولي کي دفتري زبان بڻائڻ وارو ڪم سنڌي لينگئيج اٿارٽي کي سونپيل آهي، پر ان هيل تائين ان ڏس ۾ ڪي بہ عملي اپاءَ نہ ورتا آهن. اوهان اٿارٽي بابت ڇا چوندئو؟
جواب: سنڌي ٻولي اختياري جي اداري انهيءَ سلسلي ۾ واقعي ڪجهہ ناهي ڪيو، هيننر تائين منهنجي نظر مان سندن بہ ٽي ڪتاب مس گذريا آهن، اٿارٽيءَ کي دفتري ڪمن جي سلسلي ۾ فارمن، ڪجهہ ٻين ڪاغذن کي سنڌي لکت ۾ تيار ڪرڻو هو، پر اهو بہ اجا تائين نہ ٿي سگهيو آهي. انهيءَ مان ايئن ٿو سمجهہ ۾ اچي تہ سنڌي لينگئيج اٿارٽي جا عملدار نااهل آهن، انهن ۾ جيڪڏهن اهليت هجي ها تہ هيننر

تائين پنهنجي مادري زبان جي پلي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڪري ڏيکارين ها. ان ڪري سرڪار کي گهرجي ته اها انهن ماڻهن جي جاءِ تي ڪي ٻولي جا ڄاڻو ماڻهو مقرر ڪري ڪائنن ٻوليءَ جو ڪم وٺي.

سوال: اڄ ڪلهه سنڌ جي علمي، ادبي ۽ فڪري حلقن ۾ ٻولي بابت رومن لپيءَ ۽ واڌو لفظن گهٽائڻ جو بحث پيو هلي، ان سلسلي ۾ اوهان جي ڇا راءِ آهي؟
جواب: ماضيءَ ۾ آءٌ به رومن لپيءَ جي حق ۾ هيس. سراج الحق ميمڻ صاحب به رومن لپيءَ جي حق ۾ هيو. 1972ع ۾ اهڙي قسم جو بحث تڏهن ڇڙي پيو هو جڏهن اسان سمجهيوسين ٿي ته سنڌ ۾ سنڌي ٻولي کي قومي ٻوليءَ واري حيثيت ڏني پئي وڃي. رومن لپيءَ واري ڳالهه جي ته ڪافي حلقن مخالفت ڪئي، ڪجهه حلقن حمايت به ڪئي. هن وقت مان رومن لپيءَ جي حق ۾ ناهيان. منهنجي نظر ۾ ٻولي جي حيثيت وڌيڪ اهم آهي. جنهن ٻوليءَ جي حيثيت جو سرڪاري طرح سان تعين نٿو ڪري سگهجي ته پوءِ ان سان مٿا سٽا ڪرڻ واري ڳالهه ڪرڻ به اجائي ٿي ٿئي. اها ڳالهه انهيءَ مثال جي مصداق ٿئي ٿي ته ڪو ماڻهو مرندو هجي ۽ اسان اهو بحث ڪندا هجون ته مرندڙ شخص کي مٿان ڪمبل وجهجي يا ڪوٽ پارائجي! هينئر ٻولي جي لپيءَ ۾ تبديلي جي ضرورت محسوس نٿي ٿئي. ان کي ساڳي حيثيت ۾ برقرار رهڻ گهرجي. باقي ان ۾ معمولي تبديليون آڻڻ جي گنجائش آهي. ڇاڪاڻ جو ٻولين جي لپين ۾ ننڍيون تبديليون ٿينديون رهنديون آهن. هن وقت سنڌي ٻولي ۾ غير معمولي تبديلين آڻڻ جي حق ۾ ڪونه آهيان، ٻوليءَ مان لفظ گهٽائڻ سان مونجهارا وڌندا. ڇو ته اڳوڻا ڪتاب مڪمل صورتخطي ۾ آهن ته پوءِ نئون نسل انهن کي ڪيئن پڙهي سگهندو! ان ڪري صورتخطي يا لپي جي تبديليءَ بجاءِ اسان کي ٻولي جي سرڪاري حيثيت مڃرائڻ لاءِ جمهوري جدوجهد ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو سرڪاري طرح هينئر سنڌي ٻولي کي ”اڇوت ٻولي“ تصور ڪيو وڃي ٿو ۽ ان جي ڳالهائڻ کي گناهه تصور ڪندي پاڪستان ۾ ٽرڙلو مڃي وڃي ٿو.

سوال: اوهان چيو ته سنڌي ٻولي مري رهي آهي، ان جو اوهان وٽ ڪهڙو منطق آهي؟

جواب: ان باري ۾ منهنجو منطق (Logic) اهو آهي ته جيڪا ٻولي سرڪاري طرح گهڻ استعمال ٿيندي اها مرندي، بلڪ اهو سماجي لسانيات جو به اصول آهي ته جيڪا ٻولي تعليم، دفتري طور گهڻ استعمال ٿيندي ان جي حيثيت گهڻجي ويندي ۽ جنهن ٻولي جو استعمال وڌيڪ ٿيندو اها وڌندي ويندي. منهنجو ذاتي مشاهدو آهي ته حيدرآباد ۾ 99 سيڪڙو سنڌي ٻار پڙهن ٿا پر انهن جي ميڊيم سنڌي نه، اردو آهي. سنڌ جا صوبائي وزير ٽي وي تي اردو ۾ انٽرويو ڏين ٿا، سنڌيءَ ۾ ڇو نه ٿا ڏين؟ ڪهڙي خراب ڳالهه آهي! سنڌ ۾ سنڌي ئي ڳالهائڻ گهرجي.

سوال: ڇا اوهان جي نظر ۾ ٻوليءَ جا ڪي اهڙا ماهر آهن جيڪي ٻوليءَ کي بچائڻ يا ان جي واڌ ويجهه لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا؟
جواب: منهنجي نظر ۾ سنڌ اندر ٻوليءَ جا اهڙا ڄاڻو موجود آهن، جيڪي ان لاءِ بهتر ڪم ڪري سگهن ٿا. سراج الحق ميمڻ ۽ ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو جا نالا به انهيءَ فهرست ۾ ڳڻائي سگهجن ٿا. ليڪن اهو ٻڌائي ڇڏيانوَ ته هتي بدديانتي ۽ سفارش سبب نااهلي سدائين اڳتي ۽ اهل ماڻهو سدائين پٺتي رهندا پيا اچن. ان ڪري ڪنهن به ماهر ۽ ڄاڻو کي گهر ويٺي ٻوليءَ جي ڀلائيءَ لاءِ سرڪار ڪم ڪرڻ جي دعوت ڏئي، ممڪن نظر نٿو اچي، ڇاڪاڻ جو سنڌ ۾ ميرٽ جي گنجائش ئي ڪانهي. اسان جيستائين اهل ماڻهو کي اڳتي نٿا آڻيون ۽ احتساب نٿا ڪريون تيستائين ترقي نه ڪري سگهنداسين. سنڌي لينگئيج اٿارٽي بابت هڪ ڳالهه رڪارڊ تي آڻڻ گهران ٿو ته سنڌي لينگئيج اٿارٽي بااختيار ادارو آهي ۽ ان جي آفيس ڪراچي ۾ هجڻ گهرجي. دنيا جي اٿارٽين جون آفيسون اتان جي گاديءَ جي هنڌن تي آهن. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جڏهن هتي آفيس ٺهرائي ٿي تڏهن به مون کي اعتراض هو پر ڪُڇيس ڪونه، ڇو ته ڪچان ها ته اهو طعنو ڏنو وڃي ها ته آءٌ پاڻ لينگئيج اٿارٽيءَ جو چيئرمين ٿيڻ ٿو گهران! بهرحال سنڌ ۾ ڳالهائڻ وڏو گناهه آهي، خلق وڙهڻ لاءِ ٻانهون ڪنجيون ويٺي آهي.

سوال: ادب جو سماجي ڪارج ڪهڙو آهي؟
جواب: ادب جو سماج ۾ وڏو ڪارج هجي ٿو، ادب رڪارڊ ۽ متبادل تاريخ جي حيثيت رکندڙ آهي، ڇاڪاڻ جو تاريخ کي سهيڙڻ جو ڪم

ادب ڪري ٿو. دنيا جو سمورو ادب پنهنجي پنهنجي دور جي نمائندگي ڪري ٿو. جيئن انگريزي ادب لاءِ چيو ويندو آهي ته هي وڪٽورين، ايلزبيٿ دور جو ادب آهي. ادب ماڻهوءَ جي سوچ حالت ۽ فڪر کي رڪارڊ ڪري ٿو. جماليات کي ماڻهو ردي ۽ سماج کان ڪٽيل شيءِ سمجهن ٿا پر ايئن ڪونهي. جماليات به سماج سان ڳنڍيل ٿئي ٿي. ان جو به سماجي ڪارج آهي. ناٽڪ، فلمي منظرناما، ناول، راڳ، ڳيچ اهو سڀ ڪجهه ادب جو حصو ته آهي ۽ جي اهو سڀ ڪجهه نه لکيو وڃي ها ته اسان جانورن جي ويجهو هجون ها.

سوال: ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ ناٽڪ نويسي جو عروج هيو. ورهاڱي کان پوءِ ايئن ٿو محسوس ٿئي ته سنڌ مان ناٽڪ نويسي ختم ٿي وئي آهي، اوهان ڇا چوندا؟

جواب: اهو بلڪل صحيح آهي. ان ڪري ئي مان چوندو آهيان ته اسان سڀ نااهل آهيون. اسان ڪوبه ادارو ۽ تحريڪ مضبوط نه ڪري سگهيا آهيون. لاهور ۾ اڃا به ناٽڪ ٿين ٿا ۽ اٺ اٺ ناٽڪ هڪ ڏينهن ۾ به ٿين ٿا پر سنڌ ۾ ايئن ڪونهي. اسان نه رڳو ناٽڪ منڊليون نه بچائي سگهياسين پر هر ميدان تي پنتي پئجي ويا آهيون. ڪم ڪرڻ کان عاري ۽ سست آهيون. ان ڪري آءٌ مجموعي طرح سان سنڌي قوم کي نااهل ٿو سمجهان.

سوال: انهيءَ نااهليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ اوهان وٽ ڪي تجويزون آهن؟

جواب: ادا نااهلي ختم ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ سڌارا آڻڻا پوندا. اسان ۾ سهپ گهٽ آهي، چار ماڻهو گڏجي ڪوبه ڪم نٿا ڪري سگهون.

ادبي سنگت ۾ سدائين چونڊن جي موقعي تي ڇڪتاڻ لازمي ٿيندي آهي. ان جي ڪارڪردگي به بُري ٿي ڏسجي. ڪو نيوز ليٽر نٿو نڪري. ڪا مرڪزي آفيس به ڪانهي. بهرحال منهنجو خيال آهي ته اسهپ، بدديانتي ڇڏي محبت، محنت، احتساب ۽ ڀائيچاري وارو گس وٺڻو پوندو.

سوال: سنڌي ادبي سنگت لاءِ چيو وڃي ٿو ته اها ايشيا جي سڀ کان وڏي ادبي تنظيم آهي. اوهان سنگت کي ون يونٽ واري دور ۾ به ڏٺو هاڻ به ڏسو پيا. اوهان ان تي ڪهڙو تبصرو ڪندئو؟

جواب: اسان وٽ سنڌ ۾ وڏاءُ جو ڏاڍو مرض آهي. ادبي سنگت آهي ته صحيح، باقي ايشيا جي وڏي تنظيم آهي يا نه، ان جي مون کي خبر ڪانهي. سنڌي ادبي سنگت شروع ۾ اديبن جو وڏو محاذ هئي، هاڻ ايئن ناهي. وڏا اديب سنڌي ادبي سنگت کي ڇڏي چڪا آهن. اهي سنگت جي گڏجاڻين ۾ وڃڻ پنهنجي توهين سمجهن ٿا. نوجوان اديب به هڪ عرصي تائين هن تنظيم سان رهن ٿا، بعد ۾ اهي به ان ڪان پاسيرا ٿي ٿا وڃن. هاڻي ادبي سنگت رڳو هفتيوار گڏجاڻين جو نالو وڃي بچي آهي. ان ڪانسواءِ ان جو ڪوبه عملي ڪم ڪونهي، ايئن سمجهو ته سنڌي ادبي سنگت ”ٻڍي“ تي بيٺي آهي.

سوال: ون يونٽ ۽ ضيائي مارشل لا واري دور ۾ ڪيترن ئي سنڌي اديبن ۽ دانشورن لکي لکي معاوضا ورتا ۽ اهل قلم ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيا، ٻنهي دورن ۾ سنڌي اديبن ۽ دانشورن جي ادا ڪيل ڪردار جو ڪيئن تجزيو ڪندئو؟

جواب: ون يونٽ واري دور ۾ سنڌي اديبن ۽ دانشورن جو ڪردار فعال رهيو، انهن پنهنجي لکڻين ۾ به سنڌ جي پرچار ڪئي. اڄ جا وڏا اديب ان وقت نوجوان هئا. انهن قومي جاڳرتا ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. هونئن به دانشور ۽ اديب ئي ڪنهن قوم جي جاڳرتا ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. سياستدان جو درجو ان ڪان پوءِ اچي ٿو. تنقيدي رايا رکندڙ صحافي به دانشورن ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا، جو ته اهي به قوم کي جاڳائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. ون يونٽ واري دور ۾ سنڌ جو نالو هٽايو ويو. ايوب واري مارشل لائي دور ۾ ته سنڌي ٻولي جي حيثيت گهٽائي ان کي ٻيو درجو ڏنو ويو. ان وقت مارشل لائي وزير ذوالفقار علي ڀٽي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ تقريب ۾ تقرير ڪندي چيو هو ته: ”اسان سنڌي ٻولي سان ڪابه زيادتي ناهي ڪئي.“ اتي مون ڪيس ياد ڏياريو ته ڀٽا صاحب ايئن ڪونهي! ان موقعي تي پروفيسر علي نواز جتوئي ۽ مير محمد قريشي، ڀٽي صاحب ڪان سوال ڪيا ۽ آخر ڀٽي صاحب کي اها ڳالهه مڃايائون ته سنڌي ٻولي سان زيادتي ٿي آهي، ان موقعي تي ڀٽو صاحب چڙي به ويو هو.

ضيا جي مارشل لا واري دور ۾ سنڌي اديبن ۽ دانشورن جو ڪردار انتهائي خراب رهيو. سڀ ڪان پهرين سنڌي اديبن ضيا جي مارشل لا جي جائزيت تسليم ڪندي ان جي هر سڏ تي لبيڪ چيو، اهل قلم

ڪانفرنس سوڏو سيني مارشل لائي دعوتن تي گاڏا پري پهتا. مون کي ياد ٿو پوي ته ضيا جي دور ۾ ست ڪانفرنسون ٿيون هيون. انهن ۾ نياز همايوني ته رڪارڊ قائم ڪيو ۽ ستن ئي ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيو. شيخ اياز، حميد سنڌي، غلام علي الانا، امر جليل، عبدالقادر جوڻيجي ۽ گهڻن بين شرڪت ڪئي ۽ ايوارڊ به ورتا. مطلب ته ان دور ۾ سنڌي اديبن ۽ دانشورن پنهنجو ضمير وڪيو هو. ان دور ۾ مون به پنهنجو ضمير وڪيو هو. اهو ايئن ته ڪراچي اندر سنڌ مدرسي ۾ سيد غلام مصطفيٰ شاهه ڪانفرنس سڏائي هئي. ان ۾ مارشل لا جا وزير شريڪ ٿيا هئا. ضيا جي ڪانفرنس يا ان جي وزيرن جي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ کي برابر ٿو سمجهان. حالانڪ مون کي اها خبر ڪانه هئي ته اتي ڪير ڪير-اچنا هئا. ضياءُ آپيشاهه هو ان ڪري هُن ضمير خريد ڪيا ۽ اسان وڪرو ٿياسين. غلام مصطفيٰ شاهه ته ڪانفرنس سڏائي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ کان به وڌيڪ خطرناڪ ڪردار ادا ڪيو. هن اديبن جو ميڙاڪو ڪوٺائي ضيا کي باور ڪرايو ته سڀ سنڌي اديب ۽ دانشور سائس گڏ آهن.

سوال: جا سنڌ ۾ سرجندڙ ڪهاڻي، ناول ۽ شاعري کي همعصر عالمي ادب سان برميچي سگهجي ٿو؟

جواب: مون کي نهايت ڏک سان چوڻو ٿو پوي ته اسان لکڻ ۾ به زوال پذير آهيون. سنڌي ۾ ناول ته آهي ئي ڪونه. 1947ع کان وٺي 1998ع تائين آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ناول مس لکجي سگهيا آهن. ناول لکڻ محنت وارو ڪم آهي. ان ڪري ان طرف ڌيان نٿو ڏنو وڃي. باقي ڪهاڻيون لکجن پيون. اها وچولي درجي جي آهي. شاعري تمام سٺي پئي ٿئي. ان کي همعصر عالمي شاعري سان برميچي سگهجي ٿو. اسان اديب ڪافڪا، ڪاميو ۽ جيمس جوائس جا نالا ته پيا وٺندا آهيون پر انهن جا ناول به سنڌي ۾ ترجمو ڪونه ڪيا اٿئون. سولزي نٽسن جو ڪوبه ناول سنڌي ۾ ترجمو ڪونه ٿيو آهي. دنيا جو طويل ناول (War and Peace) اردوءَ ۾ ٿي ويو آهي پر سنڌيءَ ۾ اجا ڪونهي آيو. آغا سليم، امرجليل، علي بابا، ملڪ آگاڻي، طارق عالم، غلام نبي مغل به هڪ اڌ ناول ڏئي خاموش ٿي ويهي رهيا آهن. اهي جيڪڏهن ڪوشش ڪن ته سٺا ناول لکي سگهن ٿا. اسان جا نوجوان به گهڻ محنت ٿا ڪن. اهي جيڪڏهن محنت ۽ مطالعو ڪن ته شاهڪار ڪهاڻيون لکي سگهن

ٿا. سنڌي ۾ بہ ادب جي خدمت لاءِ نج ادبي رسالي جي اجا بہ ضرورت آهي.

سوال: شيخ اياز جي حوالي، سان ڇيو ويندو آهي تہ هن وائيس چانسلري واري دور ۾ ڪي ذاتي فائدا حاصل ڪيا ۽ هو پاڻ کي لطيف ثاني پڻ تصور ڪري ٿو. اوهان انهن ٻنهي زاوين کان اياز بابت ڇا چوندا؟
جواب: آءٌ ڪڏهن بہ شيخ اياز جو طرفدار ناهيان رهيو. هن ڪي بہ فائدا ڪو نہ ورتا هئا، ڪيس وائيس چانسلري سندس حيثيت موجب ڏني وئي هئي. بس رڳو خراب اهو ٿيو جو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جهڙي عالم کي هٽائي اياز کي V.C بڻايو ويو هو، اهو مناسب نہ هو. سراج الحق ميمڻ بہ وائيس چانسلر ٿي سگهي ٿو. ان کي جيڪڏهن هاڻ وي سي ڪري رکيو بہ وڃي تہ ان کي سياسي فائدو نہ سمجهڻ گهرجي. ڇو تہ هو ان عهدي لاءِ اهل آهي.
ڪوبہ ماڻهو پنهنجي دعويٰ پاڻ نہ ڪندو آهي. اياز جيڪڏهن لطيف ثاني جي دعويٰ ڪري ٿو تہ غلط آهي. شيڪسپيئر ڪانپوءِ برناڊشا بہ ناٽڪ لکيا، پر ان کي ثاني ڪونہ چيو ويو. هر ماڻهو جي پنهنجي حيثيت ٿئي ٿي، ڪوبہ ڪنهن جو ثاني نٿو ٿي سگهي.

سوال: سنڌ ۾ اديب ۽ ڪلاڪار سدائين بيماريءَ وگهي مرندا رهن ٿا، ان سلسلي ۾ ثقافت کاتو توڙي ٻيا سرڪاري ادارا ڪجهہ بہ نہ ٿا ڪن، آخر اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟
جواب: حڪومت کي، اديبن، دانشورن ۽ ڪلاڪارن جي پرگهور ضرور لهڻ گهرجي، پر اديبن کي پاڻ تي بہ ڀاڙڻ گهرجي. ان لاءِ اديبن کي ڪا ٽرسٽ جوڙڻ گهرجي. ادبي سنگت کي سنڌي ليکڪ، ڪلاڪار فنڊ قائم ڪرڻ گهرجي. ان ۾ هر ڪو Contribute ڪري تہ هزار ۽ لک بہ ٿي سگهن ٿا. هرويرو ويهي حڪومت ڏانهن ڇو تڪيون، ڦڙي ڦڙي تلاءُ آهي!

سوال: جاگرافيائي حوالي سان سنڌ صوبي جي حدن بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟
جواب: جاگرافيائي طور تي حدون ننڍيون وڏيون ٿينديون رهنديون آهن. باقي موجوده سنڌ جون سرحدون هاڻ دائمي سمجهڻ گهرجن. "ماڇڪو" اسان جي سرحدن کان ٽپي پنجاب ۾ ٿو وڃي. اهو نقشي ۾ پنجاب جو

آهي، وڏيڪ ريسرچ ڪجي ته پوءِ خبر پئجي سگهندي ته ان جو اصل پسمنظر ڇا آهي. هن وقت سرحدن جي اعتبار کان ٻئي ڪنهن صوبي جي ٽڪري تي دعويٰ ڪرڻ درست نه ٿيندو.

سوال: سوويت يونين ٽٽڻ کان پوءِ عالمي سطح تي ادب تي ان جا گهرا اثر پيا آهن ۽ سنڌ ۾ به ترقي پسند تحريڪ ڊانوان ڊول ٿي وئي آهي. اوهان ان پسمنظر ۾ ڇا چوندا؟

جواب: منهنجي خيال ۾ ترقي پسندي سوويت يونين جو ٺيڪو ڪونه هئي ته ان جي ڪري ترقي پسندي ختم ٿي وئي. يا ان جي حالتن جو سڌو اثر به اسان تي ڪونه ٿي پيو. اسان جو لبرل ازم اتان جي لبرل ازم کان مختلف هو. ناميارِي ليکڪ سورزشن جو هڪڙو ناول به روس ۾ ڪونه ڇپيو، ڇو ته هو روس جي نظام جو سخت مخالف هو. هن روسين لاءِ لکيو ته اوهان فاشسٽ نظام هلائي رهيا آهيو. روسين جي چڱي ڳالهه رڳو اها هئي ته اهي ماڻهن کي قائل ڪري ويا هئا ته ڪميونسٽ نظام ئي واحد نظام آهي، جنهن ذريعي لوئر، مڊل ڪلاس حڪومت ڪري سگهي ٿو. اها انهن جي واڌو پوائنٽ هئي. باقي آءٌ ذاتي طرح انهيءَ نظرئي جو مخالف آهيان. ڇاڪاڻ جو اتي به سنگل پارٽي جي نالي تي آمريت قائم هئي.

سوال: سنڌ جي ڪيترن ئي اديبن ۽ ادارن ڪراچيءَ جي فٽ پاٿن تان ڪتاب وٺي مختلف علمي ۽ ادبي ادارن کي ناياب ڪتاب ڪري لکين روپين ۾ وڪرو ڪيا آهن. اها علم ۽ ادب سان همدردي چئجي يا ويساهه گهاتي؟

جواب: ادا مون کي لينگئيج اٿارٽي، ثقافت کاتي يا ٻئي ڪنهن جي ته خبر ڪانهي باقي مون پاڻ وٽ تمام گهڻا ناياب ڪتاب گڏ ڪري رکيا هئا جيڪي مون پهرين سنڌ يونيورسٽيءَ کي وٺڻ لاءِ چيا. انهن انڪار ڪيو ته پوءِ سنڌ آرڪيائيوز وارن کي چئن لکن ۾ وڪرو ڪري ڏئي ڇڏيم. مون يحيٰ ۽ ايوب دور جو رڪارڊ پاڻ وٽ رکيو هو. اهو رڪارڊ شايد ڪنهن وٽ هجي!؟

("سنڌ جي ڏاهپ کان سورنهن انٽرويو"، مرتب همسفر گاڏهي، 2004ع تان ورتل)

********

انٽرويو: عبدالرحمان سيال

## ظفر حسن جو انٽرويو

ڪي ڪي ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي تعارف جا محتاج نہ هوندا آهن. اهڙن ماڻهن مان ظفر حسن بہ هڪ آهي. پاڻ 14- آگسٽ 1937ع حيدرآباد جي پرسان ڳوٺ ڪٽياڻ ۾ ڄائو. 1966ع کان باقاعدي ڪهاڻي لکڻ شروع ڪيائين. ظفر حسن جيتوڻيڪ قدر ٿورو لکيو آهي پر ادب ۾ هڪ اهم شخصيت جي ناليءَ سان سڃاتو وڃي ٿو. اچو تہ اوهان ڪي هن سان ملايون ۽ ڏسون تہ پاڻ ٻارن لاءِ ڇا ٿو چوي:

**سوال:** سائين توهان پنهنجي ننڍپڻ بابت ڪجهہ ٻڌائيندا؟
**جواب:** آءٌ ڀهراڙي جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهيو آهيان. جيتوڻيڪ آءٌ ٻہ سال پوءِ اچي شهر ۾ پڙهيس، جتي مون پرائمري تعليم پوري ڪئي. پر واٽڪي اسڪول ۾ اسين ٻہ ياٽر صبح جو پنهنجي ڳوٺ کان ٻہ ميل پنڌ ويندا هئاسون ۽ پاڻ سان ٻنپهرن جي ماني ڪٽي ويندا هئاسون؛ ٻنپهرن جو جڏهن آسي پاسي جي ڳوٺن جا ڇوڪرا ماني کائڻ ويندا هئا تہ اسين اتي بينچن تي ليٽي پوندا هئاسون ۽ اهي بينچون بنا ٽيڪ جي هونديون هيون، جن تي اسين صبح جو 9 وڳي کان 5 وڳي شام تائين پڙهندا هئاسون ۽ اسان جي اسڪول ۾ ٻہ ڪلاس روم هوندا هئا: هڪ ڪلاس ۾ پهرين درجي جا ٻار پڙهندا هئا ۽ ٻئي ڪلاس ۾ ٻئي کان وٺي ستين درجي تائين جا سڀ شاگرد پڙهندا هئا.

**سوال:** اوهان لکڻ ڪڏهن کان شروع ڪيو ۽ لکڻ ڇو ضروري سمجهيو؟
**جواب:** هونئن تہ مان ننڍپڻ ۾ روزاني ”الوحيد“ ۽ ”نواءِ سنڌ“ جي ٻارن جي صفحن ۾ ”معلومات“ جي سري هيٺ هتان هتان مواد ڪٺي موڪليندو هئس پر پوءِ پهريون ڀيرو 1954ع ۾ ڪاليج مخزن ”قليلي“ ۾ پهريون ڀيرو اصلوڪي ڪهاڻي لکيم. تنهن کان پوءِ ٻارهن سالن کان پوءِ 1966ع ۾ باقاعدي لکڻ شروع ڪيم. لکڻ جي ضرورت ان ڪري سمجهيم تہ مون ڪي پنهنجو ناول پڙهي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي

۾ ان ڪري ئي لکڻ شروع ڪيم تہ نالو ڇپجي ۾ شهرت ملي، پر هاڻي انهي ڪري ٿو ضروري سمجهان جو اسان جي قوم لاءِ ضروري آهي تہ سنڌي ٻولي ۽ سماج کي مالوتر ڪيو وڃي.

سوال: ٻارن لاءِ هن وقت تائين اوهان ڇا لکيو آهي؟
جواب: ٻارن لاءِ هن وقت تائين مون ڪجهہ بہ نہ لکيو آهي.

سوال: ڇا ٻارن لاءِ لکڻ ايترو مشڪل آهي جو اوهان نٿا لکي سگهو؟
جواب: جي ها، ٻارن لاءِ لکڻ ڪجهہ ڏکيو آهي يا گهٽ ۾ گهٽ مون کي ائين ٿو لڳي. ٻالڪ ساهت لاءِ وڏن جي ساهت وانگر سهيوڳي ٻالڪ ساهت جو جيڪو خاص طرح انگريزي ۾ ڇپجي ٿو ان جو اڀياس ڪرڻ ضروري آهي تہ جيئن ٻالڪ ساهت بہ وڏن جي ساهت وانگر نئين انداز ۾ لکي سگهجي نہ تہ پراڻو ٻالڪ ساهت پڙهيل يا رڳو هاڻوڪو سنڌي ٻالڪ ساهت پڙهيل ليکڪ جيڪڏهن ٻالڪ ساهت تخليق ڪندو تہ اهو معياري نہ هوندو. آءُ گهٽ ۾ گهٽ انگريزيءَ ۾ جديد ٻالڪ ادب جا سو ڪن ڪتاب ۽ رسالا ڀهرين پڙهڻ گهران ٿو تہ جيئن انهن جي نموني پٽاندڙ ٻالڪ ساهت تخليق ڪري سگهان.

سوال: موجوده دور ۾ سنڌي ٻارن لاءِ نہ ماهوار رسالا آهن ۽ نہ ڪتابي سلسلا؛ اوهان اهو ٻڌائي سگهندا تہ هن وقت اهو خال ڪيئن پري سگهجي ٿو؟
جواب: ادا اهو صحيح آهي تہ موجوده دور ۾ سواءِ هڪ رسالي ماهوار گل ڦل جي ٻيو ڪوبہ ٻارن لاءِ رسالو نہ آهي ۽ ڪو بہ ڪتابي سلسلو باقاعدگيءَ سان نٿو نڪري ۽ سنڌي ادبي بورڊ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ادارو اهڙو نہ آهي جو ٻارن لاءِ ڪتاب باقاعدگي سان شايع ڪندو رهي ۽ آئوٽ آف اسٽاڪ ڪتاب ٻيهر شايع ڪري.
اهو خال ان ريت پري سگهجي ٿو تہ پهرين مرحلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ وانگر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي بہ ٻارن جو ماهوار رسالو جاري ڪري. ٻيو اهڙي طرح مرڪزي حڪومت طرفان جيئن وڏن لاءِ "نئين زندگي" ۽ صوبائي حڪومت طرفان ماهوار "پيغام" شايع ڪيا وڃن ٿا، اهڙيءَ طرح مرڪزي حڪومت، نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ صوبائي حڪومت طرفان پيغام سان گڏ پر الڳ هڪ ٻارن جو رسالو بہ شايع ڪيو وڃي. اهڙي

طرح ترت اسان کي ٻارن لاءِ ٽي رسالا ملي ويندا. تنهن کان پوءِ ٻارن جا ڪتاب جيڪي سنڌي ادبي بورڊ اڳ ۾ ئي ڇپايا، انهن ۾ اڄڪلهه واڌارو نه ٿو ڪيو وڃي. تنهن کان سواءِ نئشنل بوڪ فائونڊيشن ۽ ٻين مرڪزي ادارن جيڪي به ڪتاب اردو ۾ شايع ڪيا آهن تن جا سنڌي ايڊيشن به شايع ڪيا وڃن.
انهيءَ مرحلي کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌ الاجي وانگر هڪ ٻارن جي ساهت لاءِ الڳ ادارو سنڌ ٻالڪ ڪتاب ٽرسٽ (چلڊرين بوڪ ٽرسٽ آف انڊيا) جي نموني تي به قائم ڪيو وڃي جيڪي رڳو ٻارن لاءِ ڪتاب شايع ڪري. اهڙي اداري قائم ٿيڻ کان پوءِ ٻيا سرڪاري ادارا پلي پوءِ ٻالڪ ساهت شايع نه ڪن ۽ چو ته پوءِ هر ادارو اسپيشلائيز ڪم ڪندو، جيئن هاڻي سنڌ سائنس سوسائٽي قائم ٿيڻ کان پوءِ ٻين سرڪاري ادارن کي سائنسي موضوع تي ڪتاب شايع نه ڪرڻ کپن. ڇو ته حڪومت ادارن کي ڪنهن به ڪم جي Duplication ڪرڻ ڪري گرانٽ نه ڏيندي آهي.

سوال: سنڌي ٻارن کي پڙهڻ لاءِ سنڌي رسالا ۽ ٻيا ڪتاب ميسر نه آهن. ٻار مجبورن ادبي شوق پورو ڪرڻ لاءِ اردو رسالا ۽ ڪتاب وٺن ٿا.
سوال: اوهان ٻڌائي سگهندا ته اسان جي ٻارن کي ڇاڪرڻ گهرجي.
جواب: ادا، ٻارسنڌيءَ ۾ سندن لاءِ رسالا ۽ ڪتاب نه هجڻ ڪري اردوءَ ۾ ڪتاب وٺي ٿو، ٻار ته شوق ۽ وندر لاءِ جيڪو به جنهن به ٻولي جو ڪتاب جيڪڏهن هو پڙهي سگهندو ته وٺندو، ان ڪري ٻارن تي ڪهڙي ميار. هتي ته وڏا پڙهيل لکيل ليکڪ دانشور پنهنجي ٻوليءَ ۾ رسالا ۽ اخبارون هوندي به اردو ٻوليءَ جا ئي ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون وٺن ٿا.

سوال: ٻارن لاءِ هن وقت جيڪو ڪجهه لکجي ٿو اهو معياري آهي يا نه؟
جواب: ادا آئون سمجهان ٿو ته ٻارن لاءِ جيڪي لکجي پيو سو ايترو معياري نه آهي جيترو هجڻ گهرجي.

سوال: جيڪڏهن معياري ناهي ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟
جواب: مون اوهان کي ٻڌايو ته سنڌي ساهت لکندڙن کي وڏن جو جديد انگريزي ٻالڪ ساهت پڙهڻ گهرجي. اسان وٽ ته اهو به ڪانسيپٽ

صاف ڪونهي تہ اسين جيڪي ڪجھ لکي رهيا آهيون اهو ڪهڙي عمر واري ٻار جي گروپ جو آهي. انگريزيءَ ۾ ٻارن جا رسالا ٻارن جي عمر پٽاندر (سطح تي) پيش ڪيا وڃن ٿا. اسان جا گهڻا ليکڪ ٻارن جي موضوع تي قلم کڻن ٿا، پر لکن هو وڏن جي سمجھ وٽان ٿا.

سوال: سنڌي ٻولي ۾ اسان وٽ وڏا وڏا نامور اديب آهن جن ۾ اوهان پاڻ بہ آهيو، تہ پوءِ ٻارن لاءِ ڇو نہ ٿا لکو؟
جواب: ادا ٻارن لاءِ وڏن ليکڪن کي لکڻ کپي ۽ منهنجو وس پڇجي تہ آءٌ اهو شرط وجهان تہ انهي ليکڪ کي ليکڪ نہ سمجهيو وڃي جيسين هو ٻارن لاءِ نہ لکي.

سوال: ننڍپڻ جو ڪو اڻ وسرندڙ واقعو؟
جواب: ننڍپڻ جو هڪڙو واقعو سدائين مون سان گڏ رهندو:
هڪڙي شادي هئي جتي آءٌ بابا سان گڏجي ويو هئس. شاديءَ ۾ لڏون ورهايا هئائون، جڏهين لڏن جو پئڪيٽ آءٌ ۽ بابا پاڻ سان گڏ کنيون واپس پي موٽياسين تہ بابا پڇيو هو "توکان جيڪڏهن شادي وارا پڇن تہ توکي لڏون مليا آهن يا نہ؟ تہ ڇا جواب ڏيندين؟" مون وراڻي ڏني هو مانس، "آءٌ هي لڏون لڪائي چوندس تہ مون کي لڏن جو ٻيو بہ پيڪٽ ملي ويندو."
تنهن تي بابا چيو هو "جي لڏون سونا بہ هجن تہ بہ ائين نہ ڪجان."

سوال: سنڌي اديبن مان وڏن ۽ ٻارن لاءِ ڪهڙا ليکڪ پسند اٿو؟
جواب: سنڌي اديبن مان شاعرن کي وري بہ شابس آهي جو هو ٻارن لاءِ شعر تہ لکن ٿا، پر سنڌي نثر نويس ٻارن لاءِ نہ ٿا لکن. وري بہ محمود مغل، عبدالرحمان سيال، اڪبر جسڪاڻي ۽ ادل سومري کي شابس آهي جو ٻارن لاءِ باقاعدگي سان لکندا رهن ٿا.

سوال: سنڌي ٻارن لاءِ ڪو خاص سنيهو؟
جواب: سنڌي ٻوليءَ ۾ پڙهو، سنڌي ٻولي ڳالهايو، سنڌي ٻوليءَ ۾ لکو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻڌو: ٻولي قوم جي واحد سڃاڻپ آهي. جي ٻولي نہ آهي تہ قوم بہ نہ آهي.

**سوال:** گل ڦل جي لاءِ اوهان جو ڇا خيال آهي؟

**جواب:** گل ڦل سنڌي ٻوليءَ جي اهم ترين خال کي ڪجهه پريو ٻيٺو آهي. گل ڦل تي تنقيد ڪرڻ مهل سوچيندو آهيان ته گل ڦل نه هجي ته الاءِ ڇا ٿئي.

سنڌي ٻوليءَ جي بنياد ٻالڪ ساهت تي ۽ اڪيلي سر گل ڦل اها نميداري ڪنيون بيٺو آهي. باقي گل ڦل کي آف سيٽ تي ڇپجڻ گهرجي. هر لکڻي سان گڏ تصوير هجي. ننڍي ٽائيپ بدران وڏي ٽائيپ هجي.

(ماهوار ”گل ڦل“، ايڊيٽر غلام رباني آگرو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، جولاءِ 1984ع تان ڪنيل)

********

ولي رام ولڀ

## سنڌ جو ساڃهه وند ليکڪ

8 مارچ 1998ع تي آچر جي موڪل هئي. بازار مان سودو سلف وٺڻ کان پوءِ گهر اچي ماني کاڌم ۽ ٽين وڳي سمهي پيس، ننڊ مان معمول کان اڳ ۾ جاڳي پيو هوس. سوچيم اجا چار مس ٿيا آهن ته ننڊ مان اک ڇو کلي اٿم! جسم سور پئي ڪيو ۽ ذهن اڄاتل بار سبب ٽڪل هو. ٿوري دير کان پوءِ، ڪنهن مسجد مان ڪنهن جي گذاري وڃڻ جو اعلان پئي ٿيو. اعلان ڪندڙ ٻه ٽي ڀيرا اعلان ڪيو، پر ڪوشش جي باوجود گذاري ويل شخص نالو جهٽي نه سگهيس. گذريل ڇئن مهينن دوران، ڪيترن ئي پنهنجن عزيزن، دوستن ۽ ادبي دنيا جي چمڪندڙ ستارن ڪي موت جي اونداهين ۾ گم ٿيندي ڏٺو اٿم، تنهن ڪري اعلان ٻڌندي ئي منهنجي دل ويتر وڌيڪ اداس ٿي وئي، جو موت زندگيون ته اجاڙي ٿو، پر آباد گهر به ويران ٿي وڃن ٿا ۽ دل جون دنيائون ۽ قومن جا مستقبل تاريڪ ٿي وڃن ٿا.
انهيءَ اٻاڻڪائي جي ڪيفيت ۾ شام جو ستين وڳي ڏاري فون جي گهنٽي وڳي. سامهون لائين تي ڊاڪٽر عبدالرحمان سيال ڄامشوري مان ڳالهائي رهيو هو. سندس نالو ٻڌندي ئي اندر ۾ کٽڪو ٿيو ته خدا خير ڪري. ڊاڪٽر عبدالرحمان ايل ايم سي ۾ ٻارن جو ڊاڪٽر آهي. ادبي حوالي سان سڻي سلام دعا اٿم ۽ رستي پنڌ ملاقات ٿيندي رهندي آهي، پر فون تي ڳالهه ٻولهه غير معمولي خبر کان سواءِ نٿي ٿي سگهي. انهيءَ سوچ سان گڏ جڏهن اتاولائيءَ وچان خير خبر جو پڇيم ته چيائين ته ”خبر سٺي ناهي، سائين ظفر شاهه گذاري ويو.“ آئون اها خبر ٻڌڻ لاءِ تيار نه هوس. مون کان دانهن نڪري وئي ته هاءِ ڇا ٿي ويو! اعتبار ئي نه پئي آيو. فون تي هن دفنائڻ جو ٻڌايو ته سڀاڻي نوين وڳي کڻندا ۽ سندس اباڻي ڳوٺ سيد قطب شاهه ۾ دفنائيندا. اوهان هينئر ا ؛ چاهيو ته اوهان جي مرضي.
مسجد مان ڪنهن اڄاتل شخص جي موت جو اعلان منهنجي نهايت ئي پياري دوست ظفر شاهه جي موت جو اطلاع هو. هو شام جو ڇئين وڳي ڌاري ڄام شوري ۾ پنهنجي گهر ۾ پنهنجا ناتا ٽوڙي ڏور ڏسائن

ڏانهن هلڻ هارو هو ۽ مون کي شريف اسڪوائر جي ڪنهن مسجد مان اطلاع ٿيو هو. قدرتي سڏ جي ڳجهه جي ڪيئن خبر پوي؟!
اجا اجهو هڪ ڏينهن اڳ چنچر ڏينهن، هو مون وٽ سنڌالاجيءَ ۾ آيو هو ۽ پيڻ عائشہ مدد جي آفيس ۾ سڏايو هئائين ۽ اتي چانهہ پيتي هئائين. نهايت ئي خوش موڊ ۾ هو ۽ مون سان چرچا ڪندو رهيو. پوءِ اسان گڏجي ٻاهر آيا هئاسين ۽ لان لتاڙي لئبرريءَ جي ڪنڊ تي بيٺل وڻن جي جهڳٽي هيٺان ٻيهي اڌ منو ڪلاڪ ڪچهري ڪئي هئي سين. ڳلي جي خراش ۽ سوزش جو ذڪر ڪندي چيو هئائين ته نه چاهيندي به اينٽي بايوٽڪ ڪائڻي پئي پوي. تڏ ڪان بچڻ لاءِ هلڪو ناسي ڪوٽ پائي رکيو هئائين. پوريل وڻن مان مڪسڊ خوشبوءِ جو هڳاءُ پئي آيو، جنهن ۾ سندس اداس ٿهڪ ملي ماحول کي وڏيڪ ڳورو ۽ اداس بڻائي رهيا هئا. سندس ڳالهين ۾ شيخ اياز جي جنازي جو ٽول پلازا تان ڪٽي اڳتي وڃڻ ۾ وقت جي پابندي نہ ڪرڻ، عظيم شاعر جي دفنائڻ جي رسمن ۾ ماڻهن ۽ خصوصي طور تي ادبي لڏي جي گهٽ شرڪت ۽ خصوصي طور تي ان ۾ پنهنجي شرڪت نہ ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ جو ذڪر پئي ڪيائين. ان ڪانسواءِ هڪ ڏينهن اڳ 03-05-1998ع پريس ڪلب ۾ ٿيل خيرالنساءِ جعفريءَ جي موت جي تعزيتي گڏجاڻيءَ جو به ذڪر ڪيائين ۽ ڏک وچان پئي چيائين تہ هاڻي ڪنهن تقريب ۾ شامل ٿيڻ تي دل ئي نٿي ٿئي. ڪيس پنهنجي اڌجنڊڙ گهر کي مڪمل ڪرائي، ان ۾ شفٽ ٿيڻ ۽ پوءِ پنهنجو پبلشنگ ادارو شروع ڪرڻ جي شديد خواهش هئي.
نائين مارچ تي پنهنجي پياري دوست جي آخري سفر ۾ ڪلهي ڪانڌي ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌالاجيءَ جي لئبرريءَ جي ڪنڊ تي بيٺل وڻن جي هيٺان اچي بيٺس، جتي اسان آخري ڀيرو چنچر ڏينهن 7 مارچ تي ٻيهي ڪچهري ڪئي هئي، جتان هو هٿ ملائي اڳيرو وڌي ويو هو ۽ اسان جي ٽيهن ورهين تي ڦهليل ويجهڙائپ ۽ واسطيداريءَ تي ٻڙي اچي وئي هئي. انهيءَ گذريل وقت ڏانهن جڏهن مڙي ڏسان ٿو تہ مون کي هو سنڌي زبان جي ليکڪ هئڻ سان گڏ هڪ قداور ۽ وڏو ماڻهو نظر اچي ٿو. سندس واحد ڪهاڻين جي مجموعي ”رهيل قرض“ کان سواءِ، هو وڏي پائي جو نقاد، تبصري نگار ۽ مضمون نويس هو. شروع ۾ طارق اشرف سان گڏ ماهوار ”سهڻي“ جي ايڊيٽوريل بورڊ جو اهم ميمبر هو. مواد جي چونڊ ۾ ظفر حسن جي راءِ کي وڏي اهميت هئي،

پنهنجي پريس ”پرفيڪٽ پرنٽرس“ جي نالي سان قائم ڪيائين، جتان ڪيترن ئي ڪتابن، رسالن ۽ ڪتابي سلسلن جي متحرڪ هئڻ سان گڏ، ماهوار ”ڏرتيءَ“ جو باني ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ ”پروڙ“، ”انڊلٽ“، ”سماجي سائنسون“ وغيره جاري ڪيائين. اسيءَ جي ڏهاڪي دوران اسان ٻنهي گڏجي ”عالمي ادب“ ۽ ”آرسي“ ڪتابي سلسلا شايع ڪيا، جيڪي اڄ بہ ادبي ڪتابي سلسلن ۾ پيڙهہ جي پٿر جي حيثيت رکن ٿا. هن پبلشنگ جي ڪم ڪان سواءِ مون سان گڏ ڪتابن ۽ رسالن جي وڪري ۽ ورهاست جي هڪ ايجنسي ”پارس مخزن ايجنسي“ بہ قائم ڪئي هئي، پر ناسازگار حالتن سبب پوءِ بند ڪئي وئي. انهيءَ دور ۾ ڪيس سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري جون ذميواريون سونپيو ويون ۽ ڪجهہ وقت تماهي مهراڻ جي ايڊيٽر طور بہ ڪم ڪيائين. سنڌس ذاتي اشاعتي اداري تحت ڇپيل ڪتاب، ان وقت جي بوڪ ڪرافٽ جا نمونا آهن. هن ٻين ڪيترن ئي دوستن سان گڏجي ترجمي ڪرڻ، ڪتابن جي ڇپائي ۽ وڪري ورهاست ۾ انيڪ بي بها صلاحون ۽ مشورا ڏنا ۽ علمي ڪم ڪيو.

سنڌ يونيورسٽي جي جاگرافي شعبي جو استاد ظفر حسن هڪ ڊگهي عرصي تائين چيئرمين رهڻ کان پوءِ 1997ع ۾ رٽائر ڪيو هو. هو هڪ بااصول، مخلص ۽ اعليٰ پايي جو استاد هو ۽ پنهنجي پيشيورانہ زندگيءَ ۾ مثالي ۽ آدرشي شخص ٿي رهيو.

پنهنجي امڙ جي وفات کان پوءِ هن روز مرهہ جي روٽين طور ڊائري لکڻ شروع ڪئي ۽ ڊسمبر 1997ع دوران مون کي ٻڌايائين تہ ان جا هو نوٽ بوڪ سائيز جا 20 جلد لکي پورا ڪري چڪو آهي. شروع ۾ اها ڊائري سنڌس ذاتيات سان لاڳاپيل هئي، پر پوءِ ان جو دائرو سماجي، ادبي ۽ قومي سطح تائين ڦهلائي ڇڏيو هئائين. اهي سنڌ ۾ ان ۾ ٿيندڙ واقعن جا دستاويز، جن مان ڪجهہ حصا ڪڍي، هو اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ڪرڻ لاءِ ڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ اهي جڏهن ايڊٽ ڪري ڇپيا ويندا تہ منهنجي خيال ۾ انهن کي اهميت حاصل ٿيندي. هو اخبارن جي ڪٽنگس جو فائيل رکندو هو ۽ شاگردن لاءِ اهميت واريون خبرون ڊپارٽمينٽ جي نوٽيس بورڊ تي رکائيندو هو. هو پنهنجي لاءِ گهربل معلومات هڪ جدا ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪندو هو ۽ ڪوٽيشنس جي نوٽنگ هو ريگيولر لي ڊائري ۾ ڪندو هو.

سنڌس زندگيءَ جو هڪ ٻيو پهلو نوجوان شاگردن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ

جو آهي. هو سماجي ۽ سياسي سطح جي رولس آف گيم ۽ رولس آف مئنيجمينٽ بابت زور ڏيندي ٻڌائيندو هو تہ جيستائين اسان اخلاقي، علمي ۽ سائنسي طور پنهنجي عمل ۽ ڄاڻ ۾ پاڙيرا نہ ٿينداسين تيستائين انفرادي توڙي اجتماعي طور ترقي نہ ڪري سگهنداسين ۽ قوم جو مستقبل روشن نہ ٿي سگهندو. هو پنهنجي سوچ ۾ نهايت واضح، چٽو ۽ اٽل هو. سنڌي سماج ۾ هڪ وقت ۾ هڪ ڪان وڌيڪ شاديون ڪرڻ جو مخالف هو ۽ غير سنڌين مان شادي ڪرڻ ڪي قوم، ٻولي ۽ ثقافتي ايڪي جو نقصان چوندو هو. هو گهرن توڙي عام وهنوار ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۽ وس پڄندي سنڌي دڪاندارن کان شيون خريدڻ کي ترجيح ڏيندو هو. جنهن ڪري ڪيس وقتي نقصان بہ ٿيندو هو پر هو انهيءَ جي پرواهہ نہ ڪندو هو. هاڻي هو پنهنجي زندگيءَ جو سفر پورو ڪري، پنهنجي اباڻي ڳوٺ قطب شاهہ جي قبرستان ۾ هميشہ لاءِ آرامي ٿي چڪو آهي. هن پنهنجو نئون گهر مڪمل ڪرائي پنهنجي گهر ٻار سان شفٽ ٿي منجهس ٿانئيڪو ٿيڻ کانپوءِ هڪ پبلشنگ ادارو کولڻ ٿي چاهيو پر من جون آسون ۽ رٿائون من ۾ ئي رهجي ويس.

(ولي رام ولڀ جي ڪتاب ”يادون، ملاقاتون ۽ ڪجهہ اپياس“، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، 2016ع تان ورتل)

********

## ولي رام ولڀ

# ڏکڻي سال جي مختصر ڪھاڻي

ظفر حسن سان منھنجي پھرين ڏيٺ 1967ع ڌاري حيدرآباد جي ڪوڪر محلي ۾ طارق اشرف جي گھر جي در تي ٿي ھئي. آئون ان ڏينھن طارق اشرف سان ملڻ لاءِ سندس گھر تي ويو ھوس تہ مون کان اڳ ۾، بليو پتلون ۽ اڇي قميص تي ٺاءِ ٻڌل ھڪ سھڻو جوان اتي بيٺو ھو. مون گھر جي گھنٽي وڄائي تہ ٿوري دير ۾ طارق اشرف گھر کان ٻاھر نڪتو ۽ اسان سان جدا جدا مليو، اسان جي ھڪ ٻئي سان واقفيت ڪرايائين. تڏھن "سھڻي" رسالي جي باقاعدي آفيس نہ ھوندي ھئي. رسالي جي ايڊيٽنگ جو ڪم طارق اشرف پنھنجي ننڍڙي گھر ۾ ئي ڪندو ھو ۽ ان جي ڇپائيءَ جو ڪم، گھر جي پرسان مدينہ مارڪيٽ ۾ جمالي پريس مان ڪرائيندو ھو. ادبي رسالي جي طور تي "سھڻي" جلد ئي ادبي حلقن ۾ پنھنجي جاءِ پيدا ڪري ورتي ھئي. امر جليل، آغا سليم، نسيم کرل، غلام نبي مغل، علي بابا، شيخ اياز، امداد حسيني، تنوير عباسي، نياز ھمايوني ۽ ٻيا ڪيترا ئي نالي وارا ڪھاڻيڪار ۽ شاعر سھڻيءَ ۾ ڇپبا ھئا ۽ پڙھندڙ پرچي جو بيچينيءَ سان انتظار ڪندا ھئا.

ظفر حسن سٺ واري ڏھاڪي جي پوئين حصي ۾، سنڌي ادب جي ميدان ۾، "سھڻي" رسالي جي مرتب طور، طارق اشرف ۽ نسيم کرل سان گڏ نمودار ٿيو ھو. "سھڻيءَ" جي طبعي بيھڪ، مواد جي چونڊ ۽ پاليسي واضح ڪرڻ ۾ سندس وڏو دخل ھو. انھن ڏينھن ۾ "سھڻي" جي وڪري جي واڌاري ۽ ساليانہ خريدار بڻائڻ لاءِ ڪوھنور سينيما جي شو ۾ "دي ملين پائونڊ نوٽ" فلم جا ٽڪيٽ وڪڻڻ جي مھم بہ ظفر حسن ھلائي ھئي. سندس عزم، اُتساھہ ۽ خلوص ڏسي آئون، طارق اشرف، مدد علي سنڌيءَ ۽ سندس چوياري ۾ جڙي ويس. اسان وقت بوقت پاڻ ۾ ملندا رھندا ھئاسين.

مارچ 1968ع کان ”سهڻيءَ“ جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ طارق اشرف سان گڏ نسيم کرل ۽ ظفر حسن جا نالا بہ شامل ٿيا. ”سهڻي“ ۾ شامل ٿيندڙ مواد جي چنڊڇاڻ ۽ چونڊ ۾ ظفر حسن جي راءِ کي اهميت حاصل هئي. جلد ئي پوءِ ظفر حسن پرنٽنگ پريس خريد ڪري ”سهڻي“ رسالي کي جاري رکڻ لاءِ، طارق اشرف جي حوالي ڪئي، جيڪا ڪافي عرصي تائين طارق اشرف جي گهر پرسان لڳل رهي ۽ ”سهڻي“ رسالو باقاعدگيءَ سان جاري رهيو.

پر جيئن تہ پريس پاڻ پري نہ ٿي سگهي، ايتري قدر جو مسواڙ بہ نہ ٿي نڪتي، تنهن ڪري ظفر حسن پريس جي مشين ڪوڪر پاڙي مان ڪڍائي وڃي، پرفيڪٽ پرنٽرس جي نالي سان، 474 صدر ۾ لڳائي ۽ ان جي هلائڻ جو جدا انتظام ڪيو. اتي انهيءَ پريس مان ڪيترائي ڪتاب، رسالا، پمفليٽ، پوسٽر ۽ ڪتابي سلسلا شايع ٿيا ۽ انهن جي ڏس پتي جي طور تي پڻ استعمال ٿيڻ لڳي. اها بيشڪ سنڌ جي هڪ ڏکئي دور ۾ ڪيترن ئي ادبي مجلسن، سياسي بحث مباحثن جو فورم رهي، جتي حيدرآباد، ڪراچي ۽ سنڌ جي مختلف شهرن جي ادبي، سياسي ۽ سماجي شخصيتن جي اچ وڃ رهندي هئي.

ظفر حسن سماجي، ادبي ۽ سياسي سوچ رکندڙ، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان عشق ڪندڙ اديب هو، جنهن وٽ اونهي، اوچي ۽ پرانهين سوچ هئي. هن پنهنجي رٿابنديءَ کي ڪاميابيءَ جي ڪناري تي پهچائڻ لاءِ پرنٽنگ پريس کي وڏو هٿيار ٿي سمجهيو ۽ ان لاءِ نہ رڳو پنهنجي وسيلن مان پريس خريد ڪئي، پر ڪيترن ئي موضوعن تي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب شايع ڪرڻ جو حامي هو. اپريل 1973ع ۾ هن ”پروڙ“ جو پهريون شمارو شايع ڪيو، جيڪو ان وقت جي سياسي ماحول ۽ حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو. ادبي اچ اُجهائڻ جو اُپاءُ ڪندي هن مارچ 1974ع ۾ ”ڌرتي“ جو پهريون شمارو شايع ڪيو، پر پوءِ اهو رسالو هو جاري رکي نہ سگهيو. ساڳئي سال يعني مئي 1974ع ۾ غلام محمد ميمڻ جي سرپرستيءَ ۾ ”اندلٽ“ ڊائجسٽ جاري ٿيو. جنهن جو ايڊيٽر سنڌي زبان جو ڪهاڻيڪار مشتاق حسين شورو هو ۽ صلاحڪار بورڊ ۾ ظفر حسن آخر تائين شامل رهيو. انهيءَ ڊائجسٽ جا 6 شمارا شايع ٿيا جيڪي يادگار حيثيت رکن ٿا.

جنوري 1978ع ۾ ظفر حسن ۽ مون گڏجي ”عالمي ادب“ جو پهريون شمارو شايع ڪيو. ٻئي شماري جو مواد گڏ ڪرڻ جي باوجود، اسان

مالي مشڪلاتن ڪي منهن ڏيئي نہ سگهڻ ڪري، ان کي اڳتي جاري رکي نہ سگهياسين. ساڳئي وقت فيبروري 1978ع ۾ اعجاز قريشيءَ سان گڏجي ”سماجي سائنسون“ جو پهريون شمارو شايع ڪيائين، پر ساڳين مشڪلاتن جي ڪري اهو بہ جاري رهي نہ سگهيو. اهو شمارو اڄ بہ ظفر حسن جي وسيع نظر جي نشاندهي ڪري ٿو.
1977ع کان مارشل لا جو ضيائي دور شروع ٿيو. سياسي گهٽ ۽ ٻوسٽ جي ماحول ۾ اظهار جي آزادي تي پابنديون هيون. رسالن ۽ ڪتابن جي اشاعت محدود ۽ محتاط ٿي ويئي. هڪ ڏينهن هن مون سان صلاح ڪئي تہ ”چونہ پاڻ گڏجي هڪ ادبي ڪتابي سلسلو جاري ڪريون، جنهن لاءِ اسان ٻئي گڏجي ٿورو سرمايو سيڙايون. مواد جي چونڊ ان شرط تي ٿئي تہ شماري ۾ مواد جي چونڊ متفق راءِ سان ٿئي ۽ هجي ۽ وڪري جو انتظام يعني ورهاست جو نيٽ ورڪ پاڻ تي هموار ڪري، مارڪيٽنگ پاڻ ڪريون، پر پنهنجو نالو تيستائين ظاهر نہ ٿئي، جيستائين پهريون شمارو شايع نہ ٿئي.“ متفق فيصلو ٿيو ۽ مواد گڏ ڪرڻ لاءِ ليکڪ برادريءَ سان رابطو رکيوسين. اسان کي سٺي موٽ ملي ۽ مواد جي چنڊڇاڻ ڪري پريس ۾ ڏيئي ڇڏيوسين. ڇپائيءَ جي هر مرحلي جي نگراني منهنجي ذمي هئي ۽ مواد جي چونڊ ۾ گڏ ويهندا هئاسين. شروع ۾ اسان 100 صفحن جو شمارو شايع ڪرڻ جو رٿيو هوسين، پر پوءِ رفتہ رفتہ جو مواد وڌندو ويو، پرپور ۽ جامع ٿي پيو. آخر مارچ 1983ع دوران 300 صفحن تي مشتمل ”آرسي“ ڪتابي سلسلي جو پهريون شمارو مارڪيٽ ۾ آندوسين.ظفر حسن جو يونيورسٽيءَ ۾ ميل جول جو وسيع حلقو هو. پهرئين شماري جي موٽ ايڏي پرپور ملي جو ٻئي شماري جو مواد گڏ ڪرڻ ۾ دير ئي ڪانہ لڳي. انهيءَ سلسلي جا جنوري 1986ع تائين 5 شمارا شايع ٿيا، پر پوءِ ورهاست جي نيٽ ورڪ جي اوڻاين ۽ بڪ اسٽالن ۽ بڪ شاپس جي بي توجهي سبب ڪيترين ئي ڪاپيون بچي پيون، جنهن ڪري مالي نقصان جي ڪري اڳتي لاءِ پيسن جي کوٽ ٿيندي وئي ۽ بچيل ڪاپين جو ڍڳ ٿيندو ويو. ”آرسي“ پنجن شمارن شايع ٿيڻ سان ادبي حلقن ۾ تہ نالو ۽ ساک حاصل ڪئي، پر مالي طور کوٽ کي منهن نہ ڏيڻ سبب پاڻ پرو ٿي نہ سگهيو.
اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ ”آرسي“ جاري ڪرڻ کان اڳ، جڏهن مدد علي سنڌيءَ جو ”اڳتي قدم“ رسالو پرفيڪٽ پريس مان شايع ٿيڻ سان ٻيا

ڪتاب ۽ رسالا بہ اتان شايع ٿيڻ لڳا هئا تہ ڪتابن جي مارڪيٽنگ ۽ ورهاست لاءِ اسان گڏجي هڪ ادارو ”پارس مخزن ايجنسي“ نالي سان قائم ڪيو، پر جيئن تہ انهيءَ اداري کي هلائڻ لاءِ ڪنهن گهڻ-ويڪائو روزاني اخبار ۽ رسالي جي ورهاست جي سپورٽ نہ هئي، جيئن ڪاوش، عبرت ۽ ٻين کي آهي، تنهن ڪري اهو ادارو بہ پنهنجا پير پختا نہ ڪرڻ سبب اُسري نہ سگهيو ۽ جلد ئي بند ڪرڻو پيو.

1971ع ۾ جڏهن ملڪ پاڪستان ٽٽي پيو، اوڀر پاڪستان بنگلاديش بڻجي الڳ ملڪ ٿي ويو ۽ اولهہ پاڪستان ئي سمورو پاڪستان ٿي سامهون آيو تہ ملڪي سطح تي ڪيترين ئي تبديليون آيون. انهيءَ دور ۾ ظفر حسن ذهني ٽرانسفارميشن مان گذري ڪيترين ئي تبديلين کي نہ قبوليو. هو ٻي ڊپائي ۽ ٻي باڪيءَ سان سنڌ جي مسئلن تي سياسي، ادبي ۽ سماجي حلقن ۾ پنهنجو نقطہ نظر پيش ڪرڻ لڳو، جنهن ڪيس اختلافي شخصيت طور مڃي آندو. سندس نقطہ نظر کي صحيح سمجهڻ ۽ زباني ڪلامي درست مڃڻ جي باوجود سياسي، سماجي ۽ ادبي حلقن ۾ ڪيس غير حقيقي ۽ غير عملي چيو ويو، پر ظفر حسن پنهنجي موقف تي اٽل رهيو، جنهن جي اُپٽار لاءِ هن پنهنجي 45 هين جنم ڏينهن 14-08-1982ع کان ڊائري لکڻ شروع ڪئي، جيڪا هو زندگيءَ جي آخري وقت تائين لکندو رهيو. 15 کن سالن دوران لکيل سندس ڊائريون 3400 صفحن تي مشتمل آهن، جيڪي سندس ذاتي زندگي، سياسي صورتحال، ادبي حوالن ۽ سماجي واقعن تي ناقدانہ نگاهہ سان ڀرپور لکٽيون آهن.(1) 14 آگسٽ 1982ع کان 31 مارچ 1984ع تائين جو پهريون جلد، مارچ 2003ع ۾ شايع ٿيو هو.

---

ظفر حسن رٽابنديءَ ۾ نهايت ئي اعليٰ پايي جو رٽائون جوڙيندڙ هو ونس رٽائن جو اڻ ميو خزانو هو هو هميشہ ڪتاب لکرائڻ، ڇپائڻ ۽ ورهاست جي سُرشتي بابت ۽ سنڌي ادب جي نمائنده رسالي ۽ اخبار شايع ڪرڻ جون رٽابنديون ڪندو رهندو هو. هن اخبارن مان چونڊ مواد ڪٽي سنڌ واسين لاءِ هڪ ٻيو سلسلو ”عام جائزو“ نالي سان آگسٽ 1992ع ۾ شروع ڪيو پر ساڳئي ورهاست ۽ وڪري جي مسئلي سبب اڄ بہ سندس گهر جي ويئر هائوس ۾ ڍڳ ٿيو رکيو آهي. اصل ۾ ونس رٽابندي تہ هئي پر ڪاروباري تنظيم ڪاريءَ جي کوٽ هئي، جنهن ۾ ٽيم ورڪ جي ضرورت هوندي آهي ونس سنڌ جي ڪلچر، تاريخ، ٻولي، ادب، سياست ۽ سماجيات وغيره لاءِ هڪ وڏو پرسپيڪٽو هو پر افسوس جو پنهنجين صلاحيتن کي ڪنهن سطح تي استعمال ڪري نہ سگهيو هن سنڌ يونيورسٽي سوسائٽي جي گهر جي تہ خاني ۾ هڪ پبلشنگ هائوس قائم ڪرڻ جي رٿا رٿي هئي، جنهن کي هو عمل ۾ آڻي نہ سگهيو ۽ سندس وفات کان پوءِ اهو گهر بہ وڪامجي ويو سندس زندگيءَ جا اهڙي قسم جا ڪجهہ واقعا مون کي انگريزيءَ جي فڪشن رائيٽر جئڪ لنڊن(1976ع-1916ع) جي حياتيءَ جهڙا لڳندا آهن

پر ان کان پوءِ جو مواد ڇپائيءَ جو منهن ڏسي نہ سگهيو آهي. سندس ڊائري ۾ ادبي، سياسي ۽ سماجي ڳالهيون ۽ واقعا درج ٿيل آهن، جيڪي سندس هن سنسار مان هلئي وڃڻ کان پوءِ گهڻ ۾ گهڻ نئين نسل کي، نوان ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ لڳندا. اڄ اسان جي عام توڙي خاص حلقن ۾ سماجي، ادبي ۽ سياسي ادارن جي سرشتي جي تباهہ ڪاريءَ جون روئڻو رنو وڃي ٿو، جنهن جون عڪاس اسان جون اخبارون آهن. لکيل لفظ جي حرمت جي معنيٰ ڪالمن ۾ ڳولي وڃي ٿي، اديب تي اليڪٽرانڪ ميڊيا حاوي ٿيندو وڃي ٿو، تڏهن ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اڳاهون سوچ رکندڙ ظفر حسن جهڙن اديبن جي لکڻين کي لائيم لائيٽ ۾ آندو وڃي ۽ سندس ساڍا ٽي هزار صفحن تي ڦهليل ڊائريءَ جي مواد کي شايع ڪرڻ لاءِ سندن پونئرن سان لهہ وچڙ ۾ اچي، ايڊٽ ڪري ڇپائڻ جو انتظام ٿي سگهي، ٻي صورت ۾ اهو مواد ڊائرين ۾ بند پيو هوندو ۽ محفوظ نہ رهندو.

(ولي رام ولڀ جي ڪتاب ”يادون، ملاقاتون ۽ ڪجهہ اپياس“، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، 2016ع تان ورتل)

********

---

1970ع واري ڏهاڪي دوران، هو ڪجهہ عرصو سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ تڏهن ٽماهي ”مهراڻ“ جي ايڊيٽر طور بہ اضافي خدمتون سرانجام ڏنائين. سندس اڻامڪاريءَ ۾ تمام سٺا ڪتاب ۽ ٽماهي ”مهراڻ“ جا يادگار شمارا شايع ٿيا.

غلام نبي مغل

## ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بُوءِ بهار جي!

الائي ڪيترين بهار جون مندون گذري ويون آهن، پر ڪو ڪو انسان، دنيا ۾ رهيل پنهنجي بُوءِ ۽ طبيعت جي بهار ائين ڇڏي ويندو آهي جو اوهان ڪيس ڪنهن بہ موسم ۾ ياد ڪريو تہ هُو پنهنجي اعليٰ تربيت يافتہ طبيعت، موتئي جي گلن جهڙي خوشبو ۽ زندگي جي بهترين قدرن سان، اوهان کي محسوس ٿيندو رهندو. سچي جڳ جو گهٽگهرو ۽ دوستن جي چڱن مَنن ڪمن تي نظر رکڻ وارو دوست. اهڙو دوست، جو سيني جو پلو چاهيندڙ، سو هو سيد ظفر حسن. هُو اهڙو انسان هو جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو: Larger than Life.

ظفر حسن سان منهنجي ڏيٽ ويٽ ماهوار "سهڻيءَ" جي آفيس ۾ ٿي جت هو طارق اشرف سان ملڻ آيو هو. ڳالهہ نڪتي ماهوار سهڻيءَ جا ساليانہ خريدار تمام گهٽ آهن. ظفر حسن حيران ٿي ويو تہ اهڙي اعليٰ مخزن لاءِ ساليانا خريدار ناهن. ترت طارق اشرف کي چيائين خريداري ڪرڻ وارو رسيد بڪ ڏي. طارق هڪ بُڪ ڏنس. چيائين نہ هڪ ٻيو بہ ڏي. ٻيو وٺي، ظفر حسن مون ڏانهن مُڙيو: يار غلام نبي تنهنجا بہ ٽي افسانہ پڙهيا اٿم مونکي افسوس آهي تہ اوهان کي اڳ تعريف جا بہ اکر لکي نہ سگهيس. پاڻ ٻئي، هڪ ٻئي کي نالي سان سڃاڻو ٿا. پر منهنجي ذهن ۾ توهان لاءِ گهڻي عزت آهي، سا بہ جيڪو فڪشن ادب لکين ٿو اُنهيءَ ڪري، توهان قد بت ۽ عمر ۾ الاهي ننڍا آهيو پر لکو ائين پيا جڻ دنيا جي فڪشن رائٽرس منجهان هڪ هجو. موپاسان، اوهينري، چي خوف، البرٽو موراويا ۽ منٽو کي پڙهيو اٿو. مون جواب ۾ صرف ائين چيو تہ اهي سڀ ڪتاب تہ ڪونہ پڙهيا اٿم پر انهن ليکڪن جون گهڻيون ڪهاڻيون پڙهيم اٿم. ظفر حسن ڪلندي چيو "ويري گڊ" پوءِ طارق اشرف سان سهڻي جي ميٽر ۽ سيل بابت ڳالهين ۾ مصروف ٿي ويو.

ظفر حسن پوءِ سهڻيءَ جي اشاعت ۾ طارق سان پائيوار ٿي ويو ۽ سندس نالو ايڊيٽرشپ ۾ به اچڻ لڳو. حساب ڪتاب ۾ نهايت ايماندار هو. ان جي ابتڙ طارق اشرف کي رڳو ايتري ڄاڻ هئي ته پئسا اچن پيا ۽ سهڻيءَ جا بل به پرجن پيا ۽ پريس جا گهربل مٽيريئل به خريد پيا ٿين. حالتون سازگار آهن ۽ سمورو وقت سهڻيءَ لاءِ وقف هوندو هوس.
ڪجهه مهينن کان پوءِ طارق مونکي ٻڌايو ته ظفر حسن جو رويو صحيح ناهي. انهن ڏينهن ۾ ظفر حسن مونکي رستي ويندي پنڌ مليو ۽ چيائين تنهنجي دوست کي مخزن هلائڻ نٿي اچي. نڪو حساب ڪتاب رکي ٿو ۽ نڪي کيس ڄاڻ آهي ته ڪيترا پئسا آيا. مون ظفر حسن کي چيو: ”اوهين ٻئي ايماندار انسان آهيو. ضرور ڪٿي نه ڪٿي ڀُل چُڪ ٿي ويئي هوندي. وري رجسٽر چيڪ ڪريو.“
ظفر حسن ٺهڪ ڏنو ۽ چيائين :”توهين رجسٽر ڇنو ٿا هت ڪاپيءَ جو پنو ڪونهي. مونکي ڏهين ٻارهين هزارين جو فرق محسوس ٿئي ٿو. توهين چيڪ ڪري ڏسو.“
آءٌ طارق وٽ آيس اهو پاڻ نهايت پريشان هو. طارق کي ياد نه هو ته پئسا ڪيڏانهن ويا. مون ”سهڻيءَ“ جي آمدني ۽ خرچ جي آڊٽ ڪئي. مون کي به سمجهه ۾ نه آيو ته ڏهه هزار ڪيڏانهن ويا. نيٺ سهڻي جي خرچ ۽ آمدني کان پوءِ مون طارق کان پڇيو ته ”جڏهن تو سهڻي هلائي ته تو وٽ ٽائپ ڪيتري هئي. جواب مليم 6 پيج سنڌي، چار پيج اردو ۽ چار پيج انگريزي.“
مون پڇيو: ”هاڻ ڪيترا پيج آهن؟“
طارق ٻڌايو: ”چاليهه پيج سنڌي، ڏهه پيج اردو ۽ چار پيج انگريزي.“
آءٌ ڳالهه سمجهي ويس ۽ پڇيم: ”ايترن پيجن جا پئسا ڪيترا ٿيندا.“
طارق جواب ڏنو:”پنڌرهن سورهن هزار رپيا!“
مون کلي پڇيو مانس:”اهي پئسا ڪٿان آيا؟“
طارق وراڻيو: ”سهڻي جي سيل منجهان!“
”انهن پئسن جو ڪو حساب لکيو اٿئي؟“
طارق چيو: ”نه. ڪجهه رسيدون آهن.“
ٻئي ڏينهن ظفر حسن سان ويهي سڄو حساب ڪيوسين. طارق چپ هو. نيٺ ظفر حسن سمجهي ويو ته طارق سيل مان آيل پئسن مان پريس لاءِ نئين ٽائپ ورتي آهي. پر سندس ڏوهه اهو هو ته حساب ڪونه لکيائين، صرف ڪجهه ڪيسن ۽ ميز جي خانن ۾ رسيدون پيون هيون.

انهيءَ  کان پوءِ ظفر حسن وري ساڳيو ظفر حسن ٿي ويو. پر پنجن ڇهن مهينن کان پوءِ هن پنهنجي پريس پرفيڪٽ پريس، ڪينٽومينٽ ٿاڻي سامهون کولي. جنهن کي هلائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪيائين پر هلائي نہ سگهيو. سندس ايمانداري آڏو آئي. الائي ڪيترا ماڻهو ڪيترو ڪيس نقصان پهچائي ويا پر طارق اشرف ۽ مون سان اڳ وانگر دوستانا ناتا قائم رکيائين.

ظفر حسن نهايت ايماندار ماڻهو هو. دوستن جو دوست ۽ مخالفن سان ڪوبہ تعلق نہ هوندو هوس. سنڌ جو سچو عاشق هو. ايتريقدر جو جنهن دوست اردو زبان سان ڪو لاڳاپو رکيو تہ ان کي صاف چئي ڏيندو هو تون سنڌ جو پٽ ناهين، تو سان ڪونہ ڳالهائيندو. اهو سلسلو ان جو آخر تائين هو. اهڙن دوستن جن سان هٿ ملائڻ ۽ ڳالهائڻ گناهہ سمجهندو هو تن مان عبدالقادر جوڻيجو ۽ امداد بہ هئا. انهن جو ڏوهہ اردو ادب سان وابستگي هئي.

بهرحال، سنڌ چاڻو وڏو انسان هو جيڪو سنڌ جا سور سهي سهي، ننڍي عمر ۾ اسان  کان جدا ٿي ويو. چڱا ماڻهو ائين جلدي جهان ڇڏيندا آهن. ظفر حسن بہ انهن منجهان هڪ هو. ظفر حسن هڪ وچولي سيد گهراڻي مان هو. سندس ڳوٺ حيدرآباد شهر کان ويندڙ ريلوي جي پهرين اسٽيشن ڪٽياڻ هو. سندس والد سنڌ ڪو آپريٽو بئنڪ ۾ انسپيڪٽر هو. اها بئنڪ  اڃا بہ بند حالت ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي سامهون موجود آهي. ظفر  حسن يونيورسٽي آف سنڌ ۾ پڙهيو بہ ۽ استاد بہ رهيو. هو آخر ۾ جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر هو ۽ تڏهن دل جي تڪليف جي ڪري، سيني دوستن کي، سنڌ کي ۽ انسانيت کي الوداع چئي نهايت آرام سان هي جڳ ڇڏي هليو ويو. پر جن سان هن جي جاڻ سڃاڻ، ياري ۽ ميل ميلاپ هو، سي يار سڀ ڪيس اڃا تائين ياد ڪندا آهن.

سنڌي ادب سان عشق هوس. سندس پهريون افسانو ”قرض“ سهڻيءَ ۾ ڇپيو. سندس ڪهاڻين جو ڪتاب ”رهيل قرض“ بہ ڇپيو هو.

بهرحال گلاب جهڙو انسان اسان کان جلدي وڇڙي ويو. اهڙي انسان جي خوشبو سدائين محسوس ٿيندي رهندي.

ڪراچي

28-8-2020

علي بابا

## ظفر حسن ۽ سندس هڪ ڪهاڻي

"رهيل قرض" ۾ مون کي سڀ کان وڌيڪ سٺي ڪهاڻي "ڪني پاڻيءَ جو تلاءُ" لڳي. اها ڪهاڻي ماحوليات (Environment) ۽ انساني ڪيفيتن جي عجيب ڪهاڻي آهي، جنهن کي ظفر حسن تمام سهڻي نموني نباهيو آهي. پر مان هتي رڳو "ياڳ نياڳ" ۽ ظفر حسن تي ڳالهائيندس. "ڏاريو"(Out Sider)جي ليکڪ البرٽ ڪامئو پنهنجي"ڏاريو" ناول تي هڪ نوٽ لکيو، "ڏاريو جي جوڙڻ ۾ ٽي ماڻهو داخل هئا. ٻه مرد (جن مان هڪ مان پاڻ هئس) ۽ هڪ عورت."

"ياڳ سياڳ" ۾ به ڪجهه ائين ئي لڳي ٿو. ان ۾ فقط ٻه ڪردار (هڪ ظفر حسن پاڻ آهي)، ۽ ٻي سندس ماءُ، جا سنڌ ڌرتي آهي.

ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنڪ به ڪا نئين ڪانهي. ڪهاڻي فرسٽ پرسن درفرسٽ پرسن ۾ آهي. روايتي انداز سان لکيل، ڪنهن به هيرا ڦيريءَ کان سواءِ. بلڪل سادڙي نموني سان لکيل سياسي ڪهاڻي.

ڪهاڻي هن انداز سان لکيل آهي: "آءٌ هڪ امير ماڻهن آهيان، زميندار به آهيان ته وڏيرو به. اسيمبليءَ جو ميمبر به چونڊيو ويو آهيان. شوقين به آهيان ته عياش به. ٽنهين قسمن جو شڪاري آهيان. جانورن جو، ماڻهو جو، زائفائن جو."

ظفر حسن جو اهو وڏيرو سياسي ۽ سماجي سُڌ ٻُڌ به رکندڙ آهي. ڪيس سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ٿوري نه بلڪ گهڻي ڄاڻ آهي.

اهو وڏيرو هڪ ايڊيٽر کي گهرائي ٿو. سنڌي ادب تي بحث ٿئي ٿو.

ايڊيٽر چوي ٿو: "سنڌي ٻولي غريب آهي ته آءٌ به غريب آهيان. سنڌي اديب بهترين ڪتاب تخليق ڪن ٿا پر سرڪار پاران انهن جي ڪا به همٿ افزائي نٿي ٿئي."

ڪهاڻيءَ ۾ بئنڪن ۽ ڪارخانيدارن کان سنڌي ڪتابن کي انعام ڏيارڻ جو تصور ڏنو ويو آهي.

۽ وڏيرو، ايڊيٽر کي پنهنجي طرفان ڏهه هزار روپيا ڏئي ٿو.

ٻئي ڏينهن وڏيرو هڪ پڙهيل فلم ڊائريڪٽر سان سنڌي فلم تي بحث ڪري ٿو:

سنڌي فلم تي جيترو خرچ ڪيو ويندو اوترا پئسا ڪڏي سگهندين؟"
"سنڌي فلم، اردو ۽ پنجابي فلمن جيترو منافعو ڏئي سگهي ٿي. فلم کي پرڏيهي ٻولين ۾ ڊب ڪري پرڏيهي ملڪن ۾ هلائي سگهجي ٿو، ۽ اها بين الاقوامي ميلن مان انعام حاصل ڪري سگهي ٿي. سڀ کان گهٽيون فلمون هندي ٻوليءَ ۾ ٺهنديون آهن، پر انعام بنگالي فلمن کي ملندا آهن..." وغيره .
۽ وڏيرو رقم ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويچي ٿو.
وڏيري جو ذاتي سوال به ڪڙو ٿي ويچي ٿو.
(جنهن جو جواب آهي.)
"ڏهن سالن کان ساڳي حڪمران پارٽيءَ ۾ ان لاءِ آهيان ته اسان جا ڪم ٿي اهڙا آهن. جي ملڪ ۾ ٿورو به انصاف هجي ته ٽيپ ڪائي وڃون! ڪا ننڍي نيٽي دل تي ديرو ڪري ته خون ڪرائي وجهون. هاريءَ ناريءَ کي دڙڪي داٻ ۾ رکيو وينا آهيون. پوليس معنيٰ سرڪار، ان ڪري ان جي مخالفت جو سوال ئي ڪونهي. اسان جو رڪارڊ ڪارو ڪڻ لڳو پيو آهي. ان ڪري ڪانئر بڻجي رهڻو ٿو پوي. باقي چوندباسين سدائين اسين وڏيرا ۽ سدائين سنڌ ۽ سنڌين کي لٽي، ماري تباهه ڪرڻ ۾ ڪابه گهٽتائي نه ڇڏينداسين... وغيره".
وڏيري جو ڪردار ڪجهه به آهي، پر هو حيدر بخش جتوئيءَ کان سخت متاثر آهي، جو پئسو نه هئڻ ڪري اليڪشن ۾ سدائين هارائيندو آهي. سنڌي وڏيرن ڪڏهن به هن کي چونڊن ۾ سوپارو ٿيڻ نه ڏنو.
۽ وڏيرو سوچي ٿو ته: "هي اهو ماڻهو آهي جنهن سان اسان جي سنڌ جو ياڳ لکيل آهي." وڏيري کي مرڪ ڏاڍي وڻندي آهي، محبوبائن کان وڌيڪ.
هو هڪ هنڌ سوچي ٿو:
"اسين سنڌي ڪيڏا نه ظالم آهيون جو اسان ڪيس ڏک ڏيئي سندس مُرڪ کسيندا رهندا آهيون."
"هن ڀيري اليڪشن جون تياريون آهن. آءٌ اليڪشن ۾ ڪٽي ٿو ڪٽان، پر آءٌ جيڪڏهن جيل ۾ هوندس ته به فارم ڀريندس. اهو منهنجو حق آهي."
(يا)
"اوهان هيترا ڀيرا جيل ۾ ويا، هيترا ڀيرا تقريرون لکيون، پر اوهان اليڪشن ۾ سوڀارا نه ٿيا. اوهان کي ڪاوڙ ته ڏاڍي ايندي

هوندي؟“

”اوهان غلط سمجهيو آهي. آءٌ هي مسئلا ۽ تقريرون عوام آڏو ڪندو آهيان. اهو منهنجو فرض آهي ۽ چوندن ۾ بيهڻ جو مقصد به اهو آهي، ته جيئن اهي مسئلا اسيمبليءَ ۾ پيش ڪري سگهان، ته جيئن مسئلا حل ٿي سگهن. پر جيڪڏهن چوندن ۾ سوڀارو نه ٿيان ته تقريرون ڪرڻ بند ڪري ڇڏيان. هڪ سنڌيءَ جي حيثيت سان اهو منهنجو فرض آهي. کٽڻ يا نه کٽڻ منهنجو مقصد ڪونهي، جيئن پاڻيءَ جو مسئلو اسان سڀني جو گڏيل مسئلو آهي وغيره.“

آخر ۾ وڏيرو مٿس زور ٿو ڀري ته: ”هن ڀيري اوهان جي اليڪشن جو خرچ آءٌ ڀريندس. ڀلي لکن ۾ اچي، اهو منهنجو فرض ۽ سنڌ جو حڪم آهي.“ ۽ هو انهيءَ ليڊر کي راضي ڪري ٿو وٺي.

انهيءَ موڙ تي پهچي ڪهاڻي فرسٽ پرسن در فرسٽ پرسن ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. ۽ اهو سڄو تصور ٿو لڳي هڪ مفلس نوجوان جو، جيڪو جڻ سپني مان جاڳي ٿو پوي. سندس ماءُ ڪلي چوي ٿي:

”ماڻهو رات جو خواب ڏسن، تون ڏينهن ڏٺي پيو خواب لهين.“

پٽ جواب ٿو ڏئي:

”امان! ڪيترا به اسين غريب ڇو نه سهي، پر اسين اهو ڪجهه سوچي سگهون ٿا، جو امير به سوچي نه ٿا سگهن.“

ڪهاڻي انت تي پهچي ٿي.

ڪهاڻيءَ ۾ ظفر حسن ذهني ۽ جسماني طور داخل آهي. ان ڪهاڻيءَ کي لکئي ٽيهه سال گذري ويا آهن، پر سنڌ جي سياسي ڪهاڻي ته اڄ به پنهنجي زور ۽ شور سان اتي جو اتي بيٺي آهي. سرمد جي شعر جيان:

”ازل جي ننڊ مان جاڳيس، ڏٺم ته فتني جي رات اڃا برقرار آهي. مان وري چادر تاڻي سمهي پيس.“

(ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 3-2007/4ع تان کنيل)

********

## حميد سنڌي

# ظفر حسن- هڪ باوقار شخص

جڏهن شيخ اياز سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو تہ ڪن ماڻهن جي ڪنن ڀرڻ تي شيخ صاحب ظفر حسن تي ناراض ٿي پيو. هڪڙي ڏينهن ظفر حسن مون سان مليو ۽ مون کي چيائين تہ يار منهنجو فائيل شيخ صاحب جي ٽيبل تي پيو آهي، پر هو ان تي صحي نٿو ڪري. مون چيومانس تہ شيخ صاحب جي فائيل تي صحيح ٿيڻ سان تنهنجو ڪهڙو ڪارج سرندو؟ تہ مونکي چيائين دراصل آءٌ چاهيان ٿو تہ منهنجو پروموشن 19 گريڊ ۾ ٿئي تہ آءٌ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿي سگهان ۽ پنهنجي پراڻين خواهشن جي تڪميل ڪندي سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪري سگهان. مون چيومانس هل مون سان. اسان جڏهن شيخ صاحب جي آفيس واري ڪمري جي ڀرسان پهتاسون تہ پاڻ ٻاهر ٻيهي رهيو ۽ آءٌ اندر هليو ويس. شيخ اياز صاحب مون کان پڇيو تہ اهو ٻاهر ڪهڙو ماڻهو ٻيهاري آيو آهين؟ مون چيومانس تہ ظفر حسن سيد آهي. ڏاڍو بهترين ماڻهو آهي، ماڻهن توهان کي ان بابت الائي ڇا چيو آهي. توهان ان تي ناراض آهيو الائي ڇا؟ سندس فائيل گهٽ ڏينهن کان توهان جي ٽيبل تي پيو آهي. توهان ان تي صحي نٿا ڪريو.جنهن تي شيخ صاحب چيو يار واقعي سيد ظفر حسن بهترين ماڻهو آهي، ماڻهن ان بابت مونکي غلط ٻڌايو هو. هن منهنجي ڪتاب ”ڀڳت سنگهہ“ جي ڏاڍي واکاڻ ڪئي آهي. تنهن جي معنيٰ هن مون کي سمجهيو آهي. سڏ ڪرينس تہ آءٌ فائيل صحي ڪري ڏيانس ۽ انهيءَ جو انهيءَ مهل فائيل صحي ڪري ڏنائين.

سائين اصول پرست هو، مون کي ياد آهي تہ سيد ظفر حسن صاحب مون سان ڏاڍو ناراض ٿيو هو، جڏهن منهنجي ڪتاب ”ويرون“ کي سرڪاري طور پنجويهہ هزار روپيہ انعام مليو تہ سيد مون کي چيو توهان ضياءُ الحق کان اِهو انعام نہ ونو، جو ضياءُ سنڌي ماڻهن جو

قاتل آهي. مون چيومانس ته انعام وٺڻ ۾ هڪڙو آءٌ ڪونه آهيان. تنوير عباسي وارا به آهن. اسان کي پنهنجي محنت ۽ فن جو سِلو مليو آهي. اسان انهن پئسن مان سنڌي زبان جا ٻيا ڪتاب به ڇپرائيندا سون پئسا گهر ڪونه کڻي وينداسون تڏهن مس مس وڃي همراهه راضي ٿيو.

سيد ظفر حسن کي جو ڪجهه سمجهه ۾ ايندو هو منهن تي سامهون چئي ڏيندو هو. ان کان بعد دل ۾ نه رکندو هو. سائين ڪجهه عرصو اڳ مون کي هڪ ادبي رهاڻ ۾ مليو ۽ ياڪر پائيندي چيائين ته يار ملوئي ڪونه ٿا. چڙ ته پهرين واري ناراضپي واري ڳالهه سندس ذهن تي ئي ڪانه هئي. ظفر حسن ۾ تمام گهڻو "ول پاور" هو. اهڙا ماڻهو تاريخ ۾ هميشه متانهن صفحن تي پنهنجو نالو لکرائيندا آهن ۽ تاريخ انهن کي وڏي احترام سان ياد ڪندي آهي.

(ماهوار عوامي امنگ، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

********

امداد حسيني

## ظفر حسن جا خواب ۽ انهن جي تعبير

خواب اهڙا ڏسجن جيڪي اکين ۾ سمائجي سگهن ۽ ظفر حسن اهڙائي خواب ڏٺا. "ڏرتي" رسالو هن جي اهڙن خوابن جي تعبير هو. هو هميشہ چوندو هو "امداد پاڻ گڏجي ڪم ڪنداسين." جيتوڻيڪ ظفر حسن سان ڪم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو ۽ ائين مون ڪيس چيو بہ هو، پر هن اهو پڪو پهہ ڪيو هو. ظفر حسن هڪ ڪلمڪ ماڻهو هو. ڳالهہ ڳالهہ تي ٺهڪ ڏيڻ وارو ظفر حسن پوءِ هوريان چپ ۽ ڳنڀير رهڻ لڳو هو. شايد ان ڪري جو هن جيڪا "سنڌ" ڏسڻ تي گهري سان هن جي اکين کان الوپ تي رهي هئي. ظفر حسن پنهنجا خواب اسان وٽ ڇڏي ويو آهي. ڇا اسان ۾ ڪنهن جون اهڙيون اکيون آهن جو اهي خواب انهن ۾ سمائجي سگهن! ظفر حسن اڪيلي سر حالتن سان ويڙهہ ڪاڏي. سنڌ، سنڌي ساهت ۽ ٻوليءَ جي معاملي ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن سان بہ ناهہ نہ ڪيائين. هن جي آڌو هڪ مشن هو، جيڪو جاري رهڻ گهرجي ۽ ظفر حسن لاءِ صحيح معنيٰ ۾ اهو ئي خراج تحسين آهي.

### هُري ٿو هانو تي

جڏهن بہ ياد ٿو ڪريان وطن وطن،
تڏهن هُري ٿو هانوَ تي "ظفر حسن!"

جڏهن بہ قول فعل ساڳيا رهن،
جڏهن بہ ٿو ٻڌان ڪٿان سچا سخن،
لُڇي ٿي لُونءَ لُونءَ لوءِ جي لڳن،
۽ نيڻ سنڌ لاءِ خواب ٿا ڏسن،
تڏهن هُري ٿو هانوَ تي ظفر حسن!

جڏهن اديب سنڌ لاءِ ٿا لکن،
۽ سٺ سٺ ساھ ٿا سچا رهن،
ڪڏهن بہ ڏاڍ جي اڳيان نہ ٿا جهڪن،
۽ ڪنهن بہ واڪ تي نہ ٿا وڪامجن،
تڏهن هُري ٿو هانوَ تي ظفر حسن!

جڏهن ڏکن جا ڏينهن ڏيهہ تان لهن،
جڏهن بہ گاهہ ٿا گسن مٿان گسن،
بهار ۾ نوان گلاب ٿا ڦُٽن،
جڏهن بہ "يوسف" ۽ "نذر" نظر اچن،
تڏهن هُري ٿو هانوَ تي ظفر حسن!

جڏهن بہ ياد ٿو ڪريان وطن وطن،
تڏهن هُري ٿو هانو تي ظفر حسن!

********

(*يوسف ۽ نذر ظفر حسن جا فرزند آهن)

(ماهوار عوامي امنگ، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

الطاف شيخ

## هڪ پياري انسان ۽ سٺي اديب ظفر حسن جي ناليِ

ظفر جي جدائيءَ جو ڏاڍو ڏک اٿم. هو نہ ڪنهن جي گلا ڪندو هو نہ اجائي خوشامد. ڪيڏو نہ محنتي، ايماندار ۽ حليم شخص هو. هر وقت منهنجي همت افزائي ڪيائين ۽ سٺيون صلاحون ڏنائين. سندس بابت وڏيڪ لکڻ بدران انگريزي اخبار Dawn ۾ شيخ عزيز جون ڏنل ڪجهہ سٽون ڏيان ٿو:

ليکڪ، اديب، ڪهاڻيڪار، تنقيدنگار ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي سيڪريٽري سيد ظفر حسن جي اوچتي موت سبب، سنڌي ادب کي ٿوري عرصي ۾ ٻئي هڪ ٻيو وڏو صدمو رسيو آهي. آچر ڏينهن حيدرآباد ۾ ظفر حسن دل جي بيهڻ سبب 61 سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويو.

ظفر حسن تمام وڏو تنقيدنگار هو ۽ تنقيدنگاريءَ سان گڏ هن ڪيترين ئي خوبصورت ڪهاڻيون بہ لکيون. پاڻ ٽماهي مهراڻ سميت ڪيترن ئي رسالن جو ايڊيٽر پڻ رهيو.

ظفر حسن پيشي جي لحاظ کان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ استاد هو. سنڌي ادبي سنگت کي متحرڪ ڪرڻ ۾ سندس تمام اهم ڪردار هو. هو 14 آگسٽ 1937ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس خاندان ٻنن پيڙهين کان تعليم جي شعبي ۾ ڪيل خدمتن جي حوالي سان، سڄي سنڌ ۾ چڱي ناماچاري رکي ٿو. پاڻ شروعاتي تعليم حيدرآباد ۽ ماسٽرس سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. ڪيس ننڍي عمر ۾ ئي لکت جي ڏات ملي وئي هئي. هن لکڻ جي شروعات (اٺويهہ سؤ پنجاهہ) واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ ڪهاڻيون لکڻ سان ڪئي، ان کان پوءِ هن سنڌي ادبي سنگت کي منظم ڪرڻ طرف ڌيان ڏنو، تڏهن هن جي سامهون وڏو مقصد سنگت جي پليٽ فارم تان جديد ادبي لاڙن جي ترويج ڪرڻ هو.

جڏهن سٺ واري ڏهاڪي ۾ سنڌي ادب جي فڪري جوهر ۾، ون يونٽ واري سياسي گهماگهميءَ سبب تبديلي اچڻ لڳي هئي، تڏهن ظفر حسن سنڌ جي سماجي ۽ اقتصادي مسئلن کي ڪهاڻين، تنقيدي مضمونن ۽ مقالن ذريعي ڀرپور انداز ۾ پيش ڪيو. هو ان دور ۾ ئي ڪيترن اهڙن ادارن سان گڏجي ڪم ڪرڻ لڳو، جن جو مقصد ڪتابن ۽ رسالن وغيره ڇپائڻ ذريعي سنڌي ادب کي ترقي ڏيارڻ هو. اهڙي ڪم جي سلسلي ۾ سندس ادارت هيٺ نڪرندڙ ٻن رسالن ”ڌرتي“ ۽ ”آرسي“ کي ڳڻائي سگهجي ٿو. ادب جي ترويج لاءِ هن 1970ع ۾ هڪڙي پرنٽنگ پريس به لڳائي، جنهن جي ڪري ڪيترن ئي اديبن کي پنهنجي تخليقي مواد ڇپائڻ ۾ ڪافي مدد ملي.

هو هڪ تخليقڪار جي حيثيت ۾ ترقي پسند تحريڪ سان آخري دم تائين لاڳاپيل رهيو ۽ هن جو سماجي حقيقت نگاريءَ ۾ پڪو ايمان هو. هو شعوري طور تي ٺلهيءَ نعري بازيءَ کان پري رهيو. هو سچائيءَ، ايمانداريءَ، غير جانبدارائپ سان ڪم ڪرڻ ۾ يقين رکندو هو. هن جي سخت ۽ غير جانبدارانه تنقيد، ڪيترن ئي موقعن تي سندس همر عصرن کي پسند نه آئي، پر پوءِ به هو پنهنجي راءِ تان هرگز نه هٽيو ۽ پنهنجي لڳن ۾ مگن رهيو. ايستائين جو جنرل ضياءَ جي مارشل لا واري دور ۾ به هن پنهنجي اصولن تي سودي بازي نه ڪندي ”اهلِ قلم ڪانفرنس“ ۾ شرڪت کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

هڪ استاد جي حيثيت ۾ به ظفر حسن يونيورسٽيءَ اندر پنهنجي شاگردن لاءِ بهترين استاد طور سڃاتو ويندو هو. هو آخري وقت ۾ به لکڻ، پڙهڻ ۾ مشغول هو.

(الطاف شيخ جي ترجمو ڪيل ناول ”گئشا گرل“ جي انتساب ڪيل مواد تان کنيل)

********

ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

## سيد ظفر حسن سان لاڳاپيل منهنجون يادگيريون

سيني کي خبر آهي تہ سيد ظفر حسن سنڌ يونيورسٽيءَ جي جاگرافي ڊپارٽمينٽ جو پروفيسر هو. نهايت نفيس، مهذب ۽ اصول پرست انسان هو. هن جي مون سان ڏيٺ وائٺ پهريون غائبانہ ٿي. هن انسان شناس دوست ۽ قدردانيءَ جا ڪٿا ڪيترن جي پيٽ ۾ وڌيڪ هئا. ان زماني ۾ مان جوشيلو ۽ جذباتي ليکڪ هئس. "هلال پاڪستان" ۾ منهنجو هفتيوار ڪالم "آئينو ۽ اولڙو" ڇپبو هو. انهن ڪالمن سندس توجهہ ڇڪرايو ۽ اسان قلمي يار ٿي وياسين .

سيد ظفر حسن سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿيو تہ مون سان صلاح مصلحت ڪندو هو. ڪراچيءَ انديا جا اديب ايندا هئا تہ ڪراچيءَ اچي انهن سان ملڻ وقت مون کي بہ وٺي ويندو هو. هڪ دفعي انهن سان مشاعري جي محفل رچائي وئي تہ سيد ظفر حسن ان ۾ وٺي ويو ۽ مون کي ڪجهہ نہ ڪجهہ پڙهڻ لاءِ تاڪيد ڪيائين. مون پنهنجو آزاد نظم "غير مشروط پيار" پڙهيو جيڪو دوستن کي ڏاڍو وڻيو.

مان مادام مهتاب اڪبر راشديءَ جي ذاتي ڪوشش ۽ دلچسپيءَ سان سنڌالاجيءَ ۾ ڊيپوٽيشن تي ڊپٽي ڊائريڪٽر ٿي آيس تہ سيد ظفر حسن کي منهنجو اچڻ سٺو لڳو.

سيد ظفر حسن سان گڏجي اسان وقت جي پابندي، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان عشق ۽ سنڌ-دشمنن سان نفرت جو راسخ ڪلچر پيدا ڪيو. ٻئي عملي سياستدان ڪونہ هياسين. پر نظرياتي طور تي ڪن ڳالهين ۾ ڪٽر هياسين. ضياء جو ظلمي زمانو هو. هو سنڌ-دشمنيءَ سبب اسان کي ڪونہ وڻندو هو. هن سنڌي اديبن جي خريداري جي بازار لڳائي. ڪيترن کي وڏا عهدا مليا. انهيءَ مال پڙيءَ ۾ مون کي بہ هڪ عهدي جي آڇ ڪئي وئي. مون انڪار ڪيو تہ اهو اڪيڊمي آف ليٽرس وارو عهدو مرحوم غلام رباني آگري کي مليو .

اڪيڊمي آف ليٽرس جا ساليانہ ميڙ ٿيندا هئا تہ سيد ظفر حسن ۾ مان جهاز جون ٽڪيٽون ۽ دعوتناما ڦاڙي ايجنٽن کي موٽائي ڏيندا هئاسين. جيڪو سرڪاري فنڪشن ۾ گڏجاڻيءَ ۾ ويو، اهو سيد ظفر حسن ۽ مون مان ڦاٽو. ان سان مڪمل سوشل بائيڪاٽ ڪندا هئاسين. اهڙي ماڻهو کي هٿ بہ ڪونہ ڏيندا هئاسين. اسان ٻنهي مان گهڻا اديب ۽ شاعر ناراض هئا ۽ لهرائيندا بہ هئا.

اهڙي ماحول ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن طرفان وڏو جلسو ٿيو. شاگردن اسان جي ڳالهہ سمجهي ۽ مڃي. هنن ڪنهن اهڙي کي دعوت نہ ڏني، جيڪو حڪومت-دوست يا حڪومتي حڪمت عملين سان سهمت هجي. ان ڪري انهيءَ فنڪشن جي صدارت سيد ظفر حسن جي صلاح سان مون ڪئي. زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڪلاشنڪوفن ۽ ڳاڙهن جهنڊن جي ڇانو ۾ مون سلامي ورتي.

سيد ظفر حسن ۽ مان جهڙوڪ هڪ سڪي جا ٻہ پاسا هوندا هئاسين ۽ هڪ ٻئي تي ڪڙي نظر رکندا هئاسين. ظفر حسن ڪن ڳالهين ۾ مون کان وڌيڪ پختو هو. هن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ "سنڌي ادبي سنگت" جي شاخ کي فعال رکيو. ڪيترين گڏجاڻيون اسان وٽن هيٺان ڪيون.مان جيڪڏهن ڪنهن ادبي گڏجاڻيءَ ۾ پهچڻ ۾ دير ڪندو هئس تہ ڪاوڙجي پوندو هو ۽ چوندو هو تہ "ٻوليءَ جي خدمت روزي نماز جهڙي اهميت رکي ٿي."

وقت جي پابندي مون کان وڌيڪ ظفر حسن ڪندو هو. هڪ دفعي "ڪوٽڙي سنڌي ادبي سنگت" سيد ظفر حسن جي صدارت ۾ منهنجي ليڪچر جو پروگرام سٿيو. فنڪشن شام جو 5 وڳي ٿيڻو هو. اسان ٻئي وقت تي اتي پهتاسين. پنڊال سجايل هو. مگر ڪو ماڻهو ڪونہ پهتو هو. مون ليڪچر ڏنو ۽ سيد ظفر حسن صدارتي تقرير ڪئي. اتان اٿي ڪوٽڙي پريس ڪلب وياسين ۽ پريس رليز جاري ڪئي سين. اهڙن روين ۽ واقعن جو مثبت اثر ٿيو .

سيد ظفر حسن همت افزائي ڪرڻ ۽ چڱي ڪم ۾ اڳرائي ڪري مدد ڪندو هو. مان اجان ڪراچيءَ ۾ هئس تہ ٻارن جي لاءِ ڪهاڻيون لکيون. نالو ٻارن جو مگر هيون وڏن لاءِ سياسي ۽ نظرياتي ڪهاڻيون. سخت سينسر شپ ڪري ايئن ئي ٻارن جي نالي ۾ لکڻ سولو هو. منهنجي ڪهاڻي "ڇانو ٻنا وڻ" ضياء جي خلاف هئي. ٻي ڪهاڻي "درد جو دارون" لطيف ۽ شاہ عنايت جي تحريڪ تي لکيل

هئي. اهي ڪهاڻيون سيد ظفر حسن ”سنگت“ رسالي ۾ ڇپرايون.

سيد ظفر حسن وڏي وٿ هو. هن ماڻهن جي نظرياتي تربيت ڪئي. هن جي نظرياتي شاگردن وڏا سياسي ڪم ڪيا. ڊاڪٽر حفيظ قريشيءَ جو مثال ڏئي سگهجي ٿو. هن مائي جندو جي مدد ڪئي ۽ ٽندو بهاول جي شهيدن جو رت رائگان ڪرڻ نه ڏنو.

********

## پروفيسر اعجاز احمد قريشي

## ظفر حسن ۽ منهنجو ساٿ

هي 65-1964ع جو زمانو آهي مان سنڌ يونيورسٽي ۾ بي. اي (آنرز) اڪنامڪس ۾ داخلا جي تياري ڪري رهيو هوس. دائود ڪاليج مان انٽر آرٽس پاس ڪري چڏي هيم ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلائن جو اعلان ٿي چڪو هو. هي اهو ئي دور هو جنهن ۾ ملڪ ۾ "ون يونٽ" مڙهيل هو ۽ ايوب جو دور هو، ون يونٽ جي خلاف سنڌ ۽ ٻين صوبن ۾ تحريڪ هلي رهي هئي، انهيءَ دور ۾ ئي سنڌي ٻوليءَ جي حق لاءِ پڻ مختلف تنظيمن طرفان ڪافي مظاهرا وغيره ٿيندا رهيا. 65-1964ع واري سيشن ۾ منهنجي داخلا ٿي چڪي هئي ۽ مان سنڌ يونيورسٽي جي هاسٽل جي A بلاڪ يعني ابن خلدون هاسٽل ۾ رهڻ لڳس. هن ئي دور ۾ رسالو "روح رهاڻ" نڪرندو هو جيڪو سنڌ جي حقن جي ڳالهه ڪندو هو ۽ مان ان رسالي کي 1964ع کان پڙهڻ شروع ڪيو هو. انهيءَ ساڳئي دور يعني 1965ع کان سهڻي رسالو نڪرڻ شروع ٿيو. مان بنا دير جي جاگرافي شعبي ۾ ويجي محترم ظفر حسن صاحب سان مليس ۽ ڪيس ٻڌايم تہ مان سهڻيءَ جو ساليانو خريدار ٿيڻ چاهيان ٿو. ظفر حسن صاحب ٿورو اچرج ۾ پئجي ويو تہ هڪ سنڌي نوجوان شاگرد پاڻ خريدار ٿيڻ لاءِ هلي آيو آهي ڇو تہ هن چواڻي تہ اسان ماڻهن ڏانهن وڃي خريدار ٿيڻ لاءِ منٿ ڪندا آهيون. بهرحال، هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مون کي ڏاڍي عزت ڏنائين. مون ڪيس ڏهہ رپيہ ڪڍي ڏنا ۽ هن مون کي رسيد ڪڍي ڏني ۽ پوءِ مون کي سهڻي رسالو ماهوار ملڻ لڳو. ظفر صاحب مون کي پنهنجي گهر اچي چانهہ پيئڻ جو چيو. پاڻ ان وقت هيرا آباد ۾ رهندو هيو.

مان شام جو سندس گهر ويس، پاڻ تمام بهترين طريقي سان چانهہ سان گڏ بسڪيٽ، سنبوسا، گهيچا ۽ پاپڙن سان خاطر تواضح ڪئي. سائين سان تمام دلگهي ڪچهري ٿي ۽ سنڌ جي مسئلن تي ڪافي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي سون. مون کي ٻئي ڏينهن "سهڻي" جي آفيس

وٽي هلي طارق اشرف سان ملائڻ جو چيائين. اهڙي نموني سان يونيورسٽيءَ جي ٽائيم کان پوءِ ٻئي ڄڻا گڏجي سهٽيءَ جي آفيس وياسين. آخر هلندي هلندي سيد ظفر حسن سان منهنجي دوستي ٿي وئي. هفتي ۾ ظفر صاحب سان ٻه ٽي ملاقاتون ضرور ٿينديون هيون. ظفر حسن دل جو انتهائي صاف ماڻهو هو ۽ تمام گهڻو پڙهاڪ هيو ۽ مون کي پڻ ڪيترن ئي ڪتابن پڙهڻ تي اتساهيندو رهندو هو. ظفر حسن وٽ پنهنجي بهترين لائبريري موجود هوندي هئي ۽ مهيني ۾ هو ڪيترائي ڪتاب وٺندو ۽ پڙهندو ۽ پنهنجي لائبريري ۾ شامل ڪندو ويندو هو. ظفر حسن صاحب جو اهو خيال هو ته سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان تمام گهڻيون ناانصافيون ٿي رهيون آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ کي پوئتي ڌڪيو پيو وڃي، انهيءَ لاءِ اهو ضروري آهي ته پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ اهڙي تنظيم ٺاهي انهن ۾ نوجوان شاگردن کي گهڻو پڙهائڻ تي اتساهجي ۽ نوان نوان ڪتاب آڻيون. سنڌس صلاح هئي ته پاڻ سماجي سائنس تي سنڌي ٻوليءَ ۾ مضمون لکرائجن ۽ جنرل جاري ڪجي ۽ پوءِ مون ۽ ظفر صاحب گڏجي سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جنرل ڇپايو، جنهن ۾ اقتصاديات، سماجيات، سماجي ڪم، تاريخ ۽ بين الاقوامي تعلقات تي سنڌي ۾ ڪورس مطابق، پروفيسر محمد بخش لاشاري، پروفيسر ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو، پروفيسر غلام حسين خاصخيلي، پروفيسر فخرالنساءَ ۽ ٻين کان مضمون لکرائي شايع ڪياسون. انهيءَ دور ۾ مان پڻ يونيورسٽيءَ ۾ استاد ٿي چڪو هوس ۽ ان ڪم کي مان ۽ ظفر صاحب مسلسل ڪندا رهياسون. ساڳئي وقت سنڌ تي انگريزيءَ ۾ پڻ ڪتابن جي کوٽ هئي خاص ڪري اقتصاديات تي. اقتصاديات جي موضوع تي سنڌيءَ ۾ پروفيسر غلام حسين خاصخيلي ۽ ڊاڪٽر ديدار شاهه جا ڪتاب سنڌالاجيءَ جي طرفان ڇپجي اڳي ڇپجي چڪا هئا. جيئن مٿي ذڪر ڪيو اٿم ته انگريزيءَ ۾ اقتصاديات تي ڪتابن جي ضرورت هئي ته مون پروفيسر خاصخيليءَ، ڊاڪٽر امجد علي بيگ گڏيل طور ”ايڪانامي آف سنڌ“ جي نالي سان ڪتاب لکيو.

هيءَ ڳالهه 1976ع جي آهي ۽ جڏهن اسان اهو ذڪر سائين ظفر حسن سان ڪيو ته هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن پنهنجي طرفان ئي هڪ خط ۽ تجويز لکي ان وقت جي وائس چانسلر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڏانهن ڪٽي ويو ته سنڌ يونيورسٽي جي هنن استادن هي ڪتاب

لکيو آهي، انهيءَ جي ڪري آرڊر ڪيو ويو ته انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي مهيني اندر هي ڪتاب ڇپرائي شاگردن جي ڪورس جو پورائو ڪري، ڊاڪٽر بلوچ صاحب خوشيءَ جو اظهار ڪندي آرڊر ڪيو ۽ ظفر حسن جي معرفت ڊاڪٽر غلام علي الانا جيڪو ان وقت سنڌالاجي جو انچارج هو ڪتاب ڇپرائي اسان جي هٿن ۾ ڏنو. اسان تنهي استادن خوش ٿيندي سائين ظفر حسن، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جا ٿورا مڃيا ۽ اهو ڪتاب شاگردن لاءِ ڪارآمد ثابت ٿيو.

ظفر حسن اهڙن سيني ماڻهن سان نفرت ڪندو هو جيڪي سنڌي ٻوليءَ سان محبت نه ڪندا هئا ۽ جيڪي وڏن سرڪاري جلسن خاص طور تي جنرل ضياءُ الحق جي دور ۾ ٿيندڙ جلسن جلوسن، اهل قلم ڪانفرنس ۽ ٻين اهڙن سرڪاري جلسن ۾ جنهن ۾ سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب کي گهٽ ڏيکاريو ويندو هو جو بائيڪاٽ هو ۽ اهو پيغام سڄي سنڌ ۾ پهتو ۽ ڪيترن ئي ماڻهن ظفر حسن جو ساٿ ڏيڻ شروع ڪيو. هڪڙي دفعي جو ذڪر مان رڪارڊ تي رکڻ چاهيان ٿو ته مظهر صديقي صاحب جي بهترين دور يعني 1980ع جي شروعاتي دور جي ڳالهه آهي ته ڪجهه اهڙيون ڳالهيون ٿيون، جن جي ڪري غور شروع ڪيو ويو ته انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي کي ”سينٽر آف ايڪسيلنس“ بڻائي يونيورسٽي آف گرانٽس ڪميشن جي حوالي ڪجي ته جيئن اهو ادارو وفاق جو ادارو ٿي وڃي ڇو ته ان دور ۾ وفاق ان اداري کي جام پئسا ڏئي ها، هي دور ضياءُ الحق جو دور هيو ۽ ڊاڪٽر محمد افضل يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جو چيئرمين هو ۽ هنن جو خيال هو ته سنڌالاجي جيئن ته سنڌ جو بهترين ادارو آهي ان ڪري ڇو نه هن کي يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن ۾ ڪنيو وڃي.

انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي استادن تمام گهڻو گوڙ ڪيو. استادن مظاهرا ڪيا، لکپڙهه ڪئي ته سنڌالاجي جي وفاقي اداري جي حوالي نه ڪئي وڃي. ڊاڪٽر عيسيٰ دائود پوٽو، ڊاڪٽر مبارڪ علي، ڊاڪٽر محمد علي مهيسر، پروفيسر غلام حسين خاصخيلي، راقم ۽ ٻيا ڪيترا شامل هئا.

علي احمد بروهي پڻ سنڌالاجيءَ کي گرانٽس ڪميشن جي حوالي ڪرڻ جي حمايت ڪئي ۽ پوءِ علي احمد بروهيءَ جي خلاف پڻ مظاهرا ڪيا ويا جنهن ڪري هن اهو بيان ڪڍيو ته سنڌالاجي کو

ڪونه ناهي جو گرانٽس ڪميشن ڪنيو نه چا ٿي پيو. يونيورسٽيءَ جي خواتين استادن ۽ شاگردياڻين سخت مزاحمت ڪئي ۽ ڪجهه ڏينهن بعد علي احمد بروهي صاحب جيڪو سنڌالاجي ۾ ليڪچر ڏيڻ آيو ان کي اڇڻ نه ڏنو ويو ۽ وائيس چانسلر ۽ ڊائريڪٽر سنڌالاجي کي اهو شدت سان محسوس ڪرايو ويو ته سنڌالاجي ۾ علي احمد بروهي جهڙن ماڻهن لاءِ ڪا به جاءِ ڪانهي ۽ پوءِ سندس آمد ۽ ليڪچر رد ڪيو ويو.

ظفر حسن صاحب پاڻ هڪ سٺو ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نگار هيو. هن هڪ ڪهاڻي جو ڪتاب "رهجي ويل قرض" ڪڍيو ۽ ڪيترا مضمون ڇپرايائين، ولي رام ولڀ صاحب سان گڏجي ڪهاڻين ۽ مضمونن جا گڏيل ڪتاب "آرسي" جي نالي سان رسالو ڪڍيائين ان کان سواءِ به ٽي ماهوار رسالا جن ۾ "پروڙ"، "ڌرتي" به جاري ڪيائين. ظفر صاحب سڄي عمر پنهنجي يادگيرين جون ڊائريون رکيون جيڪي هزارن پيجن تي مشتمل ۽ موجود آهن جن مان هڪ جلد ڇپيل آهي.

ظفر حسن هڪ اعليٰ ڪردار جو انسان هو ۽ جاگرافيءَ جو بهترين استاد پڻ. سنڌ يونيورسٽيءَ جو تمام وڏي حد تائين چرندڙ پرندڙ ڪارڪن هو. سندس دوستن جو حلقو تمام وسيع هو، جن ۾ مدد علي سنڌي، حفيظ قريشي (جونيئر)، لال بخش جسڪاڻي، غلام حسين خاصخيلي، ظفر جوڻيجو، رفيق منگي، طارق اشرف، سليمان شيخ، راقم، پروفسير محمد بخش لاشاري، قاضي سعيد، ڊاڪٽر حميده کهڙو ۽ ٻيا.

مان جڏهن 1970ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ استاد مقرر ٿيس ۽ سال جي آخر ۾ لنڊن پڙهڻ لاءِ ويس ته سائين ظفر حسن مون کي ڪراچي ايئرپورٽ تي ڇڏڻ هليو. ۽ هڪ ڏينهن اڳ مدد علي سنڌي طرفان ڇپيل رسالو اڳتي قدم جون پنج ڪاپيون منهنجي لاءِ سوکڙيون ڪٽي آيو.

لنڊن يونيورسٽيءَ ۾ مون پنهنجي ايم. اي جي ڊگري جي ٿيسز سنڌ ۽ پنجاب ۾ پاڻي جي معاملي تي لکي. واپس اچڻ کان پوءِ مون ظفر صاحب سان اهو ذڪر ڪيو جنهن سنڌ يونيورسٽي جي جاگرافي جي استادن طرفان ٺهيل سنڌ جاگرافرس ايسوسيئيشن طرفان انهيءَ ٿيسز کي ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ جي آڇ ڏني جيڪا مون قبول ڪئي. بعد ۾ جاگرافي شعبي جي سربراهه ڊاڪٽر شڪيل احمد سائين ظفر حسن جي چوڻ تي انهيءَ ايسوسيئيشن طرفان منهنجو ڪتاب

ڇپايو، جيڪو منهنجو پهريون ڪتاب ٿيو. انگريزيءَ ۾ جنهن جو مهورت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد ۾ ڪيو. ڪتاب جي ڇپائي ۽ مهورت جو سال 1975ع آهي.

سيد ظفر حسن جي باري ۾ اهو چيو ويندو آهي ته هو تعصبي هو ۽ صرف سنڌ پرست هو سا ڳالهه ائين ناهي، پنهنجي ڌرتي ۽ ان جي ماڻهن جي محبت انساني زندگيءَ جو لازمي جز آهي پر ظفر حسن صاحب صوفي منش ماڻهو هو ۽ انسان دوست ۽ انسانن سان محبت ڪندو هو. ڊاڪٽر مبارڪ علي خان ۽ پروفيسر فريد الدين سندس بهترين دوست هوندا هئا. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ ڊاڪٽر مبارڪ علي جي ڪتابن ڇپائڻ ۾ ظفر صاحب جو وڏو هٿ هو.

1980ع جي وچ واري ڏهاڪي جي ڳالهه آهي ته ظفر صاحب کي دل جو عارضو ٿيو ۽ هو سول اسپتال حيدرآباد جي دل جي وارڊ ۾ داخل ٿيو، مون کي خبر وقت تي نه پئجي سگهي پر جيئن سندس طبعيت ڪجهه بهتر ٿي ته سندس ياءُ مظفر مون وٽ آيو ۽ سچي حقيقت کان واقف ڪيائين ۽ چيو ته ظفر صاحب توهان کي سڏيو آهي ۽ مان انهيءَ پير وچي ساڻس مليس ۽ پوءِ ظفر صاحب 3 هفتا اسپتال ۾ هئو ۽ آئون ونس روزانو ڪيئي ڪلاڪ شام جو ويندو هئس ۽ هو جڏهن آرام ڪندو هو ته آئون گهر اچي ويندو هوس. اهڙي نموني ٺيڪ ٿيڻ کان پوءِ هو لطيف آباد واري گهر ۾ اچي رهيو ۽ سندس مڪمل صحتيابي تائين آئون ونس روز ويندو هئس. سندس اهو چوڻ هوندو هئو ته هر روز ضرور ملندو رهه ته جيئن ڪچهري ٿئي ۽ ڪجهه لکڻ پڙهڻ جي باري ۾ ڳالهيون ڪجن. ظفر صاحب وٽ تمام سٺا خيال موجود هئا ته ڪيئن سنڌ جي شاگردن جي تعليم کي وڌائجي، سنڌي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ ڪم ڪجي. اهي سڀ ڳالهيون اسان جي ملاقاتن ۾ بحث هيٺ اينديون هيون. جڏهن شيخ اياز 1976ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائس چانسلر ٿي آيو ۽ غلام رباني صاحب پرووائس چانسلر ٿي آيو ته ظفر حسن صاحب سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿيو ۽ سندس دور ۾ بورڊ سٺي ترقي ڪئي ۽ ڪافي نوان ڪتاب ڇپايا ويا. جيئن مٿي چئي آيو آهيان ته پاڻ سڀ کان اول "سهڻي" رسالي سان لاڳاپيل هئو پر بعد ۾ پنهنجي طرفان هڪ پريس "پرفيڪٽ پرنٽرس" جي نالي سان قائم ڪيائين ۽ پوءِ ڪتاب ۽ رسالا ڇپرائيندو رهيو. رسالن ۾

”پررڙ“، ”ڏرتي“، ”آرسي“ (اينٿالاجي)، سندس ڪتاب ”رهجي ويل قرض“ ڇپرائي پڌرو ڪيائين ۽ اهڙي نموني ⋅سان ادبي ۽ علمي ڪيتر سان هر وقت سلهاڙيل رهيو. سندس مطالعو تمام وسيع هئو ۽ پاڻ انگريزي ۽ سنڌي ۾ ڪيترائي مضمون ۽ خط لکي ڇپرايائين. جيڪي سنڌي اخبارن، رسالن ۽ انگريزي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا.
ظفر حسن صاحب هڪ پڙهيل ۽ ڪڙهيل انسان هئو ۽ آءٌ ڪيس سنڌ جو دانشور چوڻ ۾ نہ ڪيٻائيندس. هن ڪي سنڌ ۽ هن سڄي ملڪ جي اقتصاديات، سياست، جاگرافي، سماجيات جي گهڻي ڄاڻ هئي ۽ هُو انهن سڀني مسئلن تي تمام گهڻي ڄاڻ ۽ دسترس رکندڙ هئو. لطيف سائينءَ تي بہ هن کي سٺي شناس هئي. اسان جون شام جي چانهہ جي ڪوپ تي محفلون ٿينديون هيون. گهڻي قدر مان ۽ ظفر صاحب روز نہ تہ بہ هر ٻئي ڏينهن ملندا هئاسين. هفتي ۾ هڪ دفعو مدد علي سنڌيءَ سان بہ ضرور ملندا هئاسين. انهن ٻنهي صاحبن جو بہ پاڻ ۾ سٺو واسطو ٿي ويو هئو. سائين جون ۽ سندس نياٽيون گڏ پڙهنديون هيون. اسان اڪثر ادبي گڏجاڻين، ڪچهرين ۽ سئمينارن ۾ بہ گڏ ويندا هئاسين. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جا ميمبر هوندا هئاسين ۽ پوءِ انهن جي پروگرامن ۾ صرف حيدرآباد نہ پر ڪراچي ۽ سڄي ملڪ ۾ بہ چڪر لڳندو رهندو هئو. 1978 ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سِگا) جي طرفان سڄي ملڪ ۾ لطيف ڪانگريس ڪوٺائي وئي ۽ هن لاءِ ريل گاڏيءَ جا ڪجهہ گاڏا بوڪ ڪرائي ڪافي ميمبرن خاندان سان گڏ سفر ڪيو. جنهن ۾ ملتان، لاهور، اسلام آباد ۽ پشاور شامل هئا. لطيف تي ڪافي مقالا پڙهيا ويا. ان سفر ۾ ظفر حسن بہ گڏ هئو ۽ پاڻ مقالا بہ پڙهيائين. هن يادگار سفر ۾ سگا جا گهڻي ڀاڱي سڀ املهہ ساٿي بہ گڏ هئا، جن ۾ ڊاڪٽر سليمان شيخ، ڊاڪٽر شريف ميمڻ، فضل الله قريشي، بخش علي لاکو، اشفاق ميمڻ، يوسف ميمڻ، ڊاڪٽر نواز علي شوق، محسن شاهہ بخاري، سائين غلام محمد پنهور، ظفر حسن، راقم الحروف ۽ ٻيا ڪيترائي ساٿي گڏ هئا. ظفر حسن جي خاصيت اها بہ هئي تہ اهم شين جي ڪٽائن کي پنهنجي اندر جي ڪٽائن سان رڪارڊ بہ ڪندو هئو ۽ پنهنجي ڊائريءَ ذريعي انهن شين کي محفوظ ڪري ڇڏيندو هئو. انگريزي اخبارون خالي ڪري سنڌ بابت ابتي سبتي خبر جي ڪٽنگ ڪري پڻ محفوظ ڪندو هئو. آئون سائنس هن ڪم ۾ ساٿ ڏيندو هوس. اهي سڀ علمي، ادبي ۽ ثقافتي ڪم هلندا هئا ۽ پوءِ

سائين انهن ڪنگس کي پڻ جائتو ڪري رکندو هئو. سنڌ ۾ ڊائرين لکڻ ۽ اهڙن ڪمن جو رواج گهٽ آهي. چار پنج ماڻهو مون کي اهڙا سُجهن ٿا ۽ ياد پون ٿا، پهريون سائين جي ايم سيد، ٻيو محترم فضل الله قريشي، ٽيون ظفر حسن ۽ چوٿون محترم امان الله شيخ وڪيل ۽ دانشور.

********

## پروفيسر لال بخش جسڪاڻي

# تان ڪِي ساڻن اور...!

اهو جون 1963ع جو سال هو، آءٌ پنهنجي پياري دوست نور علي شاهه سان گڏجي سکر مان فرسٽ ايئر جو امتحان ڏئي منگهن ۾ ٿڌين هوائن جي شهر حيدرآباد پهتاسين، جيڪو منهنجي خوابن جو آدرشي شهر هيو ۽ اڄ بہ آهي. چرچ مينشن بلڊنگ حيدرآباد جي مٿان آمريڪن سينٽر ۾ شاندار لائبريري موجود هئي. جتي ڪتابن جو خزانو، ايئرڪنڊيشن، ٿڌو پاڻي، مئگزين، هفتيوار فلمون ۽ جڳ مشهور (Documentaries) ڏيکاريندا هئا. هيٺ گرائونڊ فلور تي (British Council) لائبريري هوندي هئي. اتي بہ ساڳين سهولتون ۽ لاجواب ڪتاب ۽ مئگزين رکيل هوندا هئا، جتان هزارن جي تعداد ۾ نوجوانن CSS پاس ڪري پنهنجو مستقبل سنواري سٺيون نوڪريون ورتيون يا ٻاهر هليا ويا. چا تہ حيدرآباد جو علمي ادبي اوج هو ۽ حيدرآباد شهر ۾ جي بہ لائبريريون علمي شعور ۾ چاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ شهر جي نوجوانن لاءِ بيمثال تحفو هو. مان روزانو لائبريري ۾ وڃي ويهي ڪتاب ۽ رسالا پڙهندو هئس.

اتي جي اسسٽنٽ لائبريرئن محمود پناڻ سان ملاقات ٿي جيڪو پناڻ ڪالوني جو هو. جلدي دوست ٿي وياسين. محمود پڙهيل ڳڙهيل ادب دوست ترقي پسند ۽ مارڪسٽ شعور رکندڙ هو. مونکي هڪ ڏينهن ڳالهيون ڪندي ٻڌايائين تہ سنڌ جا چار وڏا اديب دانشور ۽ وڏا ناليوارا ڪميونسٽ آهن. مون چيو ڪهڙا؟ چيائين پير حسام الدين راشدي، شيخ اياز، غلام رباني آگرو ۽ سيد ظفر حسن جيڪو يونيورسٽيءَ جو پروفيسر آهي. چير سکر ۾ شيخ اياز سان ملي آيس "پوئنر پري آڪاش" تحفو بہ ڏنائين. هت حيدرآباد ۾ رباني صاحب سان بہ ملي آيس. هاڻي ظفر حسن سان ملاقات ڪرايو، نالو گهڻو ٻڌو آهي. چيائين ڪتابن سان عشق اٿس. اڪثر ڪري ڪتاب خريد ڪرڻ آمريڪن سينٽر ۾ ايندو آهي ملاقات ٿي ويندي. هڪ ڏينهن سينٽر ويس تہ اشاري سان

محمود سڏ ڪيو ۽ چيائين تہ ھي اٿئي سائين ظفر حسن سيد. آءٌ سندس شخصيت کان تمام گھڻو متاثر ٿيس. ڳاڙھو رنگ، ڪارا سڌا ۽ وڏا وار، ڪلين شيو. آھستي ۽ ڌيمي آواز ۾ ڳالھائڻ جو انداز ۽ شخصيت ۽ مرداني وجاھت جو پيڪر ھو. چيائين محنت ڪيو، پڙھو ۽ سنڌ وطن جو نالو روشن ڪيو. مطلب تہ سيد ظفر حسن تمام گھڻو خوش لباس ھو. اونھاري جي موسم ۾ ھلڪي رنگ جي ڪاٽن جا ڪوٽ بہ پائيندو ۽ ڪلر ڪامبينيشن جو تمام گھڻو خيال رکندو ھو. تمام گھڻو Aesthetic ھو، اندر کان آرٽسٽ ۽ تخليقي سگھہ جو مالڪ ۽ سنڌي ثقافت جو شھزادو ۽ عاشق ھو. جيئن ڪنھن چيو ھو: فن يا ڪلا ثقافت جي پرورش ڪري ٿي. ظفر حسن سيد صاحب ڪردار ۽ اعليٰ اخلاقي قدر رکندڙ، نفاست پسند انسان ھو. ھن ۾ ماڻھپو ۽ سھپ ھئي. سيد پرست ڪونہ ھو. سندن ھمشيره آپا اختر جي شادي غير سيدن ۾ قاضي سعيد احمد صاحب سان ٿي، جيڪو نيشنل بئنڪ جو صدر ھو ۽ ڊاڪٽر حميده کھڙو جي مڙس ڊاڪٽر قاضي سليم صاحب جو ڀاءُ ھو. ان ڪري سيد ظفر حسن ڊاڪٽر حميده کھڙو جو ويجھو مائٽ پڻ ھو.

ٻن ٽن سالن کان پوءِ سندس ننڍي ڀاءُ مظفر حسين شاھ سان واقفيت ٿي جيڪا اڳتي ھلي دوستيءَ ۾ تبديل ٿي. اسان ويجھا دوست ڪيس گھريلو نالي پاپا شاھ سان سڏيندا ھئاسين. ان زماني ۾ ھي عامل ڪالوني ھيرا آباد ۾ رھندا ھئا. چند سالن کان پوءِ لطيف آباد ڇھين نمبر ۾ نرسريءَ جي سامھون وجي رھيا. مون 1973ع ۾ يونيورسٽي جوائن ڪئي ۽ 1974 ۾ ريگيولر استاد ٿيس ۽ اسان وٽ ھسٽري شعبي ۽ پاڪستان اسٽيڊي ۾ ڊاڪٽر حميده کھڙو وٽ گھڻو ڪري ايندو ھو ۽ سائينءَ جي مون سان تمام گھڻي ويجھڙائي ھئي. ھو مون کان عمر ۾ وڏو ھو، ان ڪري پنھنجي ننڍن ڀائرن وانگر ڀائيندو ھو. نوان نوان Script ڏيندو ھو، چيائين تہ سڀ دوست سرڪاري تقريبن جو بائيڪاٽ ڪن جيڪو دوست وڃي ان جو سوشل بائيڪاٽ ڪيو، ان سان ھٿ نہ ملايو. ھو باغي ۽ سچو قلم ڪار ھو. تمام گھڻو پڙھيل ۽ حساس ھو. وري ھڪ ٻي مھر ھلايائين تہ سڀني سان سنڌيءَ ۾ ڳالھايو. اڙدو، پنجابي ۽ پٺاڻ سڀ سمجھن ٿا. ڪٿي بہ وڃو، بازار ھجي يا وين ھجي يا سفر ۾ ھجو سڀني سان سنڌيءَ ۾ ڳالھايو. ماڻھو سڀ سٺا اٿو، اسان پاڻ کي مثبت ڪيون. ھو ڪنھن کان بہ نفرت ڪونہ ڪندو ھو، سنڌ

جي حقن جي ڳالھ ڪندو هو ۽ان تي ڪڏهن سودي بازي (Compromise) نہ ڪيائين. هو تعصب پرست هرگز ڪون هو.
هو چوندو هو تہ نيٺ سنڌي لکو ۽ نج سنڌي ڳالهايو. اسان جي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻي وسعت ۽ شاهوڪاري آهي. هڪ دفعي چيائين تہ اوهان ڌاريا لفظ نہ لکو پنهنجي لکڻين ۾ نيٺ سنڌي لکو. مثال ڏيندي چيائين تہ لفظ مقبول ۽ مشهور ڌاريا لفظ آهن، ان جو متبادل لفظ "هرواسي" موجود آهي تہ پوءِ اسان ڪي عربي، فارسي يا اردوءَ کان اڌارا لفظ ڇو وٺجن. سال 1993 ۾ مون ڪتاب سماجيات جو تعارف لکيو. اهو ڪتاب 400 صفحن کان وڌيڪ آهي. مون هن ڪتاب ۾ نيٺ سنڌي لفظن جو استعمال ڪيو، جيڪا سيد ظفر حسن جي تربيت هئي. هي ڪتاب سنڌ يونيورسٽي جي پنجن شعبن ۾ پڙهايو ويجي ٿو. مون کي چوڪرا اچ تائين چون ٿا، سائين توهان جي سنڌي ڏاڍي ڏکي آهي ڇو تہ اها ٻولي اخباري ناهي! هُو ان ڳالھ تي زور ڏيندو هو تہ روڊن رستن، اسٽاپن،ريلوي اسٽيشنن جا نالا ۽ دڪانن جا بورڊ وغيره رستن تي سڀ سنڌي ۾ هجڻ گهرجن. ۽ اهو بہ چوندو هو تہ ان فقير کي خيرات ڏيو جيڪو سين بہ سنڌيءَ ۾ هڻي. سندس چپن تي هر وقت اهو وِرد هو"تنهنجي ٻولي منهنجي ٻولي قومي ٻولي سنڌي ٻولي." هو غير طبقاتي سماج جو حامي ۽ مظلوم ۽ ڏتڙيل طبقي جو طرفدار هو. جڏهن لطيف آباد شفٽ ٿيو، چيائين مان لطيف آباد کان حيدرآباد شهر ڪار يا رڪشا ۾ سفر ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. مان هاڻي 6 سيٽر رڪشا ۾غريبن سان گڏجي سفر ڪيان ٿو، اوهان بہ سڀ پاڻ کي ٻي ڪلاس ڪيو، مني ٽيڪسي تي سفر ڪيو. پٽائي شايد اهڙن ماڻهن لاءِ چيو هو:

هُو جي آيا هير، مون اڱ نہ ڏٺا ڪڏهن.

اهو سڀ ان وقت جون تحريڪون آهن جن جو باني سيد ظفر حسن هو. پاڻ ان ڳالھ تي زور ڏنائين تہ يورپي ۽ آمريڪي ادب جون شاهڪار ڪهاڻيون ۽ سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا وڃن، جيئن سنڌي ٻولي وڌ ۾ وڌ شاهوڪار ٿئي. هن ڏس ۾ صدر ۾ پرفيڪٽ پريس قائم ڪيائين ۽ "ڌرتي" جهڙو لاجواب رسالو جاري ڪيائين.

1980-81ع ۾ ولي رام ولڀ سان گڏجي رسالو "آرسي" جاري ڪيائين. مون بہ "ڌرتي" ۽ "آرسي" رسالن ۾ هيمنگوي ۽ ٻين يورپي اديبن جون ڪهاڻيون ترجمو ڪيون ۽ شايع ڪيائون. طارق اشرف سندس تمام ويجهو دوست هو. سهڻي رسالي جي ترتيب ۽ مشورا ظفر حسن جا

هوندا هئا. هڪ دفعي چيائين جسڪاٽي هلو تہ اڄ طارق اشرف سان ڪورٽ ۾ ملي اچجي. اسان صبح سان ڪورٽ وياسين. طارق اشرف جيل جي گاڏي ۾ پوليس جي پهري ۾ آيو، جيڪو سهڻي رسالي جي ڪري جيل پوڳي رهيو هو. گهڻي دير تائين سهڻي رسالي ۽ سنڌ جي مسئلن تي پاڻ ۾ ڳالهائيندا رهيا. هڪ دفعي طارق اشرف ڪي منهنجي صدر واري فليٽ تي وٺي آيو، چيائون تہ يورپ جي شاهڪار ڪهاڻين جو ترجمو ڪري سهڻي ڪي ڏيو ۽ پرڏيهي ادب جو سلسلو هلايو. مون وٽ تمام گهڻا ڪلاس هئا، جنهن جي ڪري اهو ڪم ڪونہ ڪري سگهيس. جنهن جو اڄ بہ افسوس آهي. هڪ دفعي چيائين تہ پريس نقصان ۾ ٿي وڃي. پنهنجي ٻولي ۽ ادب ڪي بچائڻو آهي تہ اهو برداشت ڪبو، جيڪو سندس Commitment جو وڏو مثال آهي. ظفر حسن قوم پرستي ۽ سنڌ پرستيءَ جو هڪ وڏو ٻرندڙ جبل هو جنهن جولاوو ۽ چڻنگون سموري سنڌ ۾ پکڙيون جنهن يونيورسٽيءَ اسان جي پيڙهيءَ ڪي متاثر ڪري اتساهہ ڏنو. وطن، ٻولي، ادب ۽ ڪتاب ڪلچر جو عشق ڏنو. سندس اصول هو تہ ڪلاس هر صورت ۾ وٺڻو آهي ۽ خالي ناهي ڇڏڻو.

ظفر حسن ڪهاڻيون، مضمون ۽ مقالا لکيا. ”رهيل قرض“ سندس ڪهاڻين جو مجموعو آهي. ريڊيو جي مخزن پروگرام ۾ ڪتابن تي تبصرا ۽ ليڪچر پروگرام ڪيا. پاڻ هاليووڊ ايڪٽرن جهڙو سهڻو ۽ خوش لباس شخص هو. ٽي وي تي ”پرک“ پروگرام ڪيائين، جيڪي تمام گهڻو هر واسي ٿيو. سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري طور 1977ع کان 1979ع تائين ڪم ڪيائين. يار دوست جيڪي آفيس ۾ دير مدار پهچندا هئا يا نہ ايندا هئا انهن تي ميمو ڪڍيائين ۽ چيائين دوستي پنهنجي جڳهہ تي پر اصول سڀ کان اتم شيءِ آهي. برٽرنڊ رسل شايد ظفر حسن سيد لاءِ ئي چيو هو ”هڪ سچو اديب هميشہ جنگ جي حالت ۾ رهندو آهي.“

پروفيسر ظفر حسن هڪ مثالي استاد، اعليٰ ۽ سخت منتظم هو. استادن کي هميشہ پڙهڻ ۽ محنت جو اتساهہ ڏيندو هو. پنهنجي Subject سنڌي، انگريزيءَ ۽ اڙدو ادب تي دسترس حاصل هئس، گهر ۾ سندس ذاتي لائبريري تمام وڏي ۽ شاندار هئي. سنڌ يونيورسٽي سوسائٽيءَ واري گهر ۾ لائبريريءَ ۾ وڏو هال جوڙايو هئائين. افسوس جو رٽائر ٿيڻ کان پوءِ جلد گذاري ويو. ۽ ان گهر ۾ رهيو بہ ڪونہ. هو شاگردن ۽

نوجوانن سان پيار ڪندو هو ۽ ڪتاب بہ سوڪڙيون ڏيندو هو. هو عورتن سان ويهي علمي ادبي ۽ قومي بحث ڪندو هو پر هن ڪي عورتن ۾ دلچسپي ڪانہ هئي. ڪنهن دوست چيو تہ ڊپارٽمينٽ ۾ زبردست عشق ڪيائين جيڪي بلڪل غلط هو. هن ڪنهن سان بہ عشق ناهي ڪيو، سواءِ پنهنجي ماءُ ٻولي ڌرتي ۽ ثقافت ۽ پنهنجن ماڻهن سان ڪيائين. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ هئي بہ تہ اِها ٻي ڌر ڪان هئي. مولانا آزاد ڪٿي چيو هو "ڪردار انسان جو اهڙو حسن ۽ ملڪيت آهي جنهن کي ڪڏهن بہ زوال نٿو اچي سگهي."

جڏهن شيخ اياز سنڌ يونيورسٽيءَ جو وي. سي ٿيو تہ استادن کي خطاب ڪرڻ لاءِ اچي رهيو هو. اهو ظفر حسن هو جنهن مون کي ۽ اعجاز قريشيءَ کي چيو تہ سيني ترقي پسند استادن کي وٺي چئو تہ هو آڊيٽوريم ۾ گڏ ٿين. اسان ائين ڪيوسين پوءِ جڏهن شيخ اياز تقرير ڪئي تہ آڊيٽوريم پرجي ويو. ماڻهو ٻاهر بيٺا هئا ۽ اهو تاريخي استقبال هو. تاريخي رڪارڊ خاطر، اهو بہ ٻڌائڻ اهم ٿيندو تہ جڏهن ڀٽي صاحب جي حڪومت ختم ٿي ۽ ضيا جو دور شروع ٿيو، ظفر حسن، شيخ اياز کي عرض ڪيائين تہ جيترو جلد ٿي سگهي، وي.سي شپ تان استعيفا ڏني وڃي، پر شيخ اياز سندس ڳالهہ نہ مڃي.

ملڪ ڪان ٻاهران جيڪي بہ اديب ايندا هئا انهن جا ليڪچر وغيره ظفر حسن جي حوالي هوندا هئا. شيخ اياز جا ادبي پروگرام بہ ظفر حسن ۽ قاضي خادم وٽ هئا. سچل انٽرنيشنل ڪانفرنس ۾ انڊيا ۽ ٻين ملڪن جا مهمان آيا هئا. اهو ٽن ڏينهن جو پروگرام سموري سنڌ جو ٽوئر سگا ۽ ظفر حسن سنڀالي ڪامياب ڪرايو. نامور اديبہ وينا شرنگي ۽ ٻين اديبن جا ليڪچر تمام سٺي نموني ۾ ڪرايا جيڪي يادگار هئا. ذاتي دوست بہ هو ۽ ان جو ليڪچر تمام سٺي نموني ڪرايو. مشهور ڪهاڻيڪار نسيم کرل، ڊاڪٽر حميده کهڙو سان آفيس ۾ ملڻ آيو، تڏهن بہ ظفر حسن کي ملڻ لاءِ گهرايو جيڪو سندس ويجهو ذاتي دوست هو.

ظفر حسن جو والد صاحب سيد نذر علي شاهہ سنڌ مرڪنٽائل بئنڪ ۾ مئنيجر هو. ننڍي جام جي پرسان مسو پرڳڙي سندن ڳوٺ آهي جتي زمينداري بہ اٿن، جيڪا سندن ننڍو ڀاءُ مظفر شاهہ سنڀاليندو هو. اها ڏک ۽ صدمي جي ڳالهہ آهي تہ سندن خاندان ۾ ڪو genes جو مسئلو هو تنهن ڪري سندن والد ۽ چاچو ۽ ان ڪان پوءِ ظفر حسن، مظفر

شاهہ ۽ سندن سڀ کان ننڍيو ڀاءُ انور شاهہ سيئي Heart attack سبب وفات ڪري ويا. سيئي اتي پنهنجي پيارن سميت خانداني قبرستان ۾ ابدي آرام ۾ آهن. جيئن ڀٽائي چيو "تڏي وسائج ٿر جي مٽي مڙهہ مٿان."

سيد ظفر حسن هڪ آدرشي ۽ رول ماڊل انسان هو، محبتن، احترام ۽ خلوص جو پيڪر هو. هو هن ڌرتيءَ تي هڪ دفعو آيو ۽ جلدي هليو ويو. سنڌ جي چيڪي ۽ گيڙو رنگ جي مٽيءَ تي پنهنجا نشان، سارونڻين جي خوبصورت گلابن ۽ رابيلن جي خوشبو اسان وٽ هميشہ لاءِ ڇڏي ويو. ڀٽائي چيو:

تان ڪي سانئن اور، جان آهين اوطاقن ۾،
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾، پاڻ مٿانئن گهور،
ويا جي هنگلور، تہ ڪرم ملندءِ ڪاپڙي.

********

## ڪلا پرڪاش

### سنڌين جي ڳولها ۾... ظفر حسن

ڪراچي ايئرپورٽ تي موتي ۽ بلالي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ ۾ محو هئا ۽ هنن کان ٿورو پري موهن ۽ مان سامان ڳولهڻ لاءِ بيٺا هئاسين ته هڪ حسين اتفاق ٿيو. موهن مون کان ٿورو پر پرو ٽرالي هٿ ڪيو بيٺو هو ته ڪنهن اچي ڪانئس پڇيو، "هيءَ فلائيٽ گلف ايئر جي آهي؟ دُبئيءَ مان آئي آهي؟"

"ها، بلڪل." موهن وراڻيو.

هن شخص چيو، "مان دبئيءَ مان آيل پنهنجن مهمانن کي ڳولهي رهيو آهيان... موهن گيهاڻي..."

"مان ئي ته آهيان موهن گيهاڻي."

"مان ظفر حسن."

هو ٻئي هڪ ٻئي کي گلي مليا ته ظفر پڇيو، "۽ موتي پرڪاش... ڪلا؟"

"اجها ڪلا"، موهن ائين چوندي مون طرف ٿي آيو ته مون پنهنجو نالو ٻڌي پٺيان نهاريو. مون موهن ۽ ظفر جي گفتگو نه ٻڌي هئي، پر ظفر کي ڏسندي ئي دل آواز ڏنو اُڙي، ظفر...

ظفر مون کان پڇيو، "موتي ڪٿي آهي؟"

مون پهرين ڪيس اشاري سان ڏيکارڻ تي گهريو ته هُتي بيٺو آهي موتي. بلاليءَ سان ڳالهائي رهيو آهي. پر پوءِ مان ظفر سان گڏ وڃي ڪيس موتيءَ وٽ ڇڏي آيس!

هاڻي سوچيان ٿي ته منهنجو ياءُ ظفر دُبئيءَ مان آيل مهمانن کي ته برابر ڳولهي رهيو هو. موهن، موتيءَ ۽ ڪلا کي، پر در حقيقت هو ڳولهي رهيو هو انهن موهن، موتيءَ ۽ ڪلا کي، جيڪي سنڌي

آهن، جن جو سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب سان گهرو واسطو آهي. ظفر کي اسان جي ۽ اسان جهڙن سيني سنڌين جي تلاش آهي! سچن سنڌين جي سدائين ڳولها ۾ آهي ظفر حسن.

ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪتاسين ته اسان جي ملاقات ظفر جي سهڻيءَ ڪنوار قمر سان ٿي! هُن سان ڳالهائيندي منهنجي دل سڪون ۽ فخر سان ڀرجي ويئي ته اسان جي اديب دوست ظفر حسن، جيڪو اسان کي پاءُ وانگر پيارو آهي، اُن جي ڪنوار هيڏي خوبصورت ۽ هيڏي ذهين آهي! ظفر ۽ قمر ايئرپورٽ تان سڌو اسان سان گڏ بلاليءَ جي گهر هليا. اُتي مهمانن کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. مرد هڪ ڪمري ۾ وينا ۽ زالون ٻئي ڪمري ۾. قمر منهنجي بلڪل ئي سامهون صوفا تي ويٺي هئي. هن کان خبر چار ورتم ته ٻڌايائين ته هوءَ حيدرآباد جي ڪاليج ۾ زولاجيءَ جي پروفيسر آهي! اهو به ٻڌايائين ته کين چار ٻارڙا آهن جن مان صرف هڪڙي ننڍڙي نذر کي پاڻ سان وٺي آئي آهي. باقي ٽن ٻارن کي ڄام شوري ۾ ئي ناناڻن ۽ ڏاڏاڻن وٽ ڇڏي آئي آهي. اها به خبر پيئي ته هن اسان سان ڪراچيءَ ۾ اچي ملڻ خاطر، ڪاليج مان ٽي چار ڏينهن موڪل ورتي آهي. هن جي حب حاصل ڪري دل ڀرجي آئي. پنهنجو گهر ۽ پنهنجا ٻار دربدر ڪري، پنهنجي ڪم تان گسائي، ظفر سان گڏ ڪراچيءَ اچڻ، سندس پنهنجي پيتار لاءِ قرب ۽ عزت جو ثبوت ته آهي ئي آهي پر ان مان اسان لاءِ به سندس محبت ظاهر آهي. اسين جيڪي رشتي ۾ سندس ڪي به ڪين لڳون، سندس اديب گهوٽ جا اديب دوست آهيون. پوءِ به هن اسان کي ايڏو پنهنجو سمجهيو ته دل ڪيئن نه احسانمند ٿئي! قمر واقع ئي قمر آهي. سهڻي ۽ اچي اُجري- فضيلت ڀري ۽ محتنڻ! قمر کي خبر هئي ته ظفر سان اسان جي خط و ڪتابت آهي. هڪ به دفعو فون تي به ڳالهائڻ جو وجهه مليو آهي. ظفر جي خطن ۽ فون تي گفتگوءَ کيس اسان جي دل جي بيحد قريب آندو هو پر روبرو ملندي ساڻ دل ۾ ديرو ڪري ڇڏيائين. اصل ائين لڳو ئي ڪين ته ڪو ظفر پهريون دفعو مليو آهي. سندس سهڻو سڀاجهو منهن چڻ اڳي ئي ڏٺل پئي لڳو، هن جي ڪهاڻي ”رهيل قرض“ مجموعي ۾ ظفر پنهنجي اَبي ۽ اَمڙ کي اَرپڻ ڪيو آهي. لکيو اٿائين ته ابو هي ڪتاب ڏسي ها ته ڪيڏو خوش ٿئي ها. ۽ اَمڙ هي ڪتاب ڏسي خوش ٿيندي پر ڳالهائي نه سگهندي ۽ رڳو ڳوڙها ڳاڙيندي.

هي بہ سٽون پڙهڻ سان منهنجيءَ دل ۾ هڪ ڳالهہ چڀجي ويئي هئي تہ ظفر پنهنجي ابي امڙ جو بيحد لائق فرزند آهي. مون کي هو راڪورا هئي تہ مان سندس ماءُ بابت ڪائنس ڪجهہ ٻڌان. مان ظفر کان پڇي نہ سگهيس پر سندس ڀيڻ اختر کان پڇيم، جيڪا پوءِ گڏي .هن جا ڪي مضمون بہ پڙهيا اٿم. ظفر جيئن لکٽين ۾ پترو آهي، تيئن ئي روبرو بہ لڳو. سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌي اديبن لاءِ بي پناهہ محبت، ڏاڍ ۽ ناحق ڏسي تہ خون ٽهڪيو وڃيس! دوستن جي چونڊ تيل اٿس. ڏيکاءُ بلڪہ پسند ڪين ڪري. سادو سانتيڪو، هو ڏاڍو دريا دل بہ آهي. پيار ڪرڻ ۽ وري آزاد بہ ڇڏڻ تہ ڪو ڪائنس سکي! مان سندس ان لاثاني گڻ جي اُپٽار ڪرڻ لاءِ بي چين آهيان. هو ڄامشوري مان خاص اسان سان ملڻ اسان جي ايئرپورٽ تي مرحبا ڪرڻ لاءِ پنهنجيءَ ڪنوار سميت آيو هو، پنهنجو گهر ۽ ٻار رُلائي. ڪراچيءَ ۾ هو پنهنجي ڀاءُ انور وٽ لٿل هو. اُهو سندس بہ گهر آهي چو تہ ظفر ۽ انور سڳا ڀائر آهن. زماني جي گردش ۽ هن دُرنگيءَ دنيا، جيڪا پيسي جي پوڄاري آهي، تنهن هنن ٻنهي ڀائرن جي ڀائپيءَ تي ڪوبہ اثر نہ ڪيو آهي. اُهو انور جو گهر بلالي ڀاءُ جي گهر کان ڪافي پري آهي. بہ ٽي دفعا ظفر پنهنجيءَ ڪنوار سوڌو، بلاليءَ جي گهر، گلشن اقبال ايراضيءَ ۾ آيو. موتي ۽ موهن ڪيس مليا ئي ڪين. مان وينئي هئس. مون ڪين ٻڌايو تہ موتي ۽ موهن، اُدي بلاليءَ سان گڏ پوليس ۾ ويا آهن، تہ سنڌي ماڻهو سنڌ ڏسڻ آيا آهن، اِهو اطلاع ڪين هر ڪنهن وِزٽر وانگر، قانوني طور پوليس ۾ ڏيڻو آهي، اُن بعد مون ڪيس چيو "ظفر، منجهند جي ماني وري پڳوانداس وٽ آهي."

"ٺيڪ آهي. پوءِ هلون ٿا. وري چئين وڳي فون ٿو ڪريان يا اچان ٿو."

مُرڪندي مُرڪندي ظفر جڏهن اهي لفظ چيا، تڏهن سچ تہ دل گهورجي ويئي هن ڀاءُ جي سياءُ تان. هو هيڏي تڪليف ڪري رهيو هو ۽ اسين ساڻس ملڻ لاءِ وقت نہ پيا ڪڍي سگهون! تڏهن بہ نہ هن جي نرڙ ۾ گهنج پوي ۽ نہ سندس چپن تي ڦهليل سدابهار مرڪ ۾ ڪا ڪمي پوي!

هڪ ٻي ڳالهہ بہ منهنجيءَ دل تي گهرو اثر ڪيو اُها هيءَ تہ ظفر لائق ماڻهن ۽ خاص ڪري ليکڪن جو قدر دل سان ڪري ڄاڻي. هن اياز عالم ابڙي جي اسان سان واقفيت اهڙي نموني ڪرائي جو اياز جي خود دار شخصيت اسان جي دلين تي اُن دم ئي اُڪرجي ويئي. جنهن

صداقت سان ظفر، گرامي صاحب بابت مهراڻ جي ”گرامي نمبر“ ۾ لکيو آهي، اُن مان به پروڙ پوي ٿي ته ظفر وٽ هڪ پارکو ۽ قدردان دل آهي.
ظفر جو هڪ ضد آهي ته سنڌيءَ ۾ ڳالهايو. جيڪڏهن ڪو به سنڌي ڄاڻندڙ ساڻس سنڌيءَ ۾ نه ڳالهائيندو ته ظفر هُن کي جواب ئي نه ڏيندو. هن جي ٻائرن ۽ ٻينرن جي گهرن ۾ به سڀ ڪو سنڌيءَ ۾ ڳالهائي. ظفر ان ڳالهه ۾ ايترو سخت آهي، جو سندس هڪڙي ڀاءُ غير سنڌي ڇوڪريءَ سان پيار جي شادي ڪئي آهي ته ظفر پنهنجي اُن ڀاڀيءَ سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جو اُصول لڳائي، آخر ڪيس سنڌي سيکاري ڇڏي آهي! ظفر جي ايڏي سختي ڏسي هڪ ڏينهن مون ڪيس چيو، ”مان بلاليءَ جي گهر ۾ عشرت ۽ ٻارن ساڻ هندستانيءَ ۾ ڳالهائي رهي هئس ڇو ته هنن کي سنڌي ڪين اچي؛ ته زبان تي عادت رهجي ويئي آهي. هاڻي تنهنجي ڀاءُ انور ۽ ڀاڀي نسرين سان ٻُل ۾ هندستانيءَ ۾ ڳالهايان ته ائين نه ٿئي جو رات جو دعوت تان موٽان ته تون در ئي نه کولين!“ ظفر جواب ۾ صرف مُرڪيو پر سندس مُرڪ ۾ به ڄڻ چتاءُ هو ته اهڙيون ڀُلون به هُو معاف نه ڪندو. ظفر جي پنهنجن اصولن طرف ايمانداري ايڏي آهي جو اصولن جي طرفداري ڪندي ۽ سچ چوندي هو ڪنهن جو به لحاظ نه رکندو. پنهنجن پراون جو نه. ننڍن وڏن جو نه... سائين غلام مصطفيٰ شاهه جو به نه ته ڊاڪٽر حميده کهڙي جو به نه ... سچ ٽا مرد چون ڪنهن کي وڻي نه وڻي. سچل جي ڪلام جي هيءَ سٽ ظفر سان بلڪل ٺهڪي ٿي اچي.
ظفر، يونيورسٽيءَ ۾ پوليٽيڪل جاگرافيءَ جو پروفيسر آهي. ان کان سواءِ سندس باقي وقت ادبي خدمت ۾ گذري ٿو. سنڌي ادبي بورڊ سان ڪافي سال هن ڀاءُ جو واسطو رهيو ۽ ادبي بورڊ مان الوداع ڪرڻ بعد هن پنهنجي پياري ساٿيءَ ولي رام ولڀ سان گڏ ”آرسي“ شايع ڪرڻ شروع ڪئي آهي. ”آرسي“ جن به نظر مان ڪڍي هوندي سي ان جي معيار جي ساک ڀريندا ۽ ها، اڳتي هلي ”آرسي“ جي معيار ۽ انمول ساهتڪ خزاني جي ساک وقت ڀريندو. ساهت ڇپائڻ لاءِ ظفر پنهنجو پيسو سيڙائي پريس خريد ڪئي. مان سمجهان ٿي ته هن جهڙي اصول پرست ۽ خوددار شخص لاءِ اهو ئي بهترين طريقو آهي ادب جي خدمت ڪرڻ جو.
مون ڪيس گهڻائي دفعا ليکڪن کي چوندو ٻڌو ته ”لکو... لکو ڇو نه

آهيان، نيڪ هن وقت منهنجو گهوٽ اجمل شيخ سان فون تي ڳالهائي رهيو آهي. هو  ڪيس چئي رهيو آهي، ”هاڻي تہ، يار، سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا سين توهان سان بہ. ظفر ڪان سکي آيا آهيون. ظفر جو اهو ضد اسين پنهنجي سياءَ ۽ زندگيءَ ۾ شامل ڪنداسين.“

مون کي لکندي شرم ٿو اچي تہ خود منهنجي توڙي منهنجي گهوٽ جي ڪن پاڻرن پينرن جو اولاد سنڌي ۾ نہ ڳالهائيندو آهي ۽ اسان شڪست کاڌل سپاهين وانگر ان ڳالهہ بابت لڙڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي پر هاڻي مان ۽ منهنجو گهوٽ، بئي ظفر سان انجام ٿا ڪريون تہ پنهنجيءَ شڪست جي احساس کي مٽائي اسين بہ سندس وانگر هر ڪنهن  سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائينداسين پوءِ  چاهي هو سنڌيءَ ۾ نہ وراڻين! هڪ ٻيو ڪم ظفر اسان تي رکيو آهي، آهو اِهو تہ هندستان جي آزاديءَ وقت جڏهن ملڪ جو ورهاڱو ٿيو، تڏهن اسان سنڌي هندن کي سنڌ ڇڏي وڃڻو پيو ۽ ڀارت ۾ وڃي نئين سر زندگي اڏڻي پيئي بلڪل ان طرح جيئن ڪنهن اوچتي طوفان سبب ڪن پکين جا آکيرا اُجڙي وڃن ۽ هو اُن طوفان جو هراس ۾ اوندهہ، اکين ۾ ڪٽي ڪنهن دور دراز جڳهہ تي وڃي، وري ڪک ڪک  ميڙي پنهنجا آکيرا ناهين تہ سنڌي هندن ان طوفان کي ڪيئن منهن ڏنو ۽ ڀارت ۾ وري پاڻ کي ڪيئن اڏيو؟ ان موضوع تي اسين ڪو ڪتاب لکون. ظفر اِهو وڏو ڪم ڏسيو آهي. اسين دل سان ڪوشش ڪنداسين تہ جيئن اهو ڪم سر انجام ڪريون. حقيقت ۾ ظفر کي چو ٿو چوڻو پوي تہ ان موضوع تي اسين لکون!ٿيڻ ائين کپندو هو جو سنڌي هندن مان ڪنهن جي قلم مان، ورهاڱي جي بعد جيڪي مصيبتون نازل ٿيون، ان بابت ڪو بي ساختو شاهڪار ملڻ کپندو هو! پر اهو بي ساختو اظهار ادب ۾ چو نہ ٿيو، ان جو ڪارڻ مان نہ ٿي ٻڌائي سگهان. توڻي لج اچيم ٿي تہ ائين ڪيئن ٿيو. جڏهن ظفر ۽ سليم ميمڻ بہ اهو سوال پڇيو تڏهن منهنجي من ۾ پهريون دفعو اهو خيال آيو تہ اسان جي ادب ۾ ههڙي طوفاني موضوع تي ڪا دل لوڏيندڙ تخليق ڪانهي تنهنڪري ئي شايد... يا اهو بہ هڪ ڪارڻ ٿي سگهي ٿو جنهن ڪري شايد اسان جي نوجوان طبقي ۾ ماضيءَ  لاءِ گهڻي چاهہ ۽ محبت نہ آهي! مان ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي نوجوانن جي ڳالهہ ٿي ڪريان. ها، تہ اهڙو ڪجهہ لکان جو ننڍي ٿهيءَ کي سجاڳ ئي نہ ڪري پر ڏونڌاڙي، اهو انجام بہ دل ئي دل ۾ ظفر سان ڪيو اٿم!

ظفر اسان کي ڪراچيءَ ۾ انور ۽ نسرين، اختر ۽ قاضي صاحب جهڙا سهڻا ساٿي ملائي، پاڻ بہ چار ڏينهن ڄامشوري هليو ويو. اسين ڪراچيءَ ۾ هجون ۽ ظفر حسن ڄامشوري ۾، مٿان وري ظفر جو فون بہ خراب هجي ۽ اسين ڏينهن رات ڪوشش ڪريون تہ ملي ئي نہ، اهو اسان سان ستم ٿيو، پر سهڻو پيو، غير حاضر هوندي بہ ظفر اسان ٽنهين سان گڏ هو. مان توڙي موتي ۽ موهن، ڪيس پنهنجين دلين ۾ ڪٽي پئي گهمياسين. آخر جڏهن ڪراچيءَ آيو، تڏهن بہ هن سان ملڻ جو وقت تمام ٿورو مليو. اسان جون گهڻن ئي هنڌ دعوتون هجن. هو وري نڪرڻ مهل چوي: "بلڪل آرام سان اچجو. پل ڪيتري بہ دير لڳي. مٿان ڪوبہ خيال ڪريو."

جيتوڻيڪ تمام ٿورو وقت پئي گڏ ويناسين، تڏهن بہ ظفر جي ڪراچيءَ ۾ هئڻ جو احساس اسان کي ڏاڍو شاهوڪار پيو بڻائي ڇڏي. پڇاڙيءَ وارن ٻن ڏينهن تي ظفر اسان کان ڪي سوال پڇيا. سندس پڇيل سوال ۽ اسان جا ڏنل جواب هڪ منجهند جو هن ٽيپ رڪارڊر ۾ ٽيپ ڪيا.

آخرين ڏينهن تي تہ خاص بندوبست ڪري، هن وڊيو رڪارڊنگ ڪرائي. پاڻ اسان ٻنهي جي سامهون ويهي ڪي سوال پڇيا جن جا اسان جواب ڏنا. ظفر اسان کي پنهنجي دل ۾ تہ قابو ڪري ڇڏيو هو پر پوئين صبح جو اسان کي وڊيو ڪئسيٽ ۾ بہ قابو ڪري ڇڏيائين! هن اسان کان ايترا ۽ اهڙا سوال پڇيا جو سچ تہ اسان جي دل بار بار ڀرجي پئي آئي، نہ ڪنهن اسان کان حال پڇيو آهي ۽ نہ اسان ڪنهن سان حال اوريو آهي. پر اسان ظفر سان پنهنجو ڪافي ڏک سک ونڊيو. مثال طور جيئن موتي پنهنجيءَ پوريءَ زندگيءَ ۾ ٻن ڇئن ماڻهن کي مس اها ڳالهہ ٻڌائي هوندي تہ بمبئيءَ ۾ هن هڪ دفعي يڪا ٽي ڏينهن ماني نہ کاڌي هئي! موتي، ظفر سان کُلي پيو تہ اهڙي غريبي بہ هن ڏٺي آهي... ٻيو هڪ سوال پڇيائين جنهن جي جواب ۾ مون ڪيس چيو تہ اسان جا ٻار اسان جهڙا خوش نصيب نہ آهن. هنن بي پرواهہ ننڍپڻ تہ ڏٺو ئي ڪين. مان وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهيس. ان گهڙيءَ اهو ڏک ورائي ويو تہ اسان جن ٻارڙن جو ننڍپڻ اسان جي جيئڻ جي جدوجهد جي نذر ٿي ويو.

اسان کي ايئرپورٽ تي الوداع ڪرڻ لاءِ هڪ وار قمر بہ اچي پهتي! منهنجيءَ هن ڀينڙيءَ جي مان ڪيتري مهرباني مڃان. آخر ۾

موڪلائڻ وقت پهرين مون ئي موڪلايو قمر ۽ ظفر کان، پوءِ مان اڳتي وڌي ويس ۽ پنيان نهارڻ جي جرئت ئي نہ ڪيم، جو ڏسان تہ موتي ڪيئن ٿو ظفر کان موڪلائي. ان مهل اهو سياڳو ڏينهن ياد آيو جنهن ڏينهن اسين ڪراچيءَ ۾ پهتا هئاسين. ايئرپورٽ تي جنهن مهل ظفر چيو هو، ”ڪٿي آهي موتي؟“ اها گهڙي ياد اچي ويئي. موتي ان وقت ٿورو پرتي بلاليءَ سان ڳالهائي رهيو هو. مان ظفر سان گڏ وڃي ڪيس موتيءَ وٽ ڇڏي اتي واپس هلي ويس، جتي موهن بيٺو هو ۽ سامان ملڻ جي انتظار ۾ هو. مان يڪدم واپس ان ڪري ويس ڇاڪاڻ تہ ظفر ۽ موتي بہ پيار وارا جيڪي عرصي کان هڪ ٻئي سان ملڻ لاءِ ماندا هئا ۽ سپنن ۾ ۽ جاڳ ۾ هڪ ٻئي کي ساريو هئائون تن جي ملڻ جي سياڳيءَ گهڙيءَ جو سُک سهڻ کان ٻاهر هو. ان وقت جڏهن هو الڳ ٿي رهيا ۽ موڪلائي رهيا هئا، تنهن گهڙيءَ جو سور بہ سهڻ کان ٻاهر هو!

(ڪلا پرڪاش جي سنڌ جي سفرنامي ”جي هيئنڙي منجهہ هُرن“ ،1987ع تان ورتل )

********

مدد علي سنڌي

## ۽ منهنجا بہ ڪي آهن خواب

(ظفر حسن بابت ڪجهہ اڻپوريون ساروڻيون)

نسيم سحر آهي،
زندگي، طائر، ملڪ نغمہ زن،
دراز ريش
ايراني مُلي جي ٻانگ،
۽ طلوع آفتاب سان
داغستان منور،
گهوڙا پنهنجي مالڪن کي ڏسي هڻڪيا.
ويڙهاڪ سردار گڏ ٿيا،
انهيءَ وقت
تورا بوداق
فزيق خواجہ کي چيو:
فتح جي خوشيءَ ۾
توکي هڪ قصو ٻڌايان!!
(هڪ قديم داغستاني گيت جو ترجمو)

* * *

ڪيترن ماڻهن سان زندگيءَ ۾ مڪا ميلو ٿئي ٿو، پر اهڙا ماڻهو تمام گهٽ هوندا، جيڪي ڪڏهن بہ من تان نہ لهي سگهندا آهن. جڏهن مونکي دوست مختيار احمد ملاح چيو تہ اوهين ظفر حسن تي ڪجهہ لکي ڏيو، تہ آئون ڪيتري دير تائين انهي ويچار ۾ ٻڏي ويو هوس ۽ پوءِ دل جي آئيني تي ڪيترين ئي يادگيرين جا ڪڪر اُڀري آيا. انهن يادگيرين جي واهُ وڏ ڦڙي مينهن سمان وسڻ شروع ڪري ڏنو.

ظفر حسن سان، منهنجي دوستي اڌ صدي پراڻي هئي، اصل ۾ ظفر حسن، شروعات ۾ منهنجو نہ، پر سُهڻي رسالي جي ايڊيٽر طارق اشرف جو دوست ۽ سهڻي رسالي ۾ هن جو مددگار هو. تنهن وقت سهڻيءَ مخزن جي کهڙي ڳالھ ڪجي؟ هر مهيني باقاعدگيءَ سان، ڊيمي سائيز ۾ بنا ڊڪليئريشن جي رسالو نڪرندو هو.

اهو زمانو سال 1969ع جو آهي. طارق اشرف جيڪو سدائين منهنجي لاءِ طارق صاحب رهيو، نہ فقط منهنجو پاڙيسري هو، بلڪ اسان جا هن سان خانداني رستا بہ هئا. هن جي امڙ، امان مرحيات جي دل گهري ساهيڙي هوندي هئي. حيدرآباد جي الهندي ڪچي ۾، ڪوڪر پاڙي ويجهو طارق اشرف جي گهر پرسان منهنجي ننڍپڻ جا دوست امتياز قاضي ۽ ارشاد قاضي رهندا هئا. هنن جو وڏو ڀاءُ اشفاق قاضي وري حميد سنڌيءَ جي مخزن روح رهاڻ ۾ ٻانهن ٻيلي هو. سال 1968ع ۾ روح رهاڻ رسالي کان حڪومت ضمانت گهري، جيڪا نہ ڀرڻ جي ڪري رسالو بند ٿي ويو. تنهن وقت سهڻي رسالو فقط ادب براءِ ادب جي فڪر جو جو پوئلڳ هو.

روح رهاڻ جي بندش پوڻ کانپوءِ، سنڌي ادب ۾ سهڻي، نئين زندگي ۽ مهراڻ رسالن جو اوج هو. سهڻي رسالي ۾ آغا سليم، امر جليل، نسيم احمد کرل، غلام نبي مغل، ڊاڪٽر نجم عباسي، قمر شهباز، امداد حسيني، شمشير الحيدري ۽ ٻين ڪيترن ئي ليکڪن جا مضمون شايع ٿيندا هئا. طارق صاحب کي سندس گهر ايندي،ٻاهر ويندي ڏسندا هئاسين، پر ساڻس ڳالھ ٻولھ جنوري 1969ع ۾ ٿي، جڏهن مون هڪ ڪهاڻي ”ويا گذاري ڏينهڙا“ لکي ۽ وڃي طارق صاحب کي ڏني. هن ڪهاڻي وٺي چيو، ”سهڻي ۾ شايع ٿيندڙ لکڻين کي ظفر حسن جڏهن اوڪي ڪندو آهي، تڏهن انهن کي شايع ڪندو آهيان، آئون ڪهاڻي پڙهي پوءِ ظفر حسن کي ڏيندس!“ ڪجھ ڏينهن کانپوءِ طارق صاحب مونکي چيو، ”ظفر حسن کي ۽ مونکي هيءَ ڪهاڻي وڻي آهي، توهان هن ڪهاڻيءَ کي فيئر ڪري ڏيو!“ بهرحال، اها ڪهاڻي سهڻي ۾ شايع ٿي تہ جھڙوڪر آئون خوشيءَ ۾ نہ پيو ماپان. ان وچ ۾ سهڻيءَ کي ڊڪليريشن مليو. طارق اشرف سندس گهر جي ويجهو، هڪ جاءِ پنهنجي مائٽ سيد سليم شاھ کان مسواڙ تي ورتي ۽ اتي پرنٽنگ پريس اچي قائم ڪئي. بعد ۾ خبر پئي تہ اها پريس هٿئ لاءِ ظفر حسن، پنهنجو گهر وڪڻي، اها پريس خريد ڪئي هئي. ظفر حسنؔ جو اهو گهر

عامل ڪالونيءَ ۾ واقع هو، جتي هو پنهنجي پائرن مظفر حسن سيد (وفات ڪري ويو) انور حسين سيد، (وفات ڪري ويو)، ٻن ڀينرن ادي اختر، ادي منور سلطانہ ۽ امڙ حسينہ سيد سان گڏ رهندو هو. سندس والد سيد نظر شاهہ اڳي ئي وفات ڪري ويو هو، جيڪو ٽنڊي ڄام ويجهو زمينداري سان گڏوگڏ ورهاڱي وقت سنڌ ڪوآپريٽو بئنڪ ۾ مينيجر هو. ظفر اهو شاندار گهر وڪڻي، اچي لطيف آباد يونٽ ڇهہ ۾، مسواڙ تي بنگلو وٺي رهيو. ظفر جو اهو بنگلو لطيف آباد جي مين روڊ تي، نرسري ويندي روڊ جي ڪنڊ تي واقع هو. ڪڏهن لطيف آباد ۾، ان بنگلي وٽان لنگهندي، ماضي ياد اچي ويندو آهي.

* * *

ظفر حسن جي امڙ، جيجي حسينہ سيد اصل حيدرآباد دکن جي هئي. ننڍڙي هوندي کان ڪيس نور محمد هاءِ اسڪول جي باني نور محمد لاڪير ايڊوڪيٽ جي زال، نپائي وڏو ڪيو هو. محترم نور محمد لاڪير جي زال بہ حيدرآباد دکن جي هئي. پر امڙ حسينہ سيد، سنڌي ايڏي صاف ڳالهائيندي هئي، جو خبر ئي نہ پوندي هئي، تہ هن جو تعلق حيدرآباد دکن سان آهي. جڏهن بہ فون ڪندو هوس، تہ ڏاڍي اُڪير ۽ محبت سان حال احوال وٺي پوءِ ٻڌائيندي هئي. ”ابا، ظفر حسن ٻاهر ويل آهي!“ پوءِ لطيف آباد ۾ اڪثر وڃڻ ٿيندو هو، روايتي سنڌي عورتن وانگر، مون کي پنهنجي پٽن ظفر ۽ مظفر وانگر ڀائيندي هئي، پڇاڙيءَ ۾ بيمار رهندي هئي. ظفر حسن جي حالت ڏسڻ وٽان هوندي هئي، سخت پريشان رهندو هو، هڪ ڀيرو مون کي پنهنجي گهر اندر وٺي هليو تہ هلي امڙ جي عيادت ڪر. آئون اندر ويس هوءَ بيڊ تي ليٽيل هئي، مٿس اڌ رنگ جو اثر هو. فقط هڪ هٿ ٿورو مٿي ڪري، اشارو ڪيائين تہ منهنجي لاءِ دعا ڪرايو! ظفر جي والده جا آخري ڏينهن پنهنجي پٽ مظفر حسن سيد، جي لطيف آباد يونٽ 2، واري ننڍڙي بنگلي ۾ گذريا، جيڪو اسان جي دوست علي انور هاليپوٽي جي لطيف آباد يونٽ ڇهہ واري بنگلي هاليپوٽو هائوس جي سامهون واقع هو. ظفر حسن جي والده جو ٽيجهو هاليپوٽي هائوس ۾ ٿيو هو، جاڪاڻ تہ مظفر جو بنگلو تمام ننڍو هو.

* * *

ظفر حسن جي دماغ ۾ تنهن وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ جديد ادب ترجمو ڪري آڻڻ جي ڌن سوار هئي. سهڻي رسالي لاءِ هڪ مڪمل

پريس بہ انهيءَ ارادي سان قائم ڪئي هئائين. تنهن وقت ڪمپيوٽر جو زمانو ڪونہ هو، ان ڪري سنڌي ڪتابن جي اشاعت لاءِ نہ فقط پرنٽنگ مشين پر ان سان گڏوگڏ ڪمپازيٽر بہ رکڻا پوندا هئا. 52 اکرن جي ٽائيپ، جنهن ۾ شروع، پڇاڙي ۽ وچ وارا اکر، ڪامائون، فل اسٽاپ، 52 اکرن رکڻ لاءِ ڪاٺ جا، اسپيس وارا ننڍڙا ننڍڙا خانا ٺهيل ڏگها اسٽينڊ، ڪمپازيٽرن جي ويهڻ لاءِ اسٽول، ڪمپوزنگ ٿيل ميٽر لاءِ پتل جون ٺهيل اسٽڪس، پروفن ڪيڻ لاءِ گيلي (لوهہ جو ٺهيل رولر)، پروفن ڪيڻ لاءِ ڪاغذ، ڇپائي لاءِ مس، مشين مين ۽ ان جو اسسٽنٽ، ڪمپازيٽرن جو انچارج فورمين. مقصد تہ ڇهن ڪان اٺن ڪمپازيٽرن، سميت 10 ڪن ماڻهو ننڍي پريس لاءِ ضروري هوندا هئا. ۽ اهڙي پرنٽنگ پريس ظفر حسن، سهڻي رسالي لاءِ، الهندي ڪڇي ۾ هڻئي هئي، جنهن جو آئون اڏ صديءَ ڪانپوءِ پيو ذڪر ڪريان.

* * *

پريس قائم ڪرڻ ڪان اڳ ۾ فيصلو ٿيل هو، تہ طارق اشرف، پريس سنڀاليندو ۽ ظفر حسن وري پريس جو سمورو خرچ برداشت ڪندو. باقي پريس جي آمدني ڪيتري هئي تنهن وقت تہ ان بابت اسان ڪي ڪابہ خبر نہ هئي. سستائي وارو زمانو هو. نيوز پيپر، اوپر پاڪستان مان ايندو هو. 20x30 باءِ اٺ، يعني ڊبل ڪرائون رسالي لاءِ ڪاغذ جي ريم جو ريٽ هوندو هو 12 رپيا. جڏهن تہ ڪرائون سائيز جي پيج جي ڪمپوزنگ ۽ ڇپائي جا وري وٺندا هئا 2 رپيا. سو اهو هو زمانو، جنهن جي پاڻ وينا ڳالهہ ڪريون. شام جو ظفر حسن پريس ۾ اچي، فورمين استاد غلام قادر مرحوم ڪان حساب جي پڇا ضرور ڪندو هو، پر ڪيس جواب ملندو هو "سائين طارق صاحب وٽ حساب ڪتاب جي ڪاپي پيل آهي؟"

بهرحال اُهو سلسلو بہ گهڻو وقت نہ هلي سگهيو. ڏيڍ ٻن سالن اندر، ظفر صاحب جو موڊ خراب ٿيڻ لڳو. آئون طارق صاحب جي تمام ويجهو هئس. ان ڪري نہ پُڇڻ جي باوجود محسوس ٿيو تہ هاڻ طارق ۽ ظفر حسن جي تعلقاتن ۾ ڏار پوڻ وارا آهن. سال 1971ع جي جنوري ۾ آخرڪار طارق صاحب، ٻڌايو، "پريس بند پيا ڪريون!" ۽ پوءِ ظفر حسن آيو، ۽ پريس ڪي پنهنجو تالو هڻائي، هليو ويو... پر جنهن جاءِ ۾ پريس قائم هئي، تنهن جاءِ ۾ بہ در هوندا هئا. هڪ وڏو شاهي در جتي مشن لڳل هئي ۽ ٻيو وري جاءِ ۾ وڃڻ لاءِ هڪ ننڍڙو در! اتي تالو

لڳل هو. پر ان جي چابي طارق صاحب وٽ هئي. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ رات جو طارق صاحب مونکي ۽ پاڙي جي هڪ نينگر الطاف لچو کي پاڻ سان گڏ وٺي هلي سهڻي پريس جي ننڍڙي در جو تالو کوليو. پوءِ اسان طارق صاحب جي چوڻ تي اتان سنڌي ٽائيپ جو سمورو سامان ڪڍڻ شروع ڪيو. مون جڏهن طارق صاحب کي چيو، ته "ائين چو ٿا ڪريو" ته چيائين "تون ماٺ ڪري هي سامان ڪڍ، چاڪاڻ ته هي منهنجو سامان آهي. باقي مشين ظفر حسن جي آهي!" آئون چپ ٿي ويس ۽ ٻن ڏينهن، يعني ٻن راتين ۾ اهو سامان ڪڍائي اتي طارق صاحب جي گهر ۾ هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ وڃي رکيوسين. مون اهو ڪم ته ڪيو، پر پوءِ منهنجو ضمير مون کي ملامت ڪندو رهيو، ته هن غلط ڪم ۾ آئون شامل ڇو ٿيس؟ مون ظفر حسن سان اها ڳالهه ته نه ڪئي، پر پاڻ هڪ ڏينهن اچي مون وٽ گهر پهتو.

* * *

اها سال 1971ع جنوري جي ڳالهه آهي. ڪيس ڏسي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي. مون ڪيس ڊرائينگ روم ۾ وڃي ويهاريو. هن ڊرائينگ روم جي ڏاڍي تعريف ڪئي، جيڪو اصل ۾ ادا وڏي ممتاز قريشي جو سيٽ ڪيل هو. ڊرائنگ روم واقعي هو به ڏاڍو سهڻو. پيرن هيٺان نرم ايراني غاليچو، پٽين تي وال پيپر، رنگين سِرن جي ڊزائين واري ٽين ديوار تي وري ڳاڙها بخمل جا پڙدا. خوبصورت ڪاري رنگ جا ليدر وارا صوفا سيٽ. پر ۾ سِيٽي. اِدائي ٽنن جو آمريڪن ايئر ڪنڊيشنر ڪيريئر، آرٽ سان پريل شوڪيس، ڊرائنگ روم جي اندر وري 50 فوٽن جي برماٽيڪ واري ڇت وارو بيڊ روم! اتي ڪجهه دير ويهڻ بعد هن چيو، "مدد صاحب اوهان سان هڪ ڳالهه ڪرڻي آهي، جيتوڻيڪ مون کي خبر آهي ته، اوهين طارق صاحب جا ويجها دوست آهيو، پر هي ڳالهه آئون ڪنهن ٻئي کي ڪونه چوندس!"

مون ڪيس چيو "شاهه صاحب توهان مونکي ٻڌايو ته ڳالهه ڇا آهي!" پاڻ ڪجهه دير ماٺ رهيو، پوءِ ٻڌايائين، "سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ڳالهه ڪيئن ڪريان، پر ڳالهه جيڪڏهن نه ڪندس، ته پوءِ معاملو وڏي ويندو. مون هي پريس، پنهنجو عامل ڪالوني وارو گهر وڪڻي خريد ڪئي هئي. هاڻي اوهين پاڻ ڏسو، فقط پرنٽنگ مشين نه پر ڪمپوزنگ مٽيريل، ۽ ٻيو سمورو سامان وغيره وينڊي مشين مين، ڪمپازيٽرن، فورمين، ۽ آفيس جي مسواڙ به هر مهيني آئون ٿو ڏيان.

منهنجو طارق صاحب کي چوڻ هو، تہ پريس مان جيڪي آمدني ٿئي ٿي، ان جو حساب ڪتاب رکو. پر طارق صاحب منهنجي ڳالهہ تي توجهہ نہ ڏني! مون غلام نبي مغل جي ڪنن تي بہ اها ڳالهہ آندي آهي پر هاڻي، هي معاملو اڳتي نہ هلي سگهندو. توهان مهرباني ڪري منهنجو ساٿ ڏيو، تہ آئون پرنٽنگ پريس ڪٽائي هلي، صدر ۾ اها هٽايان.“ هاڻ آئون ڪچان تہ چا ڪچان. جو مونکي خبر هئي، تہ طارق صاحب، پويان پريس جو سمورو سامان ڪٽائي وڃي پنهنجي گهر رکيو آهي. آئون منجهي پيس، تہ جيڪڏهن هن کي ٻڌايان ٿو تہ پريس ۾ تہ ڪاري وارا ڪک وڃي بچيا آهن سواءِ پرنٽنگ پريس جي، تہ ڳالهہ مون تي اچي بيهندي، تہ اها ڳالهہ ظفر کي تو چو ٻڌائي، بهرحال!

مون هن کي فقط ايترو چيو، ”سائين توهان پريس ڪٽائڻ ۾ دير نہ ڪريو!“ ۽ پوءِ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ظفر پريس جو تالو هلي کوليو. سندس ياءُ مظفر حسن ۽ آئون ساڻس گڏ هئاسين. پريس جو در کوليائين تہ اتي سواءِ مشين جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. اهو ڏسي ظفر حسن صفا ڍهلجي ويو ۽ سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيائين. پر مون کيس چيو، ”سائين هاڻ ڪاوڙ مان ڪم نہ هلندو، جيڪي ٿيو، ان ڳالهہ کي ڇڏي توهين فقط طارق صاحب سان ڳالهايو يا غلام نبي مغل کي وچ ۾ آڻي، فيصلو ڪرايو. پر مشين هتان ڪٽائي هلو!“

* * *

ظفر حسن بابت، طارق اشرف اسان کي ٻڌائيندو هو، ”ظفر صاحب، ٽائيم جو پابند، اينٽيڪيٽ تي هلندڙ، ۽ تمام سنجيده ماڻهو آهي.“ اهوئي سبب هو، جو جڏهن ظفر حسن، سهڻي پريس جي آفيس ۾ اچا مس داخل ٿيندو، تہ آئون اتان اٿڻ جي ڪندو هوس. طارق اشرف جي سهڻي پريس واري آفيس، تنهن وقت، حيدرآباد جي اديبن جو مرڪز هوندي هئي. امر جليل، تہ پريس جي سامهون واري سيد سليم شاهہ جي گهر ۾ مسواڙ تي رهندو هو. سيد سليم شاهہ ۽ سيد محمد علي شاهہ، طارق صاحب جا مائٽ هئا. سليم شاهہ جي زال وري حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر عبدالڪريم لوڌيءَ جي ڀيڻ هئي. سليم شاهہ جي والده اصل حيدرآباد دکن جي هئي، جيڪا مشهور اديب ڊاڪٽر ابراهيم خليل جي زال جي وڏي ڀيڻ هئي. طارق اشرف وارن جي ناني بہ اصل حيدرآباد دکن جي هئي، تنهن ڪري طارق صاحب جي والده ۽ سندس ڀينرون (طارق جون ماسيون جن مان هڪ ملتان، ۽ ٻي

مٿياري جي سيدن ۾ پرڙهيل هيون) پاڻ ۾ اڙدو ۾ ڳالهائيندڙيون هيون.

شام ٿيندي هئي تہ اڪثر اتي ظفر حسن، آغا سليم، امر جليل، غلام نبي مغل، آغا شهاب الدين، وليرام ولڀ، الهبچايو لغاري، رسول بخش انڙ، پيربخش پياسي شاعر ننڍي محمد خان وارو، امداد حسيني، شوڪت حسين شورو ڪڏهن ڪڏهن ڊاڪٽر تنوير عباسي اچي گڏ ٿيندا هئا.

ظفر حسن ڏسڻ ۾ مڙس جهڙو انگريز. رنگ جو بنهہ اڇو، کير جهڙو، بت پريل، قدآور، صفائي اهڙي جو مک پنهنجي مٿان نہ ويهڻ ڏيندو. اکين ۾ ڪائي جستجو ڪا ڳولا، ڪرسيءَ تي ٿوري مير ڏسندو تہ طارق صاحب کي چوندو، ”سائين معاف ڪجو ڏسو، ڪرسيءَ تي ڪيڏي نہ مٽي لڳي پئي آهي.“ ۽ پوءِ پاڻ ئي ڪپڙو کڻي، ڪرسيءَ کي صاف ڪندو! ظفر صاحب پاڻ بہ سدائين اڇو ۽ اهڙو اجرو رهندو هو، جو ساڻس هٿ ملائيندي، ڊپ ٿيندو هو، تہ متان سائينءَ جو هٿ ميرو نہ ٿي پوي. سدائين پينٽ ۽ شرٽ ۾ ملبوس. وارن ۾ ڦٽي ڏنل. پيرن ۾ روزانو پالش ٿيل بوٽ، جورابن سان. ڪپڙا روز تبديل ڪندو. بئي ماٺهوءَ کي بہ اصل گدلو نہ ڏسي سگهندو. تڏهن آئون ميراجي شاعر کان گهڻو متاثر هوس: وار وڏا ڪلهي تائين لڙڪيل. ڪپڙا ڪاڏيءِ جا! قميص جا بٽڻ کليل، پيرن ۾ ميرو بنا پالش جي پناٽڪو سينڊل، هٿ ۾ هڪ وڏي لٺ. قميص هڪ ٻن هنڌن تان ڦاٽل. ان ڦاٽل ڪپڙن سان وري طارق صاحب وٽ وڃبو تہ هو ڇاٽي واٽي منهنجي قميص کي وڌيڪ ڦاڙي چوندو، ”هي ڀهروپ مون سان نہ ڪندو ڪر ۽ اها پنهنجي لٺ آفيس جي در تي رکي پوءِ اندر ايندو ڪر!“ ظفر صاحب ايندو تہ آئون اٿڻ جي ڪندس. نہ سلام نہ وري دعا. هڪ ڀيرو طارق اشرف کلندي مون کي ٻڌايو، ”اڙي ڀهروپيا، ظفر حسن ايڏو تہ سادو آهي، جو ڪالهہ مون کي چوڻ لڳو، ”طارق صاحب هي نوجوان جيڪو توهان وٽ اچي ٿو، ۽ مونکي ڏسي وري اٺي هليو ٿو وڃي. ان لاءِ منهنجي دل چوي ٿي تہ پاڻ ڪجهہ پئسا گڏ ڪري هن کي ڪپڙا وٺي ڏيون، جو سندس قميص بہ ڦاٽل هوندي آهي.“ ان تي مون کلندي کيس چيو، ”سائين توهين ڀليا آهيو، اهو هِن جو ڊونگ آهي، سکي ۽ ستابي گهر سان تعلق اٿس.“

۽ پوءِ هڪ ڀيرو ظفر حسن مونکي چئي ڏنو، ”سائين معاف ڪجو، اوهان جو هي حليو مناسب نہ آهي، ميراجي اڙدو ٻولي جو شاعر

تہ وڏو هو، پر انتهائي گدلو ماڻهو هو. ان ڪري پنهنجي پرسنلٽيءَ کي ڊيميج نہ ڪريو! مون کي توهان جي خبر پئي آهي تہ توهين ممتاز قريشي جا ننڍا ڀاءُ آهيو. آئون اوهان جي قيصر سئنيما تي اڪثر فلم ڏسڻ ويندو رهندو آهيان!"

مون ساڻس ها ڪئي، ۽ فقط لٺ ڪٽڻ بند ڪري ڇڏيم، پر ان واقعي ڪانپوءِ ظفر حسن سان نيازمنديءَ جو سلسلو شروع ٿي ويو. ان وقت جڏهن پاڻ شام جو سهڻي پريس ۾ ايندو هو، تہ ساڻس هڪ ٻيو سوٽيڊ بوٽيڊ نوجوان ڪاري عينڪ پاتل شخص گڏ هوندو هو، جيڪو اڳتي هلي مشهور تاريخدان ٿيو. سندس نالو هو مبارڪ علي. تنهن وقت پروفيسر عمر ميمڻ، جمال رند، محمد حسن پنهو، غلام رباني آگرو، ابراهيم جويو ۽ سمورو گروپ ويندي وائس چانسلر پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه تائين مبارڪ علي جو سخت مخالف هوندو هو؛ جيڪي مون کي اڪثر چوندا هئا، "ظفر حسن، جماعت اسلامي جي ماڻهوءَ کي تہ پاڻ سان گڏ وٺي هلي! ان ڪري تون بہ ظفر سان گڏ نہ هلندو ڪر." تنهن وقت سائين ابراهيم جويو جي اڳواڻيءَ ۾ ترقي پسند سنڌي اديب گڏ هئا، جيڪي ادب ۾ سنڌ جي قومي حقن لاءِ لکجندڙ ادب براءِ سياست جا قائل هئا، ٻئي طرف طارق اشرف وارا ادب براءِ ادب جي نظريي جا حمايتي ۽ آئون وري هوندو هوس ٻنهي گروپن جي وچ ۾ قائل.

* * *

سهڻي پريس ۾ منهنجو وڃڻ روز جو معمول هوندو هو. ان ڪري ظفر صاحب سان منهنجي ويجهڙائپ آهستي آهستي، پر سُست رفتاريءَ سان وڌڻ لڳي. هاڻ هن کي ڏسي آئون اٿي نہ ويندو هوس.

پاڻ سدائين خوش پوشاڪ، خوش اخلاق، سهڻي سوچ جو مالڪ رهيو. مرداني حسن ۾ سندس جهڙو ٻيو ورلي ڪو اديب هوندو. نہ ڪڏهن سگريٽ نہ وري ڪڏهن وسڪي کي هٿ لاتائين. خانگي زندگي بہ بنهہ صاف ۽ شفاف، اسان جي وسڪي پيئڻ واري عادت بابت فقط ايترو چوندو هو، "مدد صاحب، توهان جا اديب دوست، توهان کي ننڍي ڄمار ۾ وسڪيءَ تي لاهي آيا آهن، اها چڱي ڳالهہ ڪونهي. خاص طور تي توهان جهڙي ماڻهوءَ لاءِ، جاڪاڻ تہ اسان جون توهان ۾ گهڻيون اميدون آهن." آئون هن جي ڳالهہ کي لنوائي، جواب ڏيندو هوس، "سائين، آئون هيوي ڊرنڪر اصل نہ آهيان!" ان تي ڪلي چوندو

هو، ”پر ٿوري ٿوري تہ واپرايو ٿا نہ؟ عبدالقادر جوڻيجي وارن سان!“

ظفر صاحب بنيادي طور تي رومانٽڪ ماڻهو هو. پر اندر جو حال ڪڏهن بہ نہ اوريندو هو. هڪ ڀيرو هُن کان سوال ڪيم، ”سائين توهان ڪڏهن ڪنهن سان محبت ڪئي؟“ تعجب سان مونکي ڏسي چوڻ لڳو، ”اهو بہ ڪو سوال آهي پڇڻ جو؟“

ظفر صاحب وڏو زماني شناس سنجيده ماڻهو هو. سُخن جو اهڙو سچو، جو ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. جيڪا ڳالهہ من ۾، اها ئي وري چپن تي. ڪنهن بہ ڪم جي باري ۾ جنهن سان بہ واعدو ڪيائين، تہ ان تان هرگز نہ ڦرندو، پوءِ پل وارو، وير وهي وڃن، پر ان تان نہ هٽندو. پنهنجو خانگي ڪم ڪنهن کي نہ چوندو. نہ وري ڪنهن لاءِ ڪا سفارش ڪندو. حاجتمند جي دل ۾ اجايون اميدون جاڳائي، ڪنہن کي بہ آسرو اصل نہ ڏيندو. سنڌي ادبي بورڊ ۾ سيڪريٽري شپ سندس پراڻو خواب هو. اڄ ادبي بورڊ ۾ جي سيڪريٽري واري دفتر ۾ غالباً اهو بورڊ بہ باقي نہ بچيو آهي، جنهن تي ظفر جو نالو لکيل هو. نہ وري بورڊ کي ڪا اهڙي ضرورت ٿي، جو پنهنجي سيڪريٽري جو ڪوئي ڪتاب شايع ڪرڻ جي زحمت گوارا ڪن.

اڄ اڌ صدي لنگهي وڃڻ بعد جهاتي پائي پوئتي نهاريان ٿو تہ ويل وقت هڪ سپنو ٿو ڀانئجي. سپنو بہ اهڙو جو جڻ ڏٺي ان کي ڪالهہ ٿي هجي. (سال 1969ع ۽ اڄ سال 2020ع) پورا 50 ورهيہ معنيٰ: اڌ صدي. هاڻي دوربيني اکين تي رکي، ماضي ۾ ٿو ليئو پائي ڏسان، جيڪو منهنجي اکين اڳيان گذرندو رهيو. آئون اکين ڏٺو شاهد آهيان. ڪيترن واقعن ۽ ان دور جو!

مرداني حُسن ۾ سندس جهڙو بيو ورلي ڪو اديب مون ڏٺو. هڪ ڏينهن وٽس ويس. مون بيل وڄائي تہ پاڻ اچي در کوليائين. ٻاهر لان ۾ ويهي رهياسين. لان ۾ گلاب جي گلن جا ڪجهہ ٻوٽا هئا. انهن مان ٽڙيل مکڙين جو معائنو بہ ڪندو تي هليو. آئون ساڻس گڏ، ايتري ۾ سندس والده اندران سڏ ڪيو، تہ پاڻ تڪڙو اندر ويو. ڪجهہ دير ۾ موٽي آيو ۽ چوڻ لڳو، ”امان توهان جي لاءِ پڇيو پئي، تہ مدد لاءِ چانهہ سان گڏ ڇا موڪليان؟“ ايتري ۾ نوڪر چانهن ۽ سنبوسا کڻي آيو. چانهن پي اندر وٺي هليو. اندر ڊرائنگ روم ۾ سدائين سندس والد سيد نظر شاهہ جو پراڻي فريم ۾ فوٽو رکيل هوندو هو، نظر شاهہ پاڻ بہ ورهاڱي وقت ڪوآپريٽو بئنڪ حيدرآباد جو مينيجر هو.

* * *

جنوري 1971: ڪينٽومينٽ ٽاٽي جي سامهون، 474 صدر حيدرآباد پريس، مشين مين استاد رئيس جمالي، ڪمپازيٽرن جو فورمين استاد عبدالمجيد پريس ۾ سهڻا شيشي جا ڪبٽ ٺهيل، انهن ۾ رکيل اڙدو، سنڌي ۽ انگريزي ڪجهه ڪتابن جا نالا ياد آهن، فرانز فينن (1925-1961ع) جو ”ياد رفتگان“ (اڙدو ترجمو)، ”بڍا گوراويا“ فرينچ ليکڪ بالزاڪ (1799-1850ع) جو ناول (ڇپيل مڪتيبہ جديد لاهور)، دوستو وسڪي (1821-1881ع) جا انگريزي ۾ ناول جهڙوڪ ”ذلتون ڪي ماري لوگ“، ترگنيف (1818-1883ع) جو ناول ”جهونڪي بهار ڪي“ (ماسڪو مان ڇپيل)، ٽالسٽاءِ جوناول: ”وارايند پيس“ ۽ ”آنا ڪرينا“، ميخائل شولو خوف (1915-1985ع) جو مشهور ناول ”ايند ڪوئيٽ فلوز دي ڊان“ (انگريزي ۽ ان جو اڙدو ترجمو ”اورڊان بهتا رها“، سويت لٽريچر مخزن، ميوزورڪ، ٽائيم جا سوين پرچا، پارت مان شايع ٿيل رسالا جهڙوڪ: ڪونج، نئين دنيا، رابيل، منگهارام ملڪاڻي، ايشور چندر، موهن ڪلپنا، سندري اتمچنداڻي جا ڪتاب ۽ انسائيڪلوپيڊيا ان برٽينيا جا ڪجهه جلد.

مقصد تہ ٻڌائيندو هو، تہ سوويت لٽريچر مخزن، 1946ع کان باقاعدگي سان هر مهيني شايع ٿئي ٿو. جيڪا روسي، فرينچ، جرمن، اسپيني، پولش، انگريزي ٻولين ۾ ڇاپي وجي ٿي. ظفر حسن وٽ، ڪتابن جي بهترين ڪليڪشن هوندي هئي، تلڪ چاڙهي مٿان، ادبيات بهترين بوڪ اسٽال هو. خير محمد ۽ سليم قريشي ان کي هلائيندا هئا. پر ۾ آمريڪن سينٽر هو. تلڪ چاڙهي جي هيٺان فوجواري روڊ تي اڪال پونگالائين جي سامهون قومي ڪتاب گهر هو، ان کي هڪ مدراسي عبدالستار هلائيندو هو. ڪجهه وقت سهيل سانگي بہ ان بوڪ اسٽال تي اچي نوڪري ڪئي. اتي گهڻو ڪري روسي ادب، اڙدو ۽ انگريزي موجود هو. روسي ڪتاب ڏاڍا سستا، جن جي اعليٰ ڪليڪشن اتي وڪري لاءِ رکيل هوندي هئي. ڪامريڊ لينن جا ڪتاب ۽ ترقي پسند لٽريچر هڪيو تڪيو موجود هو. وڏي ڳالهہ تہ ماسڪو جي دارالاشاعت جا ڪتاب ڏاڍا سهڻا ڇپيل ملندا هئا. سوويت لٽريچر، رسالي سميت- ۽ ظفر ڪتاب بہ تمام گهڻا خريد ڪندو هو. هن جي خواهش هئي تہ دنيا جو بهترين ادب ترجمو ڪري سنڌي ۾ شايع ڪرايو وڃي. ان سلسلي ۾ سندس ذهن ۾ جيڪو خاڪو هو، اهو مرحوم

محمد حنيف رامي ۽ سندس ياءُ چوڌري نذير احمد، جي مڪتبہ جديد لاهور وارو هو. يا وري مشهور انگريزي پبلشر، پنگوئن جي ڪتابن جي سائيز سندس دلپسند هوندي هئي.

* * *

شروع ڪان وٺي ظفر حسن آئيڊلسٽ ۽ ايڊوينچرسٽ رهيو. 1971ع جي ڳالهہ آهي، هڪ پيرو چيائين، ”پاڻ ڪي ترڻ ۽ گهوڙي سواري اچڻ گهرجي!“ مون چيو، ”بلڪل صحيح ٿا چئو!“ يڪدم چيائين ”تہ پوءِ اوهان کي اچن ٿا ٻئي ڪم ڪرت؟“ ٻڌايم، ”ترڻ تہ نہ پر گهوڙي سواري اچي ٿي!“ يڪدم چيائين، ”گهوڙي سواري تہ مون کي بہ اچي ٿي. پر سوئمنگ اچڻ گهرجي!“ چيم، ”سائين خير تہ آهي“، چوڻ لڳو ”ياءُ، ڪنهن بہ مهل حالتون خراب ٿي سگهن ٿيون، جيڪڏهن پاڻ کي ٻيلي ۾ هلي رهڻو پوي، ڪنهن وڏي ويڙهہ لاءِ تہ پوءِ، ان لاءِ اهي ٻئي ڪرت لازمي آهن!“ مون ڪيس ڪوبہ جواب نہ ڏنو، پوءِ وٺي هليو حيدرآباد جيم خاني، جتي سوئمنگ پول هوندو هو، پر جيم خانا جو سوئمنگ پول خراب هو، ان ڪري ڳالهہ اتي جو اتي رهجي ويئي.

* * *

جولاءِ 1971ع: اوير پاڪستان تي مليٽري آپريشن شروع ٿي چڪو هو. ڪامريڊ جام ساقي، انڊر گرائونڊ ٿي پئي هليو. هڪ پيرو، ظفر حسن چيو، ”اڄ شام جو 7 وڳي گهر اچجو، اڪيلائيءَ ۾ ملاقات ڪرڻي آهي!“ چيم، ”سائين، بليڪ آئوٽ جي ڪري رات جو لطيف آباد مان موٽڻ وقت مسئلو پيدا ٿي ويندو!“ چيائين تہ، ”اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪونهي، مني ٽيڪسيون، رات جو دير تائين هلن ٿيون!“ بهرحال شام جو 7 وڳي آئون رڪشا ۾ چڙهي وجي ظفر صاحب جي لطيف آباد واري بنگلي تي لٿس. پاڻ اتي موجود هو. ڪجهہ دير ويناسين ۽ اجا اونداهي ٿي تہ ڏسان هڪڙو سيپڪڙو مهاجر چوڙيندار پاجامي، لکنوي ٽوپي، لٺ ۽ سيلم شاهي جوتن سان اسلام عليڪم چئي ڊرائينگ روم ۾ داخل ٿيو. مون هن کي نہ سڃاتو تہ ايتري ۾ هن همراهہ ڪلندي مون کي چيو، ”يار ڪامريڊ سڃاڻين بہ نٿو!“ ايئن چئي ڀاڪر پائي، ڳچيءَ تي چمي ڏنائين، تہ سمجهي ويس، تہ اهو همراهہ ڪامريڊ جام ساقي آهي، ملڪ ۾ سخت مارشل لا جو دور، جام ساقي ڪميونسٽ پارٽي جو ليڊر ۽ اهو ظفر حسن وٽ، تہ واقعي اها رسڪ جهڙي ڳالهہ هئي. بهرحال، ايتري ۾ منير احمد ماڻڪ بہ اچي پهتو. آخرڪار فيصلو

ٿيو، ته چاڪاڻ ته معجه ۾ گھڻ ۽ پوسٽ چانيل آهي ان ڪري ادبي تقريبن ذريعي به جاڳيءَ جو پرچار ڪرڻ گھرجي. بهرحال ان قسم جون گڏجاڻيون، مهيني ۾ چار ڀيرا ظفر حسن جي گهر تي ٿينديون هيون جنهن ڪاڻپوءِ نيشنل سينٽر حيدرآباد ۾ باقاعده هفتيوار ادبي گڏجاڻيون شروع ٿيون، تنهن وقت محترم عبدالحميد آخوند نيشنل سينٽر جو ڊائريڪٽر هو، پر اڳتي هلي مارشل لا اٿارٽي اهي ادبي گڏجاڻيون بند ڪرائي ڇڏيون. ڪيتري وقت تائين، يعني بليڪ آئوٽ جي اونداهين راتين ۾ ظفر جي گهر تي، ڄام ساقي جي صدارت ۾ ميٽنگون ٿينديون هيون. اهو وڏو جوکم جو ڪم هو. پر ظفر حسن هڪ بهادر شخص هو، جنهن تنهن وقت اهو بلڪل نه سوچيو، ته انهن گڏجاڻين وقت مارشل لا حڪام جو ڇاپو به پئجي سگهي ٿو. اتي ئي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ فيصلو ٿيو ته قومپرستن ۽ ڪميونسٽن جو اتحاد ٿيڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ مير احمد پٽي ۽ مونکي ذميواري ڏني ويئي. مون سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي اهم ليڊرن، جي هڪ گڏجاڻي، سيد شاه محمد شاه جي ڳوٺ ياٺوٺ تعلقي هالا ۾ سڏائي. پر ميٽنگ ۾ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ مخالفت ڪئي، ته پهريون قومپرست مضبوط ٿين، تنهن ڪان اڳ ۾ اهڙو اتحاد ٿي نه سگهندو.

ان سلسلي ۾ منهنجي ڊيوٽي لڳائي ويئي ته تون ڪامريڊ ڄام ساقي جي محترم سائين جي. ايم. سيد سان ملاقات ڪراءِ. ڇاڪاڻ ته ڄام انڊر گرائونڊ هو، ان ڪري فيصلو ٿيو ته ان ڪامريڊ ڄام ڪنهن هڪ دوست سان موٽر سائيڪل تي، ۽ آئون بس ۾ سن وڃان. ان فيصلي تحت آئون صبح جو سويل نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد وٽ پهتس. اتي سرفراز ڇاڙهي جي چيڙي تي هڪ اڙدو اسپيڪنگ ڪامريڊ کي پنهنجي موٽر سائيڪل تي ويهاريو، ۽ آئون بس ۾ وڃي وينس. سن پهچي، مون سائين سان ڳالهه ڪئي. 2 وڳي ڄام ساقي سن پهتو. سائين جي ايم سيد سان ملاقات ڪري، ڄام ان موٽر سائيڪل تي واپس روانو ٿيو.

* * *

”منهنجي شادي، امان وارن طئي ڪئي آهي صلاح ڏيو!“ مون کي هڪ ڪنڊ ۾ وٺي وڃي ظفر اها ڳالهه ٻڌائي. سندس ڳالهه ٻڌي مُرڪي چيم، ”سائين سٺي ڳالهه آهي، ڪٿان تا شادي ڪريو؟“ ڇوڻ

لڳو، ”توهين تہ سجاڻيندا هوندا هنن کي، ميان اسلم شيخ جي ڌيءَ سان سنگ طئي ٿيو آهي؟“ مون يڪدم چيو، ”اڪرم شيخ جي همشيره سان؟ جيڪي صدر ۾ رهندا آهن؟“ چيائين، ”ها، پر هاڻي توهان کي مون سان گڏ ڪراچي هلڻو پوندو، ٻي خريداري تہ ادي اختر وارن ڪري ڇڏي آهي، پر اجا ڪين ڪراچي مان ڪجهہ شاپنگ ڪرڻي آهي.“ مون چيو، ”ضرور سائين، توهان جڏهن چوندا، تہ هلنداسين!“ ۽ پوءِ پاڻ ڪراچي وڃي وڏيڪ شاپنگ، هن پنهنجي گهروارن سان ڪئي پر مونکي ڪراچي جي بوهري بازار وٺي هليو. اتان، ليڊر جون ڪجهہ بيگون خريد ڪيائين. اهي ڪار ۾ رکرائي، پوءِ آياسين ڪيفي جارج تي. اها هوٽل ڪراچي جنرل پوسٽ آفيس جي سامهون هوندي هئي، اڄ اتي اليڪٽرانڪ جا دڪان آهن. پوءِ لنچ اتي ڪري ڪافي منهنجي خواهش تي بندر روڊ تي واقع ڪاندا والا بلڊنگ ۾ مشهور ڪافي شاپ زيلين ۾ وڃي پيتي هئيسين. تڏهن ڪيفي زيلين جا بہ وڏا اوج هئا. اتي ريڪارڊنگ مشين لڳل هوندي هئي. ان ۾ 25 پئسا وجهي پنهنجي پسند جو ڪوبہ انگريزي گيت ٻڌي سگهبو هو. منهنجو وڻندڙ انگريزي گيت هوندو هو، مشهور سنگر ميري هاپڪن جو ”ٿو زور دي ڊيز مائي فرينڊ!“

* * *

ظفر صاحب جي شادي 1970ع ۾، هوٽل انڊس حيدرآباد ۾ ٿي هئي. مونکي اها تقريب اجا ياد بيٺي آهي. شادي جي فنڪشن جا فوٽا، عاشق عارباڻي ڪڍيا هئا. تڏهن رنگين رول جي ڊولپننگ ڪراچي ۾ نہ ٿيندي هئي. پر رنگين رول ڊولپنگ لاءِ لنڊن اماڻيا ويندا هئا. ظفر صاحب کي فل سوٽ پهريل گلي ۾ گلاب جي گلن جا هار، مٿي تي ڪراڪلي ٽوپي. شاديءَ جي تقريب ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پير غلام رسول شاهہ جيلاني، مير رسول بخش ٽالپر، پير آفتاب شاهہ جيلاني، سيد امير علي شاهہ جو سوٽ سيد آفتاب شاهہ جاموٽ، پير حسام الدين راشدي، قاضي سعيد، قاضي عبدالمجيد عابد، قاضي محمد اڪبر، رسول بخش پليجو، آغا شهاب الدين، آغا احد جان، حليم بروهي، نثار حسيني شرڪت ڪئي، پاپي قمر کي بہ مون پهريون ڀيرو اتي شاديءَ ۾ ڏٺو. تنهن مهل سوچيو هوم، ”ظفر صاحب جهڙي ڏڪئي ماڻهوءَ سان هيءَ ادي الله ڪري نباهہ ڪري“ ۽ پوءِ وقت ثابت ڪيو، تہ حيدرآباد جي صدر جي علائقي جي پليل نينگري، ڪيئن ظفر حسن

سان سموري زندگي ويهي نباهہ ڪيو. ادا اڪرم شيخ وارن جي گهر ۾، صدر جي اڪثر رهاڪن وانگر اڙدو ڳالهائي ويندي هئي. پر مجال آهي جو پاپي قمر ڪڏهن، ظفر صاحب سان اڙدو ۾ ڳالهايو هجي.

مون مٿي ذڪر ڪيو آهي تہ سال 1972ع جي شروع ۾ ظفر حسن ٻيهر پريس قائم ڪرڻ لاءِ مشين ڪٽائي، آٿي ڪينٽومينٽ ٽاڻي جي سامهون 474 آفيس ۾ هٿائي. پريس جي پر ۾ انڊسٽريل ڊولپمينٽ بئنڪ هوندي هئي. قاضي سعيد، ظفر حسن جو پيٽويو ان جو مئنيجر هوندو هو. پوءِ وني هليو ڪراچي، اتي رنڇوڙ لائين ۾ سنڌي ٽائيپ جون ٻہ آفيسون (فائونٽريز) هونديون هيون، هڪ جو نالو هو 'پاڪ ٽائيپ فائونٽري' ۽ ٻي جو نالو هو 'ڪراچي ٽائيپ فائونٽري' انهن مان 'ڪراچي ٽائيپ فائونٽري' جي سنڌي ٽائيپ ڏاڍي سهڻي ٿهيل هوندي هئي. ان ڪي اسين مصري ٽائيپ ڪري چوندا هئاسين. ٽائيپ جا ڪيترائي قسم هوندا هئا، 10 پوائنٽ، 12 پوائنٽ، 14 پوائنٽ، 18 پوائنٽ (بليڪ)، 24 پوائنٽ، 26 پوائنٽ ۽ 48 پوائنٽ. تنهن ڪانسواءِ فل اسٽاپ، ڪاما، اڌ ڏم، فل ڏم، اسپيس، شد، پيش، زير ۽ زبر جا لفظ، 52 سنڌي اکرن جا شروع، وچ ۽ پڇاڙي. اهو وري ڪمال هوندو هو سنڌي ڪمپازٽرن جو، جيڪي هڪ خاني مان هڪ هڪ اکر کڻي، پوءِ لفظن جي سٽ جوڙيندا هئا. بهرحال 'ڪراچي ٽائيپ فائونٽريءَ' تان ٽائيپ جو آرڊر بوڪ ڪرائي آياسين. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ٽرڪ ۾ سامان اچي حيدرآباد پهتو. منهنجو خيال آهي تہ 25 ڪان 30 هزار جو سامان هو، جيڪو 1972ع ۾ ظفر صاحب خريد ڪري، 'آٿي پرفيڪٽ پرنٽرز' جو ٻيهر اجراءُ ڪيو.

ظفر حسن کي سنڌ، سنڌي ٻوليءَ سان بيحد محبت هئي. هڪ ڀيرو چيائين: "مدد صاحب! انهن پراڻن ماڻهن جا انٽرويو ڪرڻ گهرجن، جن ورهاڱي کان اڳ وارو دور ڏٺو هو."

چيم: "سائين! سٺو آئيڊيا آهي!" پوءِ ٻڌايائين: "ورهاڱي کان اڳي لجپت روڊ تي جيڪا هيءَ ڳاڙهي رنگ جي پراڻي بلڊنگ آهي، اتي 'سنڌ جو ويناڻل سوسائٽيءَ' جي آفيس هوندي هئي. اسين ننڍي هوندي اتان سنڌي ڪتاب خريد ڪرڻ ويندا هئاسين. هاڻ ان عمارت ۾ اجان بہ مسٽر بولچند آڏواڻي رهي ٿو. هلو تہ هن کان هلي ٿا انٽرويو وٺون.!"

اها بلڊنگ رسالا روڊ تي اڄ بہ موجود آهي، ان عمارت جو

هڪ پاڳو لجپت روڊ تي ۽ ٻيو پاڳو رسالا روڊ تي حيدرآباد لا ڪاليج جي سامهون واقع آهي. انهيءَ بلڊنگ ۾ هيٺان هندوءَ جي هوٽل هئي، جيڪا اڄ ڪلهه مسلمان هلائي رهيا آهن. ان هوٽل تي سنڌي ڪاڏو ملندو آهي. اسين ان بلڊنگ جي مٿين پاڳي ۾ رهندڙ مسٽر آڏواڻيءَ وٽ ويا هئاسين، جيڪو ٻنهه جهور ٿي چڪو هو، ڪيتريون ڳالهيون اسان کي ٻڌايون هئائين، جيڪي ظفر حسن نوٽ به ڪيون هيون.

ٻئي پيريءَ ڊاڪٽر اسماعيل شيخ وٽ وٺي هليو، تڏهن شيخ اسماعيل ڪينٽومينٽ ۾، عيدگاهه ميدان، ميجسٽڪ سئنما وٽ، اوپر پاسي هڪ بنگلو وٺي اچي رهيو هو. ڊاڪٽر اسماعيل شيخ مشهور اديب ڊاڪٽر ابراهيم خليل جو پٽ هو. چاڪاڻ ته ڊاڪٽر ابراهيم خليل ساڄي ڌر، بلڪ جماعت اسلامي جو همدرد هو، ان ڪري اهل علم، ليڪ اسماعيل شيخ تي به ساڄيءَ ڌر جي اديبن جو وڏو اثر هو. اتي ڊاڪٽر گربخشاڻي جي حوالي سان هن مون سان وڏو بحث ڪيو هو، پر مون هن کي اتي سخت جواب ڏنا هئا، ته شاهه جي رسالي تي ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڪيل محنت کان منهن نه موڙيو.

* * *

ظفر حسن شخصي تنقيد جي معاملي ۾ دل جو وڏو هو. مون کي ياد آهي ته حيدرآباد مان (مرحوم) اختر انصاري اڪبرآبادي هڪ اڙدو رسالو، ماهوار نئي قدرين ڪڍندو هو. هُن سال 1972ع جي مئي - جون وارو پرچو 'سنڌي ادب' ڪري ڪڍيو هو. انهيءَ پرچي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نامور محقق ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ جو لکيل انتهائي اعتراض جوڳو مضمون به شامل هو. مضمون ۾ ڊاڪٽر پٺاڻ سنڌ جي سرموڙ شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي لاءِ تمام اعتراض جوڳيون ڳالهيون لکيون هيون. انهن مان هڪ اها ڳالهه به هئي ته: ”سنڌي تصوف جو نمونو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ موجود آهي، جنهن ۾ هندو تعليم مطابق پنهنجو پاڻ کي فنا ڪرڻ، سڄو وقت گروءَ (پير ۽ سيد) جي قدمن ۾ رهڻ، پنهنجي هستيءَ کي ايترو ڪيرائي ڇڏڻ، جو انسان غلام ٿي وڃي، ڪشمڪش جي زندگيءَ کان پاسو ڪرڻ ۽ آزاديءَ جي تصور جي ويجهو به نه وڃڻ، شاهه ڀٽائيءَ جي تعليم جا خاص اصول آهن!“ ڊاڪٽر پٺاڻ پنهنجي مضمون ۾ سائين جي. ايم. سيد تي به ذاتي حملا ڪيا هئا.

ظفر حسن 'نئي قدرين' جي ان پرچي بابت 'ڌرتي' رسالي جي

ٻئي نمبر پرچي اپريل – مئي 1974ع ۾ تبصرو شايع ڪيو، جيڪو سندس ئي لکيل هو ۽ پنهنجي نالي سان ئي شايع ڪيو هئائين. ان تبصري ۾ ظفر حسن، ڊاڪٽر پناڻ جي لاڪ لاهي ڇڏي ته ”هڪ سنڌي ٿي، هن اهڙو غلط قسم جو مضمون لکيو، جيڪو اختر انصاري اڪبرآباديءَ ڪي شايع نه ڪرڻ کپندو هو.“ تبصرو ڏرتي رسالي ۾ شايع ٿيڻ شرط ساڄي ڏر سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽر ممتاز پناڻ مڃرجي پيو. هو صاحب اڪثر ڪري ڪا به ڳالهه گار ڪانسواءِ نه ڪندو هو. ان تبصري جي جواب ۾ ڊاڪٽر ممتاز پناڻ هڪ خط لکي ظفر حسن کي اماڻي ڏنو، جيتوڻيڪ انهيءَ خط ۾ هن انتهائي نامناسب ٻولي ڪتب آندي هئي، پر ظفر حسن کليل دل سان اهو خط 'ڏرتي' نمبر 3، اپريل 1975ع ۾ شايع ڪري ڇڏيو. اڃو ته اهو خط پڙهي ڏسون:

”ڏرتي (نمبر 2) ۾ 'نئي قدرين' (اڙدو) جي سنڌي ادب نمبر تي تبصري منهنجي مضمون تي تنقيد بيجا آهي. منهنجو مضمون هڪ سال اڳ جو ڇپيل آهي ۽ حقيقت تي مبني آهي. تڪرن ڏيڻ بدران جيڪڏهن سڄي مضمون جو ترجمو ڏين ها ته جيڪر اڃا ڪارا پڌرا ٿي پون ها، ان ڪري توهان جي تنقيد نه فقط بيجا آهي، پر تائيم بارڊ (مدي خارج) به آهي. البت توهان ڪارنهن جو ذڪر ڪيو آهي، ان تي مون کي هڪ پوڳ ياد اڇي ويو، سو ٻڌو.

”تحقيقاتي مضمون لکڻ سان ڪارنهن جو داغ نه ايندو آهي، پر ڪتن ڪرتوتن سبب البت ماڻهن جي منهن تي ڪارنهن ملجي ويندي آهي. سنڌ جا سيد پنهنجون ڌيئون ۽ ڀيڻون ڪنهن امتيءَ کي ڪونه ڏيندا آهن، ڇاڪاڻ ته هو انهنءَ کي گهٽ سمجهندا آهن. پر جيڪڏهن ڪو سيد پنهنجي ڀيڻ يا ڌيءُ جي غير سيد سان سندس شادي ڪرائي ته ڇا انهيءَ ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ڪارنهن ٿي سگهي ٿي؟ آئون سمجهان ٿو ته نڪ واري لاءِ ٻڌڻ آهي. مهرباني ڪري هيءُ خط 'ڏرتي' ۾ ڇاپيندا ته سنڌ جا سيد پڙهي لاپ پرائين. ياد رکج ته ڪوڙي ۽ منافق تي الله جي لعنت وسندي رهي ٿي. 'لعنت الله علي المنافقين والڪاذبين'.“

(اصل ۾ ڳالهه اها هئي ته ظفر حسن جي ڀيڻ ادي اختر سيد، ڀهرين سيد نينگري هئي، جنهن سال 1963ع ۾ ان دور جي روايتن کان بغاوت ڪري، قاضي سعيد سان شادي ڪئي. سيد ظفر حسن ان شاديءَ ۾ ڀيڻ جو ساٿ ڏنو، گهروارن جي رضامنديءَ سان اها شادي ڪرائي

هئي. تنهن وقت اهو وڏو مثال هو، ٻيو مثال سيد قمر زمان شاهه جي پيءُ ڊاڪٽر آفتاب سيد جو، ڊاڪٽر منير صديقي سان شاديءَ جو هو)

* * *

سنڌي ڪتابن ۽ رسالن تي بندش پوڻ وارو واقعو نه وسرندڙ آهي. سال 1975ع جي مئي مهيني ۾ سنڌ سرڪار هڪ ئي وقت 72 سنڌي رسالن ۽ ڪتابن تي بندش لاڳو ڪئي ۽ ساڳئي وقت ٽن پريسن کي به سيل ڪري ڇڏيو. ظفر حسن جي رسالي 'ڌرتي' کي ڊڪليئريشن نه هو، ان ڪري اهو رسالو بندش هيٺ نه اچي سگهيو. ظفر حسن 'ڌرتيءَ' جا چار ڪن رسالا ڪڍيا، اهو سلسلو هن 1974ع ۾ شروع ڪيو، 'ڌرتي' جو ٽيون پرچو نومبر 1975ع ۾ نڪتو، انهيءَ ٽئين پرچي جي ايڊيٽوريل ۾ ظفر حسن لکي ٿو:

"ڌرتي پبليڪيشن جو ٽيون ڪتاب 'زمين ڪان ڪٽيل' پيش ڪجي ٿو، 'ڌرتي پبليڪيشن' جي نمبر ٻئين ۽ نمبر ٽئين جي وچ ۾ يڪو سارو چوڏنهن مهينن جو ڊگهو عرصو آهي، انهن چوڏنهن مهينن ۾ چا وهيو، ڇا واپريو ان سلسلي ۾ ڪنهن سان سور سلڻ جي في الحال ڪا ضرورت ڪانهي. اسين رڳو ايترو چونداسون ته ڪتاب مئي ۾ ڪڍڻ جو خيال هو ته 'عوامي حڪومت' سنڌي پريسن کي سيل ڪري ڇڏيو، جنهن ۾ پرفيڪٽ پرنٽرس به شامل هئي، جتان "ڌرتي" ڇپجي ٿو. پر تڏهن به ڪتاب ڪڍي رهيا هئاسون، جو بائينڊر وٽ تيار هو. پر مٿان وري حڪومت ڪتابن، رسالن ۽ ڪتابي سلسلن کي نه صرف بند ڪيو، پر انهن جي پوين پرچن کي به ضبط ڪري ڇڏيو، پر انهن ۾ "ڌرتي" رسالو شامل نه هو. پر تڏهن به ڊپ هو ته مٿان پل ۾ "ڌرتي" رهجي ويو هجي، جيئن "برسات" وغيره رهجي ويا هئا ۽ ٿيو به ائين. وري ڪجهه عرصي ۾ سرڪار باقي بچيل سمورن رسالن کي به بند ڪري، سنڌي زبان ۽ اسان جي ادب کي مڪمل بند ڪري ڇڏيو ۽ "ڌرتيءَ" جي باقاعدگيءَ سان نه نڪرڻ ڪري، ڌرتي سرڪار جي لسٽ ۾ شامل ٿي نه سگهيو ۽ پهريون پيرو اسان جي سستي ڪم آئي، جو جو ڌرتيءَ باقاعدگيءَ سان نڪرندو هجي ها ته اڄ اهو به ضبط هجي ها. تڏهن به انهن حالتن جو سبب اسان جي پنهنجي پروگرام ۾ ڪامياب نه ٿيڻ جو بهانو نه ٿو بڻجي سگهي. جو هي ناڪامي مڪمل ڪانهي، انهيءَ جو ثبوت 'ڌرتي پبليڪيشن' جو هي ٽيون ڪتاب آهي. جيڪڏهن سال ۾ هڪ ڪتاب ڪڍيوسين ته اهو ڪجهه نه ڪڍڻ کان

تڏهن بہ بهتر آهي.“ (نوٽ: مئي 1974ع سنڌ سرڪار پرفيڪٽ ظفر حسن جي، رسول بخش جي، سردار مولانا زاهد جي، محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي اسلاميہ، مظهر يوسف جي، سائين جي. ايم. سيد واري نئين سنڌ، حيدري، مرتضيٰ، ممتاز، ساقي ۽ رائيٽ پرنٽنگ پريسن کي سيل ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ 10 مئي 1975ع تي 72 سنڌي پبليڪيشن ۽ ڪتابن تي بندش هڻي ڇڏي. انهن بند رسالن ۾ ”سهڻي“، ”اڳتي قدم“، ”ملير“، ”تحريڪ“، ”برسات“، ”سوجهرو“ شامل هئا. اها پابندي 1963ع واري پريس اينڊ پبليڪيشن آرڊيننس تحت هنئي ويئي هئي. ان کان اڳ ڊاڪٽر ابراهيم خليل، سيد علي مير شاهہ ۽ مهراڻ روزاني اخبار جي ايڊيٽر سيد سردار شاهہ هڪ پريس ڪانفرنس ڪري مطالبو ڪيو هو، تہ لاديني سنڌي رسالن ۽ ڪتابن تي بندش لاڳو ڪئي وڃي.

* * *

ظفر حسن جي پارت جي سنڌي اديبن سان گهڻي لکپڙهہ هوندي هئي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ سان تہ ظفر حسن ڏاڍي محبت ڪندو هو. اڪثر هن جو ذڪر ڪندي چوندو هو: ”ڪا اهڙي ڪانفرنس ڪرائجي، جو انهن مڙني جهونن اديبن کي سنڌ گهرائي، ويهي هنن کي ٻُڌجي!“ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ سان باقاعدگيءَ ظفر حسن جي خطن جو سلسلو هلندو رهيو. مون کي ياد آهي تہ منگهارام ملڪاڻي، اتم، وشنو ڀاٽيا، لڇمڻ ڪومل، لال پشپ، ايشور چندر، موتي پرڪاش، پوپٽي هيراننداڻي، ڪلا پرڪاش ۽ ٻين ڪيترن ئي هند جي اديبن جا وٽس خطن جا فائيل هوندا هئا. غالباً سال 1975ع ۾ مون کي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو هڪ خط ڏيکاريو هئائين، ان خط ۾ لکيل هو: ”توهان جو پهريون خط ٽائيپ ٿيل هو، جيڪو پڙهي تمام گهڻو خوش ٿيس تہ سنڌ ۾ سنڌي ٽائيپ رائيٽر نڪري ويو آهي. ڪراچيءَ ۾ مون وٽ هڪ جهونو جوڙيل سنڌي ٽائيپ رائيٽر هو، پر مون کي اهو منجهائيندڙ لڳو، جنهن ڪري واپس ڪري ڇڏيم. اميد تہ نوان ٽائيپ رائيٽر ڪم آڻڻ ۾ وڌيڪ آسان هوندا، جيئن توهان جي خط مان لڳي ٿو، جو صاف سٿرو ٽائيپ ٿيل آهي.“

* * *

ظفر حسن، پنهنجي والده محترمہ حسينہ سيد جي نالي ۾ ”حسينہ سيد پبلشرس“ بہ کوليو، ساڳئي وقت پنهنجي نياڻي، ناظره سيد، جيڪا منهنجي خيال ۾ 1974ع ۾ هڪ سال جي مس هئي تہ هن

جو نالو بہ پبلشر طور ڪتب آندو هئائين. جڏهن مون ڪيس چيو: ”شاهہ صاحب! ناظره تہ اجان بنهہ ننڍڙي آهي، تہ هن ڪي بہ اوهان پبلشر ڪري ڇڏيو!!؟“

وراڻيءَ ۾ چيائين: ”مدد صاحب! اڄ هي ٻار آهن، سڀاڻ وڏا ٿيندا تہ اڳتي هلي پنهنجي ٻوليءَ سان سلهاڙيل رهندا. جو اڳتي هلي وڏا ٿي هنن ڪتابن ۽ رسالن تي پنهنجو نالو ڏسي، ڪين پنهنجي ٻوليءَ لاءِ وڌيڪ سڪ لڳندي!“ پوءِ مون کي منگهارام ملڪاڻيءَ جي خط جو ٽڪرو پڙهي ٻڌايو هئائين:

”مون کي ٻڌي عجب لڳو ۽ خوشي بہ بيحد ٿيم، تہ توهان جي اداري جي پبلشر خود توهان جي نياڻي آهي، جا صرف هڪ سال جي آهي. ان مان توهان جي ٻارن لاءِ محبت ڀري دل ظاهر آهي. ننڍڙي ناظره جي مٿي تي مون پاران هٿ گهمائجو. شال وڏي ۽ ويجهي ۽ والد جو ورثو ڇڪي، سنڌيءَ جي برک ليکڪا بڻجي.“

ظفر حسن جون ٻئي نياڻيون ناظره ۽ مائره اڄ ڪلهہ آمريڪا ۾ رهن ٿيون ۽ سندن والده پاپي قمر پڻ ساڻن گڏ آهي.

* * *

سچ پچ تہ ظفر حسن سيد انتهائي دلفريب شخصيت جو مالڪ هو، سندس رهڻي ڪهڻي ۾ اڳ بہ ظاهر ڪيم تہ ڏاڍي نفاست ۽ اٿڻي ويهڻي بہ شاندار هئي. اڪثر سندس رفتار ۽ گفتار جون دلنوازيون، بي ساختگيون، ۽ مزاج بہ سياويڪ هوندو هيس. آئون ڪيس اڪثر هند جي سنڌي اديبن جون ڪهاڻيون شايع ڪرڻ لاءِ ڏيندو هوس، هڪ ڀيرو ڪلندي چيائين: ”مدد صاحب! هي پنهنجن هند جي سنڌي اديبن جون ورهاڱي بابت لکيل ڪهاڻيون ’محمد گاڏيءَ وارو‘ آهي، يا ’نصرپور واري ماسي‘ يا ’رحمون موالي‘- ڇا هنن ان وقت سنڌ جي چڱن، موچارن مسلمانن کي ڪونہ ڏٺو؟“

مون سندس اها ڳالهہ ٻڌي واقعي ڪلي ڏنو هو، ’محمد گاڏيءَ وارو‘ ڪهاڻي رام پنجواڻيءَ جي، ’نصرپور واري ماسي‘ وشنو ڀاٽيا ۽ ’رحمون موالي‘ وري موتي پرڪاش جون ڪهاڻيون هيون، جيڪي پاڻ ’ڌرتي‘ ۾ بہ شايع ڪيون هئائين.

* * *

حيدرآباد ۾ نورمحمد هاءِ اسڪول ويجهو، پرگڙي روڊ (جيل رستو) شروع ٿيڻ ڪان اورتي، ڏکڻ پاسي، هڪڙو مشهور ڪتابن جو

دڪان، 'راما بوڪ ڊپو' هو، اهو دڪان، ورهاڱي ڪانپوءِ 'راما' (پاڪ) ڊپو جي نالي سان مشهور ٿيو. اتي عام سنڌي، انگريزي، خاص طور تي اسڪولي ۽ ڪاليجي ڪاپيون ۽ ڪتاب ۽ ٻيو سامان موجود هوندو هو. بوڪ اسٽال جي مالڪ جو نالو هو، 'رامچند گيهي مل سدا رنگاڻي!' پاڻ اڪيلو سنڌ ۾ رهي پيو هو ۽ ورهاڱي وقت پنهنجو ديس ڇڏڻ کان انڪار ڪيو هئائين. 1970ع جي ڏهاڪي ڪانپوءِ اهو دڪان وڪڻي وجي تلڪ چاڙهيءَ جي مٿان سري گهاٽ ويندڙ گهٽيءَ جي منهڙ تي واقع مندر جي هڪ ڪوٺڙيءَ ۾ پناهه ورتي هئائين. ظفر حسن جي ڪري منهنجي هن سان سڃاڻپ ٿي هئي. سال ١٩٨٦ع ۾ ٻه چار ڀيرا ظفر حسن ۽ آئون وٽس ان مندر ۾ ملاقات لاءِ ويا هئاسين. 1988ع ۾ هو سخت بيمار ٿي پيو ۽ ظفر ڏي ماڻهو موڪليو هئائين، پر تڏهن 474 پرفيڪٽ پريس بند ٿي چڪي هئي، ان ڪري اهو ماڻهو مون ڪي ڳوليندو اچي عبرت پريس پهتو، جتي آئون روزاني 'سنڌي نيوز' ۾ ڪم ڪندو هوس، پوءِ اڪثر آئون هن وٽ ويندو هوس، رامچند اڪثر ظفر حسن کي ڏاڍو ياد ڪندو هو. 1989ع ۾ قلعي آپريشن کان هڪ ڏينهن اڳ آئون هن جو حال احوال وٺڻ ۽ ڪيس دوائون ڏيڻ ويو هوس. اهو سمورو علائقو اڙدو ڳالهائيندڙن جو هو، جتي سواءِ انهيءَ شاهي مندر جي ٻيو ڪنهن سنڌيءَ جو گهر نه هو. پوءِ ڪرفيو لڳو ۽ حالتون خراب ٿيون ته اتي وڃڻ مشڪل هو. 1990ع جي شروع ۾ ظفر حسن سان رستي ويندي ملاقات ٿي، ٻڌايائين "مدد صاحب! هو ويچارو رامچند لاڏاڻو ڪري ويو!!"

* * *

18 نومبر 1975ع
474 پرفيڪٽ پرنٽرز
صدر حيدرآباد
پيارا مدد علي،

خبر ناهي ته هي خط اوهان کي پهچي يا نه، پر ان اميد سان موڪليان پيو ته ضرور اوهان کي هي خط پهچندو. هِن خط سان گڏ ايمنسٽي انٽرنيشنل جو جرمني مان آيل ڪارڊ به شامل آهي، جيڪو پريس جي ايڊريس تي اوهان جي نالي اچي پهتو. ڪنهن جو به خط پڙهڻ غير اخلاقي حرڪت آهي، پر ڇاڪاڻ ته ڪارڊ کليل هو، ان ڪري پڙهڻ تي مجبور ٿي پڙهڻو پيو. ايمنسٽي انٽرنيشنل وارن اوهان جي

والد کي "ضمير جو قيدي" قرار ڏنو آهي، چاڪاڻ ته چاچا سائين کي بيڏوهي گرفتار ڪيو ويو هو، وڏي ڳالهه ته گرفتاري جا 27 ڏينهن، 27 سالن جي برابر هئا، جو گرفتار ڪرڻ مهل سندن ڄمار تنهن وقت به 80 سال هئي. آئون به اهو ڏک نه وساري سگهندس. بديع الحسن زيدي وزير ٽرانسپورٽ جي اغوا جي ڪيس ۾ اوهان ۽ اوهان جي سائين جي گرفتاري ٿئي ها ته اها بي ڳالهه هئي. پر هڪ اسٽوڊنٽ ليڊر جي پوڙهي والد جي گرفتاري وارو عمل سخت مذمت جوڳو هو. اهو سڀ تاريخ جو ريڪارڊ ٿي ويو ۽ تاريخ جي ورقن ۾ اهي سموريون ڳالهيون ياد رکيون وينديون.

امید اٿم ته جتي هوندا خوش هوندا ۽ يقين آهي ته هي تڪليفن جا ڏينهن اوهان جا ضرور ختم ٿيندا.

اوهان کي سدائين ياد رکندڙ

ظفر حسن

حيدرآباد

*(خط ڏيڻ لاءِ ميرزا دبير جو ٿورو)*

* * *

سال 1976ع

آئون قومي سياسي هلچل ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شاگرد سياست ۾ سرگرم هئڻ سبب انڊر گرائونڊ هيس، پر ظفر حسن ۽ ٻين دوستن سان رابطو هو. ظفر کي 'ڌرتي' رسالو ڪڍڻ جو خيال آيو. صلاح مصلحت ٿي، آخرڪار ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ڌرتي شايع ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. رسالو ادبي هو، ۽ ظفر حسن رسالي لاءِ ڪجهه مواد ڏيڻ جي ذميواري منهنجي حوالي ڪئي. مون گهر ۾ ويهي ڌرتيءَ لاءِ ڪجهه مواد ڪيس هٿ ڪري ڏنو. ان رسالي جي خاص ڳالهه اها هئي ته مخزن ۾ ڪهاڻيون ۽ شعر شايع ٿيندا هئا ۽ هر پرچي ۾ هڪ ليکڪ جي حياتيءَ جو احوال، ان سان گڏ هن جي لکڻي ڪيس ڏيندو هوس. ڌرتيءَ جي ٽن پرچن ۾ مون سائين جي. ايم سيد جا مضمون، حشو ڪيولراماڻي، دادا چيٺمل پرسرام گلراجاڻي، لالچند امرڏني مل بابت ۽ سندن ڪهاڻيون پدم، ڪلجڳي، ٻانيڻ ڏنيون. اها روايت نئين هئي. ڌرتيءَ جا منهنجي خيال ۾ ٽي پرچا مس گذريا ته حڪومت 72 پبليڪيشنس ۽ ٽن پريسن، سهڻي، پرفيڪٽ پريس ۽ جمالي پريس کي ضبط ڪري ڇڏيو. (ظفر حسن هڪ سياسي رسالو پروڙ سنڌي ۾

پراسپيڪٽ انگريزيءَ ۾ پڻ شايع ڪيا. پر سندس پرنٽنگ پريس سيل ٿيڻ سبب سمورو ڪم وقتي طور تي لڙهي ويو.)

* * *

17 جون 1977ع

پيارا شاهه صاحب

جيئي سنڌ!

سڀ کان پهريون اوهان کي سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري ٿيڻ تي دلي مبارڪباد ڏيان ٿو. اها اوهان جي پراڻي خواهش هئي ته سنڌي ادبي بورڊ جو اهڙو ماڻهو سيڪريٽري هجي، جنهن کي جديد توڙي قديم ڏيهي توڙي پرڏيهي ادب بابت ڄاڻ هجي، ۽ بورڊ جهڙي اداري کي اهو سڀ شايع ڪرڻ گهرجي. ان سان گڏ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتابن جي ڇپائيءَ جو معيار پڻ اعليٰ ٿيڻ کپي. قدرت اوهان کي هڪ سٺو موقعو فراهم ڪيو آهي، اميد ته ان موقعي مان اوهين ڀرپور فائدو وٺندا.

عرض ته "گل ڦل" رسالي لاءِ ايڊيٽر جو اشتهار اخبارن ۾ شايع ٿيو آهي، ان عهدي لاءِ ميرزا فياض بيگ به اميدوار آهي. ميرزا صاحب حيدرآباد جي قديم خيرپوري ميرزا خاندان جو فرزند آهي، پاڻ شاعر، اديب ۽ اهل ذوق آهي. ميرزا عباس علي بيگ مشهور تاريخدان سندس چاچو آهي. مون کي اميد آهي ته خط آٽينڊڙ ميرزا فياض جي علمي حيثيت کي مدنظر رکندي، هن دوست کي انهيءَ پوسٽ لاءِ موزون سمجهندا ۽ سندس سليڪشن ۾ هن جي پوري مدد ڪندا. هي صاحب منهنجو ننڍپڻ جو دوست پڻ آهي، ان ڪري توهان کي هن خط ذريعي تڪليف ڏئي رهيو آهيان.

(مدد علي سنڌي)

(رولاڪن ۾ گم)

(هن خط جي ڪاپي ڏيڻ لاءِ ميرزا دبير فياض بيگ جا ٿورا)

* * *

سال 1978ع

ظفر حسن، کي سنڌي ادب ۾ عالمي ڪهاڻين ۽ شعرن جي ترجمي ڪرڻ جو شوق هردم رهيو، پاڻ 1978ع ۾ "سنڌ رنگ"، 474، صدر، حيدرآباد جي نالي سان هڪ پبليڪيشن قائم ڪئي. اداري طرفان ڊيمي سائيز ۾ ڪجهه رسالا ڪڍيائين. وليرام ولڀ سندس ٻانهن

بيلي هو، 'عالمي ادب' جي عنوان سان اهي ڪتاب هن ٻه چار ڪڍيا. پهرئين جلد ۾، البيئر ڪامو (فرينچ) جي ڪهاڻي مهمان، "ارنيسٽ هيمنگوي ٻي سفيد هاٿي جهڙيون تحريرون" تاليا تار اينڪوچ جي روسي ڪهاڻي "ساٿي"، امرتا پريتم جي پنجابي ڪهاڻي "ٻوٽي"، موهن ڪلپنا جي سندر ڪهاڻي، "آخري رات"، سينگل گنگو پاڌا جي بنگالي ڪهاڻي "اهو جنهن جو چوٽڪارو ماڻهو چاهيو" شامل هيون. عالمي ادب مخزن ۾، چوند پرڏيهي شاعريءَ جو ترجمو به شامل ڪيو هئائين. ان چوند شاعري جو سنڌي ترجمو، هند جي مختلف ليکڪن طرفان ڪيل، وري مون کيس ڏنو هو. (انهن چوند عالمي شاعري جا ٽي نظم مون وٽ محفوظ آهن.) مون کي ياد اچي ٿو ته هڪ ملايلم ڪهاڻي جو شاندار سنڌي ترجمو مشهور ليکڪا خير النساءِ جعفري ڪيو هو.

ظفر حسن اڪثر چوندو هو، "سنڌي ٻوليءَ ۾ دنيا جي سيهوڳي تخليقي ادب کي هڪ هنڌ گڏ ڪري جلد وار پيش ڪرڻ گهرجي، نه فقط اهو پر عالمي ادب مان بهترين چوند ڪهاڻين جون اينٿالاجيز به اچڻ گهرجن!"

سچ پچ ته اوائلي دور ۾ "اينٿالاجيز" لفظ به ظفر صاحب جي واتان ٻڌوسين. هو چوندو هو ته سنڌ ۾ ادب ۾ جيترو به انگريزي ادب ترجمو ٿئي ته اها سني ڳالهه آهي. بلڪ سنڌي ليکڪن جو اينٿالاجيز پڻ شايع ٿيڻ گهرجن. اسان تي تنهن وقت ترقي پسندي جو جنون دماغ تي سوار هوندو هو. ان ڪري چوندو هوس، "سائين لکڻيون ترقي پسند هئڻ گهرجن!" پاڻ کلي جواب ڏيندو هو، "سائين منهنجا، لکڻيون ترقي پسند هجن، يا جديد، اسان جي ماحول سان ٺهڪن ٿيون يا نه، يا انهن جي ضرورت آهي يا نه، ان سلسلي ۾ حتمي رايو پڙهندڙن تي ڇڏي ڏجي، ته وڌيڪ بهتر!"

مون عالمي ادب جي لاءِ کيس شاعر پئبلو نرودا، جو نظم "مون کي ڌرتي کپي" ڏنو هو. اهو نظم مشهور سنڌي اديب موهن گيهاڻي ترجمو ڪيو هو. نظم ريت هو:

مون کي ڌرتي گهرجي، سڀني انسانن لاءِ
باهه، کير کنڊ، ڪڻڪ، سمنڊ، زمين
۽ ڪتاب سڀني لاءِ گهرجن
اُن لاءِ ئي آئون ٻي گهر ٿيو پيو پنڪان
ديش دروهين جا پاليل جانور،

سخت اختلاف تي پيا. اها ئي ڳالهه آهي تہ شيخ اياز کي 1976ع ۾ جڏهن وزيراعظم (شهيد) ذوالفقار علي ڀٽو، سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو تہ اياز، پاڻ ڏاڍي شوق ۽ چاهہ سان، غلام رباني آگري کي سنڌ يونيورسٽيءَ جو پرو وائيس چانسلر جي عهدي تي سنڌي ادبي بورڊ مان وٺي آيو هو. پوءِ ورهين جي دوستي دشمني ۾ تبديل ٿي ويئي. بهرحال شيخ اياز اختلافن سبب، غلام رباني آگرو کان پرو وائيس چانسلر جو عهدو ڇڏرائي ڪيس ان عهدي تان فارغ ڪيو. رباني پاڻ کي وري سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ مقرر ڪرائي آيو. تنهن وقت ۾ مارشل لا هئي، ۽ سنڌ جو گورنر ليفٽيننٽ جنرل ايس. ايم. عباسي هو. ظفر حسن کي انهي اوچتي ڪارروائي جي صفا اميد ڪونہ هئي. بهرحال ظفر حسن کي نہ رڳو سيڪريٽري وارو عهدو، بلڪ سيڪريٽري جو بنگلو بہ خالي ڪرڻو هو. جنهن لاءِ ظفر حسن جو چوڻ هو تہ بورڊ جي سيڪريٽري واري عهدي تي ڪم ڪرڻ جو وڏو فائدو، اهو بہ هو، جو ڪيس رهڻ لاءِ سيڪريٽري جو بنگلو مليل هو ۽ يونيورسٽي ۾ ظفر حسن کي پنهنجي رهڻ لاءِ ڪوبہ گهر نہ هو، ان ڪري، ظفر حسن ٽي مهينا بورڊ جي سيڪريٽري واري بنگلي ۾ رهيل هو ۽ غلام رباني آگرو، وري پنهنجي بورچي دين محمد ۽ الطاف آگري سان گڏ نفيس احمد ناشاد جي سرڪاري گهر ۾ وڃي رهيو، جيڪو گهر سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري جي حدن اندر هو. تنهن وقت ناشاد پرٽيل نہ هو.

* * *

سيد ظفر حسن کي بورڊ جي نوڪري ڇڏڻ جو دل ۾ ڏک هو. غالباً اهو ئي سبب هو، جو ڪيس ڊسمبر 1979ع ۾ دل جو اٽيڪ ٿيو، ۽ پاڻ حيدرآباد جي سول اسپتال ۾ ڊاڪٽر ڪريم عباسي جي وارڊ ۾ داخل ٿيو. شاهہ صاحب کي دل جو اهو پهريون اٽيڪ هو. آئون ظفر حسن جو اٽينڊنٽ ٿي اسپتال جي وارڊ ۾ رهي پيس. ظفر صاحب وهمي ماڻهو هو، جيڪو ماڻهو سندس عيادت لاءِ ايندو هو، تہ ڪوشش ڪري منهن تي ڪپڙو رکي ڇڏيندو هو. هڪ ڀيرو پروفيسر ليلىٰ بانا جو ڀاءُ امداد بانا ڪيس پڇڻ آيو، جنهن کي ڪجهہ زڪام هو. هاڻ شاهہ صاحب هر هر مون ڏي ڏسي، ۽ اشارا ڪري، تہ هن ڀاءُ کي ٻاهر وٺي وڃ. آخرڪار مون هن کي چيو، ”هتي ملاقاتين جي گهڻائي سبب ڊاڪٽر ڪريم عباسي ناراض ٿو ٿئي، توهان هلو تہ ٻاهر ٿا هلي

ويهون!“

ظفر حسن، اسپتال ۾ هڪ هفتي کان وڌيڪ زير علاج رهيو. مون هن جي ڏينهن ۽ رات خدمت ڪئي. آڌي رات جو ڪيترا ڀيرا اٿي وڃي ڪيس ڏسندو هوس. تڏهن ظفر جو ڀاءُ انور ڪراچيءَ ۾ رهندو هو، ۽ ٻيو ڀاءُ مظفر ٻنهي سنڀاليندو هو. جڏهن ته ظفر جا ٻئي پٽ ننڍا هئا. آخرڪار جڏهن طبيعت بهتر ٿيس ته سندس ننڍو ڀاءُ سيد انور شاهه ڪار کڻي آيو، جنهن ۾ آئون وڃي کيس لطيف آباد ۾ سندس ٻئي ڀاءُ سيد مظفر حسن سيد جي بنگلي ۾ ڇڏي آيس. ان عرصي دوران ظفر حسن جي زال ڀاڀي قمر صبح شام سندس عيادت لاءِ ايندي هئي.

* * *

مون کي شروع ۾ اڙدو ادب پڙهڻ جو گهڻو شوق هوندو هو. اڙدو جي ليکڪن مان قرة العين حيدر، ميراجي، فيض احمد فيض، ن. م. راشد، عبدالله حسين، احمد نديم قاسمي، خديجه مستور، الطاف فاطمه، نشاط فاطمه منهنجا وڻندڙ ليکڪ هئا. جڏهن ظفر حسن عالمي ادب ڪڍي رهيو هو ته مون کيس، مشهور اڙدو ليکڪا خديجه مستور ڏي، فيض احمد فيض جو لکيل خط ترجمو ڪري ڏنو. اهو خط فيض احمد فيض، حيدرآباد سينٽرل جيل مان لکيو هو، جڏهن هو سال 1951ع ۾ ”راولپنڊي سازش ڪيس“ ۾ ڪامريڊ سجاد ظهير، ڪامريڊ محمد حسين عطا، جنرل اڪبر خان، ميجر اسحاق، ڪيپٽن ظفر الله پوشني ۽ ٻين سان گڏ قيد هو. خديجه مستور، جو لکيل ناول ”آنگن“ منهنجي وڻندڙ ناولن مان هڪ هو. فيض احمد فيض جي ان خط ۾ سنڌ جو ذڪر هو، ۽ حيدرآباد سنڌ مان ئي تحرير ڪيل هو. وڏي ڳالهه ته اهو خط فيض احمد فيض جي خطن واري ڪتاب ”صليبن سر دريچي مين“ ۾ شامل ڪونه هو. بهرحال اهو خط مون ظفر حسن کي ڏنو، پر ظفر حسن اهو چئي، خط شايع نه ڪيو، ته ”خط اڙدو ٻولي ۾ هو.“ اهو خط، هتي شامل ڪريان ٿو، خديجه مستور (1927-1982ع) ۽ سندس ڀيڻ حاجره مسرور، اڙدو جون بهترين ڪهاڻيڪار هيون. خديجه مستور 1982ع ۾ لنڊن ۾ 52 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويئي. حاجره مسرور، وري ڊان جي ايڊيٽر احمد علي خان جي زال هئي).

سينٽرل جيل، 1951ع

خديجه مستور

مون کي افسوس آهي اوهان جي ڏکين ڏينهن ۾ اوهان سان

همدرديءَ جو اظهار نہ ڪري سگھيس. بهرحال هاڻ چاڪاڻ تہ صبح جا ويَل شام جو گھر وري چڪا آهن. ان لاءِ گنريل همدردي ۽ موجوده حسرت بئي قابو ڪريو. هتي تہ صبح ۽ شام جو فرق گھٽي وقت ڪان مِنجي چڪو آهي ۽ وقت جي بينل پاڻيءَ ۾ دوستن ۽ عزيزن جي ياد ڪان سواءِ ڪا بہ لهر ڪانہ ٿي اٿي. شايد هي ڳالهہ بہ بلڪل صحيح ناهي، چاڪاڻ تہ هتان جا صبح ۽ شام ديس ڪان بلڪل مختلف آهن. هتي چنڊ نڪري ٿو تہ چانڊوڪي لارنس باغ جا ساوا ۽ ڪارا پاچا، شهر جي خاموشي ۽ خواب ۾ ورتل گھٽيون، يا شاهي مسجد ۽ جهانگير مقبري جا خيال ۾ ورتل مينار تصور ۾ نٽا اچن. هتي جي چانڊوڪيءَ جي "فلم جي پردي" تي اهي مانوس نقش جا ويران سنسان صحرا، واريءَ جي وسيع پٽن تان گذرندڙ اٺن جون قطارون ۽ انهن اٺن تي اجنبي شهزادين جون رنگين، پالڪيون ڏسجن ٿيون. ان طرح هتان جي صبحن ۾ شبنم، ٿمن ۽ گلاب جو هڳاءُ ڪونهي، نہ وري خواب ورتل حسينائن جي جاڳڻ جون والهانا پڻ يا وري انهن جي بدران تن ۾ نادارا هارين جي اکين جي بي رونقي ۽ ويرانيءَ جي تپندڙ اس ۾ ڪنهن چانو واري وڻ جي غمگين ٿڌاڻ!

اهڙي نموني "قفس جي ڪنڊ ۾" عافيت بہ گھٽي آهي. خوب ڪائون ٿا، خوب سمهون ٿا. گھٽو نہ تہ هن عارضي موت، ڪجھہ وقت لاءِ ڪافي ذهني مونجهارن ڪان دل کي شايد چند دوستن جي مونجهارن ڪان نجات ڏياري ڇڏي آهي.

حسن غمزے کی کشاکش چھٹا میرے بعد
بڑے آرام سے ہیں اہل جفا میرے بعد

هاجره، احمد علي، احمد نديم قاسمي ۽ پنهنجي مڙس کي منهنجو پيار پهچائي ڏجانءِ.

* * *

ظفر حسن ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍا عجيب شوق هلي پورا ڪندو هو. ڪيس اڪثر پنڌ هلڻ وڌيڪ وڻندو هو. حيدرآباد شهر جا رستا هن جا دلپسند هئا. هڪ ڀيرو مون کي وٺي هليو لجپت روڊ. اُتي اجا بہ دال پڪوان ٺاهڻ وارو دڪان موجود آهي. صبح جو وقت هو. اسين پنڌ ئي پنڌ اچي اتي پهتاسين. دڪان ۾ اندر ويٺاسين. چيائين، "مدد صاحب، اڄ دال پڪوان ڪائينداسين!" مون هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، ۽ پوءِ محسوس ڪيو، تہ اهو دڪان، ظفر صاحب جي طبيعت جي برخلاف

صاف سٺرو بنهه ڪونه هو، پر پاڻ اتي ويهي مون سان گڏ دال ۽ پڪوان کاڌائين! ۽ اتي ويهي هو، ماضيءَ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ٻڌايائين، ”ڪيترا پيرا نور محمد هاءِ اسڪول مان دوست نڪري هن پاسي دال پڪوان کائڻ ايندا هئاسين، اهو ڏاڍو سٺو زمانو هو. بس پڙهندا هئاسين، گهمندا هئاسين، ۽ اهو سمجهندا هئاسين، ته بس دنيا اهائي اُهي ۽ ائين رهندي!“

اڄ ان ڳالهه کي ورهيه لنگهي ويا آهن، پر آئون اڪثر حيدرآباد وڃان، ته ساڳئي هنڌ تي وڃي، اتي ويهي ڪنهن نه ڪنهن دوست سان گڏ دال پڪوان ضرور کائيندو آهيان! شايد هُن کي ياد ڪري!

* * *

هڪ ڀيرو بس ۾ ڪراچيءَ کان حيدرآباد موٽي رهيا هئاسين. ظفر صاحب جي عادت هوندي هئي ته سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو هو. بس ۾ اسان جي ڀر ۾ اردو ڳالهائيندڙ بزرگ به هڪ ٻار سان گڏ ويٺو هو. اوچتو هُن بزرگ اردوءَ ۾ اسان کان پڇيو: ”هي بس ڪهڙي مهل حيدرآباد پهچندي؟“ جواب ۾ ظفر حسن ڪيس سنڌيءَ ۾ چيو: ”آئون تنهنجي ڳالهه نه ٿو سمجهان..!!“ ظفر حسن جي جواب کي هو بزرگ سمجهي ويو، پر پوءِ هُن فقط ايترو چيائين، ”جناب! واقعي آئون سنڌي زبان نه سکي سگهيس، پر هي منهنجو پوٽو اڳتي هلي ضرور سنڌي ڳالهائيندو..!!“

منهنجي اڪثر عادت هوندي هئي، فقيرن کي خيرات ڏيڻ جي. ۽ شاهه صاحب ڪاوڙجندو هو. ”هيءَ هتان جي سنڌي فقيرن جو حق کائين ٿا، اوهين خيرات فقط سنڌي فقيرن کي ڏيندا ڪريو!“

* * *

آڪٽوبر 1979ع جي ڳالهه آهي ته پاڻ تڏهن سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو. مونکي چيائين، ”يارت مان سنڌي هتي سيد قطب الدين جي درگاهه تي هر سال ايندا آهن، آئون سجاده نشين سيد نور شاهه کي فون ڪري چيو آهي. سياٽي گڏجي هلنداسين، جو هن ڀيري بمبئي مان ڪجهه سنڌي به آيا آهن، جن کي ڪجهه سنڌي ڪتاب ڏيون ته وڃي اتر ۽ پوپٽي هيراننداڻي کي پهچائين!“ مون به ڪٽي ها ڪئي، ٻئي ڏينهن ظفر صاحب کي ڪوئي ڪم ٿي پيو، سو مون کي فون تي چيائين، ”توهان ٽنڊي ... سول لائينس وڃو، مون شاهه صاحب کان ٽائيم ورتو هو. پر آئون اڄي ڪونه سگهندس جو مونکي ضروري ڪم ٿي

ته اسان جي گهرن تي ڇاپن هڻڻ جي ڳالهه جهڙوڪ بيهجي ويئي. منهنجي گهر ۾ منهنجو هڪ وڏو فائيل جنهن ۾ شيخ اياز، محترم جي ايم سيد ڏي خاص طور تي پارت جي سنڌي اديبن جهڙوڪ حشو ڪيولراماڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، اتم، لعل پشپ، گورڌن محبوباڻي، ايشور چندر، وشنو ڀاٽيا، واشد، لڇمڻ ڀمياڻي ۽ ٻين جا خط هئا. اهو فائيل ڪڍي آئون ٻاهر نڪتس. رستن تي جلوس آيا ۽ هنن مڪي تي قبضي جي خلاف نعرا پئي هنيا. اهو فائيل آئون گاڏي ڪاتي ۾ واقع پنهنجي گهر مان ڪڍي پنڌ ئي پنڌ نڪتس. رڪشا وجي نعي وٺان ڪير، جنهن ائين ۾ تلاءُ تي ڇڏي، پنڌ ئي پنڌ پنهنجي دوست ميرزا فياض وٽ پهچايو. گهڻي وقت ڪانپوءِ انهن خطن مان ڪجهه خط هٿ آيا، باقي گم ٿي ويا. انهي فائيل ۾ رکيل ڪجهه فوٽن مان هڪ فوٽو حشو ڪيولراماڻي جو، دوست ميرزا دبير موٽائي ڏنو، جيڪو ڪيولراماڻي واري ڪتاب ۾ شايع ڪيم.

1980ع

مٺي ذڪر به ڪيو اٿم ته ظفر حسن وٽ سنڌي ۽ انگريزي ڪتابن جي تمام وڏي ڪليڪشن هئي. سال 1979ع جي ڳالهه آهي، مون کي چيائين: ”مدد صاحب! مون کي خبر پئي آهي ته پيرزادي عبدالستار اڳوڻي چيف منسٽر جي زال، سنڌس مڙس جي ڪتابن جا پراڻا ڪٻٽ وڪڻڻ پئي گهري، اهي ڪٻٽ دراصل ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ڪتابن جا هئا. جيڪي آئون اهي خريد ڪرڻ ٿو چاهيان. مون مائي صاحبه سان فون تي ڳالهايو آهي، هاڻ توهين مون سان گڏ ڪراچيءَ هلو ته اهي تاريخي ڪٻٽ وٺي اچون.!“

ان ڳالهه جي ٻئي يا ٽئين ڏينهن تي سنڌس ڪار ۾ ڪراچي روانا ٿياسين، شاهه صاحب سدائين ڪار پاڻ ڊرائيو ڪندو هو. ڪراچي پهچي، ڪراچي يونيورسٽي روڊ تي اسلاميه ڪاليج جي سامهون هڪ بنگلي تي وڃي پهتاسين. اها لوڪيشن ڏسي مون کي ياد آيو ته اتي رئيس غلام مصطفيٰ خان ڀرڳڙي، سيد خير شاهه نوابشاهه واري، پيرزادي عبدالستار، ڊي. جي ڪاليج جي اڳوڻي پروفيسر پير سعيد حسن لنواري شريف واري ۽ ٻين ڪيترن ئي سنڌين جا بنگلا هئا. بلڪ سال 1972ع ۾ هڪ ڀيرو سائين جي. ايم سيد اتي سيد نظر شاهه ولد سيد خير شاهه سان ملاقات ڪرڻ آيو هو. آئون، سائين شاهه محمد شاهه سان گڏ آيو هوس. هڪ بنگلي ۾ داخل ٿياسين، ملازم ذريعي اطلاع

موڪليو ويو. ڪجھ دير ۾ پيرزادي عبدالستار جي گھر واري ڊرائنگ روم ۾ داخل ٿي. مائي صاحبہ ساڙھيءَ پھريل هئي، هن انتهائي باوقار طريقي سان اسان جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ پوءِ اسان کي هلي اهي ڪپٽ ڏيکاريا، جيڪي خالي هئا. اتي ئي هن ڳالھين دوران ٻڌايو تہ: ”اهي ڪپٽ اسان ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي گھر واريءَ کان 1948ع ۾ خريد ڪيا هئا.“ آئون پنڊ پھڻ ٿيو سنڌ جي عظيم سپوت ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جي ڪپٽن کي ڏسي رهيو هوس. انهن ڪپٽن ۾ اسان جو هي مهان عالم ڪتاب رکندو هو ۽ پنھنجي مبارڪ هٿن سان ڪپٽن جا تاڪ کولي، ڪتاب ڪڍندو هوندو. مون ڪپٽن کي عقيدت مان هٿ لاتو ۽ پوءِ مائي صاحبہ سان ڳالھيون ڪرڻ لڳاسين. آخرڪار سودو طئہ ٿيو ۽ ظفر حسن اهي ڪپٽ ٽرڪ ۾ کڻائي ڄامشوري ۾ پنھنجي بنگلي ۾ وڃي رکيا. پيرزادي عبدالستار جي اها ٻي شادي هئي، جڏهن تہ اها مائي صاحبہ هندواڻي هئي، سندس نالو هو مسز رڪمڻي چھلاڻي، جيڪا پيرزادي عبدالستار جي وفات (24 آگسٽ 1974ع) بعد گھڻو وقت زنده رهي. ظفر حسن جا اهي تاريخي ڪپٽ هاڻ ڪٿي آهن، خدا کي خبر! البت سندس اٽڪل 1000 انگريزي سنڌي ۽ اڙدو ڪتاب سنڌ آرڪائيوز ڪلفٽن ڪراچي جي ظفر حسن ڪارنر ۾ رکيل آهن.

* * *

ظفر حسن ڪيترائي تجربا ڪيا: پريس کوليائين، رسالا سنڌي، انگريزي ۾ ڪڍيائين. ڪتاب شايع ڪرايائين ۽ سنڌي ڪتابن جي وڪري لاءِ نيوز ايجنسي بہ قائم ڪئي. اهو تجربو هن سال 1972ع ۽ 1973ع ۾، دوست وليرام ولڀ سان گڏجي ڪيو. ان اداري جو نالو رکيائين، ”پارس نيوز ايجنسي“، انهيءَ ايجنسي طرفان ”اڳتي قدم“، ”ملير ڊائجيسٽ“، تحريڪ، ۽ ٻيا رسالا، ڪتاب سنڌ ۾ پھچائڻ جو بندوبست ڪيائين، پر تنهن وقت بہ بوڪ اسٽال، توڙي ٻيون نيوز ايجنسيون، هڪ مافيا هيون. ان ڪري اهو تجربو، جھڙوڪر ناڪام ويو. خود اڳتي قدم جي اوڳاڙيءَ جي سلسلي ۾ ڪجھ پيدا ٿيل اشوز سبب اسان جي شخصي تعلقات تي عارضي اثر پيا. مٿي ذڪر ڪيم تہ ڪيس جنون هوندو هو، سنڌي ادب جي ترقيءَ جو. ان سلسلي ۾ هن وري ”حسينہ پبلشرز“ جي نالي 1980ع ۾ هڪ ادارو ناهيو. مشهور نوجوان اديب طارق عالم ابڙي جو مشهور ناول ”رهجي ويل منظر“ هن

ڀريون پيرو، پنگوئين ڪتابي سائيز ۾ شايع ڪيو. اهو ناول تمام گهڻو مشهور ٿيو.

ظفر حسن کي، مشهور اديبن علي بابا، مشتاق ڪاملاڻي لاءِ بيحد عزت هوندي هئي. علي بابا کي چيو هئائين، ”علي بابا، تون ڪهاڻي لکي مون کي ڏيندو ڪر، توکي هر ڪهاڻيءَ جو معاوضو 50 رپيا ملندو.“ ۽ پوءِ علي بابا، ڪهاڻي لکي ظفر کي ڏيندو هو، ۽ ظفر حسن هن کي يڪدم ان ڪهاڻي جو معاوضو پيش ڪندو هو. ظفر حسن جو پروگرام هو ته علي بابا جي ڪهاڻين جي ڪليات ڇپرايان. اهڙي ڳالهه هن نوجوان ڪهاڻيڪار مشتاق ڪاملاڻيءَ سان ڪئي هئي. مشتاق سجاول مان ايندو ته رات مون وٽ ترسندو هو. ان رات وچ ۾ هو ڪهاڻي لکي ڇڏيندو هو، صبح جو نيرن منهنجي گهران ڪري، ڄامشوري لاءِ روانو ٿي ويندو هو. ڄامشوري مان موٽي اچي، ٻڌائيندو هو، ”سائين ظفر کي ڪهاڻي ڏيئي پئسا وٺي آيو آهيان!“

۽ پوءِ اهي سموريون ڪهاڻيون، ڪيڏانهن ويون، ڪا خبر ڪونهي. گهڻي وقت کان پوءِ مشتاق ڪاملاڻي، بلڪل ملنگ ٿي ويو. ته به هو مون وٽ ايندو هو، ماني کائي، پوءِ هليو ويندو هو. سندس حليو هن ريت هو: وار ڪوڙيل، ڳچي ۾ وڏا وڏا ڪنٺا، ڪپڙا بنهه ميرا، پيرن ۾ چنل جُتي.

گهر ۾ آئون هجان نه هجان، ته به منهنجي زال، هن کي ٽنڊي جهانيان واري گهر ۾ اڱڻ ۾ ويهاري گهر ۾ ڪم ڪندڙ مائيءَ کي چوندي هئي، ”هن کي ماني ڏي ته ويهي کائي!“ ڪاملاڻيءَ سان منهنجي ملاقات ٿيندي هئي، ته چوندو هو، ”سائين ظفر حسن مري ويو، هاڻ تون مون کي 50 رپيا ڏي!“ آئون چوندو هوس ”ڪهاڻي؟“ ته مُرڪي جواب ڏيندو هو، ”سائين ظفر نه رهيو، ته ڪهاڻي ڪنهن جي لاءِ لکان؟“

* * *

4 مارچ 1998ع اربع جي ڏينهن خير النساءِ جعفري گذاري وئي. آئون تنهن وقت حيدرآباد پريس ڪلب جي ادبي ڪميٽيءَ جو چيئرمين هوس. يڪدم دوستن سان صلاح ڪري 6 مارچ جمعي جي ڏينهن پريس ڪلب جي آڊيٽوريم ۾ 3 وڳي تعزيتي گڏجاڻي سڏايم. گڏجاڻيءَ ۾ ميڊم تنوير جوڻيجو، قاضي خادم، نصير مرزا، وليرام ولڀ، شوڪت

حسين شورو، عبدالقادر جوڻيجو، پروانو ڀٽي، حميد سنڌي، نثار حسيني، مرتضيٰ سيال، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، نياز پنهور، نفيس احمد ناشاد، تاج جويو، عزيز گوپانگ، حميد جعفري سميت ڪيترائي دوست گڏ هئا. ڪاروائي ناز سهتي پئي هلائي. ظفر حسن کي هڪ ڏينهن اڳ فون ڪري شرڪت جي درخواست ڪيم، چوڻ لڳو، "طبيعت ٺيڪ ڪونهي، پر ايندس ضرور!" ڪارروائي هلندي پريس ڪلب جو ڀٽيوالو مون کي سڏڻ آيو، ته هيٺ اوهان جو ڪو دوست اوهان کي سڏي رهيو آهي!

آئون يڪدم ڏاڪڻ لهي هيٺ ويس ته ظفر صاحب بيٺو هو. چيائين، "توهان جي ڪري آيو آهيان، پر ڏاڪڻ ڪونه چڙهندس. جو طبيعت صحيح نه اٿم. توهان وليرام کي موڪليو، ته آئون هن سان به ٽي منٽ گڏ ويندس.!" آئون ظفر کان موڪلائي مٿي هال ۾ ويس، ۽ وليرام کي هيٺ موڪلي ڏنم. اها ظفر حسن سان آخري ملاقات هئي. اڇا تائين ظفر صاحب جي شڪل پئي اکين آڏو ڦري: اڇيون مڇون، اڇا وار، اکين تي عينڪ، سائي پينٽ ۽ اڇي شرٽ ۾ ملبوس، سنجيده چهرو.

* * *

8 مارچ 1998ع آچر جو ڏينهن، ڄامشوري ۾ ظفر حسن پنهنجي بنگلي ۾ ويٺل هو. سندس زال ڀاڀي قمر، ٻئي پٽ نظر، يوسف، ڌيئر ناظره ۽ مائره موجود هئا. ان وقت بلڪل ٺيڪ هو. اوچتو شام جو اٽڪل 5 وڳي ڪيس دل جو اٽيڪ ٿيو ۽ پاڻ هن اٽيڪ ۾ هن جهان کي الوداع ڪري ويا.

* * *

ٻئي ڏينهن، سومر، 9 مارچ 1998ع تي، صبح جو سويل سندس سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري واري بنگلي تي پنهنجي وڏي ڀاءُ مشتاق قريشي سان گڏ پهتس. بنگلي جي در تي پير آفتاب شاهه جيلاني ياڪر پائي مليو. اتي امداد حسيني، قاضي خادم، شوڪت حسين شورو، پير امجد شاهه جيلاني، نفيس احمد ناشاد، نثار حسيني، اعجاز قريشي، نصير ميرزا، طارق عالم ابڙو، مرتضيٰ سيال، حفيظ قريشي جونيئر، انعام شيخ، هدايت آخوند، سندس ڀيڻ ڀائر مظفر شاهه ۽ انور شاهه ۽ ٻيا ڪيترا ماڻهو موجود هئا. ڪجهه دير بعد ۾ ڳوٺ سيد قطب شاهه، لڳ موسيٰ ڪٽياڻ تعلقي ٽنڊي ڄام لاءِ روانگي ٿي. بس آهستي آهستي

هلي رهي هئي. سمورا دوست غمگين هئا. ڏيڍ ڪلاڪ ۾ ڳوٺ پهتاسين. اهو ئي ظفر حسن وارن جو اباڻو ڳوٺ هو. اتي ئي سندس والد سيد نذر علي شاهه رڪيل هو. قبرستان ۾ ڪيترا وڻ لڳل هئا، قبر اڳي ئي کوٽي ويئي هئي ۽ پوءِ آلين اکين سان، سنڌ جي هن عظيم سپوت ۽ محب وطن اديب کي، مٽي ماءُ جي حوالي ڪيو ويو. اوچتو منهنجي نيڻن مان ڳوڙها وهي هليا. سالن جو ساٿ هو ۽ مون سڏڪا ڀري روئڻ شروع ڪيو. مٿي آسمان تي ڪيترا پکي وئي اڏاڻا، ۽ چوپاسي هڪ عجيب ماٺ ڇانئجي وئي.

”رئارڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ۽ ياد رکڻ لاءِ فقط ظفر حسن پاڻ هو!“ شاهه صاحب اوچتو ئي اوچتو زندگيءَ جي محفل مان اٿي هليو ويو هو، هن پراڻي همدم جي وڇوڙي جو ڏک سدائين رهندو، سندس خداداد ذهانت ڪنهن به ڪتاب جي محتاج نه هئي، هاڻ جو هو نه رهيو آهي ته پنهنجي محروميءَ جو ڏک آهي ۽ هن جي باغ و بهار سنڌ دوستي واري صحبت هاڻ ڪڏهن به حاصل نه ٿي سگهندي ۽ ان کان وڌيڪ انهن ماڻهن جي محرومي ئي آهي، جيڪي ان لطف سان ڪڏهن به آشنا نه ٿي سگهيا.

* * *

هُو صدين کان ”ان هيپي ويلي“ سنڌ جو سرفروش عاشق هو. هن ننڍڙي حياتيءَ (57 سال ٽي مهينا) ۾ پنهنجي ٻولي لاءِ ڪم ڪيو. هڪڙو انسان انهن کان وڌيڪ ڪري به ڇا ٿو سگهي. سندس هڪ ڪهاڻي جو نالو هو ”رهيل قرض“، انهيءَ نالي سان سندس ڪهاڻين جو مجموعو به شايع ٿيو. مٿس ڪوئي قومي قرض ته ڪونه هو، پر سمورا قومي قرض لاهي ويو. هاڻي سنڌ جو مٿس ڪهڙو رهيل قرض رهيو؟

* * *

هن دور کان هن دور جي سڪل درياهن مان، پڪڙيل صحرائن مان ۽ شهر جي بيابانن مان،

اي عشق! ازل گير و ابدتاب
پنهنجا به ڪي آهن خواب!
جهان زاد! هيٺ تنهنجي گهر ۽ تنهنجي در آڏو،
هي آئون سوخته سر، حسن ڪوزه گر آهيان،
توکي صبح بازار ۾ پوڙهي عطار يوسف جي دڪان تي مون ڏٺو،

تہ تنهنجي نگاهن ۾ اها تابناڪي هئي، آئون جنهن جي هر ڪلپنا ۾ ڦرندو گهمندو رهندو آهيان،

اي عشق ازل گير! ابد تاب، منهنجا بہ ڪجھہ خواب آهن.
سمورين ڪلپنائن جي شهر ۾ باھہ ٻري اٿي آهي،
ياد جي باھہ دکي رهي آهي،
شايد، هن رات، شايد هن سانجهي
دروازي تي ڪوئي دستڪ ڪندو
(ن .م راشد جي اڻپوري ڪوتا جو ترجمو)

* * *

ظفر حسن سان بيحد عقيدت، محبت واري دوستي هئي، پڇاڙڪا سال هن سان دوستيءَ ۾ دوري ٿي ويئي. ڪارڻ منهنجي صحافتي زندگي هئي. ڏک بہ ڏاڍو ٿيندو هو ۽ اڪثر اديبن جو هن سان ۽ هن جو ساڻن ورتاءُ، ڪڏهن ڪڏهن اڻ وڻندڙ واقعن جو سبب بہ بڻجندو هو. هڪ واقعو ياد اٿم. ضيا جي مارشل لا واري دورو جو سال 1985ع، سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل تاج جويو هو. تاج حيدرآباد جي بسنت هال ۾ سنگت جو مرڪزي ساليانو ڪنوينشن ڪرايو هو. مون کي حڪم ڏنائين تہ پائو لنچ ۽ شام جي ٽي پارٽي جو بندوبست ڪرڻو آهي. ڊيلي گيٽس جو تعداد 100 کان مٿي هو. مون عرض ڪيو: "ادا اڳي تہ هوندو هو منهنجو وڏو ڀاءُ ادا ممتاز، جيڪو اهي بار پيو کڻندو هو، هاڻ آئون فقط چانهن پارٽي هال ۾ ٿي ڪندس. باقي ڊيلي گيٽس جي ماني جو بندوبست، آئون پنهنجي دوست علي انور هاليپوٽي کي چوان ٿو، اهو پنهنجي لطيف آباد وارو بنگلي ۾ ڪري، چاڪاڻ تہ هتي بسنت هال ۾ ماني جو بندوبست ڪبو، تہ پوءِ تعداد وڌي ويندو. منهنجي انهيءَ رٿ تي تاج ڏاڍو خوش ٿيو. مون علي انور هاليپوٽي کي عرض ڪيو، تہ هن شريف ماڻهو پنهنجي بنگلي تي 50 کان 80 ماڻهن جي ماني جو بندوبست ڪري ڇڏيو. لنچ ٽائيم تي اسان مهمانن کي لطيف آباد وٺي وياسين. مهمانن ۾ محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، شمشير الحيدري، امداد حسيني، ع. ق. شيخ، نياز همايوني، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، غلام حسين رنگريز، تاج جويو، اياز گل، انور پيرزادو، ف.م. لاشاري، تاج بلوچ، ادل سومرو بہ شامل هئا. ظفر حسن هنن ساڻ گڏ هليو، پر ماني کائڻ کان انڪار ڪيائين، پڇاڙي ۾ آئون بہ ٻاهر

نڪتس، تہ اتي شمشير الحيدري ۽ ظفر حسن جي وچ ۾ سخت چڪتاڻ هلي رهي هئي. آئون ڊڪي وچي اتي پهتس. تہ ظفر حسن مون کي چيو "مدد صاحب، شمشير الحيدري، انتهائي غلط قسم جا لفظ منهنجي لاءِ ڪتب آندا آهن!" ان تي شمشير الحيدري چيو، "مون ڪابہ غلط ڳالهہ ڪونہ ڪئي آهي، شروعات بہ تو ڪئي، مون فقط جواب ڏنو!" مون هٿ ٻڌي شمشير الحيدري کي وين ۾ ويهاري ظفر صاحب سان گڏ سندس ڪار تائين گڏ ويس، پوءِ بيسنت هال ۾ مون شمشير کي چيو، "ادا توکي ظفر صاحب سان تکو نہ ڳالهائڻ کپندو هو." جواب ۾ شمشير چيو "يار هن مونکي چيو تہ وڏيرن جي ماني ٿا کائو، ان کان بهتر هو تہ پنهنجي خرچ تي ماني هلي کائو ها!" مون جواب ۾ چيو "چا شاهہ صاحب، وڏيرن سان مانئي بہ ختم ڪري ڇڏي اٿوَ ڇا؟"

شمشير جو اشارو، ظفر حسن جي پيٽوئي پير آفتاب شاهہ جيلاني طرف هو، جنهن تي ظفر صاحب کي ڪاوڙ اچي ويئي.

ظفر حسن ڪيتريون ڪهاڻيون بہ تحرير ڪيون. "رهيل قرض" سندس ڪهاڻين جي مجموعي جو نالو هو. ڪهاڻين کان سواءِ هو پنهنجي روزاني ڊائري بہ لکندو هو. انهن ڊائرين جو فقط هڪ ڀاڱو شايع ٿي سگهيو. ٻيو ڀاڱو شايع ڪرڻ جي ڪنهن کي همٿ ئي نہ ٿي.

مون ادبي بورڊ جي هڪ سينيئر رٽائرڊ ملازم جيڪو، ساڳئي وقت اديب بہ آهي. سوال ڪيو، "سائين ظفر حسن، بطور سيڪريٽريءَ جي ڪيئن ڪم ڪيو؟" هن جواب ڏنو، "شاهہ صاحب جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ آئوٽ اسٽينڊنگ ڪونہ هئي. ڇاڪاڻ تہ بورڊ جا ملازم هن سان قطعي طور تي سهڪار ڪرڻ لاءِ اصل تيار ڪونہ هئا، ان ڪري شاهہ صاحب بطور سيڪريٽري ڪامياب ٿي نہ سگهيو، ويندي هڪ نہ پر ڪيترا ڀيرا ظفر حسن سنڌي ادبي بورڊ جي پريس جي مينيجر الهبچائي احمدزئي (مرحوم) کي جڏهن ڇپائي سٺي نہ هئڻ بابت شڪايت ڪئي تہ مئنيجر ظفر حسن سان ايترو تہ تيز ڳالهايو جو اسان سڀ حيران ٿي وياسين، تہ هڪ ماتحت پنهنجي باس يعني سيڪريٽريءَ جي ڪيڏي نہ انسلٽ ڪري رهيو آهي. پر شاهہ صاحب شريف ماڻهو هو ان ڪري برداشت ڪندو هو. ان هوندي بہ ظفر حسن ڪنهن بہ ملازم کي نقصان نہ پهچايو. جيڪڏهن بورڊ جا ملازم هن سان سهڪار ڪن ها تہ شاهہ صاحب، بورڊ کي ترقيءَ جي راهہ تي اڳتي وٺي وڃي ها!

هوا گُهلي نہ گُهلي، ڏينهن گذرندا رهندا آهن،
ڪتاب، جهاتيون پائيندا وڏي آس سان ڏسندا بند ڪبٽن جي شيشن مان.

چنڊ جي ٻيڙي وڃي ٿي،
دور آهن پر ڪنارا.
ڪوئي خواب ڏسندو هوندو، ڌرتيءَ جا،
هُن ڏاڙهون جي وڻ تي ڪڙيل گلن ۾،
۽ سامهون وهندڙ درياهہ سان گڏ.

بنيادي طور تي ظفر آئيڊلسٽ هو، ان ڪري سندس زندگي مشڪلاتن مان گذرندي هئي. پر ان هوندي بہ سدائين پر اُميد ۽ خوش آئند انصاف جو قائل هو. جڻ ڪيس خاطري هئي، تہ سنڌ هڪ نہ هڪ ڏينهن پنهنجو سپنو ضرور سايبان ڪندي. چوندو هو، ”سماجي اٿل پٿل ۽ سماج جي سڌار واري عمل ۾ اديب جو ڪردار واضح، چٽو، جانبدار هئڻ گهرجي ۽ وطن جي لوئي لڄ لاءِ ڪنهن سان بہ ڪو ٺاهہ هرگز ناهي ڪرڻو، پوءِ ڀلي چو نہ ان سوچ ۾ اڪيلو رهجي وڃي، پر ان جي هرگز پرواهہ نہ ڪجي.“

پڇاڙيءَ ۾ اڪثر اديبن سان ملاقات ڪرڻ تہ پري رهيو، پر ڪيترن سان هٿ بہ نہ ملائيندو هو. حميد سنڌي، قاضي خادم، عبدالقادر جوڻيجو، ڊاڪٽر غلام علي الانا، شمشير الحيدري، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، غلام رباني آگرو سندس ورتاءُ جي شڪايت ڪندا هئا، خود مون سان بہ ڪجهہ وقت تائين قطع تعلقات ڪري ڇڏيائين. پر پوءِ پڇاڙيءَ ۾ پاڻمرادو مون وٽ خلق اخبار جي آفيس ۾ هلي آيو. پوءِ ڪيتري وقت تائين ماضيءَ کي ويهي ياد ڪيوسين. بهرحال پنهنجو وارو وڃائي ويو، زندگي جو مقصد جيڪو مقرر ڪيائين، سو از مهدتالحد ماڻيندو وڃي ڏٽيءَ کي پرتو.

* * *

ظفر حسن جي ولادت 14 آگسٽ 1937ع ڇنڇر جي ڏينهن ٿي. ان حساب سان سندس اسٽار ليو (اسد) هو. پاڻ ابتدائي تعليمُ ٽرئننگ ڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ميٽرڪ 1954ع ۾، انٽر گورنيمنٽ ڪاليج مان سال 1957ع ۾ ۽ ايم .اي سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان 1961ع ۾ پاس ڪيائين. سال 1961ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرار

ٿيو، جتان 1997ع ۾ رٽائر ڪيائين. 8 مارچ 1998ع آچر ڏينهن شام جو 5 وڳي دل بيهڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو. 9 مارچ تي صبح جو سندس تدفين ٿي. هن ستاري جون جيڪي به خاصيتون آهن، اهي ظفر حسن جي شخصيت ۾ سو سيڪڙو موجود هيون. مثال طور هڪ باعمل زندگي، نندپڻ کان مرڻ گهڙيءَ تائين باوقار، مهمان نواز، انسانيت سان محبت ڪندڙ، بي مطلب جي دوستيءَ جو خواهشمند، يعني بي لوث دوستي، مفاد پرستي، خودغرضيءَ کان پاسو ڪندڙ، بلند ڪردار، نہ ڪنهن جو حق ڦٻائڻ، نہ وري ڪنهن جو حق کائڻ، نہ ڪنهن جو حق کائيندو ۽ نہ وري ڪنهن کي پنهنجو حق کائڻ ڏيندڙ، مضبوط عقيدي ۽ نظرئي جو مالڪ، دوغلي پڻي کان نفرت ڪندڙ، وفادار، دوستن جو ۽ پنهنجي ڪٽنب جو، جنهن سان محبت ڪندو انهن سان توڙ نڀائيندو، ويندي پنهنجي زال تي ۽ ٻارن تي ساھ ڇڏيندڙ!

* * *

ظفر حسن ۾ هڪ ڏاڍي سٺي عادت هئي. اڪثر مون سان پنهنجي شخصي معاملن ۾ صلاح مشورو ضرور ڪندو هو. ياد اٿم تہ، جڏهن سندس ڀاءُ سيد انور شاھ ۽ ڀيڻ ادي منور سلطانہ جي پير آفتاب شاھ ۽ سيد احمد شاھ جي ڀيڻ سان مائٽيءَ جي ڳالهہ هلي رهي هئي، تہ پاڻ مون کان اچي صلاح ورتائين، مون چيو، ”شاھ صاحب اهو ڪم ضرور ٿيڻ گهرجي.“ ۽ پوءِ انور شاھ جي شادي پير امجد شاھ جيلاني جي همشيره سان ۽ ظفر جي ڀيڻ ادي منور جي شادي پير آفتاب شاھ سان ٿي، شادي جي انهن تقريبن ۾ آئون ظفر صاحب سان گڏ بيٺو هوس.

ظفر صاحب، هميشہ صلاح بہ سٺي ڏيندو هو. روزاني سنڌ نيوز جي مالي پوزيشن 1984ع ۾ ڏاڍي ڪمزور رهي. پاڻ تڏهن روزانو مون وٽ شام جو ايندو هو. اخبار جي حالت ڏسي صلاح ڏنائين، تہ ”اڪنامڪس جو هڪ اصول آهي تہ جيڪو ڪاروبار ڪامياب نٿو ٿئي، تہ ان کي تالو هڻي ڇڏجي!“

* * *

27 آڪٽوبر 1980ع منهنجي وڏي دلبر ڀاءُ، ممتاز علي قريشي جي اوچتي وفات اسان لاءِ هڪ وڏو ھاڃو هو. ان ڏينهن آئون تمام گهڻو ڊپريشن ۾ هوس. سچ لڳي مهل ٽنڊي آغا واري مقام مان گهر موٽي آياسين، تنهن مهل مون تي هيراسمينٽ چانيل هئي، منهنجي اها

حالت ڏسي رات جو دير تائين، پاڻ ۽ اعجاز قريشي مون وٽ ويٺا هئا. پنهنجي زال پاپي قمر کي بہ منهنجي امڙ وٽ وٺي ويو هو. سال 1981ع ۾ سندس ڪم سان ساڻس گڏ ڪراچيءَ وڃي رهيو هوس. مظفر سيد گڏ هو. رستي ۾ چوڻ لڳو، ”ممتاز مرحوم جي ننڍڙين نياڻين کي ڪنهن ڏينهن ڪراچيءَ وٺي هلون، پنهنجي والد جي اوچتي وڇوڙي تي هنن کي دلجوئي ڪرڻ گهرجي.“ تنهن وقت انهن نياڻين جي ڄمار ترتيبوار 5 سال، 4 سال ۽ هڪ سال هئي. مقصد تہ ظفر صاحب انتهائي غمگسار، همدرد انسان هو. اهڙا ماڻهو هاڻي ڪٿي آهن؟

********

## شوڪت حسين شورو

# ظفر حسن هڪڙو ئي هو!

60 واري ڏهاڪي جا آخري سال هئا، جڏهن طارق اشرف ”سهڻي“ رسالو ڪڍڻ شروع ڪيو. حيدرآباد جي الهندي ڪچي ۾ طارق اشرف جو هڪ ننڍڙو گهر هو، جنهن ۾ ڪمري جي مٿان ڪمرو ٺهيل هو. هيٺئين ڪمري ۾ طارق ”سهڻي“ رسالي جي آفيس قائم ڪئي هئي. تڏهن آئون ڪوٽڙيءَ ۾ رهندو هوس. بيروزگار ۽ واندو هوس. حيدرآباد ايندو هوس ته ڏينهن جو گهڻو وقت ”سهڻي“ رسالي جي آفيس ۾ گذرندو هو. طارق اشرف مون کي پروفن چيڪ ڪرڻ جو ڪم سيکاريو هو، سو رسالي جي پروفن ڏسڻ ۾ وقت مڙئي گذري ويندو هو. ”سهڻي“ جي آفيس ۾ ڪيترن ليکڪن سان ملاقاتن جو موقعو به مليو. ظفر حسن سان به پهريون ڀيرو اتي ئي مليو هوس. سندس شاندار شخصيت ملڻ سان ئي موهي ڇڏيو هو. سهڻي شڪل شبيهه، ڳالهائڻ جو انداز فضيلت ڀريو ۽ خوش مزاج. شايد طارق اشرف ئي ٻڌايو هو ته ظفر حسن نوجواني ۾ بالي ووڊ جي مشهور ايڪٽر دليپ ڪمار کان متاثر هو ۽ هن جي اسٽائيل وارا وار رکندو هو. اها به خبر پئي ته ظفر حسن جي ذات سيد هئي پر هو پاڻ کي سيد يا شاهه ڪونه لکندو هو. ظفر حسن ذات پات کي غير اهم سمجهندو هو. هن پنهنجي ڌيءُ جي شادي به غير سيد (قاضي) خاندان ۾ ڪرائي هئي.

شروعات ۾ ظفر حسن جو ادب ۾ طنز مزاح طرف لاڙو وڌيڪ هو. هن اسٽيفن ليڪاڪ جي ڪجهه ڪهاڻين جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هو جيڪي ”سهڻي“ رسالي ۾ ڇپيون هيون. هن ايسپ جي ننڍڙين آکاڻين کي طنز ۽ مزاح جو رنگ ڏئي ڪجهه ڪهاڻيون لکيون هيون. پر پوءِ هن سماجي حقيقت نگاري واريون ڪهاڻيون لکيون.

ظفر حسن ”سهڻي“ رسالي جي نه رڳو مالي مدد ڪندو هو، پر اڳتي هلي هن ”سهڻي“ رسالي جي آفيس ۾ پرنٽنگ پريس به لڳرائي ڏني. پر پوءِ طارق اشرف ۽ ظفر حسن جي وچ ۾ ڪن ڳالهين تي

اختلاف پيدا ٿي پيا. ظفر حسن ڪينٽومينٽ ٿاڻي جي سامهون هڪ دڪان مسواڙ تي ورتو ۽ پريس کي اتي ڪٽي وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو. ان کان اڳ جو پريس منتقل ٿئي، رات وچ ۾ پريس سان لاڳاپيل سمورو سامان غائب ٿي ويو. صبح جو ظفر حسن آيو ته رڳو پريس جي مشين جو ڍانچو پيو هو، ٻيو سڄو سامان گم هو. جهيڙي جهٽي کان پري رهندڙ ظفر حسن جهڙو شريف ماڻهو سور جو ڍڪ پي، چپڙي ڪري مشين ڪٽائي ويو. اها پوءِ پرفيڪٽ پريس جي نالي سان سنڌي ادب ۽ اديبن جو اهم مرڪز بنجي وئي.

ان زماني ۾ مدد علي سنڌيءَ "اڳتي قدم" رسالو ڪڍيو جيڪو پرفيڪٽ پريس مان شايع ٿيڻ لڳو. ماڻڪ ۽ آئون رسالي ۾ مدد علي سنڌيءَ جا ٻانهن ٻيلي هئاسين. هن جي روپوشيءَ واري وقت ۾ اسان رسالي کي جاري رکيو. شام جو وقت رسالي جي ڪم ڪار سبب پرفيڪٽ پريس ۾ گذرندو هو. ان ڪري ظفر حسن سان ملڻ ۽ ڪچهرين ڪرڻ جا موقعا ملندا رهندا هئا.

ظفر حسن رٿابنديءَ جو ماهر هو. هن وٽ سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه لاءِ جام رٿائون هيون، پر وسيلن جي کوٽ سبب انهن تي عمل ڪرڻ مشڪل هو. هن پرفيڪٽ پريس مان ڪجهه رسالا به ڪڍيا. "پروڙ" سياسي قسم جو رسالو هو. "ڌرتي" ۽ "آرسي" رسالا به ڪجهه وقت هليا. "آرسي" رسالو ٽماهي هو، جيڪو ظفر حسن وليرام ولڀ سان گڏجي ڪڍيو هو. اهو هڪ نهايت ئي معياري قسم جو ادبي رسالو هو. اهي سمورا رسالا گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪري سگهيا. سنڌي رسالن جو وڪرو هڪ وڏو مسئلو هو. بڪ اسٽالن وارا پئسن جي لاءِ رلائيندا رهندا هئا. ان ڪري رسالن جي وڪري مان خرچ به ڪونه نڪرندو هو. سنڌي رسالن جي ڊسٽريبيوشن ۽ مارڪيٽنگ جي لاءِ ظفر حسن وليرام ولڀ سان گڏجي هڪ ايجنسي کولي. پر اها اڳتي هلي ناڪام ٿي وئي.

هڪ ڏينهن ڪچهري ڪندي ظفر حسن ٻڌايو ته خيرپور جو ڊپٽي ڪمشنر غلام محمد ميمڻ هڪ ادب دوست شخص آهي. هن سان سنڌس پراڻي جاڻ سڃاڻ هئي، ان ڪري هن ساڻس رابطو ڪري خواهش ظاهر ڪئي آهي ته سنڌيءَ ۾ ڪو سٺو ڊائجيسٽ ٽائيپ رسالو ڪڍڻ کپي. ڊائجيسٽ جو سڄو خرچ هو پاڻ پريندو ۽ پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪري اشتهار به وٺي ڏيندو. غلام محمد ميمڻ جي مرضي هئي ته ڊائجيسٽ جو ايڊيٽر ظفر حسن ٿئي، پر هن معذرت

ڪئي تہ سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهائڻ ۾ بين مصروفيتن سبب هو ايترو وقت ڪڍي نہ سگهندو. ظفر حسن تجويز ڏني تہ ان لاءِ انگريزي جي ڄاڻو ڪنهن نوجوان اديب کي فل ٽائيم ايڊيٽر مقرر ڪيو وڃي. ڊائجيسٽ لاءِ گهڻو مواد انگريزي مان ئي ترجمو ٿي پئي سگهيو، ان ڪري ظفر حسن مشتاق شوري جو نالو چونڊيو. غلام محمد ميمڻ سان بہ گڏجاڻيون ٿيون. رسالي جو نالو ”انڊلڪ ڊائجيسٽ“ رکيو ويو. ظفر حسن ۽ آئون ان ۾ صلاحڪار هئاسين. اهو پنهنجي نوعيت جو هڪ منفرد ۽ معياري ڊائجيسٽ هو، پر صحيح نموني مارڪيٽنگ نہ ٿيڻ ۽ بد انتظامي سبب گهڻو وقت هلي نہ سگهيو.

ظفر حسن هڪ نفيس قسم جو شخص هو. هن جي هر ڳالهہ، هر عمل ۾ نفاست هئي. هن ڪجهہ اصول طئي ڪري ڇڏيا هئا. جن تي نہ رڳو پاڻ سختيءَ سان عمل ڪندو هو، پر چاهيندو هو تہ ٻيا بہ ائين ڪن. سنڌ ۽ سنڌي زبان کي ظفر حسن هر ڳالهہ ۾ اوليت ڏيندو هو. ان ڏس ۾ هو ڪنهن بہ قسم جي سمجهوتي ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ هو. هن جو چوڻ هو تہ سنڌ ۾ رهندڙ هر شخص کي لازمي طور سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ کپي ۽ هنن کي مجبور ڪجي تہ سنڌي سکن. دوڪان تان سامان وٺڻ ۽ هوٽل ۾ آرڊر ڏيڻ وقت ظفر حسن سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو هو. جيڪڏهن اڳلو سنڌي سمجهڻ کان انڪار ڪندو هو، تہ ظفر حسن اتان احتجاج طور هليو ويندو هو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ توڙي ٻاهر هن پنهنجن غير سنڌي ساٿين ۽ دوستن سان بہ جڏهن اهو اصول لاڳو ڪيو تہ ڪيترائي هن کان پري ٿي ويا. ظفر حسن تعلقات ختم ٿيڻ کي قبول ڪيو، پر پنهنجي اصول کي نہ ٽوڙيو. ظفر حسن هڪ ليکڪ جي حيثيت سان ائنٽي اسٽيبلشمينٽ هو. جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا جي دور ۾ هو ڪنهن بہ سرڪاري ادبي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جي خلاف هو. ظفر حسن جو خيال هو تہ سنڌ جي سڀني ليکڪن کي سرڪاري دعوتن جو بائيڪاٽ ڪرڻ کپي. اڪيڊمي آف ليٽرس طرفان اسلام آباد ۾ ڪوٺايل ادبي ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيندڙ سنڌي ليکڪن سان ظفر حسن نہ رڳو ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيندو هو، پر هٿ ملائڻ بہ پسند نہ ڪندو هو. ان ڪري هن تي انتهاپسندي ۽ تنگ نظري جا الزام پڻ لڳا.

ان دور ۾ ٽي وي تي فقط هڪ چئنل پي ٽي وي هلندو هو، سنڌي پروگرامن جي لاءِ شام جو فقط هڪ ڪلاڪ مقرر ٿيل هو. ظفر

حسن گهر ۾ ٽي وي تي فقط سنڌي پروگرام ڏسندو هو ۽ پوءِ ٽي وي بند ڪري ڇڏيندو هو. گهر وارن کي بہ اها هدايت ڪيل هئي تہ فقط سنڌي پروگرام ڏسن. پنهنجن اصولن تي ان حد تائين سختيءَ سان عمل ڪرڻ سبب عمر جي پڇاڙي واري حصي ۾ ظفر حسن ڪنهن حد تائين اڪيلو ٿي پيو هو، پر هن کي ان ڳالھ جي پرواھ ڪانہ هئي. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان عشق ئي هن جي لاءِ سڀ ڪجھ هو.

********

عبدالغفور الستي

## جي جيءَ کي جيارڻ

دنيا جي زندگيءَ بي وفا آهي، پر روح جي محبت سدائين وفادار، جنهن به اهڙي محبت ڪئي، اهو سدائين جيئرو رهيو. ظفر حسن لاءِ به آئون اهو چئي ٿو سگهان ته سنڌ ۾ هو هميشه لاءِ جيئرو رهندو، هن هڪ روحاني محبت ڪئي جيڪا سنڌ جي سرزمين تان ڪڏهن به هن کي ماري نٿي سگهي، وساري نٿي سگهي، هو ان تي نه هوندي به ابد تائين ان تي جيئرو رهندو، دلين ۾ ياد رهندو، هوندا سي حيات جيئڻا اڳي جي جيا.

هن جي محبت هڪ عجيب محبت هئي. سنڌي ٻوليءَ سان محبت، جنهن جهڙي محبت مون پنهنجي سانيڻ ۾ ڪنهن ۾ ڪونه ڏٺي. آئون جڏهن 1963ع ۾ پهريون ڀيرو سائٽس سنڌس گهر لطيف آباد ۾ هڪ قومي گڏجاڻيءَ ۾ مليس ته پهريون منهنجو ڌيان سنڌس ان اصول پرستيءَ ڏانهن ويو، ٻي ٻولي ڇڏي ڏيو سنڌي ڳالهايو. هو اوهان جي ٻولي نه ٿا ڳالهائين ته اوهين به نه ڳالهايو، سر زمين اوهان جي آهي، اها ٻوليءَ سان ٻچي سگهندي، لٺ ڌڪي سان نه... ۽ هيءَ ڳالهه هڪ سيداڻي گهر ۽ خوشحال گهراڻي جو ماڻهو ڪري، ڪوڙو نه ٿي لڳو. بهرحال ٻيو تجربو سنڌس وري عملي طور ٿيو، ڏهن سالن گذرڻ کانپوءِ آئون ان وقت ”ملير ڊائجيسٽ“ جمالي پريس مان ڇپائيندو هوس. اتي انتظام صحيح نه هو. سو ڳوٺي ڳولي سنڌس پريس وجي هٿ ڪيم: پرفيڪٽ پريس، جتي هر ڪم پرفيڪٽ هلندڙ هو، انتظام، مشينري، عمل ۽ سنڌس نظرداري، پهرين ونس ويس. رسالو ڪٽي ته ڇپائين پريس اوهان دوستن لاءِ ته مون کولي آهي، سڄو ڏينهن وينو هتي رسالو لک ۽ ڇپاءِ، دل ۾ جاءِ آهي ته گهر ۾ به آفيس ڪونه اٿئي ته پرواهه ڪونهي، هيءَ آفيس به اٿئي ته پريس به ۽ پوءِ آئون اتان رسالو

۾ مليو. موتي پرڪاش سنڌ ۾ منهنجي دعوت تي آيو، هو منهنجي ڳوٺ ڏڙي جو هو، پر سنڌ ۾ پهچڻ سان ئي اغوا ٿي ويو. ظفر حسن هن کي اغوا ڪري ويو هو ۽ آئون شاهه کي ڏسندو رهجي ويس، جيترو وقت موتي هتي هو، گهڻو ٽڻو وقت شاهه سان ئي گڏ رهيو. آئون رڳو ٻنهي کي ڏسندو سڙندو رهندو هوس. هي ڪهڙو سبب هو؟ پوءِ محسوس ٿيم ته ٻئي ديوانا هئا سنڌي ٻوليءَ جا، آئون ٽيون ڪير ٿيندو هئس.جو سندن وچ ۾ پوان! پاڻ ۾ هنن جون خوب ڪچهريون ٿينديون هيون. ٻيا جهڙا ڪي هئا نه هئا!

ظفر حسن سان پڇاڙيءَ ۾ منهنجي ويجهڙائي منهنجي سماجي ڪم ڪري ٿي. سندس سالو ڊاڪٽر افضل شيخ جيڪو انگلينڊ جو رهندڙ آهي. هر سال پنهنجي گهر واريءَ سان گڏ سنڌ ۾ ايندو هو ۽ اچي وٽن رهندو هو. هڪ دفعو ڊاڪٽر صاحب ۽ سندس گهر واري (جيڪا هڪ انگريز خاتون آهي)، مون وٽ ٺٽي ۾ الست پروجيڪٽ ڏسڻ آيا ۽ پروجيڪٽ جا ٿي ويا، سندن دل کي الست جو ڪم ڏاڍو وڻيو، ٻهراڙين جون نياڻيون جن جون مائون، نانيون يا ڏاڏيون، جيڪي ڪڏهن الف ب به ڪونه پڙهيون، سي پنهنجن ڳوٺن ۾ پرائمري پڙهي رهيون هيون. شاهه جا بيت ياد ڪري رهيون هيون. ڪي اخبارون ڪتاب پڙهي ٿي سگهيون. تنهن ڳالهه هنن ٻنهي زال مڙس کي حيران ڪري ڇڏيو. اهو ڏسي پهرين هڪڙو اسڪول هُنن پنهنجي خرچ تي هلائڻ لاءِ ڪنيو، پوءِ ٻيو ۽ پوءِ انگلينڊ مان ٻين کان چندا گڏ ڪري ٽيون به هڪ دوست کي ڪٺايائون، چندي مان ڏهن ڳوٺن ۾ پاڻي جا نلڪا به هڻايائون. هن ڳالهه جي رپورٽ سڄي ظفر حسن کي ملندي رهندي هئي. خود سندس نياڻيون به ٻه چار دفعا شيخ افضل ۽ سندن گهر واريءَ سان گڏ پروجيڪٽ ڏسڻ آيون هيون. هڪ دفعي ته اسان شيخ صاحب جي گهرواريءَ زهره شيخ کي ”ڌرتي ڌياڻيءَ“ جو لقب به ڏنو. سنڌ سان سندس والهانه محبت ڏسي سنڌي نياڻين لاءِ سندس مادرانه شفقت ڏسي. ٻيو ڀيرو جڏهن ڊاڪٽر ۽ زهره اسان وٽ آيا ته ظفر حسن ۽ سندس گهرواري به ساڻن گڏ هئا. آئون ڪين ڪينجهر تي مليس، نوريءَ جو مزار گهمايم ۽ پوءِ پراجيڪٽ جو دورو ڪرايم. هنن ڪجهه اسڪول ڏنا ۽ هڪڙو اسڪول ڊاڪٽر شيخ، ظفر حسن شاهه کان افتتاح به ڪرايم. ان اسڪول جا پئسا ڊاڪٽر منظور احمد ميمڻ انگلينڊ واري ڊاڪٽر شيخ کي أن مقصد لاءِ ڏنا هئا. هاڻي اسڪول کولائڻ وقت

اسڪول جي وزٽ بڪ تي ظفر حسن شاهہ جو نوٽ پڙهو.

”مينهڙو خاصخيلي الستي گرلز پرائمري اسڪول تعلقو ۽ ضلعو ٺٽو. مٿئين اسڪول جي ڊاڪٽر منظور احمد ميمڻ (انگلينڊ) جن اسپانسر ڪرڻ جي ذميداري قبول ڪئي آهي. جيئن تہ ڊاڪٽر صاحب جن انگلينڊ واپس هليا ويا آهن ۽ انهن اسڪول ڪولڻ جو اختيار ڊاڪٽر محمد افضل شيخ (انگلينڊ) کي ڏنو، جن اهو اسڪول چونڊيو. اسڪول جي مهورت ڪرڻ جي سعادت ظفر حسن سيد (وزٽنگ پروفيسر سنڌ يونيورسٽي) کي ڏني ويئي، جنهن هن اسڪول جي مهورت 11 جنوري 1998ع تي شام جو 3.45 وڳي تي ڪئي. اسڪول جي بلڊنگ تہ هئي ڪانہ البت هڪ ذري گهٽ بنا ڇت جي منهہ هو. هن اسڪول جي هڪ ڪمري جي پڪي عمارت جي سخت ضرورت آهي. اسان جي اسڪول ۾ اچڻ وقت اسڪول جا سڀ ٻار موجود هئا ۽ اسڪول جي استاد بي اي (پاس) ۽ ايم اي (پريويس) جي شاگردياڻي هئي ۽ وڏي تڪليف وني ٺٽي ڪان پڙهائڻ اچي رهي آهي. هن اسڪول ۾ اهڙن ٻين ڇوڪرين جي اسڪولن ڪولڻ جي اهم ڪم جي ذميداري سائين عبدالغفور الستي صاحب جن ڪنئي آهي. جن پنهنجي سڄي حياتي ڇوڪرين جي تعليم لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي.“

(ظفر حسن سيد)

جيئن تہ آئون ۽ ظفر حسن گهڻي وقت کان پوءِ ان ڏينهن سڄو وقت گڏ هياسين. تنهنڪري ڪچهري بہ ساٺس سالن واري ٿي. پراڻا زمانا ياد ڪياسين. مون کي اڳيئي معلوم هو تہ هو اجا تائين پنهنجي اصول تي قائم آهي. رڳو سنڌي يا انگريزي ڳالهائي ٿو. سنڌ ۾ ٻي ٻولي ڳالهائڻ کي سنڌ جي حق تلفي ڪري ڄاڻي ٿو. جيڪا حق تلفي هو ڪڏهن بہ نہ ڪندو، پر هي اهو ڪيئن ڪري سگهيو آهي؟ پڇيو مانس تہ ڪهڙيون ڪهڙيون تڪليفون ڏنئي رڳو سنڌي ڳالهائڻ جي ڪري، چيائين ”وڏي دل جگر جو ڪم آهي. پر پڇاڙي تائين مرڻ گهڙيءَ تائين ٻي ٻولي نہ ڳالهائيندس. پنهنجي ٻولي جي ڏوهہ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڏک ڏنم، ڇا ڇا توڪي ٻڌايان. سنڌ جو وڏو ڏوهاري آهيان. سدائين سوريءَ تي چڙهيو پيو هلان.“

آئون هن جي اکين ۾ سنڌي لاءِ ايتري محبت ڏسي شرم ۾ ٻڏي ويس ۽ ڪنڌ جهڪائي ڪيس ٻُڌندو رهيس. مون پنهنجي ٻوليءَ لاءِ ڇا ڪيو آهي. اوهان ڇاڪيو آهي. ٻين ڇا ڪيو آهي؟

هُن جي سڄي عمر هڪ هڪ ڏينهن ۾ ائين عملي طرح ڪري ڏيکاريو. شهرن ۾ رهندي سنڌي ٻوليءَ ڪانسواءِ ٻي نہ ڳالهائڻ تي هن کي ڪهڙا ڪهڙا ڪشالا ڪڍڻا پيا هوندا. ڪهڙا سور سهڻا پيا هوندا ٿورو ويچار ڪري ڏسو.

(عبدالغفور الستيءَ جي اڻ ڇپيل ڪتاب "اسان جو رستو، اسان جي منزل" تان ورتل مضمون، جيڪو يوسف سنڌيءَ جي مهربانيءَ سان مليو)

********

بيدل مسرور

## سائين ظفر حسن

”سنڌي ادب ۾ ناول جي تمام گهڻي کوٽ آهي، بيدل کو ناول ڏي تہ ڇپرايان.“

ان جملي تي منهنجي ذهن ۾ ”پل پوپٽ پل جگنو“ جا لکيل ٽي سئو صفحا ڦرڻ لڳا.

”پلي کيترو بہ وڏو هجي...“ ٽيليويزن جي ڪاريڊور ٽپي، لائونج وٽ ايندي چوڻ لڳو.

”پر سوانحي انداز جو آهي.“

”واهہ واهہ! اهو تہ سنڌي ادب ۾ بهترين واڌارو ٿيندو، مون تنهنجو شيخ حفيظ تي لکيل اپياس بہ پڙهيو آهي، جيڪو اپياس جي سلسلي جو پهريون منفرد مضمون آهي، مان سمجهان ٿو تہ تنهنجو اهو ناول بہ منفرد ئي هوندو، مان ٻئي هفتي وري رڪارڊنگ تي ايندس تہ مسودو کڻي اچجانءِ.“ چوندي، سلام ڪري هليو ويو.

ان وقت پرسان بيٺل شڪارپور کان آيل مهمان پڇيو: ”ڪير هو؟“

”هي هيو سائين ظفرحسن، جيڪو سنڌي سوالن جوابن جي پروگرام ”نئين ٿهيءَ“ جو ڪمپيئر آهي.“

”اهو تہ مان پڻ هيس پروگرام ۾!! مان پڇان ٿو ڇا ڪندو آ؟“

”سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آ... جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾.“

”اتي جاگرافي پڙهائيندو آ؟“

”ها اتي جاگرافي ئي پڙهائيندو آ.“

اسان جي ملازمت واري عرصي ۾ ٽيليويزن جي سنڌي پروگرامن جا جيڪي بہ ميزبان هئا، سيئي سهڻا هئا، نوجوان هئا، انرجيٽڪ هئا، جن ۾ مهتاب اڪبر راشدي، سلطانہ صديقي، شمشير

الحيدري، سائين ظفر حسن، انور پيرزادو، سائين صالح محمد شاهه، عنايت بلوچ، سائين حميد سنڌي، ممتاز مرزا، بينا بيدل، نائلا مغل، اسلم آزاد، نصير مرزا، شبنم گل، شبنم موتي، محمود مغل جا نالا قابل ذڪر آهن.

سائنس منهنجي ڏيٽ ويٽ ماهوار رسالي ”سهڻي“ جي اجراءَ دوران ٿي هئي، سهڻي رسالي جو ايڊيٽر تہ طارق اشرف هو پر مواد جي چونڊ کان وٺي اشاعت جي آخري مرحلي ۽ ڊسٽريبيوشن جي معاملن تائين سڄو ڪم سائين ظفرحسن جي سپرد هوندو هو، مان تڏهن جيڪب آباد جي يونين ڪائونسل ۾ سيڪريٽري هوندو هوس، ۽ ماهوار سهڻيءَ باقائدي پڙهندڙ هوس، انهن ئي ڏينهن ۾ طارق اشرف طرفان پريس خريد ڪرڻ لاءِ امدادي ڪارڊ بہ ڇپيل هئا، اسان ڪان جيترو ٿي سگهيو، ڪارڊ دوستن وٽ وڪرو ڪري پئسا طارق اشرف ڏانهن موڪلياسي، جنهن ڪان پوءِ شايد سائين ظفرحسن، طارق اشرف کي پريس لڳائي ڏني، يا ڪيس باقي پئسن ۾ مدد ڪئي هئي، جنهن سلسلي ۾ ڪنهن دوست اهو بہ پئي ٻڌايو تہ الله بخشيس، سائين ظفرحسن پنهنجو گهر وڪڻي طارق اشرف کي پريس هڻي ڏني هئي، پر طارق اشرف رسالي مان پاڻ پرو نہ ٿي سگهيو تہ ظفر حسن اها پريس ڪڻائي، حيدرآباد ۾ ئي صدر ٿاڻي جي سامهون هڪڙي ڪشادي دڪان جي ٻاهران رکيائين. ڪافي ليکڪن جا ڪتاب بہ شايع ڪيائين، پنهنجي ويجهي دوستن ولي رام وليپ ۽ مدد علي سنڌيءَ جي سهڪار سان هڪ ادبي پرچو ”ڌرتي“ ۽ سياسي پرچو ”پروڙ“ جي نالي سان شايع ڪيائين، ان زماني ۾ سنڌي ڪتابن جو هڪڙو ئي ڊسٽريبيوٽر هوندو هو، آر ايڇ احمد برادرس، پر اهو ڏيتي ليتيءَ ۾ ڪوڙو ٿي پيو هو، حيدرآباد جي ادبيات واري ڪتابن جي دڪان جي مالڪن، خيرمحمد قريشي ۽ سليم قريشيءَ وارا بہ سنڌي ڪتابن جي ڊسٽريبيوشن ڪندا هئا، پر سائين ظفرحسن ”پارس ايجنسيءَ“ جي نالي سان سنڌي پبلشرن ۽ ليکڪن کان سندن ڇپايل ڪتاب گهرائي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڊسٽريبيوشن جو ڪم بہ شروع ڪيو، پر جلدئي سائين ظفرحسن کي بہ خبر پئجي وئي تہ ايجنسي هلائڻ ڏکيو ڪم آهي، ڇاڪاڻ تہ پئسن ڏيڻ ۾ اصل ۾ دڪاندار ئي ٿي گوڏتاڻ ڪئي، جنهن ڪري ڪتابن جي ڊسٽريبيوشن بہ بند ڪري ڇڏيائين. ان ئي زماني ۾ سنڌي رسالن ۽ ڪتابن ۾ قومپرستيءَ جي مضمونن سبب ڪيترن ئي سنڌي رسالن ۽

ڪتابن تي بندش وڌي وئي ته رسالي، ”ڙرتي“ ۽ ”پروڙ“ سان گڏ سائين ظفرحسن جي پريس کي به سيل ڪيو ويو.

سائين ظفرحسن نهايت ڪلمک ۽ رلڻو ملڻو شخص هو، اسان ”توهان“ ڪري مخاطب ڪندا هئاسونس ته ڪلي چوندو هو:

”مون کي تون ڪري مخاطب ڪريو.“

پر جيئن ته سائين ظفرحسن معتبر ماڻهو هو، سٺو پروفيسر هو، ناليوارو دانشور هو ۽ وڏي ڳالهه ته دلي طور تي وڏو قوم پرست هو، ان ڪري اسان ان کي ”توهان“ ئي ڪري مخاطب ڪندا هئاسين ۽ هميشه سائين ظفرحسن جي مرڪندڙ ناراضگيءَ جو لطف وٺندا هئاسين.

پر زندگيءَ جي آخري سالن ۾ سائين ظفرحسن الائي ته ڇو جلد رنج ٿي ويندو هو! يقينن ڪو سبب ضرور هوندو! جو اهڙو سهڻي ۽ وچولي قد وارو دلبر ماڻهو... ڇڻي من ۽ صاف اڇي رنگ وارو، سدائين سهڻي لباس ۾ ۽ هر وقت کلندي نظر ايندڙ پڙهيل لکيل، پروفيسر ان ريت تبديل ٿي ويو هو!

********

**ظفر حسن جو بيدل مسرور ڏانهن لکيل هڪ خط**

جاگرافي ڊپارٽمينٽ،

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

17. ڊسمبر 1984ع

دوست بيدل!

سڀ کان پهرين ته معذرت، تنهنجون ٻه تارون ۽ ٻه ڀيتيون ۽ خط به، آئون سمجهان ٿو ته ٿلهو لفظ معذرت لکڻ سان معذرت نه ٿيندي، آئون دلي طرح سان شرمسار آهيان، هڪ ته آئون سڌ تي آيس نه، ۽ ٻيو ته توکي ٻه لفظ لکي به نه موڪليم. بهرحال ڪو ڪارڻ آهي ته اهو ته پهرين تار ۾ ڏنل مدو تمام ٿورو هو، جو ايترو جلد اچي نه سگهيس، پر تنهن ڪانپوءِ جي تار ۽ خط ۾ اٽ اٽ ڏينهن اڳوات اطلاع مليل هو پر تن ڏينهن ۾ موتي پرڪاش ۽ ڪلا پرڪاش جي ڪراچيءَ اچڻ ڪري ۽ آئون ڪراچيءَ ۾ هوندي به نه اچي سگهيس، آئون ايترو مصروف ته ڪونه هئس پر انهن دوستن جي قيام جي دوران سڀ پروگرام وسري

ويا، ادا اها اٿئي حقيقت.

هاڻي وري جڏهن رڪارڊنگ ٿئي ۽ هفتو ڪن اڳ اطلاع ملي ته ضرور ايندس، فرض سمجهي، نه تو تي ٿورو آهي نه ٽي ويءَ وارن تي، سنڌي پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ ان ڪي ڏسڻ آئون پنهنجو قومي فرض سمجهان ٿو، پر جيئن حقيقت ڪير ته ڪيئن ڀهرين آئون نه اچي پاڻ لچارو پيو محسوس ڪريان.

ايتري عرصي ڪانپوءِ تنهنجي ڪا رچنا ملي، ڏاڍي خوشي ٿي، تنهنجي رچنا "آرسي" جي ايندڙ نمبر 4 ڪتاب ۾ پبلش ٿي رهي آهي، البت پيڻ بينا جون رچنائون شامل نه ڪيون اٿئون. تون هن اتفاق تي حيران ٿيندين ته ايتري وقت ۾ تون اوچتو ياد اچي وئين بلڪل ائين جيئن بي خياليءَ ۾ ماڻهو ۽ واقعا ذهن جي پردي تي ايندا ۽ گم ٿيندا رهندا آهن، هڪ اڻ ڪٽندڙ سلسلي وانگي، بس ائين ئي تهون ياد اچي وئين. اهو هيئن ٿيو جو "ڪونج" بمبئي جي رسالي ۾ هري موٽوانيءَ جي هڪ لکٽي وي پڙهيم، جنهن ڪي هن "سوچنا" جو نالو ڏنو آهي، پر اصل ۾ اها ڪهاڻي + رپورتاز + تاثر ونديان آهي، هن "سوچنا" ۾ سنڌ جو خيالي سفر ڏيکاريو آهي جتي هو "حقيقي" ڪردارن سان ملي ٿو. پڙهندڙ ڪي اهو سفرنامو ٿو لڳي، پر اهو خيالي سفرناموآهي ۽ هڪ سپنو آهي، مون اها سوچنا پڙهي ته هڪدم تنهنجا لکيل "ليک" ياد اچي ويا جيڪي تو "مهراڻ" ۾ لکيا آهن ۽ تو ته اجا به وڌيڪ ڪمال ڪيو هو جو جيئرن سان گڏ مرهيات ڪردار به اهڙي سنگم سان لکيا هئا جو سچو ليک حقيقي يادگيري ٿي لڳو، جيتوڻيڪ اها خيالي/ خوابي يادگيري به هئي، بلڪل ائين جيئن خوابن ۾ گذاري ويل ماڻهو وري جيئرا ٿي هن دور ۾ اچي ويندا آهن، سو هري موٽواڻي جي "سوچنا" پڙهي آئون سوچڻ لڳس ته انهيءَ صنف جو خالق ته تون آهين، توکي شايد احساس ئي ڪونهي ته تو ساهت ۾ هڪ اهڙي صنف ايجاد ڪئي آهي جا بلڪل نرالي آهي ۽ جڳ ۾ ڪنهن به ساهت ۾ اهڙي صنف ڪانهي، پر نو ان ڪي وڌيڪ نه لکي ۽ ٻين ان ڪي "اڊاپٽ" نه ڪري ان صنف ڪي هڪ طرح سان گم ڪري ڇڏيو.

مون ڪي حيرت آهي ته ٽي ويءَ جي ماحول ۾ هوندي به تون لکين ڪونه ٿو! ڪٿي آهن تنهنجون ڪهاڻيون ۽ ڪٿي آهن تنهنجي ايجاد ٿيل صنف جون لکڻيون، هن ڀيري تنهنجا شعر پهتا ته اميد اٿم ته تون ساهت ۾ واپس موٽي ايندين، رڳو شاعري ۽ اها به آزاد شاعري

ڪري تون آگ لاهي نہ ٿو سگهين، توکي نثر لکي پوءِ قومي ذميواريءَ کان آجو ٿيڻو پوندو، ڪريان اميد تہ تون ڪهاڻي/ رپورتاز/ سوچنا / خاڪو ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور لکندين. مون کي پرفيڪٽ پرنٽرس، جاگرافي ڊپارٽمينٽ يا آرسي، ڪنهن بہ ائڊريس تي خط ملي وجي ٿو، جاگرافي ڊپارٽمينٽ جي ائڊريس 22 سالن کان ساڳي آهي، پرفيڪٽ پرنٽرس 15 سالن کان ۽ آرسي 2 سالن کان.

**تنهنجو گهٽگهرو ظفر حسن**

********

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال

## ظفر حسن ايماندار ليکڪ

ادب ۾ هوندئن ته گهڻا رجحان پيدا ٿيا آهن. پر پئسو ڪمائڻ، نالو ڪمائڻ ۽ ڪردار وڃائڻ اڄڪلهه نه صرف عام جام آهي، پر ان جو رواج پڻ رائج ٿي ويو آهي. اسان جا ڪيترائي نامور نالا ۽ ڏسڻا وائسڻا ماڻهو ان ڪار ۽ ڪرت ۾ شامل ٿي ويا آهن. اهڙي ماحول ۾ اهڙي نور ۾، اڃا به ڪي انسان موجود هيا. جن ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي حقن لاءِ، پنهنجا سڀ سماجي ۽ گروهي لاڳاپا ختم ڪري ڇڏيا. هر ماڻهوءَ جو پنهنجو خيال ۽ سوچ آهي. اختلاف رکڻ سڀني جو حق به آهي. پر انهن جي ايمانداريءَ تي ڪو حرف نٿو رکي سگهجي. روميو ڪي جولئٽ، مجنون ڪي ليليٰ، مومل ڪي راڻي، سسئي ڪي پنهون، سهڻيءَ ڪي ميهار سان عشق هوندو. پر هڪ ڳالهه چٽي طرح چئي سگهجي ٿي ته ظفر حسن کي سنڌ سان عشق هيو ۽ رهيو.

ظفر حسن، جنهن جي سڃاڻپ ”ڌرتيءَ“ هئي ۽ هو ته جمار ڌرتيءَ سان نيهن نباهيندو رهيو حالانڪ وقت ۽ حالتن هن کان ڌرتي پري ڪئي. ۽ هو ڌرتي سان سچو هجڻ ڪري ڪيترن ئي ليکڪن کان پرتي رهيو.

ظفر حسن سان منهنجي نيازمندي هئي. هو منهنجي ايل. ايم. سيءَ ۾ پڙهڻ دوران، هفتي ۾ هڪ دفعو ضرور ايندو هيو. جو هو سنڌ يونيورسٽيءَ جي جاگرافي شعبي ۾ پروفيسر هيو ۽ هن وٽ ان وقت به ڪار هئي، جڏهن اسان جا هي مهان ليکڪ بسن تي چڙهي گهمندا هئا، جن وٽ هينئر ڪارون ۽ بنگلا آهن.

جڏهن سائين ظفر حسن کي دل جو عارضو ٿيو. ان کان پوءِ هو پنهنجي صحت جو خاص خيال رکندو هو. ۽ پٽنالاجيءَ مان ريگيولر ميڊيڪل چيڪ اپ ڪرائيندو هيو. جنهن لاءِ هو ايل. ايم. سي کان چڪاسون ڪرائڻ پسند ڪندو هيو ۽ اسان گڏجي سنڌس رپورٽون حاصل ڪندا هئاسون.

جڏهن مرحوم محمد خان جوڻيجي جي دور ۾ اڪيڊمي آف ليٽرس جون "اهل قلم" ڪانفرنسون شروع ٿيون. غلام رباني آگرو صاحب اڪيڊميءَ جو اڳواڻ هيو. جنرل ضياء صدر هيو. ظفر حسن سنڌ جو واحد ماڻهو هيو. جيڪو ان آمرجي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙ، سڀني ليکڪن کان پري ٿي ويو. هن سڀني سان اٿڻ، ويهڻ ۽ ڳالهائڻ بند ڪيو.

مون به ان هڪ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي هئي. ان ڪري ظفر حسن مون سان به ڳالهائڻ بند ڪيو. هو اسپتال ايندو هو. پنهنجون ٽيسٽون ڪرائي، واپس هليو ويندو هيو. پر مونسان نه ملندو هيو. اسان جي چڱي خاصي دوستي ان ڪانفرنس ۾ شامل ٿيڻ ڪري، عملي طور ختم ٿي وئي. هڪ ڏينهن مون طارق اشرف کان پڇيو ته، "ظفر حسن جو اهو رويو ڪيس اڪيلو نه ڪري ڇڏيندو؟" جنهن تي طارق اشرف هن کان اهو سوال پڇيو. جنهن تي بقول طارق اشرف جي، ظفر حسن جواب ڏنو ته "مان ان عمل کي غداري ٿو سمجهان پنهنجي قوم سان، پنهنجن ماڻهن مان ۽ پنهنجي ڌرتيءَ سان ۽ اهڙن غدارن سان منهنجو ڪوبه تعلق ۽ ناتو ناهي." ۽ هو آخر دم تائين. ان فيصلي تي قائم رهيو، ظفر حسن ضاي هيو. ان ڪري ان کي ان ضد تان ڪوبه لاهي نه سگهيو. مان سمجهان ٿو ته هڪ شعوري ۽ سگهاري ليکڪ لاءِ احتجاج جو اهو طريقو، بهتر هيو. حالانڪ اهڙو احتجاج سنڌ ۾ ٻئي ڪنهن نه ڪيو. اهڙو رواج ظفر حسن سان گڏ ختم ٿي ويو.

ظفر حسن وطن پرست هيو. هو سنڌ سنڌ ڪري چندي تي هلندڙ نه هيو. هو سياسي ڏنڊوڙي نه هيو. نه جيالو ۽ نه متوالو هيو. پر هڪ باضمير انسان هيو. هو سنڌ جو سچو عاشق ۽ ايماندار ليکڪ هيو. هو پنهنجي ڌرتيءَ سان بي پناهه محبت ڪندڙ اهو انسان هيو. جنهن جو هر ناتو، هر رشتو، هر تعلق پنهنجي ديس، ٻوليءَ جي حوالي رهيو. ايڏي وڏي سچائي، ايڏي وڏي قرباني صرف ۽ صرف ظفر حسن ئي ڏئي سگهي ٿو. نه ٻيو ڪو پيدا ٿيو نه ٿي سگهندو. باقي سڏڙيا ڪوڙ آهن.

ظفر حسن، ماهوار سنڌي رسالو "ڌرتي" ڪڍيو ان کي خوبصورت نموني سان هلايو. هن ان ۾ نوان ليکڪ، نوان ٽرينڊ ڏنا، طارق اشرف سهٽي ۽ ظفر حسن ڌرتيءَ ۾ سنڌ جي آواز ۽ احساس، ادب ۽ ضمير کي سمايو. جاندار ۽ ڀرپور ادب ڏنو. جنهن جي نتيجي ۾

هنن کي گهٽيون تڪليفون آيون ۽ گهٽو ڪجهہ ڏيٽو پيو.

اسان وٽ سنڌ ۾ وڏا اديب، وڏا ڪامورا تہ گهڻا پيدا ٿيا آهن. پر وڏا انسان ۽ سچا ماڻهو تمام گهٽ پيدا ٿيا آهن. بلاشڪ ظفر حسن هڪ انوکو ۽ ارڏو ڪردار رهيو. هو اصول پسند ۽ ايماندار ليکڪ هيو.جنهن جو ذاتي تعلق بہ قومي تعلق سان مشروط هيو، بنا ڪنهن پاڻ پڏائڻ، پاڻ وٽائڻ ۽ پنهنجي حق ۾ پرم رکي انعام ۽ ايوارڊ وٺڻ جي. جو هن جو سياسي بيڪ گرائونڊ ڏاڍو اسٽرانگ هيو. هو چاهي ها تہ هر شيءِ ڪري پيو سگهي. پر هن پنهنجي انا ۽ ضمير کي زندهہ رکيو.

اهڙن بلند اخلاق انسانن کي سلام پيش ڪرڻ گهرجي. انهن جي سچائي ۽ ايمانداريءَ کي داد ڏنو وڃي.

ڌرتيءَ جي عشق ۾ اهڙن عاشق ليکڪن کي ڪٿان آڻيون؟ آهي ڪو جيڪو ان جي اصول ۽ خوشبو کي وڪيري؟!

اڄڪلهہ اهي اديب، ادارن جا مالڪ آهن جن سان هن پنهنجي ڌرتي، قوم ۽ ٻوليءَ جي بقا لاءِ ڳالهہ ٻولهہ ئي بند ڪئي هئي.

انهن کي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ماضيءَ جي شاندار ۽ ارڏن ڪردارن کي ياد ڪرڻ گهرجي ۽ شرمنده پڻ ٿيڻ گهرجي.

ان ۾ ڪوبہ وڏائہ ناهي تہ اسان سڀ مفاد پرست، انا پرست ۽ هلڪا آهيون ايڏو وڏو بار ڪير کڻندو؟ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن اسان سڀ ظفر حسن جي قائم ڪيل روايتن تي هلون تہ پوءِ ڪنهن کي بہ ڌرتي ۽ ان جي مفادن کي نيلام ڪرڻ جي همت ئي نہ ٿيندي.

ڪاش وري ڪي ظفر حسن پيدا ٿين.

********

## نازکسنائي

# ڇاڇا نہ مري ويو آهي...

### (ظفر حسن تي تاثر)

گاڏي ڪاتي جو چونڪ، مان ائين نستو ٿيو ويٺو آهيان جو بدن ۾ ساهہ ئي ڪونهي. اڄ ڀيريون دفعو محسوس ٿيم تہ بي حواس ماٺيو ڪيئن ٿيندو آهي؟ نہ چرڻ جي همت ۽ نہ ڪيڏانهن وڃڻ جي. هڪ ئي جاءِ تي ائين ويٺو آهيان ڄڻ مان آهيان ئي ڪونہ. منهنجي آس پاس ڇا پيو ٿئي. مون کي ڪوبہ پتو ڪونهي ۽ ائين ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺو هوس. اها ڪيفيت تڏهن طاري ٿي جڏهن پر ۾ ئي اسٽال تان اخبار ڪٺي پڙهڻ لڳو هوس. جڏهن ظفر حسن جو رنگين فوٽو ڏٺم تہ ان جي بيان کي ڳولڻ لڳس. ڇو تہ مان ان جي بيانن/ انٽرويوئن کي وڏي شوق سان پڙهندو هوس. هڪڙو دفعو ان سرخيءَ تي نظر پئي هئم تہ ظفر حسن گذاري ويو. پر ڄڻ ڌيان ئي نہ ويو. ان جو پيو بيان ڳوليان تہ ڏسان ظفر حسن ڇا چيو آهي. وري ٻي نظر "ناميارو ڪهاڻيڪار ظفر حسن گذاري ويو." تڏهن ٿو رڙ ڪريان هان! ڪاش. اتي ڪو ويٺل هجي ها تہ مان ان کي ڀاڪر پائي روئان ها. رڙان ها، دل جو بار هلڪو ڪريان ها پر...

ٻہ ڏهاڙا اڳ پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ادي خيروءَ جي لاءِ تعزيتي گڏجاڻي هئي. ان گڏجاڻيءَ ۾ منهنجي سيٽ جي بلڪل پويان ظفر حسن ويٺو هو. صفا خاموش. ملياسون تہ مرڪي هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺوسين. هٿ ڏنوسين تہ سائين خوش آهيو. ڇئي هڪ ٻئي ڏي ڏسي ويهي رهياسين. هن اتي ڪونہ ڳالهايو. تقرير بہ ڪانہ ڪئي. اڳيان ويٺلن پئي تقريرون ڪيون. حميد سنڌيءَ پئي ڳالهايو، غلام رٻانيءَ پئي ڳالهايو. ٻيا بہ ڪوڙ هئا، جن خيروءَ تي پئي ڳالهايو. سمورن پئي چيو تہ خيروءَ ۽ ان مقرر جا ڪيترا واسطا هئا. جنم جنم جا رستا هئا. پر هر ڪنهن ائين بہ پئي چيو تہ هوءَ اڪيلائي ۾ گم ٿي وئي. هوءَ

وڏي ميڙ ۾ روجائجي وئي. آخري وقت ۾ جڏهن هوءَ اسپتال ۾ پنهنجي پوٽيءَ جون تندون اکيڙي رهي هئي ان وقت ان جي سامهون ڪير به ڪونه هو! سمورن آڏو ويٺلن پئي ڳالهايو. مون کي لڳو ته منهنجي سيٽ پويان ويٺل ظفر حسن به پئي ڳالهايو. هن ان وقت به ڪي انوکيون ۽ چيندڙ ڳالهيون پئي ڪيون ۽ مون پئي ٻڌو.

”آئون اهڙن پروگرامن ۾ نه ايندو آهيان جتي سرڪاري گماشتا هجن. سرڪار جا رکوالا ۽ پاڙيتو هجن. انهن کي ڪونه ٻڌبو. انهن کي ڳالهائڻ ڪونه ڏبو، انهن جي مزاحمت ڪبي... انهن کي ٻڌائبو، محسوس ڪرائبو ته سرڪاري دلالي ڪرڻ وارن سان ڌرتيءَ جا نمڪ حلال فرزند، ناهه نه ڪندا آهن، مرڪي نه ملندا آهن. ڪڏهن به انهن سان سماجي تعلق به نه رکندا آهن، انهن سان سندن سوشل بائيڪاٽ هوندو آهي.“

۽ مون اجا پنهنجي ڪنن کي سرلو ڪيو: ”خيروءَ جهڙي بيباڪ ۽ بهادر، بي ڊپي ۽ بردبار ليکڪا جي ياد ۾ اهو ميڙاڪو نه هجي ها ته مان ڪٿي اچان ها! مون پنهنجي اصولن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. مون پنهنجي زندگيءَ کي جڻ نئون موڙ ڏنو آهي ۽ پاڻ ۾ اها تبديلي آندي آهي جو اهڙي پروگرام ۾ آيو آهيان. جنهن ۾ ضياءَ جا بوٽ چٽائو ليکڪ ويٺا آهن.“

۽ ائين جڏهن پروگرام ختم ٿيو ته هڪ ٻئي کان موڪلايوسين چي ”تنهنجو مضمون عوامي آواز ۾ پڙهيو هوم، جاڳو ۾ به هو ۽ ٻنهي ۾ پڙهيم. ڏاڍو بهترين مضمون هو. ربانيءَ جي بدن مان ته تو نڪاءَ ڪدي ڇڏيا. اهڙيون شيون اڃڻ گهرجن. ناز توتي وڏيون ذميواريون ٿيون عائد ٿين...“

ان پروگرام کان هڪ ڏهاڙو اڳ جڏهن مان پرائيم بئنڪ پئي ويس ته هو پرفيڪٽ پريس مان نڪري پنهنجي ڪار جي ڊرائيونگ سيٽ تي چڙهي وينو هو. مون کي ڏسي لهي پيو. ملياسين وڏي قرب ۽ پاٻوهه مان، جيئن سدائين ملندا هئاسين.

”ناز صاحب، اڄ پرفيڪٽ پريس جي صفائي مڪمل ٿي آهي. انشاءَ الله ڪجهه ڏهاڙن ۾ پبلشنگ جو ڪم ڪبو. تون وڏو پبلشر آهين، آئون ننڍي پئماني تي ئي صحيح پر ڪم شروع ڪبو. توکي ته خبر آهي ته اهو منهنجو وڏي ۾ وڏو خواب آهي. سنڌ ۾ اجا به هڪڙي پبلشنگ اداري جي گهرج آهي ۽ مان ان جي شروعات ڪندس.“

۽ اها پرفيڪٽ پريس پنهنجي جي بادشاهيءَ ڪان بند هئي. ان زماني ۾ جڏهن اسان جو سنڌي حڪمران، مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ جي حڪمرانيءَ جون واڳون سنڀاليو ويٺو هو. ڀهراڙيءَ جا پيرين اگهاڙا ويچارا اڻ پڙهيل ۽ اڻ ڄاڻ سنڌي ڀٽي جو نالو ٻڌي ٽٽو شوڪارو پريندا هئا ۽ فخر مان ڀٽڪي ور ورائي نٺيڙي آرسيءَ ۾ پاڻ ڏسي مڇون مروڙي مرڪندا هئا ته ملڪ تي اسان جي حڪمراني آهي، ڀٽي جي نانءَ تان پيا صدقي ويندا هئا. ان زماني ۾ سنڌيءَ جا لکندڙ ۽ پڙهندڙ ٻئي ڪاٺ ۾ هوندا هئا. ايوب خان فيلڊ مارشل جو ته رڳو نالو هو. ڀٽو سمورن حڪمرانن کان وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيو هو.

ڪيترائي ڪتاب بند ٿيا. رسالن تي بندشون عائد ٿيون. ڪيترائي اديب، قلمڪار، شاعر D.P.R ڊفينس آف پاڪستان رولز تحت جيلن ۾ واڙيا ويا. ڪيترائي شاعر ماءُ جي ٻوليءَ ۾ شعر لکڻ جي ڏوهه ۾ قيد ڪيا ويا. ان زماني ۾ سنڌي ڪتاب ۽ رسالا ڇاپي ڪير؟ ڪنهن پريس ۾ اهو دم هو جو سنڌي ڪتاب ۽ رسالا ڇاپي؟

هر ڪنهن جي نظر ۾ ظفر حسن جي پرفيڪٽ پريس هوندي هئي. ان زماني ۾ اڪثر قومپرستيءَ وارو مواد، ڪميونزم لٽريچر، سياسي ۽ ادبي ڪتاب ان پريس ۾ ڇپبا هئا. سهڻي، پيغام، اڳتي قدم، ڌرتي، انڌلٺ ۽ ٻيا ڪوڙ سارا سياسي پمفليٽ ۽ تربيتي مواد.

اسان سمورن لاءِ ان زماني ۾ پرفيڪٽ پريس وڏو ڏڍ هئي. اِهو پريس حيدرآباد جي صدر واري علائقي ۾، سي.آءِ.ڊي ٺاڻي جي بلڪل سامهون هوندي هئي. سڄو ڏهاڙو سي آءِ ڊيءَ جا ماڻهو پريس تي ڪرڙي اک رکيو ويٺا هوندا هئا. روز پيا ڇاپا لڳندا هئا ڪيترائي ماڻهو اتي ايندي ويندي ٻڌا. ڇپيل فارم پريس مان ڪٽي ويندا هئا. بائينڊ ٿيل ڪتابن جا بنڊل به کڄي ويندا هئا. پر ظفر حسن جي پريس ڪڏهن به جواب نه ڏنو ته اهو مواد ڪونه ڇاپيندا سين. وڌ ۾ وڌ هي ٿيندو هو جو چوندا هئا ته اوهان نه اچجو، پروف فلاڻي وقت تي گهرائي ونجو. ڪتاب فلاڻي ڏينهن. فلاڻي هنڌ پيو هوندو ۽ ائين به ڪيترو مواد ڇپجڻ لڳو. آپريٽر ۽ منتظم به وڏا ڏاها هوندا هئا. فارم مشين تي سياسي مواد جو پيو ڇپجي. ڪو اچي ته ان ڇپجندڙ سياسي فارم مٿان آيتن ۽ حديثن وارا ڇپيل فارم رکجيو وڃن. پوليس ۽ سي آءِ اي وارا جهڙتي ونيو خوش ٿيو وڃن ته هاڻي همراهه وڃي سڌريا

آهن. رووپورٽن ۾ پوءِ لکڻ لڳا تہ پريس تي هاڻي ڪوبہ سياسي مواد ڪونہ ٿو ڇپجي. اڳتي هلي اها پريس آهستي آهستي ناڪام ٿيڻ لڳي. طارق اشرف، ظفر حسن کان جد اٿي وڃي سهڻي پريس چالو ڪئي. پرفڪيٽ پريس پوءِ نيڪن تي وئي. سڀ پڇيو وڃن پر ظفر حسن ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيو. جاءِ مسواڙ تي هئي. پنجويهن ٽيهن سالن کان ان بند پريس واري دڪان جي هو باقاعدگيءَ سان مسواڙ ڏيندو هو. ڇو جو ان وٽ ٻولي ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان ڪيترائي شاندار خواب هئا. جن خوابن جي تڪميل لاءِ هو ائين ڪندو رهيو. مسواڙ ڏيندو رهيو. ٻہ ڏهاڙا اڳ ئي ٿو هو مون کي اتي مليو ۽ چوي تہ پريس جي صفائي مڪمل ڪرائي اٿم. هاڻي ڪم شروع ڪبو ۽ موت ان جي ڪيڏن شاندار خوابن جي ڪيترن ئي تاج محلن کي هٽي ڊاهي وڌو. هن پنهنجي اندر ۾ ڪيترائي تاج محل جوڙيا هئا. سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ هڪڙو پبلشنگ ادارو جوڙبو، هڪڙو شاندار ادبي رسالو ڪڍبو، هڪڙو ريگيولر سياسي ميگزين ڪڍبي، هڪڙي بين الاقوامي معيار جي سنڌي اخبار ڪڍبي، هڪڙو اعليٰ درجي وارو تدريسي ادارو جوڙبو، هي ڪبو، هو ڪبو، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي مرڻ ڪونہ ڏبو، وڙهبو، ڪم ڪبو، خيرات ڪانہ گهربي، حق وٺبو زوريءَ وٺبو، وڄائي وٺبو.

۽ سنڌي ٻوليءَ کي مرڻ نہ ڏبو. ۽ ان لاءِ ڪئين خوابن جا تاج محل جوڙيندڙ اسان جو پيارو ظفر حسن خوابن جي تڪميل کان اڳ ئي پاڻ مري ويو. هاڻي پيو سوچيان تہ ظفر حسن جي مرڻ سان ڇا ڇا نہ مئو آهي.

ان کي چئبو هو تہ ”سائين، پنهنجو ڪتاب ڏيو تہ ڇاپيون.“

مُرڪي چوندو هو: ”ادا، اوهان کي تہ خبر آهي تہ مستقبل ۾ مون کي پاڻ ادارو هلائڻو آهي. سو ان کي پاڻ ڇاپبندس ۽ هاڻي ظفر حسن جا اهي سمورا ڪتاب مري ويا. ظفر حسن بہ مري ويو. جيڪي ڪتاب ان کي سدائين لاءِ زندهہ رکي سگهن ها. اهي ڪتاب بہ مري ويا، ان جي ڳڻن ۽ خصلتن کان واقفڪار اسان جي نهي ڪيترو وقت زندهہ رهندي ۽ ڪيترو وقت ان جي ذڪر تي اکيون آليون ڪندي رهندي؟“

ميرپور بٺوري ۾ هڪڙو چريو هاڻي شايد الف اگهاڙو ٿيو پيو گهمي. هاڻي تہ ڪيس بہ خبر ڪانهي تہ هو ڪير آهي پر جڏهن ان

جي تازي ڪل ٽڙي هئي تہ هن کي خبر هئي تہ هو مشتاق ڪاملاڻي آهي. ڪهاڻيڪار آهي، هن ڪيتريون ڪهاڻيون لکيون هيون! ڪيترن رسالن ۾ ڇپيون هيون، هن ڪو ناول بہ لکيو هو ۽ اهي سڀ ظفر حسن کي ڇاپڻا هئا ۽ هن شايد مشتاق ڪاملاڻيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو ڇاپيو بہ هو جيڪو بنا ٽائيٽل جي سالن کان ڪنهن بائينڊر وٽ پيل مون ڏٺو هو.

آئون نوڪريءَ سانگي جڏهن ميرپور بٺوري ڏي هوس ۽ وتندو هوس اديبن ۽ شاعرن جو پڇائيندو. تڏهن هڪ دفعي هوٽل تي اهو ڇريو ڦاٽل ميرن ڪپڙن ۽ پيرن اگهاڙو اچي مون سان مليو هو. تڏهن سلام ڪري پنجاهہ روپيا گهريا هئائين ۽ مون ڪيس ڇڙٻيندي چيو هو تون ڙي هيروئني آهين! چي، ”سائين مان هيروئني ناهيان مان اديب آهيان، ڪهاڻيڪار آهيان مشتاق ڪاملاڻي آهيان، اوهان منهنجون ڪهاڻيون پڙهيون هونديون. فلاڻن فلاڻن رسالن ۾ ڇپيون هيون. مون ناول بہ لکيو هو. اهي منهنجا ڪتاب ظفر حسن وٽ آهن. اهو ڇاپيندو، سائين ڏيو پنجاهہ روپيا.“

۽ اها ڪٿا ٻڌي مون وارو پٽيوالو ٽو ڪلي چوي: ”سائين، ڏسو اديبن جا حال... اوهان بہ خيال ڪجو! مون اهو ٻڌي ان سان ڪوڙ ساري ڪچهري ڪري ورتي. هو حال ۾ ڪونہ هو. ڪٿي ڪٿي، اهڙيون ڳالهيون پئي ڪيائين جو مون کي لڳو تہ هو واقعي ڇريائپ جون سموريون حدون اورانگهي ويو آهي. پڇيومانس جي تون مشتاق ڪاملاڻي آهين، اديب آهين، ڪهاڻيڪار آهين تہ پوءِ توسان هيءُ حال ڪنهن ڪيو ٿي، چيائين سائين هو طارق اشرف آهي نہ...ٻڌو اٿو...؟“

”ها ها... “ ان وٽ ويو هوس تہ اديب آهيان مون کي نوڪري ڏي. ان مون کي نوڪري ڏني، سياسي جلسن ۽ ادبي پروگرامن ۾ ويندو هوس ۽ رپورٽون لکي اچي ڪيس ڏيندو هوس ۽ هو اهي رپورٽون سي آءِ ڊيءَ وارن کي ڏئي وڏا پئسا ڪمائيندو هو. سائين هو سي آءِ ڊيءَ ۾ وڏو آفيسر آهي... مونکي جڏهن خبر پئي تہ مون کي ڏاڍو شاڪ پهتو..“

آئون پريشان تہ طارق اشرف لاءِ اهڙيون ڳالهيون ڪندڙ واقعي اديب بہ آهي يا نہ...؟ ظفر حسن سان مليس تہ هُن ان جي تصديق ڪئي ۽ ڏاڍي ساراهہ ڪئي ۽ ٻڌايو تہ ها واقعي ان جا ڪتاب هو ڇاپيندو. ڪهاڻين جو مجموعو تہ ڇپيو پيو آهي... طارق اشرف سان

ملي ڪيس چيم تہ مشتاق ڪاملاڻي نالي هڪڙي چرئي اوهان بابت مون کي هينئن چيو آهي. چيائين حرامي سدائين پئسا وٺڻ ايندو هو. جڏهن ڏبا هئس تہ نيڪيون ڪندو هو، نہ ڏبا هئس تہ اهڙيون ڳالهيون ڪندو هو. پر هو چئن پنجن سالن کان تہ مون ڏٺو بہ ڪونهي، جيئرو آهي؟"

بڏايومانس تہ هو چريو آهي ۽ ميرپور بٺوري ۾ ڦاٽل ڪپڙن ۾ پيرين اگهاڙو، پنندو وتندو آهي ۽ سوچيان پيو تہ ظفر حسن سان گڏ اهو چريو مشتاق ڪاملاڻي بہ مري ويو. جنهن جا خواب بہ ظفر جي خوابن سان گڏ، ان پڪيءَ وانگر اڏاڻا هئا، جيڪو پنهنجو آکيرو جوڙڻ جا خواب ڏسڻ ڪانپوءِ ڪکن ميڙڻ لاءِ نڪتو هو. واٽ تي ئي شڪارين جي ور چڙهي ويو!

ظفر حسن سرحدن پار چپجندڙ ڪيترن ئي ڪتابن جي چونڊ ڪري ان نيت سان رکي هئي تہ هو جڏهن پنهنجو ادارو شروع ڪندو تہ انهن کي ڇاپيندو پر ظفر حسن جي مرڻ سان، اهي ڪتاب بہ مري ويا.

ان جي ڊائريءَ جو وڏو چرچو هوندو هو. هو سچ لکندو هو. هر ماڻهو لاءِ ڪنهن جي بہ پاسخاطري ڪونہ ڪندو هو. جڏهن ان ڊائريءَ مان ڪن رسالن کي ورق ڇپيا تہ ڪيترائي ماڻهو ڪن هٽڻ لڳا ۽ ظفر حسن کي رستي تي ڏسي. لنوائي بئي پاسي هليا ويندا هئا. ۽ ان پنهنجي ڊائرين ۾ نہ معلوم ڪيتريون ڳالهيون، ڪم واريون ڳالهيون تحرير ڪيون پر ظفر حسن جي موت سان، انهن سمورين ڊائرين جو موت ٿي ويو!

هو سنڌي هو، صفا ٺيٺ سنڌي، سيد هوندي بہ ان کي ان ڳالهہ تي فخر هو، تہ مان هن ڀوميءَ جو جنم آهيان، حيدرآباد جي ويجهو، جنهن ڳوٺ ۾ ڄائو ان ڳوٺ توڙي سنڌ جي ڀهراڙين سان پيار ڪندو هو. هو سخت قوم پرست ماڻهو هو، ڪڏهن بہ مصلحت جو شڪار ڪونہ ٿيو. انتهاپسند هو. ان معاملي ۾ جيڪي ليکڪ اردوءَ ۾ لکن، پنهنجي ٻوليءَ کي وساري ڇڏين، انهن سان بائيڪاٽ، جيڪو انهن جي ڊرامن ۾ ڪم ڪري، انهن سان بائيڪاٽ، جيڪو انهن جي ڊرامن جي نيڪي ڪري انهن جو بائيڪاٽ، جيڪو انهن جي ڊرامن ۽ تحريرن تي تبصرو ڪري، رسالن يا اخبارن ۾ ڇپائي انهن سان بائيڪاٽ.

جيڪي اديب اهل قلم ڪانفرنس ۾ ويا، انهن جو بائيڪاٽ، جيڪي اديب سرڪاري مشير بنجن، سرڪار جي دلالي ڪن، انهن جو

بائيڪاٽ، انهن سان ميل جول ختم. سماجي تعلقات ختم، اٿڻ ويهڻ بند. جيڪي ماڻهو انهن سان واسطي ۾ هجن، انهن سان ٺلهي سلام عليڪم به نه ۽ ان سلسلي ۾ هو ڪابه دليل بازي يا مصلحت ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ڪونه هو. ظفر حسن وٽ، اهڙي ماڻهو لاءِ وقت ئي ڪونه هو.

اردو ڪونه ڳالهائبي، ڀلي اردو دان هجي، ڪراچي هجي اسلام آباد هجي يا حيدرآباد. ڀلي پناهگيرن جون بندوقون سنڌين ڪي ڳولينديون وتن، پر ظفر حسن اردو ۾ ڪونه ڳالهائيندو. مون کي خبر پئي ته هي اسان جو يار ته ان قسم جو سخت گير ماڻهو آهي. مون تجربو ڪيو. ڪوڙ پيرا، دڪانن تي، اسٽالن تي، مون ان جي پويان بيهي، ان کي ڳالهائيندي ٻڌو: ”ڪينجهر آيو آهي!“

”جي صاحب ’ڪيا بولا؟“

”ڪينجهر جو ٿو پڇان.“

چوندو هو ته هي سمجهن يا نه، مان پنهنجي ٻولي ڇو ڇڏيان.

يونيورسٽيءَ ۾ اردوءَ جا پروفيسر هجن. هي انهن سان به سنڌيءَ ۾ ڳالهائي، ٻيو ان سان ڀلي پيو اردو ۾ ڳالهائي پر هي ايڏو محتاط هوندو هو جو هن ڪان ڀُلجي به اردو جو جملو به نه نڪتو ۽ هاڻي سوچيان پيو ته اسين جو وتندا آهيون سڄو ڏهاڙو جيئي سنڌ، جيئي سنڌ چوندا. اسان ڪيترا سچا آهيون ان سان؟ ۽ ظفر حسن جهڙو ماڻهو ايڏو سخت مزاج ۽ اصول وارو ماڻهو مري ويو ته پنهنجي ٻوليءَ سان. ايڏي بي پناهه محبت ڪرڻ وارو ماڻهو مري ويو!

هن ڪيترائي ليڪچر ڏنا، ڪهاڻي تي، جديد ادب تي، سماج تي، سماج ۾ اسان جي ذميوارين تي، هن ڪيترين ئي جاين تي عاليشان تقريرون ڪيون. پنهنجي موقف کي ايڏي چٽائيءَ سان بيان ڪيائين جو ڪير به ان کي بدلائي نه سگهندو هو. مون ان جي ڀٽ شاهه جي هڪڙي ادبي پروگرام ۾ تقرير ٻڌي هئي. شايد ان زماني ۾ جڏهن هو سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو، شايد ان موضوع تي پئي ڳالهايو ته سرڪار هڪ طرف ان ڳالهه جي دعويدار آهي ته سنڌي ٻولي به هنن کي پياري آهي پر ڪٿي ڪٿي هنن سنڌي ٻوليءَ سان به اڪيائي ڪئي آهي. ان تي هن دليل پئي ڏنا ته ڪيترن ماڻهن جي ڪنن جون پاپڙيون ان وقت ٺماٺا ٿيندي مون ڏٺيون هيون. اسان جي ظفر حسن جي موت سان، انهن سمورن ليڪچرن شاندار تقريرن جو موت اچي ويو!

هو پنهنجي ذات جي حد تائين سخت اصول پرست ماڻهو هو. ٻين جي ٻيا ڄاڻن. ٻوليءَ جي حوالي سان سندس پيار جو ان کان وڌيڪ ٻيو مثال ڪهڙو ٿو ٿي سگهي ته هن پنهنجي اولاد کي به سنڌي ميڊيم ۾ پڙهايو ۽ ان زماني ۾ جڏهن يونيورسٽيءَ جا پروفيسر ته ٺهيو پر هر غريب غربو پنهنجي ٻارن کي انگريزيءَ اردو اسڪولن ۾ پيو پڙهائي ۽ انهن جي روشن مستقبل بابت ويچار ڪري، ان زماني ۾ ظفر حسن جهڙو ماڻهو به پنهنجي اولاد کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ پيو پڙهائي! ۽ ظفر حسن جو موت، ڪهڙي ماڻهوءَ جو موت آهي، اهو ڪير ٿو ڄاڻي؟!

هڪ دفعي ڪنهن ڇوڪري مون کي ظفر حسن کي سفارش لاءِ چيو، مارڪن جو مسئلو هو. ظفر حسن وٽ هليو ويس، ڏاڍي عزت ڏنائين، مارڪن جي ڳالهه ڪيم ته چڙي پيو، "ادا، توکي احساس ڪونهي ته اسان جي تعليم تباهه ٿي چڪي آهي؟ مون کي خبر آهي، پر توکي به خبر هجي ته مون سڄي زندگيءَ ۾ هڪ مارڪ به سفارش تي نه ڏني آهي ان ڪري سفارش لاءِ آئيندي ڪڏهن نه چئجو!"

آئون ان جون ڳالهيون ٻڌندو هوس. ان جي پرڪارن ۽ سوچن بابت ڄاڻ هئم، ان تي هڪ به دفعا مون تنقيدون ڪيون. مون وٽ هلي ايندو هو ۽ مڃيندو هو. تون صحيح آهين. ڪڏهن به ڪونه ڪاوڙيو. ڪڏهن به منهن ڪونه موڙيائين، هن جو اخلاق ايڏو اعليٰ هو جوڳڻ تا ڳائجن ته پنهنجي نيچ هئڻ کي ٿو محسوس پوي. هو ڪيترائي دفعا مون وٽ آيو دڪان تي نظام لاج ۾، ۽ حيران آهيان اڄا به جو بابا سائين وفات ڪئي ته هڪ ڏهاڙي گهر ويس ته منهنجي گهرواريءَ ٻڌايو ته ظفر حسن آيو هو.

۽ مون ڪان رڙ نڪري وئي ۽ ان ڏينهن گهرواريءَ سان ڏاڍو جهيڙو ڪيم، نياڳي! ظفرحسن جهڙو ماڻهو، جنهن کي تون پنهنجي پسند جو ليکڪ سمجهندي هئين ۽ جنهن سان تو ملاقات جي خواهش پئي ظاهر ڪندي هئين، اهو ظفر حسن صائمه پلازا جي سيڪنڊ فلور تي چڙهي، تنهنجي در تان ائين موٽي ويو. تو ان کي گهر ۾ ويهاري، پاڻي به نه پياريو!

ته هن چيو ته "ظفر حسن اهو جيڪو مون کي وڻندو آهي؟"

مون ڪيس چيو ته: "اسان وٽ ظفر حسن هڪڙو ئي ته آهي، ۽ هڪڙو اهو ظفر حسن به مري ويو. هاڻي ٻيو ظفر حسن اسان ڪٿان

آٽيندا سين؟ "

"مون ان کي فون ڪئي. افسوس ڪيم تہ اوهان اطلاع ڪري اڇو ها تہ ڏاڍو سٺو هو. چيائين"ناز تنهنجو بابا مري ويو. منهنجو اچڻ فرض هو. سو آيس، اديءَ جو ڏوهہ ڪونهي، جي مون کي اندر ويهڻ لاءِ چوي بہ ها تہ مان ويهان ٿوري ها."

۽ مون ان جي وفات واري خبر ان ڏينهن شام جو پڙهي. جڏهن هو دفنائجي چڪو هو. ڪاش، ڪو يار اهڙو اطلاع ڪري وجهي ها تہ ظفر حسن ڪان آخري موڪلاڻي ڪري وڃجي ها چو تہ ٻيو ظفر حسن، ڪونہ ايندو! پر ائين نہ ٿيو. آئون پنهنجي يار کي، ڳوڙهن جو نذرانو بہ نہ ڏئي سگهيس.

آئون جيڪي ڳالهائيندو هوس، جن اصولن تي وتندو هوس جيهڙا ڪندو، بائيڪاٽ ڪندو، هر ڪنهن سان وڙهندو، سوچيندو هوس تہ ظفر حسن بہ تہ پنهنجو پاءُ آهي، ان جا ۽ منهنجا خيال هڪجهڙا تہ آهن پر پاڻ ۾ بہ ڪڏهن ٽڪربا هئاسين. پر اڳرائي رڳو منهنجي هوندي هئي. هو ڪڏهن بہ ناراض نہ ٿيندو هو. ڏک نہ ڪندو هو، تنقيد برادشت ڪرڻ جو ان وٽ وڏو مادو هو. هو وڏي جگر وارو ماڻهو هو. ڪجهہ عرصو اڳ اسان جي هڪڙي ملاقات ٿي. ساڳي جاءِ يعني پرفيڪٽ پريس ٻاهران، خوش خير عافيت ڪرڻ ڪانپوءِ چيومانس تہ:

"آئون اوهان سان ناراض آهيان، ڪيترن ڏهاڙن کان پئي سوچيم تہ اوهان کي خط لکي آگاهہ ڪريان، پر مون وٽ ايڊريس نہ هئي، ٻڌو هوم تہ اوهان رٽائرڊ ڪيو آهي. ڪالهہ جڏهن انعام شيخ سان ڳالهايم ۽ کيس چيم تہ مان اوهان کي ڪو خط لکڻ گهران ٿو. انعام ٻڌايو تہ اوهان ڊپارٽمينٽ ۾ واپس آيا آهيو، اڄ اوهان مليا آهيو...

ها تہ شڪايت هئي تہ مان اوهان وٽ گذريل سال جيئن ڪينجهر لاءِ آيو هوس اوهان چيو هو تہ جنهن فنڪشن ۾ تاج جويي جهڙو ڪوڙو ماڻهو ايندو اتي آئون نہ ايندس ۽ پوءِ اها ڳالهہ مون ڪينجهر ۾ لکي بہ هئي. پر عوامي رنگ رسالي جي مهورت ۾ اوهان آيا هئا. مهورت اوهان ڪيو هو. ان رسالي جو ايڊيٽر تہ تاج جويو هو ۽ اوهان جي پرسان فوٽن ۾ بيٺل آهي...

جي: "ها تنهنجي شڪايت جائز آهي آئون ڪڏهن اوهان آڏو وضاحت ڪندس. ضرور ڪندس." ۽ موڪلايوسين پر وري ڳالهائڻ لاءِ دل گهريو، مان پوئتي وريس. چيومانس:"سائين اوهان ناراض نہ ٿيندا

ڪريو. آئون اوهان تي ظفر حسن جي حقيقت ۾ حق رکان ٿو، ڇو تہ ظفر حسن نظرياتي ۽ اصولي ماڻهو آهي. ان سان حجتن جو حق سدائين رکندس. جڏهن بہ منهنجي تنقيد پڙهو تہ ان ۾ نيت جي بدي نہ سمجهجو...“

۽ پوءِ هاڻوڪي آخري جشن ڪينجهر 25 ڊسمبر 1997ع واري رات، فون آئي، ”آئون ظفر حسن پيو ڳالهايان... اوهان جو ڪارڊ بہ مليو آهي. خط بہ. روبرو ملاقات ۾ بہ اوهان اچڻ لاءِ چيو هو. پروگرام ڪهڙي وقت ٿيندو ۽ صدارت ڪندڙ ڪير هوندو؟ چيومانس: ”ادا، هن دفعي مون ڪارڊ ۾ ڪنهن جا بہ نالا نہ ڏنا آهن. سامعين مان ئي چونڊ ڪبي.“ چي: ”مان مقرر وقت تي ايندس. حاضر، پر مون کي سامعين ۾ ئي رهڻ ڏجو!“

”توهان اچو تہ صحيح.“

۽ پوءِ 25 ڊسمبر 1997ع تي بسنت هال ۾ سڀ کان اڳ مقرر وقت تي ظفر حسن پهتو. ان ڏهاڙي حيدرآباد ۾ بہ ٻہ ٽي ٻيا فنڪشن بہ هئا. ماڻهو مقرر وقت تي ڪونہ پهتا. ظفر حسن ڪلاڪ بہ ويهي ائين بنا موڪلائڻ هليو ويو. جڏهن مون پوءِ آيل ماڻهن کي ڏسي اظهار سومري کي چيو پروگرام شروع ڪر. صدارت لاءِ سائين ظفر حسن کي اسٽيج تي گهراءِ تہ هن ٻڌايو تہ ظفر حسن تہ هليو ويو!

۽ مون هيٺ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو تہ ظفر حسن آهي ڪٿي. پر هو ڪٿي بہ ڪونہ هو! هو وقت جو بہ وڏو پابند ماڻهو هو. سدائين چوندو هو تہ وقت جو قدر ڪريو. جيڪي ماڻهو وقت جو قدر نہ ڪندا ائين مليا ميٽ ٿي ويندا. ان ڪري هو اسان جي ماڻهن جا افعال ڏسي ناراض هو. ان ڪري اجتماعي ڪمن ۽ ٻن ٽن ماڻهن جي گڏجي ڪم ڪرڻ واري اجتماعيت مان بہ هو ڪنو ٿيل هو. چوندو هو تہ پاڻ اجتماعي طور ڪوبہ ڪم نہ ڪري سگهنداسين. ان ڪري ئي هن ڪيترا ڪم جيڪي اجتماعي طور ممڪن هئا، پنهنجي لاءِ ڪرڻ جو سوچي رکيا هئا تہ هو اهي ڪم پاڻ ڪندو پر ائين نہ ٿي سگهيو. اجتماعي ڪم بہ انفرادي طور ڪرڻ جا اراد رکندڙ ظفر حسن، موت اسان کان پري ڪري ورتو! ان جي مرڪ جو انداز ڀلا ڪنهن کان وسرندو! ان جي اخلاص، محبت ۽ قرب وارو رويو. ڪير وساري سگهندو؟

مون حفيظ شيخ مرحوم تي ڪتاب لکيو ۽ اهومرحوم طارق اشرف جي پريس تي پئي ڇپيو، سڄو مواد ڇپجي ويو. شروع وارا ٽي

چار صفحا پئي رهيا. طارق مون کي چيو ته سچو ڪتاب تيار پيو آهي. باقي هتي ئي لکي ڏي ته ڪتاب مڪمل ٿئي. مون اهي صفحا اتي ويهي ڻاهيا. انتساب ۾ لکيو پئي. "پياري ظفر حسن جي نالي. اڃا لکيم "پياري ط- ته طارق ڪٽي منهنجا هٿ روڪيا. نه ته سائين مان ان لائق ناهيان. منهنجي نالي انتساب نه ڪجو."

مون طارق کي چيو ته طارق هٿ ڇڏ. واقعي مان تمام لائق ماڻهوءَ نالي انتساب پيو ڪريان. ۽ اهو هو پيارو ۽ لائق ماڻهو ظفر حسن. اڄ پيو سوچيان ته اهو اسان جو پيارو لائق ماڻهو مري ويو ۽ حيران ۽ منجهيل ٻٽجي چوواٽي تي بيٺو آهيان. سوال هڪ نه پر ڪئين سوال ذهن ۾ گردش ڪري رهيا آهن ته ظفر حسن جي مرڻ سان، اسان جو چا چا نه مري ويو آهي.

(ماهوار "مومل" 1998ع تان ورتل )

********

## ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو

# اڙي موت ميار، جيڏا روز جدا ڪرين!

سنڌي ٻوليءَ جي اهم ۽ مختلف ڊڪشن رکندڙ ڪهاڻيڪار خيرالنساء جعفري گذاري وئي. چئن ڏينهن جي وٿيءَ سان هڪ ٻيو نرالو اديب، ڪهاڻيڪار، ڪالم نويس ۽ زندگي خاص اصولن تحت گهاريندڙ شخص ظفر حسن به ادبي لڏي، پنهنجي عزيزن ۽ ويجهن دوستن يارن کي ڇڏي راهه رٻانيءَ جو راهي ٿيو. ٻئي زندگيءَ جو وڏو ۽ ڪمائتو عرصو سنڌ يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل رهيا ۽ گذريل سال (1997ع) ۾ ٽي پروفيسر جي حيثيت سان رٽائر ٿي، نئين جيون جنگ شروع ڪرڻ جو رٿي رهيا هئا. هي ٻئي ڄڻا منهنجي قبيلي ۽ لشڪر سان وابستگي رکندڙ هئا. اهڙي لشڪر سان، جنهن لاءِ حفيظ شيخ (ڪهاڻيڪار) گهڻو وقت اڳ لکيو هو، ”سقراط ڪان وٺي حسين عليھ السلام تائين ۽ حسين عليھ السلام کان وٺي اسان تائين لشڪر تہ ڏس مستانن جو...“

هي ٻئي ڄڻا انهيءَ لشڪر جي سپاهين ۾ هئا، جن پنهنجي ڳالهه دهل جي ڏونڪي تي علي الاعلان ڪئي. بغير ان پرواهه ۽ فڪر جي تہ جنهن سماج ۾ رهن ٿا، اتي سندن اهڙي رويي جي موٽ پاڻ ۽ پاڻ سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ نقصانڪار ٿي سگهي ٿي. هو حق سچ چوندڙ انساني سماج جي ان گروهه جي ماڻهن ۾شامل رهيا، جن کي سماج جي غلط روين، ماڻهن جي خود غرضيءَ ۽ اڻگهڙ ويچارن کي تبديل ڪرڻ لاءِ منصوبا ۽ رٿون هونديون آهن. جن جو اظهار زباني ڪچهرين، ملاقاتن، تقريرين، حوالن، روين ۽ لکڻين ۾ ڪندا رهندا آهن. هو سماجي ڀلائي ۽ سنڌ جي سڌار لاءِ خواب اڻندا رهيا، پر انهن کي ساڀيان ڏيارڻ لاءِ تنظيمون قائم ڪو نہ ڪيائون، ٻين سان ڪونہ گڏيا ۽ ايئن ٽي پاڻ ٻين کان الڳ ( Isolation )۾ گذارڻ لڳا. ميڙن ۽ اجتماعن کان پري، پر پوءِ به گهڻن کي ويجهو هئا ۽ انهن سان ناتو ڪو نہ ڇنائون. ظفر حسن کي آئون 1970ع واري ڍاڪي جي ڀهرئين اڌ دوران سنڌي رسالن معرفت سڃاڻان، خاص ڪري جڏهن، سهڻي، اديون ۽ اڳتي قدم جهڙن رسالن جي موجودگيءَ ۾ ڊرتي پبليڪيشن ۽ انڊلٽ ڊائجسٽ ڪڍيائين.

هي حيدرآباد جي بهترين علائقي ۾ پرفيڪٽ پريس جو مالڪ بہ هو، جيڪا اسلم لغاريءَ جي مدد سان سنڌ جي سياسي مسئلن تي پمفليٽ ۽ اشتهار ڇپڻ وارو دليريءَ جو ڪم بہ ڪندي هئي. ان دور ۾ مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي ۽ هڪ اڌ مهاجرن جي پريس کان سواءِ ٻيا سياسي اشتهار ڇپڻ جي همت ڪونہ ڪري سگهندا هئا.

1975ع ۾ جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ شاگرد جي حيثيت ۾ داخلا ورتم، تڏهن سنڌي شعبي جي استادن کان سواءِ جنهن خوش پوش، قومپرست ۽ سنڌين لاءِ دل ۾ درد رکندڙ شخص منهنجو نالو پڇا ڪري اچي ملاقات ڪئي، اهو هو جاگرافي شعبي جو استاد سائين ظفر حسن شاهہ (ان وقت آئون سنڌ سطح جي هڪ شاگرد تنظيم جو مرڪزي اڳواڻ هوس)، جنهن پنهنجي ڪار ۾ چاڙهي سموري يونيورسٽيءَجي روڊن تي چڪر لڳرايا ۽ مون کي چوندو رهيو يعني ڪنونس ڪندو رهيو تہ، ڪنهن بہ طريقي سان سنڌي شعبي مان داخلا ڪينسل ڪرائي، سندس شعبي جاگرافي يا ڪنهن ٻئي اهم، زندگيءَ جي ٻوڙ ۾ ڪم ايندڙ شعبي ۾ داخلا وٺان، جنهن ۾ هو منهنجي مالي مدد بہ ڪندو ۽ اسڪالر شپ پڻ ڏياريندو.

سنڌي شعبي جي پروفيسر محرم خان کان سواءِ هي ٻيو استاد هو، جنهن کي سنڌي شعبي جي اهميت ۽ سازشن جي خبر هئي ۽ مون کي اتان ڪڍڻ لاءِ ڪوششون ڪندا رهيا، پر ڪامياب نہ ٿيا. ڇاڪاڻ جو ان وقت مان سنڌي ٻولي ۽ ادب سان ايترو چاهہ ۽ انسيت رکندو هوس، جو ٻيو ڪجهہ ان کان وڌ نظرئي نہ ايندو هو. توڙي جو ظفر حسن ڪيترا ڀيرا ائين بہ چيو تہ، ”توکي سنڌي ادب يا شاهہ جي رسالي ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ سان ايڏو لڳاءُ آهي تہ ڇا ان لاءِ ڪا ڊگري ضروري آهي! ڊگري ڪنهن ٻئي شعبي ۾ حاصل ڪر، باقي ادب جو مطالعو ذاتي طرح جاري رکيو اچ، جيئن پاڻ ۽ ٻيا ڪيترا اديب ڪري رهيا آهن.“ ان وقت مون سندن ڇوڻ ڪونہ مڃيو، پر هاڻي مڙئي ڊگريون حاصل ڪرڻ - مڪمل پروفيسر ٿيڻ جي باوجود ڪيترن ئي سببن ڪري سوچيندو آهيان تہ ان وقت پروفيسر محرم خان ۽ ظفر حسن جو چوڻ مڃان ها، تہ وڌيڪ بهتر ٿئي ها، نہ صرف ذاتي طرح مون لاءِ، پر سنڌي سماج لاءِ بہ گهڻو بهتر ٿئي ها.

بهرحال، ظفر حسن وقت کان اڳ ۽ نرالو سوچڻ وارن مان هو. هن ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي ذميداري سنڀالي تہ صرف ڪرسيءَ

تي ويهڻ ۽ سهولتون ماڻڻ سندس مقصد ڪونه هو، نه ئي سرڪاري گاڏيءَ ذريعي پاڻ ۽ پنهنجي آڪهه ڪي ڊرائيونگ سيڪاري ٽيڳر ڪرڻ هو. هن اتي تبديليون آڻڻ جون ڪوششون ڪيون ۽ ڪيترائي سڌارا آندا، پر جڏهن مرضيءَ مطابق تبديلي آڻي ۽ نتيجا حاصل نه ڪري سگهيو ته ڇڏي ڏنائين ۽ تازو ئي هڪ انٽرويو ۾ حق ۽ اهليت جو ذڪر ڪندي چيائين ته، سيڪريٽريءَ جي نوڪري ڪيس اهليت نه، پر سفارش تي ملي هئي. اها سچ چوڻ جي عادت ۽ اهليت سڄي حياتي سندس اندر رهي. ٻين عام اديب ڪامورن وانگر نه ته، حاصل ڪن ڪنهن سازش يا سفارش ذريعي ۽ چون ته هو ئي اهل آهن ۽ هلائي نه سگهڻ ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪم ڪري نه سگهڻ ۽ تبديليون نه آڻي سگهڻ باوجود سٽيي نوڪري سمجهي چنبڙيا رهن ۽ پوءِ ڪٽي ان جي قيمت شخصي ۽ قومي ڪردار جي تباهي چو نه ٿئي.

ظفر حسن خاموشيءَ سان پنهنجي لکڻ پڙهڻ ۽ استاد وارو ڪردار نڀائيندو رهيو. جڏهن ضيائي مارشل لا دوران اديبن ڪي اسلام آباد جا سير ڪرائڻ وارا سلسلا شروع ٿيا ته اهو ظفر حسن شاهه ئي هو، جنهن اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد جي دعوت تي شريڪ ٿيندڙ اديبن جي نه صرف مخالفت ڪئي، پر انهن جو سماجي بائيڪاٽ ڪندي انهن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو سلسلو بند ڪيائين. اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي پنهنجي طرفان قائم ڪيل سببن ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان ڪرايل بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس 1988ع جو پنهنجي ڪجهه دوستن سان گڏجي بائيڪاٽ ڪيائين، پر يونيورسٽيءَ جي ملازم هئڻ ڪري ان تي ڪو به شديد رد عمل ڪو نه ڏيکاريائين.

هو سنڌي ٻوليءَ سان عشق ڪندڙ هو ۽ از عشق ۾ هن اردوءَ ڪي سنڌي ٻوليءَ جو استحصال ڪندڙ ٻولي سمجهندي، ڪيترو عرصو اردو ٻولي نه ڳالهائي: ايتريقدر جو ڪنهن اردو ڳالهائيندڙ سان به هو سنڌي يا انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندو هو، پر اردوءَ ۾ ڪڏهن به نه. سنڌي پريس خاص ڪري اخبارن سان ڪيس وڏي شڪايت هوندي هئي، تنهنڪري گڏريل ڪيتري عرصي کان هن سنڌي اخبارون پڙهڻ ڇڏي ڏنيون هيون. ڪيترا ڀيرا ذاتي ڪچهرين ۽ بحثن ۾ سنڌي اخبارن جي اهليت توڙي اهميت مڃڻ جي باوجود انهن کي پڙهڻ پسند ڪونه ڪندو هو.

سندس اهڙن ويچارن ۽ روين سان ٿي سگهي ٿو ته اسان متفق نه هجون ۽ هن کان مختلف نموني جا ويچار رکندا هجون، پر سندس

راءِ ظاهر ڪرڻ ۽ عمل ۾ سچي هجڻ جو دل جي گهراين سان احترام ڪرڻ تي مجبور آهيون. سنڌي ٻوليءَ جي عشق، هن کي ڪيترن ٻوليءَ جي رٿابندي ڪندڙ ملڪي ۽ غير ملڪي ادارن ۽ عالمن سان رابطي ۾ آندو. سنڌي ۽ انگريزيءَ جي اهميت تي ڪيترائي خط روزانه ”ڊان“ ۽ ”دي نيوز“ ۾ لکندو رهندو هو ۽ مون کي انهن مان ڪيترن جون ڪاپيون رڪارڊ لاءِ موڪلڻ جي مهرباني پڻ ڪندو هو.

ٻوليءَ جي اهميت، اهليت ۽ ان تي ڪم ڪرڻ جي سگهه رکندڙ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي ۽ سائين ظفر حسن سان ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ ترويج لاءِ ڪم ڪرڻ جي منهنجي وڏي حسرت هئي. جيڪا سندن ٻي وقتي ۽ ڏکائتي وڇوڙي ۽ نامساعد حالتن جي ڪري پوري نه ٿي سگهي. مٿين ڳالهين ذريعي ڪيس ياد ڪرڻ ۽ پڙهندڙن تائين پهچائڻ مان مراد سندس ثاهه نه ڪرڻ ۽ خاص اصولن تحت زندگي گذارڻ واري پهلوءَ کي چٽو ڪرڻ هو، جنهن مطابق هو سماجي روين، واقعن ۽ انساني وارتائن بابت پنهنجي سوچيل سمجهيل راءِ رکندو هو.

اڄ جڏهن هو اسان ۾ موجود نه آهي، تڏهن اسان جو هي سماج نه رڳو هڪ اهم انسان ۽ استاد کان محروم رهجي ويو آهي، پر هڪ ڳري، چٽي ۽ سگهاري آواز ۽ راءِ رکڻ واري کان پڻ محروم ٿي ويو آهي. خدا ڪيس جنت فردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي. (آمين )

(”شخص ۽ عڪس“، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2015ع تان ورتل)

********

## انورفگارهڪڙو

# سرس جنين سان سِڪَ

سنڌ يونيورسٽي، سنڌ جو مقدس اعليٰ تعليمي ادارو پنهنجي قيام کان وٺي علمي ۽ ادبي، تعليمي ۽ تدريسي ۽ تحقيقي لحاظ کان غير معمولي ڪشش رکندڙ ادارو آهي، منجهس ماهر معلمن ۽ محققن جي قائم ڪيل ماحول سبب سموري سنڌ جا استاد، اديب،شاعر ۽ فنڪار سنڌ يونيورسٽي ۾ اچڻ لاءِ پيا سڪندا هئا. مون به جڏهن اک پٽي، تڏهن ڏيڍ ٻي مهيني يونيورسٽيءَ جي هوا کائڻ کان سواءِ ساهه پيو ويندو هو. جنهن زماني ۾ ايم. اي امتحان پاس ڪيو، تنهن سَمي ئي "شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ڪئمپس مان مڪمل يونيورسٽي ٿي. سنڌ يونيورسٽي اچبو هو ته ٻين استادن کان سواءِ جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ سائين ظفر حسن سان چار چشمي لازمي هوندي هئي، جڏهن به وٽس وڃبو هو تڏهن مختلف ڪتابن رسالن، اديبن ۽ شاعرن جي ذڪر اذڪار کانسواءِ ڪو رسالو يا ڪتاب به ضرور سوکڙيءَ طور عنايت ڪندو هو. مون سان هميشہ منهنجي تخلص ڪي فارسي لفظ هئڻ ڪري ترڪ ڪرڻ جي تلقين پيو ڪندو هو.

سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيڻ کانپوءِ جڏهن به شعبي ۾ آيو، تڏهن پنهنجي احتجاج ڪي قائم رکندي ٽي يا پنج منٽ گفتگو کان اجتناب اختيار ڪندو هو. مون ڪي سندس اهڙن روين ۾ سندس اصول پرستي، دانائي ۽ گهري پنهنجائپ محسوس ٿيندي هئي، بيشڪ هو بافضيلت، پڙهيل لکيل ۽ منفرد مرد پيو لڳندو هو، سنڌ جي نوجوانن جي رهبري ۽ رهنمائيءَ لاءِ هر وقت پاڻ ڪي پابند سمجهندو هو. پنهنجي زبان، ادب، قوم، تهذيب ۽ تمدن جو درد رکندڙ ته هو ئي، پر عملي طور به ڪڏهن پير پوئتي نہ رهيس. سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي سنڌي ادبي سنگت جي شاخ جو اڳواڻ هئڻ ڪري، هر جمعي ڏينهن شام جو نهايت پابنديءَ سان ٽيچرس ڪلب ۾ مقرر وقت تي حاضر رهندو، پوءِ ٻيلي ڪو اچي يا نہ اچي، پر سائين ظفر حسن ناغو نہ ڪندو. اڪيلو ويٺو رهندو، گڏجاڻي ٿئي نہ ٿئي، پر هو پاڻ تي عائد فرض ادائگي کان غافل نہ ٿيو.

سائين ظفر حسن ڪجھ وقت سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر ۽ ٽماهي مهراڻ جو مئنيجنگ ايڊيٽر بہ رهيو هو. مطالعي جو شائق هو. ڪيترائي موضوع سندس مطالعي ۾ رهندا هئا، پر گفتگو ڪندي اهو تڏهن محسوس ٿيندو هو، جڏهن خدمتن جي ڪا ڳالھ اچي ويندي. پنهنجي شخصيت کي نمايان رکڻ، منظر ۽ صاف سٿرو رهڻ تہ سندس فطرت ۾ شامل هو، جو هو (Leo) برج ۽ ستاري شمس سان تعلق رکندڙ هو. باقي خود ثنائي نہ منهنجي مشاهدي ۾ آئي نہ ڪَن پئي. پاڪستان کان پورا ڏهہ سال اڳ 14 آگسٽ 1937ع مطابق 6 جماد الثاني 1356هہ چنچر ڏينهن حيدرآباد ۾ تولد ٿيو هو. سندس والد جو نالو سيد نظر علي شاهہ هو. تعليم حيدرآباد جي تعليمي ادارن مان حاصل ڪري، استاد ٿيو. سنڌ يونيورسٽي جي جاگرافي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ۽ چيئرمين رهيو. سن 1974ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ وري گل ڦل جاري ڪيو، شوڪت شوري، انور هالائي ۽ اڪبر جسڪاڻي سان وابستہ رهيو. سنڌ يونيورسٽي مان شايع ٿيندڙ "سائنس" رسالي جو ممتاز علي قاضي کان پوءِ ايڊيٽر رهيو. سن 1974ع ۾ ماهوار "انڊلٽ" حيدرآباد جو بہ ايڊيٽر رهيو. "ذرتي پبليڪيشن" حيدرآباد بہ قائم ڪري، ترقي پسند فڪر جي ترويج ڪندو رهيو. پنهنجي روزنامچي لکڻ جي پابندي ڪندو هو ۽ نهايت شوق ۽ خبرداريءَ سان لکندو رهندو هو. اهڙو هڪ ڪتاب اشاعت هيٺ بہ اچي چڪو آهي. جنهن مان معلومات حاصل ٿئي ٿي.

13 آگسٽ 1997ع تي پنهنجي سروس تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ست سالن ڇهن مهينن ۽ چوويھ ڏينهن حياتي ماڻي 8 مارچ 1998ع تي هي جهان ڇڏي ويو. سندس لئبرريءَ ۾ سانديل ڪتابن ۽ رسالن مان بہ هزار اٺ سئو ڏهہ ڪتاب انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي جي حوالي ڪري سندس نالي "ظفر حسن ڪارنر" نمبر 58 قائم ڪيو ويو آهي.

********

ادل سومرو

# سنڌي ٻوليءَ جو عاشق
## (ظفر حسن بابت ڪجھ سڻون)

ڪافي ڏينهن کان ائين محسوس ٿي رهيو آهي ته آدمشماريءَ ۾ واڌ جي باوجود اسان اڪيلائپ ڏانهن ڌڪبا ٿا وڃون، جتي ڪٿي ماڻهن جو هجوم آهي. پر هر ڪو پنهنجي وجود جي دائري ۾ قيد آهي. پاڻ کان ٻاهر اڪيون ڪجھ نٿيون پسي سگهن. سوچ جو محور پنهنجي ذات آهي ٻئي جي ڳالھ ڪجي ٿي ته ٻه پنهنجي حوالي سان خود نمائي ۽ خودپرستيءَ جي اڏوهي اندران ئي اندران اسان کي کائي رهي آهي پر ظاهري ڀرم رکڻ لاءِ حقيقتن کان لنوائي رهيا آهيون هر ماڻهو سڪندر ٻڻجي گهڻو ڪجھ حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي.
دانائيءَ لاءِ دروازا بند ٿيندا پيا وڃن ۽ سقراطي ساٿ وارا گمناميءَ ۾ گهارڻ تي مجبور ٿي پيا آهن. اخبارن جي ٻُک وڏي وئي آهي ۽ اهي اهڙي خوراڪ جي آجيان ٿيون ڪن، جنهن ڪري ڪالم نگارن جا قلم روان آهن. پنهنجين ڪوتاهين ۽ ڪمزورين کي لڪائڻ لاءِ منجهائيندڙ دليلن وارا مضمون ڇپجي رهيا آهن، پر عمل جي دنيا اُجڙ آهي. جنهن معاشري ۾ اهڙن سطحي روين ۾ واڌارو ٿيندو آهي ان ۾ ظفر حسن جهڙا ماڻهو ٿورا وڃي بچندا آهن. هي ماڻهو محبت جي انهيءَ منزل تي پهتل آهي جتي شامون، رهاڻيون، اعزاز ۽ سندون هن لاءِ ڪا اهميت نه ٿيون رکن، سنڌي ٻوليءَ جو هي خود دار ۽ بيباڪ ليکڪ مصلحت پسنديءَ کان پري پنهنجن اصولن تي اٽل اهو آزاد خيال بي پرواھ انسان آهي. جنهن جي محبتن ۽ نفرتن جو ڪو ڪاٿو ڪونهي پر ٻنهي مامرن ۾ هن جو معيار فقط ۽ فقط "سنڌ" آهي سنڌي ٻوليءَ سان "لاشريڪ"جي حد تائين عشق ڪندڙ ظفر حسن نهايت حساس دل جو مالڪ آهي. هو جڏهن موهن ڪلپنا کي دل جي دوري پوڻ جي خبر ٻڌي ٿو ته هن جي ننڊ ڦٽي پوي ٿي ۽ هو بيچين ٿي وڃي ٿو. ٽهلرام آزاد سان ملندي سندس هٿ احترام طور هن جي پيرن ڏانهن وڌي وڃن ٿا. سنڌ جي مهان انسانن لاءِ جتي هن جي دل ۾ محبتن جا برف پوش پهاڙ آهي، اُتي سندس اندر ۾ سنڌ دشمنن لاءِ ٻرندڙ جبل آهن.

هو پنهنجن محبتن ۽ نفرتن جي اظهار ۾ ڪا مصلحت پسندي اختيار نٿو ڪري، نہ ئي ڪنهن جي ناراضگيءَ جي پرواهہ ڪري ٿو. هو زماني سازيءَ وارو رستو اختيار ڪندي، پنهنجي نظريي کي مبهم ڪرڻ بدران سنڌيت جو کليءَ طرح پرچار ڪري ٿو.

سنڌيت جي هن سچي پرچاريءَ جو پنهنجي ڏرتيءَ سان عشق زباني ناهي، پر هن عملي طرح اهڙا اپاءَ ورتا آهن، جن سنڌي ٻولي ۽ ادب جي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. 1974ع ۾ سندس پاران جاري ڪيل ”ڏرتي“ ڪتابي سلسلو، سنڌيت جو صحيح ترجمان هو. پر اميد ترقي پسند ۽ صحتمند تعميري ادب جي اشاعت، سنڌين لاءِ نئين سوچ ۽ نوان ويچار پيش ڪرڻ، سنڌين کي محنت، ڪوشش ۽ جدوجهد لاءِ همٿائڻ ۽ سنڌي ادب، فن ۽ سپيتا کي دنيا جي ڪُنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ ڏرتي ڪتابي سلسلي جا بنيادي متا هئا. ان سلسلي ۾ شاعري ڪهاڻين ۽ مضمونن جي چونڊ بہ نهايت معياري هئي. وشنوپاٽيا، موهن ڪلپنا، منگهارام ملڪاڻي ۽ هند جي ٻين ليکڪن جي تنقيدي خطن سان گڏ، ادبي ۽ ثقافتي خبرن تي مشتمل ”واءُ سواءُ“ سٺي روايت هئي. هن وقت اُنهن خبرن پڙهڻ سان ان دور جي ثقافتي ۽ ادبي سرگرمين ۽ روين جي ڄاڻ ملي ٿي. ان کان سواءِ وليرام ولڀ جي ساٿ سان جاري ڪيل ”آرسي“ بہ معياري لکڻين وارو هڪ شاندار يادگار ادبي پرچو هو.

سائين ظفر حسن جو هڪ ڪردار ڪهاڻيڪار جو بہ آهي. جذباتي ۽ احساساتي ڪيفيت واريون سندس ڪهاڻيون سماجي حقيقت نگاريءَ جو خوبصورت نمونو آهن. سندس ڪهاڻي ”هڪ مُرجهايل گل جي سوڪڙي“ اهڙي ڀرپور احساساتي ڪهاڻي آهي، جنهن کي پڙهندي اکين ۾آلاڻ سبب، منهنجي آڏو لفظ ڏنڌلا ٿي ويا هئا. اها ليکڪ جي وڏي ڪاميابي آهي جو هُن جي لکڻيءَ ۾ سمايل ڪيفيت جو اثر پڙهندڙ جي دل تي ٿئي ۽ هو پنهنجي وس ۾ نہ رهي.

ليکڪ جي ڪاميابيءَ جو دليل، ڪتابن جو وڏو تعداد نہ پر اثرائتيون ۽ جاندار لکڻيون آهن، جن جو تعداد ڀلي مختصر ڇو نہ هجي.

سائين ظفر حسن، انهن چند سينيئر ليکڪن مان هڪ آهي جيڪي سنڌي ادبي سنگت سان عملي ساٿ نڀاهيو ٿا اچن. هو سنگت جي مرڪزي اجلاسن کان سواءِ، عام دستوري گڏجاڻين ۾ نئين ٽهيءَ جي ليکڪ ساٿين سان گڏ ويهي ٿو، اُنهن جي لکڻين تي راءِ ڏئي ٿو.

اهڙيءَ ريت ادبي تسلسل کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو. 75-1974ع ۾ سنڌي ادبي سنگت کي فعال بڻائڻ ۽ جمهوري روايتن کي قائم ڪرڻ جي ڏس ۾ سائين ظفر حسن مون سان لکپڙهه ڪئي هئي ۽ اُهي خط مون وٽ محفوظ آهن. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جي حوالي سان سندس اندر ۾ ڪيتري اڻ تڻ رهي آهي. سندس سيني سرگرمين جو بنيادي مقصد سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي آهي. هن جي آدرشن جون سرحدون پنهنجي ذات بدران مجموعي قومي مفادن تائين ڦهليل آهن، ان ڪري هُن جا خواب، اسان سيني جا خواب آهن. شال هن جي خوابن جو سفر ڪٿي نہ رُڪجي.

("پکين جا پيچرا ڪيئي"، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت، ڪراچيءَ تان ورتل )

********

## پروفيسر نظير قاسمي

# ظفر حسن، هڪ ”نان ڪنفارمسٽ“ شخص

اها منهنجي خوشقسمتي آهي جو علامہ قاسمي صاحب جي پُٽ هئڻ جي حيثيت سان ننڍي توڙي وڏي علمي ادبي ۽ سياسي شخصيتن وغيره کي ويجهي کان ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جو موقعو پئي مليو آهي. منهنجي اوستا کان وٺي هيستائين ڏٺل شخصيتن جا ويجها عڪس ۽ سندن ڳالهيون ۽ والد محترم سان ٿيل سندن گفتگو اڄان تائين منهنجي حافظي ۾ موجود آهن. اهڙين منفرد شخصيتن مان سيد ظفر حسن بہ هڪ هو. سيني کان منفرد، سچو، انتهائي حساس ۽ زندگيءَ جي هر ميدان ۾ سنڌين جي ڪاميابين جو آرزومند! ڏٺي ڪيس جهڙي سُهڻي صورت ڏني هئي، تهڙو ئي سندس اندر اُجرو! ظفر حسن صاحب پنهنجي حياتي ڊسيپلين انداز ۾ گهاري ۽ هو، سمورن پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل سنڌين مان بہ ساڳئي ڊسيپلين جي اُميد رکندو هو. سندس سوچ جو انداز حقيقت تي ٻڌل هوندو هو ۽ هو اجائي گروپ بنديءَ کان پر پرو هو ۽ پنهنجي اندر جو اظهار ڪرڻ کان بہ نہ ڪيٻائيندو هو. ان ڏس ۾ ظفر حسن، ثميره زرين جي ”مهراڻ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد“ ۾ ملهايل ورسيءَ بابت لکي ٿو تہ ”هڪ ليڪڪ دوست گڏيو. پڇيومانس، ”تون ورسيءَ ۾ ڪونہ آئين؟“ وراڻيائين، ”فلاڻن آرگنائز ڪيو هو، ان ڪري ڪونہ ويس ۽ منهنجي گروپ جا ٻيا دوست بہ ڪونہ ويا هئا.“

مون چيومانس، هي ڪنهن گروپ جي ڳالهہ ڪانہ هئي، هي تہ اسان جي ثميره جي وفات جو ڏينهن هو.

وراڻيائين، ”اسان جي فنڪشن ۾ بہ تہ اهي همراهہ ڪونہ آيا هئا.“

مون چيومانس، ”پر تو وارو فنڪشن خوشيءَ وارو فنڪشن هو، هيءُ تہ ثميره جي ورسي هُئي. آئون سمجهان ٿو تہ تنهنجي پيٽ صحيح ڪانهي.“

سندس ڳالهائڻ مان مون اهو سمجهيو تہ هو، مون کي پنهنجي گروپ ۾ نہ ٿو سمجهي ۽ آئون سمجهڻ لڳس تہ هو ٺيڪ ٿو سمجهي تہ آئون نہ هُن واري دوست جي گروپ مان آهيان، نہ ئي ڪنهن ٻئي گروپ مان آهيان، منهنجو پنهنجو الڳ گروپ آهي ۽ انهي گروپ ۾ رڳو هڪڙو ڇڙو يعني آئون پاڻ آهيان!

پلي آئون جڏهن مري وڃان تہ منهنجي ياد ۾ ڪوبہ گروپ فنڪشن نہ ڪري تعزيتي ٺهراءُ بہ پاس نہ ڪري.

”آئون سيني گروپن جو آهيان. جي ڪير مون کي پنهنجي گروپ مان نہ ٿو سمجهي تہ بہ آئون سيني کي پنهنجو سمجهان ٿو.“

سيد ظفر حسن، سنڌ ۽ سنڌيت واري جذبي ۾ رنگيل هو ۽ چاهيندو هو تہ سنڌي، اعليٰ اخلاقي قدرن جي پاسداري ڪن ۽ سنڌ جي مسئلن کي هر فورم، خاص طور سان پرنٽ ۽ ٽيلي ميڊيا تي آڻڻ لاءِ اسان کي اجتماعي توڙي انفرادي ڪوششون وٺڻ گهرجن. هن ڪنهن سان سنڌي ٻولي ئي ڳالهائجي پوءِ اُهو ٻي ٻولي ڳالهائيندڙ ڇو نہ هجي. سندس نقطہ نظر هو تہ ٻي ٻولي ڳالهائيندڙ سان جڏهن اوهان سنڌي ٻولي ۾ ڳالهائيندا تہ هو، اوهان سان سنڌي ڳالهائڻ تي مجبور ٿي سنڌي ٻولي سکندو. تنهنڪري هو، دڪاندارن، پيٽرول پمپ وارن، ريڙکي دڪاندارن وغيره سان سنڌي ڳالهائيندو ۽ پنهنجي گهرياتين توڙي دوستن کي ايئن ڪرڻ جي تلقين ڪندو هو.

جيئن! حيدرآباد کان ملتان، ريل جي سفر ۽ ريل جي وقت معلوم ڪرڻ لاءِ هُن، ريلوي انڪوائري تي موجود شخص سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايو تہ هُنَ، ورندي، سنڌيءَ ۾ ڏئي کيس حيرت زده ڪري ڇڏيو.

ان ڏس ۾ پاڻ لکن ٿا تہ ”بس مهرباني“ ايئن چئي ِمون فون تہ رکي ڇڏيو پر دل ۾ ڏاڍي خوشي ٿيم تہ جيڪڏهن اسين روز مره جي هر ڪم ۾ هر هنڌ سنڌي ڳالهايون، ريلوي ۾، ٽيليفون ڊپارٽمينٽ وارن سان، واپڊا بجلي وارن سان، دڪاندارن سان، رڪشا وارن سان، بس وارن سان تہ جيڪر سنڌ ۾ سنڌي ٻولي واقعي عوامي ٻولي، وري ٿي وڃي. جي ها، وري چوڻ سان منهنجو مطلب آهي. ورهاڱي کان پهرين جيئن سنڌي ٻولي جي حيثيت هُئي.

انگريزن جي دور ۾ملازمت تيستائين مستقل نہ ٿيندي هئي جيسيتائين هو سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس نہ ڪندو هو:

ظفر حسن صاحب جو ذهن، لاڳيتو مختلف رُخن ۾ ڪم ڪندو

هو، وٽس گھٽين ڳالهين کي ترتيبوار طئي ڪرڻ لاءِ رٿيل طريقا هوندا هُئا، پر وقت جي تنگي، سهولتن جي اوڻاٽ ۽ واسطيدار ماڻهن جي اڻ وڻندڙ روين سبب، هو انهن ڀرپور نموني عمل ڪرڻ کان قاصر هو. هُن مختلف ڪم ڪيا، پر ڪنهن به ڪم ۾ يڪسوئي نه ٿي سگهي، طارق اشرف سان سهڪار ڪيو، پر اهو جٽادار ٿي نه سگهيو، پريس قائم ڪئي، رسالا ڪڍيا، ڊائجسٽ جو اجراءُ ڪيو ۽ ان ڪانسواءِ ٻيا ڪم، پر اهي اڻپورا رهيا.

ظفر حسن، گهڻن ماڻهن کي نه وڻندو هو، سبب رڳو هڪ سچ ڳالهائڻ هو. سچي ڳالهه مُنهن تي ڦهڪائي ڏيندو هو، پر ان سان گڏوگڏ پنهنجين ڪوتاهين کي به نه لڪائيندو هو ۽ پنهنجو محاسبو ڪندو هو. ان حوالي سان هڪ هنڌ لکي ٿو ته ”بابا جڏهن گذاري ويو ته آئون پري ميٽرڪ ۾ هوس. سئو ڪن ايڪڙ زمين هُئي، چاچا جيئرا هُئا، ٽي چاچا ۽ ٽيئي بي اولادي، ويچارا هر طرح مدد ڪرڻ لاءِ تيار هُئا، پر مون شهري جيوت جي نشي ۾ ڳوٺ ۽ زمين جي ڪا سار سنڀال نه لڌي، ڳوٺ جو گهر اجڙي ويو، زمينون ويران ٿي ويون.ڳوٺ وارا به مونکي عزت ڏيڻ لاءِ تيار هُئا، سڄو ڳوٺ منهنجو چيو مڃي ها ۽ اهڙي طرح اسان جو ڳوٺ ماڊل بڻجي پوي ها. بهرحال مون ڪجهه به سڌارو نه آندو.“

ظفر حسن صاحب ڪيڏي نه سچائي سان ان سموري ڪاروهنوار ۽ حياتيءَ جي بي ترتيبي جو ذميوار پنهنجو پاڻ کي قرار ڏي ٿو ۽ لکي ٿو ته آئون پنهنجين حالتن جو پاڻ ذميوار آهيان.

ظفر حسن، وقت جو نهايت پابند هو ۽ ان ڏس ۾ سندس اصول هئا، جيڪڏهن تقريب يا پروگرام ۾ وقت جي پابندي ڪندو هو ۽ اُتي پهچڻ ڪانپوءِ ٽائيم تائين انتظار ڪندو هو. پروگرام جي شروع نه ٿيڻ جي صورت ۾ واپس موٽي ويندو هو. سو ٻين مان به ساڳئي پابندي جي اُميد رکندو هو. جيئن، ”ادبيات“ ڪتاب گهر جي مالڪ سليم قريشي جي هندستان جي سفر نامي ”ديس پرديس“ جي مهورت جي احوال ۾ لکن ٿا ته ”اڄ کان چار پنج ڏينهن اڳ مون کي فون تي سليم قريشيءَ پاران نثار حسيني فون ڪري نه رڳو فنڪشن تي اچڻ جي نيند ڏني هُئي، پر مون کي مهورت تي ڳالهائڻ لاءِ به چيو هو. جيڪو مون خوشيءَ سان قبول ڪيو هو.

هڪ ٻي حيرت واري ڳالهہ اها ٿي جو انهي فنڪشن واري ڏينهن تي مون کي ڪو ڪارڊ پهتو ئي ڪونہ. خير آئون سادي ڇهين ڏاري پهچي ويس. خبر پئي تہ فنڪشن جو وقت ڇهہ هو، پر فنڪشن اڃا شروع نہ ٿيو هو ۽ پوڻين اٺين وڳي تائين فنڪشن شروع نہ ٿيو تہ آئون چپ چاپ اٿي هليو آيس. پوءِ خبر پئي تہ اٺن ۾ پنج منٽ ڪن هُئا تہ فنڪشن شروع ٿيو ۽ منهنجو نالو بہ پُڪاريو ويو.

جيڪڏهن ڪنهن دوست کي ٻڌائي هليو اچان ها تہ پوءِ ڊائس تان منهنجي نالي پُڪارڻ جي ضرورت بہ نہ رهي ها." (اختصار)

ظفر حسن صاحب نهايت حساس طبيعت رکندڙ هو ۽ ننڍين ننڍين ڳالهين تي اونهو سوچيندو هو پر گڏوگڏ منجهس پنهنجو احتساب ڪرڻ (خود احتسابي) وارو عنصر بہ ساڳئي رفتار سان متحرڪ هوندو هو. اهڙا ماڻهو اڪثر سوچن جي کُن ۾ هوندا آهن ۽ پيا ڪڙهندا آهن.

ظفر حسن صاحب جا علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب سان تعلقات نهايت سُٺا ۽ ويجها رهيا. پاڻ قاسمي صاحب جي سنڌي ادبي بورڊ ۾ چيئرمين واري دور ۾ ادبي بورڊ جا سيڪريٽري رهيا. ليڪن ڏٺي ڳالهہ آهي تہ قاسمي صاحب، دفتري معاملن ۾ ڪڏهن بہ سيد ظفر حسن صاحب جي ڪنهن ڳالهہ کي رد نہ ڪندا هئا ۽ منجهن ڪڏهن بہ نااتفاقي نہ رهي. قاسمي صاحب وٽان، ظفر حسن صاحب لاءِ هميشہ واکاڻ ئي ٻڌي هئي.

ظفر حسن صاحب پنهنجي ڊائري ۾ 20 سيپٽمبر 1982ع واري تاريخ تي قاسمي صاحب متعلق ڪي ڳالهيون ڪري، پڇاڙيءَ ۾ خود احتسابي ڪندي پاڻ کي ننديِن بہ ٿا. لکن ٿا تہ "حيدرآباد ۾ اڄ پير حسام الدين راشديءَ جو71جنم ڏينهن پاران شيخ عبدالمجيد سنڌي اڪيڊمي ملهايو پئي ويو. اڪيڊميءَ جي سيڪريٽري خان محمد پنهور ان سلسلي ۾ مون کي بہ ڳالهائڻ لاءِ چيو هو ڪارڊ ۾ پڻ منهنجو نالو ڇپيو هو. آئون پهرين تہ ڳالهائڻ لاءِ تيار هُئس، پر جڏهن مون کي ڪارڊ پهتو تہ خبر پئي تہ شيخ عبدالمجيد سنڌي اڪيڊميءَ جو صدر علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن آهن ۽ جيئن تہ علامہ صاحب جن "سنڌ صوبائي ڪائونسل تي ٿاڦيل (Nominated) ميمبر آهن، ان ڪري مون کي پنهنجي اصول پٺاندڙ اهڙي ڪنهن فنڪشن ۾ حصو نہ وٺڻو آهي."

آئون هتي هڪڙي ڳالهہ واضح ڪري ڇڏيان تہ علامہ قاسمي صاحب جن (جيڪي منهنجي بورڊ جي سيڪريٽري شپ واري دور ۾

چيئرمين هئا ۽ علامہ صاحب منهنجي عزت ڪندا آهن) جيتوڻيڪ آئون علامہ صاحب جي علم ۽ ڄاڻ جي اڳيان هڪ ٻار آهيان.

ٻي ڳالهہ اها واضح ڪريان تہ پير حسام الدين راشدي جي فنڪشن ۾ نہ وڃڻ ۽ نہ ڳالهائڻ، تہ مون لاءِ ظاهر ۾ تہ زيادتي ٿي لڳي، چو جو پير صاحب جي ڏهاڙي تي نہ وڃڻ، نہ ڳالهائڻ، معنيٰ آهي پنهنجي پيءُ جي فنڪشن ۾ نہ وڃڻ، نہ ڳالهائڻ." (اختصار)

(خود احتسابي) 5 جولاءِ 1977 کان وٺي الائي آئون بہ ڪيترن اهڙن جلسن فنڪشن ۾ شريڪ ٿيو آهيان، جن ۾ اهي ٽاڪيل ميمبر، صدر رهيا آهن. سڀ کان پهرين غلط ڪم، مون اهو ڪيو هو تہ "سگا" وارن جي لطيفي قافلي سان گڏجي پاڪستان جي دوري تي ويا هئاسون ۽ اسلام آباد ۾ مير علي احمد ٽالپر (ٽاڪيل وزير دفاع) جي صدارت ۾ مقالو پڙهيم ۽ مُلتان ۾ پڻ هڪ وزير جي سربراهيءَ ۾ "سگا" جي جلسي ۾ شريڪ ٿيس. تنهن کان پوءِ جيڪي فنڪشن ياد اچن ٿا سي آهن، پاڪستان نينشنل سينٽر حيدرآباد ۾ مير رسول بخش ٽالپر جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ فنڪشن، "سگا" جو ڏهون ڪنوينشن (1982)جنهن جي صدارت ٽاڪيل وزير داخلہ محمود هارون وارن ڪئي، تنهن کانسواءِ غلام مصطفيٰ شاهہ جي سڏايل "ساهت ڪانفرنس" (1981ع) جنهن ۾ ٽاڪيل مرڪزي وزير صنعت، الاهي بخش سومري ۽ ٽاڪيل مرڪزي وزير ڪئي هئي.

آئون ان ڳالهہ تي Convinced آهيان تہ انهن فنڪشنن ۾ شريڪ ٿي مقالا پڙهي، مون سنڌ جي مفاد سان غداري ڪئي ۽ آئون اُتي سنڌ ۽ ان جي اولاد کان انهيءَ غداريءَ جي معافي ٿو وٺان ۽ واعدو ٿو ڪريان تہ جيسين جيئرو هوندس تيسين پنهنجي واعدي تي قائم رهندس."

ظفر حسن سنڌ جو چڱ تہ هڪ سماج سڌارڪ هو، ۽ چاهيندو هو سنڌ ۽ سنڌ واسي مثالي نظر اچن. سنڌ کي اهڙي يگاني شخص جي ضرورت هُئي، پر هو جلد پنهنجو وارو وڃائي ويو.

********

ڊاڪٽر عابد مظهر

## ظفر حسن با شعور شخص ۽ قوم پرست اديب

سائين ظفر حسن جاگرافي ڊپارٽمينٽ جو باڪردار استاد ۽ ماهر تعليم سان گڏ سنڌ پرست، پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ سان بي انتها پيار ڪندڙ شخص هو.هن جي ڳالهائڻ جي لهجي ۾ هڪ سحر هو جو ٻئي ڪي جلدي متاثر ڪندو هو. سائين هڪ غريب پرور اديب هو. اڪثر سائين جن ڪي غريبن جي مدد ڪندي ڏسندو هئس. هو يونيورسٽي ڪالوني جي گهڻ گريڊ رکندڙ اديبن جي گهر وڃي انهن سان ڪچهريون ڪندو هو ۽ ڪين پنهنجي گهر جي ڪشادي ڊرائنگ روم ۾ هنن سان مسڪرائي ڪچهري ڪندي ٽڪبو ئي ڪونہ هو. سينيئرن سان گڏ نوجوان اديبن کي نهايت گهڻي عزت ڏيندو هو. سندس گهر سنڌالاجي جي پرسان هو، اتان لنگهندي سائين جي بنگلي جو بيل وڃائيندا هئاسين تہ پاڻ مسڪرائي پليڪار ڪندي جڻ ٻلهار پيو ويندو هو.

ظفر حسن سنڌي ادبي سنگت سنڌ يونيورسٽي ڪالوني جو سرگرم ڪارڪن هو.پاڻ هميشہ ڪا نہ ڪا تخليق پيو پڙهندو هو، جن لکڻين ۾ اڪثر ڊائري جا ورق هوندا هئس جيڪي ورق ان وقت جي سياسي سماجي معروضي حالتن تي لکيل هوندا هئا. گڏجاڻيون اڪثر آغا تاج محمد پارڪ سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ۾ يا سي اسي ڪواٽر تي ٿينديون هيون. ڪالونيءَ ۾ رهندڙ ناميارا اديب شرڪت ڪندا هئا.جن مان ڪي هيءَ فاني دنيا ڇڏي هليا ويا آهن. مثلن عبدالقادر جوڻيجو، راهي چنا،خود سائين ظفر حسن، طارق عالم ابڙو،قيس عالم ابڙو، منصور عالم ابڙو، ابراهيم ترڪ، عبد الرحمان سيال، پرويز ميمڻ ،علي بابا جيڪو رهندو تہ ڪوٽڙي ۾ هو پر اڪثر شرڪت ڪندو هو،گڏجاڻين ۾ جيڪي ٻيا شرڪت ڪندا هئا، انهن ۾ قاسم حيدر، بلبل ڪور واهي، شفيع چانڊيو،اطهر منگي، نور گهلو، هدايت پريم، راهي چانگ،روشن جسڪاڻي، سائينداد ساند، مانيٽو اونو، ايل. ايم.سي ۾ پڙهندڙ نوجوان شاگرد دوست ذوالفقار سيال، سليمان

سولنگي، سليمان شاهه آڪاش انصاري، مخمور ان جو ياءُ مشتاق ڪاملاڻي، سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن مان ڪنول لهاڻو،ڪرم الاهي چنا، ساغر سميجو، امداد چانڊيو ۽ ڪيترن جا نالا ياد نٿا اچن. هن سنگت جو پهريون سيڪريٽري بلبل ڪورواهي هو. ٻيو مان ۽ ٽيون نياز پنهور. ان کان پوءِ مان ڪراچي هليو آيو هئس، اهو به هڪ وڏو قصو آهي هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ مونکي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو، جنهن لاءِ سائين ظفر حسن مونکي حيدرآباد جو مشهور وڪيل رسول بخش انڙ ڪري ڏنو هو جيڪو ڪيس مان ڪٽي ويو هئس پر واپس نوڪري جوائن نه ڪيم ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ اچي ايم اي سنڌي ۾ داخلا ورتم. پاڻ جڏهن به ڪراچي يونيورسٽي ۾ ڪو جاگرافي ڊپارٽمينٽ طرفان ٿيندڙ سيمينار يا ڪنهن ڪانفرنس ۾ ريسرچ پيپر پڙهڻ ايندو هو ته سنڌي شعبي ۾ مون سان ضرور ملڻ ايندو هو. مان جڏهن به چوندو هئو سان ته سائين اچو ته سنڌي شعبي جي پروفيسرن سان هلي ملون ته پاڻ چوندو هو ضياء الحق جي اهل قلم ڪانفرنس ۾ جيڪي به ويا آهن اهي سنڌ دوست ناهن، اهي مفاد پرست آهن تنهن ڪري مان انهن سان نه ملندس. پاڻ نهايت محبت ڀريل من موهيندڙ ڳالهيون ڪري منهنجي دل ۾ پنهنجي محبت جون ميخون مضبوطي سان هٽي هليو ويندو هو. سنڌي ادبي سنگت سنڌ يونيورسٽي ڪالوني جي ڳڏجاڻين جون ڪجهه يادگيريون سائين ظفر حسن جي حوالي سان ٻيون به آهن. سي هتي وندڪيان ٿو.

هڪ دفعي سنڌ جو هڪ وڏو شاعر مون سان ڪنهن ڳالهه تي ڪاوڙيل هو، مون کي گهٽ ڳالهائيندو هو ،ڪنهن ٻئي نالي سان ڪهاڻيون به لکندو هو، ان ڪهاڻي پڙهي ان تي مون تنقيد ڪئي ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي منهنجي ڳلو چڪيائين، وچ ۾ اطهر منگيءَ سائين ظفر حسن پئي هن ککر مان منهنجي جان ڇڏائي.چو وڙهيو هو؟ ان جو سبب ڪو ٻيو هو. جنهن جي سڄي جڙ طارق عالم هو، هڪ ٻي ڳڏجاڻي ۾ طارق عالم به مونسان ان ڪري وڙهيو هو ته تون ظفر حسن کي سيد ڪري سڏي ڪوپ ۾ چانهه ٿو پيارين ۽ اسان کي پڳل سڳل ڪوپن ۾، جنهن جهيڙي مان به منهنجي جان مائيٽي اوٿي ڇڏائي هئي. سائين ظفر حسن سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري به رهيو.اسان غريب اديب دوستن کي بورڊ مان شايع ٿيندڙ ڪتابن جي پروف ريڊنگ ڪرائيندو هو جنهن جا بورڊ طرفان چيڪ معاوضي طور ڏيندو

هو.مونکي، نياز پنهور ۽ مانيٽي اوٺي کان اهو ڪم ڪرائيندو هو، پي. ٽي. وي تي شروع ٿيل هڪ نئين پروگرام وينجهار جو ڪمپيئر ٿيو هو جنهن جو پررديوسر اعجاز عليم عقيلي هو. ان ۾ به اسان ٽنهي کي پروگرام ۾ وٺي ويو هو. ظفر حسن جو سنڌي ٻوليءَ سان شديد پيار هوندو هو ،سنڌ ۾ رهندڙ ڪهڙي به ٻولي ڳالهائيندڙ هجي پر پاڻ ان سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو هو ، چوندو هو اسان هنن سان هنن جي ٻوليءَ ۾ چو ڳالهايون هو؟ سنڌ ۾ رهن ٿا ته سنڌيءَ سکن ۽ پوءِ اسان سان سنڌي زبان ۾ ڳالهائين، سائين ظفر حسن سچو قوم پرست، بردبار انسان ۽ هڪ معتبر شخصيت هو،جيڪو گهٽن کان هضم ان ڪري ڪونه ٿيندو هو جو هو هڪ سچو قوم پرست هو. ان ڪري هن جي گهٽي کان گهٽي دوستي نجم عباسي سان هوندي هئي، ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽر نجم عباسي به هڪ سچو قوم پرست هو. هن وڏي شخصيت لاءِ منهنجي راءِ آهي ته هي سنڌ جو سچو سپاهي سنڌ ڪي ماءُ جو درجو ڏيڻ وارن مان هڪ اعليٰ ڳڻائتو انسان هو. ويهين گريڊ جو پروفيسر هوندي به پاڻ ڪي سنڌ جي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ ۾ پاڻ کي متحرڪ رکيو ۽ جو سنڌ جي مورچن سنڀالڻ جي مڪمل مالڪي ڪندو هو.اسان جهڙا ڪيئي هن جا ٿورائتا آهن جن کي هن هستي سنڌ بابت شعور ڏنو.

********

آغا شهاب الدين

## ظفر حسن هڪ اصول پرست شخص

ظفر حسن هڪ پاڙيسري ۽ عزيز دوست، هيرآباد جي عامل ڪالوني واري اسان جي گهر واريءَ گهٽيءَ کان ٻه گهٽيون ڇڏي سندس گهر هو. پر ۾ عباس علي شاهه ۽ اعجاز علي شاهه رهندا هئا. اعجاز شاهه بعد ۾ منهنجي ساهرن مان شادي ڪئي.
قوم پرستي، ادبي روح رهاڻ، ڏيهه پرڏيهه جي حالتن، ڪالم، ڪتاب، رسالا، پريس ۽ ٻوليءَ بابت ابتدا ۾ ظفر شاهه کان وڌيڪ ڪو به دوست نصيب ڪونه ٿيم. ان دوران طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل به سهڻي رسالي ۾ مضمون لکڻ، سهڻيءَ جي مدد ڪرڻ، ڪين ڪراچي جا ڪالم آرزو جي خوشبوءِ ڇپائڻ ۾ وقتائتيون صلاحون ڏنيون. ظفر شاهه جيڪو پاڻ کي ظفر حسن سڏائڻ پسند ڪندو هو. ان جي صورت ۽ سيرت، اٿڻي ويهڻي ڪافي حد تائين مون جهڙي هئي. پر هو مون کان وڌيڪ قومپرست، هٺدسر، بيباڪ ۽ خاموش ورڪر هو. سندس ڪچهري وساري نٿي وسري. هڪ دفعي ٻئي ڄڻا ڪراچي ڪرڪيٽ ميچ يا نمائش گهمڻ تي وياسون ته پن هنڌن تي مرحوم مون کي درست ڪيو. هڪ ان وقت جڏهن ريل جي ٽڪيٽ وٺي پئسا ۽ ريزگاري ڳڻڻ بنان ٽڪيٽ خريدڻ واري آفيس مان نڪتس، ٻيو جڏهن هوٽل جو بل چيڪ ڪرڻ بنان هڪ به اسر مون نه جاچيو. ٻنهي هنڌ ڳٽپ نه ڪيم ته ريلوي واري ڪلارڪ ۽ هوٽل جي بيري ڪجهه روپيا هيٺ مٿي ڪيا هئا. هو چوندو هو ته پئسا ڏيڻ جو شوق اٿو ته اهي پئسا ڪنهن اپاهج سنڌي فقير کي ڏيو ته بهتر آهي، سندس چرچن تي ٺهڪ ڪو به وساري نٿو سگهي. مون وانگر ويسر به هئس. چوندو هو ته ڊائري ضرور رکجي. ڪٿي رکجي ڪهڙي هنڌ لکجي ۽ رکجي ان لاءِ وري ٻي ڊائري رکڻ ضروري آهي، پر مناسب ڪونهي. سندس گهٽي وقت کان اها تمنا هئي ته پريس هلايان، رسالو ڪڍان، اخبار ڪڍان ۽ قوم لاءِ قومي ڪم ڪيان. جهڙي سندس شڪل هئي تهڙي سندس لکڻي هئي. يونيورسٽي ۾ خدا نه پلائي هڪ ڇوڪريءَ سان محبت ڪندو هو، پر شرميلي

انداز سان، سندس والده جي ڪري ڪچندو ﺑﻪ ڪونﻪ هو، تيستائين ان چوڪري جي هڪ پي. سي. ايس آفيسر سان شادي ٿي وئي. مرحوم نثار علي شاهه ۽ مرحوم ظفر شاهه جا چرچا، ٺهڪ ۽ فنڪشنس ۾ داد ۽ تنقيد ﺑﻪ ياد اٿم. هڪ دفعي مون هجرا اسڪول نالي هڪ ٻيو ايليمينٽري اسڪول ضياء جي دور ۾ ئي قائم ڪيو. مون کي سرڪار طرفان جوڳي رقم پڻ ملي ٿي. ظفر چيو اهو تنهنجو شان ڪونهي جو ضياء کان هڪ رپئي جي امداد وٺين، مون هڪدم ارادو تبديل ڪيو ۽ اسڪول جي منظور ٿيل رجسٽريشن ڪينسل ڪرائي.

علامه قاضيءَ جي ڏينهن ملهائڻ دوران هڪ دفعي اي ڪي بروهي آيو، سڄي يونيورسٽيءَ جي استادن کي چيل هو ﺗﻪ حاضر ٿين. سڄي يونيورسٽي ۾ هي واحد پروفيسر هو، جنهن ان فنڪشن ۾ ٻبانگ دهل اهو چئي شرڪت ﻧﻪ ڪئي ﺗﻪ "اي ڪي بروهي ضياءَ جو ساٿي آهي، ان ڪري ڪو لبريٽر آهي." "ڪولبريٽر" کي عزت ڏيڻ سندس جي توهين آهي.

سعيد قاضي جيڪو نيشنل بئنڪ جو پريزيڊنٽ ٿي رٽائر ٿيو، ان جي خانبهادر کهڙي سان مائٽي هئي ۽ ظفر جو پيٽوڙيو هو پر ون يونٽ ۽ کهڙي صاحب جي سلسلي ۾ هو هڪ ٻئي سان محبت وارن جملن جي ويڙهه ڪندا هئا. هو حق ۽ سچ چوڻ ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي سوال تي ڪنهن کي بخشڻ وارو ﻧﻪ هو. غلام علي عارباڻي يونيورسٽيءَ طرفان پي ايڇ ڊي ڪرڻ لنڊن پئي ويو ﺗﻪ ضامن ڪپندا هئا. ظفر شاهه جو غلام علي تمام وڏو قريبي دوست هو. ان چيو ﺗﻪ تون غلام علي جو ياريءَ ۾ ضامن ٿي. مون هائوڪار ڪئي. غلام علي لنڊن مان واپس ﻧﻪ وريو. يونيورسٽيءَ مون تي ڪيس ڪيو. پر قانوني پيچيدگين ۽ ياري دوستي ۽ ريپيوٽيشن ڪري ڪيس مان منهنجي هلي هلي نيٺ جان ڇُٽي. سنڌ ۽ سنڌ واسين جي وڏي زيادتي آهي، جو ظفر جهڙي املهه ماڻڪ جي دوستن اديبن ۽ يونيورسٽيءَ قدر ڪونﻪ ڪيو. ظفر شاهه جهڙا خوددار، اصول پرست، ديانتدار ۽ قومپرست سنڌ ڌرتي شل گهڻا پيدا ڪري.

(سماجي اڳواڻ، ليکڪ ۽ بيوروڪريٽ آغا شهاب الدين جي آتم ڪٿا "شهاب نامو" ، 2012ع تان ورتل)

طارق عالم ابڙو

## سائين ظفر حسن شاهه

مان اڄ سائين ظفر حسن شاهه تي لکڻ چاهيان ٿو پر شاهه صاحب تي لکڻ کان اڳ مان ڪجهه لمحا قلم روڪي ياد ڪريان ٿو ته منهنجي ساڻس پهرين ملاقات ڪٿي ٿي...؟

مون کي ياد اچي ٿو ته مان ڪيس پهريون ڀيرو ”پرفيڪٽ پريس“ تي ويٺل ڏٺو هو، ”ڌرتي“ جو پهريون پرچو بازار ۾ اچي ختم ٿي چڪو هو ۽ بئي پرچي ڪي اسٽالن تي پهچڻ ڪپندو هو پر جڏهن ٻه ٽي ڏينهن ليٽ ٿيو هو ته مان، ادا منصور (منهنجو ڀاءُ) جي دوست محبت ٻرڙي سان گڏجي پرفيڪٽ پريس تي ويو هوس، ان وقت ظفر صاحب سان گڏ شايد شوڪت حسين شورو، مشتاق ۽ هڪ اڌ ٻيو اديب به گڏ هو.

ڪيس پهريون ڀيرو اتي ڏٺو هوم، تڏهن ظفر صاحب جا وار نيرور ڪارا هوندا هئا ۽ پاڻ ڪلين شيو هوندو هو، ان کان پوءِ ڪڏهن گول بلڊنگ جي خالد سنڌيءَ واري آفيس ۾، ادبي سنگت جي ميٽنگس ۾ ته ڪڏهن ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ڪنهن ڪمري ۾ ڪيل ادبي گڏجاڻين ۾ ساڻس سان مڪا ميلو ٿيندو رهيو، پر ظفر صاحب سان جيڪي باقاعدي ڪچهريون ٿيڻ شروع ٿيون، اهي سندس سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري مقرر ٿيڻ کانپوءِ ٿي جون آهن. اهو دور سنڌي ادبي بورڊ جو روشن صاف ۽ شفاف دور هو. مون کي اڄ به چڱيءَ طرح ياد آهي ته باوجود سنڌي ادب ۾ بي ناءُ هجڻ جي جڏهن به اسان ظفر صاحب جي آفيس جو در کولي اندر ويا هونداسين ته هن اسان کي ايتري ئي عزت ڏني هوندي جيتري ڪنهن ناميارِي اديب کي ملڻ گهرجي.

اهو دور علي بابا جي وڏ ۾ وڏ ڪهاڻين خلقڻ جو دور هو، ادبي بورڊ جو ريسٽ هائوس علي بابا جي حوالي هوندو هو، نہ فقط ريسٽ هائوس، بلڪ ماني ٽڪي پڻ ظفر صاحب جي گهران باقاعدگيءَ سان پهچندي هئي. ادبي بورڊ جي هڪ ملازم مون کي ٻڌايو هو تہ سائين ظفر حسن جي اسان کي سختيءَ سان تاڪيد هوندي هئي تہ علي بابا کي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف نہ پهچڻ گهرجي ۽ جڏهن روزمره جي استعمال جي ڪا شيءِ سندس ڪمري مان ختم ٿي وڃي تہ هڪدم ڪين اطلاع ڏنو وڃي.

هتي هڪ ٻي ڳالهہ بہ ياد پئي اچيم تہ هڪ دوست ٻڌايو تہ ادبي بورڊ جي هڪ اهم گڏجاڻي جيڪا بورڊ جي سيڪريٽري ۽ چيئرمين جناب مخدوم صاحب وچ ۾ ٿي پئي، ظفر صاحب ان گڏجاڻيءَ ۾ علي بابا کي پڻ شرڪت جي دعوت ڏني هئي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ معتبر ۽ محترم نانءُ هجڻ جي حيثيت ۾ ڪائنس ادبي بورڊ جي ڀلائي لاءِ ڪي صلاح مشورا پڻ ورتا هئا.

مٿينءَ ڳالهہ جي تسلسل ۾ هڪ ٻيءَ ڳالهہ بہ گهڻو اڳ "ڪونج" رسالي ۾ ڇپي هئي. جيڪا عبدالقادر جوڻيجي ۽ علي بابا جي حوالي سان هئي جنهن ۾ ٻڌايو ويو هو تہ جوڻيجي صاحب سنڌ الاجيءَ جي هڪ ميٽنگ شروع ٿيڻ کان اڳ علي بابا کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو.

خير اها تہ ڳالهہ جي ڳالهہ سان تسلسل جي ڪري ياد اچي ويم نہ تہ ذڪر هليو پئي سائين ظفر حسن شاهہ جو ڪجهہ ڏينهن اڳ هڪ هنڌ ظفر صاحب سان ملاقات ٿي، ذڪر نڪتو علي بابا جو ظفر صاحب علي بابا جو نانءُ ٻڌي نهايت احترام منجهان چيو هو، "سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪو جينئس ليکڪ آهي تہ اهو علي بابا آهي،پنهنجين لکڻين ۾ بہ تہ پنهنجي رويي ۾ هو پنهنجي قول ۽ فعل ۾ تہ ڪٿي ڪٿي شيخ اياز کان بہ مٿانهون نظر ايندو آهي." ۽ پوءِ پنهنجي مخصوص کل کلي چيو هئائين، "مان پنهنجن ٻارن کي چئي ڇڏيو آهي تہ ٻيو ڪير بہ اچي اوهان پل ان کي اويل ٽائيم تي موٽائي ڇڏيو، پرجڏهن بہ علي بابا در کڙڪائي پل تہ ڪهڙو بہ ٽائيم هجي، علي بابا کي نہ موٽائجو."

مون کي ظفر صاحب تي عجب وٺي ويو هو فقط ان ڪري جو ظفر صاحب هڪ بااصول ماڻهو آهي سندس زندگي گهارڻ جو هڪ گراف ٺهيل آهي. سندس جاڳڻ، سمهڻ، لکڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ جا

مخصوص وقت آهن. هن پنهنجن سخت اصولن جي ڪري پاڻ کي ڇيهو رسايو آهي. دشمنيون پرايون آهن ۽ ڪڏهن پنهنجن ڇيل لفظن تان ٿابڙيو ناهي.

ڪالهه ولي رام صاحب جي آفيس ۾ ظفر صاحب سان ملاقات ٿي. ڳالهين هلندي ولي رام کي نهايت مهذب ۽ نفيس لهجي ۾ چيائين، ”سائين سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر صاحب کي منهنجي پاران هڪ گذارش ڪري ڇڏيو ته سنڌالاجيءَ جي مين گيٽ جي لاهيءَ ۾ جيڪو برسات جو پاڻي جمع ٿي ويو آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن ٻن ٽن پٽيوالن ۽ مالهين کي چئي روڊ تي ئي پڪيڙرائي ڇڏي ته ايندڙ ويندڙ مهمان جي گاڏي سنڌالاجيءَ ۾ آرام سان اچي وڃي سگهي. هونءَ به اهو گندي پاڻيءَ جو تلاءُ سنڌ الاجي جي مين گيٽ تي سونهين ڪونه ٿو.“

مون کي ظفر صاحب جون اهي ڳالهيون ڏاڍيون وڻنديون آهن. وٽس هر ڳالهه لاءِ ”اسٽيٽڪ سينس“ موجود آهي، هر شئي کي پاڻ وانگر صاف ۽ اُجرو ڏسڻ چاهي ٿو.

ظفر صاحب وٽ نه فقط صفائيءَ جو اعليٰ تصور موجود آهي بلڪ هو نهايت ڪفايت شعار به آهي. هڪ ڀيري جڏهن منهنجو ناول ”رهجي ويل منظر“ پڙهي ڇپرايائين ته مان ڪچهريءَ دوران ڪيس چيو هو، ”سائين اوهان ايڏا ويل ڊريسڊ آهيو، پر اوهان جيڪي به پينٽس ۽ شرٽس پايو ٿا اُهي سڀ آئوٽ ڊيٽيڊ پايو ٿا ۽ وڏن ڪالرن واري شرٽ.“

ظفر صاحب منهنجي ڳالهه ٻڌي چيو هو، ”اوهان صحيح پيا چئو، پر اهڙا به ٽي جوڙا مون وٽ موجود آهن، جيڪي بلڪل نوان آهن پر مان انهن کي فيشن خاطر ضايع ڪرڻ نٿو چاهيان.“ ساڳيءَ ريت ادبي سنگت جي بيٺڪن ۾ جڏهن به ڪنهن ڪهاڻي يا شعر تي تنقيد ڪندو هو ته اها ايڏي معياري ۽ ذاتيات کان هٽيل هوندي هئي جو ليکڪ اندر ئي اندر ڪڙهڻ بجاءِ ان کي گهڻي پاڳي ميڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هو. مون ڪيس ڪڏهن به ڪنهن جي گلا يا برائي ڪندي نه ڏٺو آهي. بلڪ جيڪڏهن ڪوئي ڪنهن جي برائي ڪندو آهي ۽ ظفر صاحب اتي موجود هوندو آهي ته يا ته ڪلي ماٺ ٿيندو آهي يا برائي ڪندڙ کي پر ڏيڻ بجاءِ حيرت جو اظهار ڪندو آهي.

ڇا ظفر حسن شاهه فرشتو آهي؟ ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندو آهيان پر جڏهن مون کي سندس ڪي اوڻايون ياد اينديون آهن ته مون کي يقين ٿيندو آهي ته هو به اسان جهڙو انسان آهي، مٿلن وٽس

پلانگس ڏاڍيون وڏيون سهٽيون ۽ مضبوط هونديون آهن پر انهن تي عمل گهٽي ياڳي نہ ڪري سگهندو آهي يا اڪثر نوجوانن کي ادبي گڏجاڻين ۾ وقت تي پهچڻ جي تاڪيد ڪندو آهي، پر پاڻ نہ فقط اڪثر دير سان پهچندو آهي بلڪ ڪڏهن تہ ايندو بہ ناهي يا ڪن موقعن تي سڌو سنئون انڪار ڪرڻ جي بجاءِ گول مول جواب ڏئي ڇڏڻ يا نہ اچي پوءِ  ملي ڪو عُذر ڏئي ڇڏڻ.

پر منهنجو يقين آهي تہ خدا جيڪڏهن فرشتن کي بہ زمين تي هڪ سال لاءِ موڪلي، تہ ايتريون اوڻايون تہ فرشتن ۾ بہ آرام سان پيدا ٿي سگهن ٿيون.

********

(پندرنهن روزا "عبرت ميگزين"، 14 جولاءِ 1992ع تان ورتل)

نصيرمرزا

## سنڌ جو هڪ نيڪ ۽ پارسا روح

ظفر حسن شاهه صاحب (14- آگسٽ 1937-8 مارچ 1998) جيڪو پهرئين ئي ڏينهن کان سائين ظفر هو اسان لاءِ. هاڻي هتي سوال تہ سائينءَ کي پهريون ۽ آخري ڀيرو مون ڪٿي ڏٺو. هن تاثر ۾ اِهي ٻيئي موقعا آئون ضرور بيان ڪندس.

ٻانئيان ٿو اِهو 1973 يا شايد 74ع وارو سال، گول بلڊنگ ۾ خالد سنڌي صاحب جي جيڪا آفيس ۽ جتان 'چارڻ' رسالو جاري ٿيندو هو، اتي سنڌي ادبي سنگت شاخ حيدرآباد جي گڏجاڻي رٿيل هئي. خبر پئي پاڻ شاخ جا سيڪريٽري آهن. سائين ظفر حسن شاهه. ان وقت بيشڪ تہ 'سهڻي' رسالي جي پڙهندڙ يا 'ڌرتي' مئگزين جي حوالي سان منهنجي لاءِ چاتل سڃاتل هو ۽ سنڌن نالي کان اڳ ئي آئون واقف هوس. پر روبرو ڪين ان ئي ڏينهن پهريون ڀيرو مون ڏٺو هو. هر لحاظ کان هينڊسم ماڻهو. خوش لباس، خوش مزاج، ڳالهہ ڳالهہ تي ٽهڪ ڏيندڙ ۽ سيني سان قربائتي لهجي ۾ خوش مرحبا ڪندڙ لڳو.

دستوري گڏجاڻي شروع ٿيڻ کان اڳ، حسب روايت رجسٽر هرهڪ جي هٿن مان ٽپا ڏيندو مون وٽ پهتو، تہ مون ان وقت جيڪو منهنجو ادبي نالو هو نصير شاد مرزا، اُن ۾ لکيو ۽ سامهون لکيم: نظم پڙهندس.

ڪاروائي شروع ٿي ۽ منهنجو وارو آيو تہ ظفر سائين خوش دليءَ سان چيو: سنگت ۾ هي پاڪ سرزمين شادباد نصير مرزا ڪير آهن، سامهون اچي ۽ پنهنجي تخليق پيش ڪري. چا ڏسان، چؤطرف کان کِلڪو مچي ويو ۽ ڪيئي دوست زيرِ لب مسڪرائي چوندا رهيا: پاڪ سرزمين شاد باد. هاڻي جيئن تيئن نظم تہ مون پڙهيو. جنهن تي يارن همٿ افزائي بہ ڪئي، پر دل ئي دل ۾ مون فيصلو ڪري ورتو تہ اي "شاد" تخلص... اچ کان توکي خدا حافظ. تڏهن دل ئي دل ۾ مون هيئن

بہ چيو Thanks a lot ظفر سائين، اهڙي تخلص مان جان منهنجي آجي ڪرايوَ، توهان جا لک ٿورا.

اصل ۾ چا هو تہ منهنجي مائيٽي، چپ چپ ۽ اُداس سياءُ سبب سائين نثار حسيني اِهو منهنجو تخلص رکيو هو، جيئن ان تخلص جي زيرِ اثر شادمان و ڪامران آئون نظر اچان. ياد اٿمِ ان گڏجاڻي ۾ تازو آيل ٻوڏ کي موضوع بنائي مون هي نظم پڙهيو هو:

ڳوٺ شهر سڀ ڪندر ٽي ويا

ٻڙيءَ ٻوڏ جي نذر ٿي ويا.

مون کي ياد آهي لفظ "ٻڙي" تي تبصرو ڪندي ظفر سائين فرمايو... يار اِهو لفظ تو ڪٿان آندو، گهڻي وقت کان پوءِ پيو آئون ٻڌان اِهو.

المختصر، ظفر سائين سان ان پهرئين ئي روبرو ملاقات ۾ مون محسوس ڪيو تہ پاڻ مون کي ويجهو رکڻ چاهين ٿا ۽ اُهو بہ دل جي قريب. نهايت جلد، پوءِ هن فائن ۽ رفائن هستيءَ کي مون پنهنجي فيملي گڏجاڻين ۾ بہ تہ ڏٺو. خبر پئي صدر حيدرآباد ۾ قليچ بيگ صاحب جي پهرئين شيخ گهر واري، خيرپور جي اڳوڻي وزيرِاعظم، سردار شيخ محمد يعقوب جي پيٽ هئي ۽ ظفر حسن صاحب جي بہ صدر حيدرآباد جي ان ئي شيخ خاندان مان ميان اسلم شيخ جي نياڻيءَ ۽ ميان قاسم پاٽي جي پيٽ تعليمدان محترمہ قمر صاحبہ سان شادي ٿيل آهي. سندن اِهو ساهراڻو گهر عين منهنجي ساهراڻي ۽ ماماڻي گهر جي پرسان هو. ان ڪري آئون ظفر صاحب کي ۽ ظفر صاحب مون کي ايڏو تہ ويجهو ٿيو جو فيملي گڏجاڻين ۾ جڏهن جڏهن بہ ويناسين، ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ئي گڏ ويناسين. اهڙين ڪچهرين ۾ مون ڏٺو هن جا پسنديده موضوع هوندا هئا: افسانوي ادب، ناول، ڪهاڻيون، تازو شايع ٿيل ڪتاب ۽ اگرچ هو دلڪش شخصيت جو مالڪ هو ۽ هيرو نما هو، پر فلم، ناٽڪ، رقص، موسيقي ۽ فنونِ لطيفہ وغيره... اهڙي ڪنهن بہ موضوع تي هو گفتگو ڪندو ئي ڪونہ هو. محفل ۾ موجود صنف نازڪ سان وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي کِلڻ، بيشڪ هن کي پسند هو، پر صنفِ نازڪ جي وجود ۾ جيڪو طلسم، جادو، ان ڏانهن هن جي ڪابہ رغبت نظر نہ ايندي هئم. آغا شهاب صاحب لکيو آهي تہ "يونيورسٽي ۾ هن ڪنهن دوشيزه سان زبردست رومينس بہ ڪيو هو پر ان سان سندس سنگم ٿي نہ سگهيس."

سنڌي پڙهو، سنڌي لکو، سنڌي ڳالهايو. پوئين زندگيءَ ۾ اِهوئي سندن Motive رهيو، ان دؤر ۾ ظفر سائين هي به اصول وضع ڪيو ته ملڪ ۾ ڪنهن به ڊڪٽيٽر جي حڪومت ڪي نه مڃبو. ان ڪري رول ماڊل بدبخت ضياءَ جي زماني ۾ جن جن اسڪالرن اديبن، شاعرن اهلِ قلم ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي هئي، هن انهن سڀني سان هٿ ملائڻ ته ڇا، ڳالهائڻ به ترڪ ڪري ڇڏيو هو. اهڙن منجهان ڪو قلمڪار هجت پائي ساڻن ڏانهن هيندڙ شيڪ لاءِ هٿ وڌائيندو هو ته پاڻ Sorry چئي مُنهن ٻئي پاسي ڦيري ڇڏيندو هو. پنهنجي هستي ۽ شخصيت ۾ تڏهن ظفر سائين بيشڪ ڪهاڻيڪار، نقاد ۽ پبلشر واري حيثيت ماڻي ورتي هئي. پر آفٽر آل هن پاڻ کي هڪ رول ماڊل آدرشي ۽ سنڌ پرست قلمڪار طور تي به سڃاڻپ ڏياري ڇڏي هئي. پوئين دؤر ۾ هن هر سطح تي پنهنجي باقي زندگي قومي جذبي اپارڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. ته بس اهڙوئي هو اسان جو هي سائين ظفر حسن صاحب.

حيدرآباد ۾ تلڪ چاڙهي ڪان گول بلڊنگ ۽ صدر تائين هي سارو علائقو چاٽ چٽورن جو ڏيهه آهي ۽ پرفيڪيٽ پريس جي مالڪ هجڻ يا شمس چيمبر ۾ رهائش پذير ولي رام ولڀ ڏانهن پنڌ ويندي، هو اسان چٽورن کي، مڪئي جا سنگ، حليم، دهي ٻڙا، سُونٽ ڪا پاني يا فوٽ پاٿ تي سيخ ڪباب بار.بي.ڪيو ڪائيندي جي ڏسي وٺندو هو ته وڏي اچي دڙڪا ڏيندو ۽ پنهنجي مخصوص انداز ۾ چوندو هو: سائين ڪمال ٿا ڪريو! پنهنجي هٿ سان پاڻ پنهنجي صحت کي تباهه و برباد پيا ڪريو. ظفر سائين مزاجن نهايت همدرد، هڏڏوکي، بهترين دوست ۽ خاص طرح سان نئين ٽهيءَ جي ليکڪن کي دل سان انڪريج ڪندڙ هو. 1980ع ڌاري طارق عالم پنهنجو ناول 'رهجي ويل منظر' ڪين مطالعي جي خيال سان ڏنو ته پاڻ يڪدم ان کي پنهنجي والده امان حسينا سيد جي نالي سان منسوب اداري پاران پينگوئن بوڪ سائيز ۾ شايان شان شايع ڪرايو. طارق جي ناول جو اِهو پهريون ايڊيشن ڇا ته شاندار ايڊيشن هو، جيڪو هاڻي قطعي اڻ لڀ آهي. ستر جي ڏهاڪي ۾، جڏهن ناميارو ڪهاڻيڪار علي بابا شديد مالي حالت جو شڪار هو، چيائينس، تون روز ڪهاڻي لک ۽ سؤ روپئي جو نوٽ مون کان وٺي وڃ. اِهو دراصل هن علي بابا جي عزتِ نفس جي احترام طور ڪيس چيو. بعد ۾ ظفر سائين اِهي سڀ ڪهاڻيون هڪ پرائيويٽ پبلشر کي بنان ڪنهن معاوضي جي ڇپڻ لاءِ ڏيئي ڇڏيون.

مضمون جي پڇاڙيءَ تي هاڻي سوال تہ ظفر حسن سائين جي آخري جهلڪ مون ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪهڙي سن ۾ ڏٺي تہ اُهو سن هو 1998ع. پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ادي خيرالنساءِ جعفري سان ادبي رهاڻ هئي ۽ ظفر سائين وچئين ڪنهن قطار ۾ ويٺل هو، جڏهن اڌ تقريب مان اٿيو ۽ پر مان لنگهيو تہ مون کين سلام ڪيو. گهڙيءَ بعد سندس پويان آئون بہ اُٿيس جو صدر ۾ زين سُپر اسٽور تان ڪو ضروري سامان وٺي گهر پهچڻو هوم. ڇا ڏسان ظفر صاحب ڪائونٽر تي پي-منٽ ڪري اُتان روانو پئي ٿيو. الاس! هاڻي ٻئي ڏينهن اوچتو ڪنهن اخبار تي نظر جو پئي تہ خبر پئي:

جوڳي جيڪس ويا جبروت

تہ بس دنيا ۾ اِها هئي ظفر سائين جي آخري روبرو ڏٺل جهلڪ. جو پوءِ تہ مون کيس ڏوليءَ تي ئي سوار ڏٺو.

۽ اها 08 مارچ 1998ع جي شام هئي، ڪٽياڻ اسٽيشن ٽنڊو ڄام وارو رستو ڏٺي، ڪانڌين جو اُهو جلوس ظفر سائين جي جنم ڳوٺ قطب شاهہ پهتو هو، مڙهہ سان گڏ سائين نثار حسيني، طارق عالم ۽ ٻيا بہ ڪيترائي اسين دوست تدفين واري ان جلوس ۾ شريڪ هئاسين، تدفين جو عمل پورو ٿيو تہ سيني دوستن سان گڏجي لحد تي گل نڇاور ڪندي ظفر سائين جي ڪهاڻي مجموعي ”رهيل قرض“ مان سندس هڪ خوبصورت ڪهاڻي ”مرجهايل گل جي سوڪڙيءَ“ جي پڇاڙيءَ وارو منهنجي حسب حال هي پئراگراف اکين آڏو ڦري ويو هئم:

مون مٿي آڪاش ۾ ڏٺو، آڪاش مان لنگهندڙ، ڪنهن ماتمي ڪکر مان ڳوڙهو ڪِريو، جو منهنجي اک جي ڳوڙهي سان گڏجي هيٺ ڌرتيءَ ۾، جذب ٿي ويو.

********

**يوسف سنڌي**

## سنڌي ادب جو ضمير: ظفر حسن

زندگي هڪ ڪهاڻي آهي ۽ موت ان ڪهاڻي جي پڇاڙي چئجي تہ بهتر. جو ان ڪانپوءِ سواءِ زندگيءَ جي گنڊيل ”ڪهاڻيءَ“ جي ڳالهين ڪانسواءِ ماڻهو ٻيو ڪو بہ ڪردار ادا نہ ٿو ڪري ۽ ڪردار جي وس ۾، ڪهاڻي ۾ هڪ لفظ بہ ٽنبڻ نہ هوندو آهي.

ڪي ماڻهو، قومن جو ضمير هوندا آهن، بظاهر هو چريا سمجهيا آهن يا انهن جي لاءِ لوڪ لهواور، فلاڻو اوپارو چئي عجب پيو ڪائبو آهي ۽ انهن جي باري ۾ پانت پانت جون ڳالهيون ڪبيون ۽ ٻڌبيون آهن. ڪڏهن تہ انهن جي اصول پسنديءَ جي ساراهہ ڪبي آهي ۽ اها وقت جي ضرورت پائنيي آهي يا وري اهي اصول ماڻهوءَ کي اهڙا تہ سخت لڳندا آهن. جو انهن کي سٺو ۽ صحيح سمجهندي بہ اهي اصول پنهنجي ذات جي لاءِ ڀاري محسوس ٿيندا آهن. اسان جو پيارو ساٿي ۽ دوست، ظفر حسن جنهن کي مرحوم لکندي هٿ ٿا ڏکن، سو بہ اهڙو ئي اصول وارو چريو مڙس هو.

مرڻ وارو ڪهڙو بہ محبوب شخص هجي، پر ان سان گڏ وڃڻ پئي ماڻهوءَ جي وس ۾ ڪونهي. ايئن ويندڙ کي روڪڻ بہ ماڻهوءَ جي وس ۾ ڪونهي. موت اٽل حقيقت آهي ۽ ڪل پئي ڪين ٿي پوي تہ ڪنهن کي ڪيڏي مهل ٿو نهوڙي ٿي! هيءُ دنيا هڪ خواب آهي ۽ اسان جي زندگي ان نديءَ جيان تيز رفتار سان گڙگاٽ ڪندي وهندي ٿي وڃي. جنهن جي ڪناري تي ماڻهو بيٺو حيرت مان ان پاڻي جي مٿاڇري تي وهندڙ ککن ڪانن کي ڏسندو ٿو رهي.

فاني ڙي فاني دنيا دم نہ هيڪڙو.

ظفر حسن، جنهن لاءِ پنهنجي ٻولي انهيءَ ٻولي جي واڌ ويجهہ انهيءَ ٻولي جي حوالي سان پنهنجا ڪي ماڻ ۽ ماپا ۽ چريائپ جهڙا اصول هئا. هو انهن اصولن تي سختيءَ سان ڪاربند رهڻ وارو هو. جيڪا ڳالهہ ڪيس پنهنجي اصولن جي ابتڙ لڳي، انهي جو نہ رڳو

برملا اظهار ڪندي ڪين ڪيٻائيندو هو. پر پنهنجي اصولن ڪي مٿانهون رکڻ جي لاءِ وٽس قومي مفادن جي حوالي سان، ذاتي تعلقاتن جي ڪا گهٽي اهميت نه هوندي هئي، ان سلسلي ۾ ظفر حسن جي طريقي ڪار سان اختلاف ته ٿي پئي سگهيو، پر سندس پنهنجي اصولن تي سختيءَ سان ڪاربند رهڻ جي سچائي تي شڪ جو گمان ممڪن ڪونهي.

ظفر حسن ۽ سندس حوالي سان ڪي ٻي ڳالهين جي يادن جو هجوم، هن وقت مون تي يلغار ڪري رهيو آهي، هڪ ٻئي جي پويان اهي ڪنهن قلم جي ريل جيان بدلجندا پيا وڃن.

1984ع جي ڳالهه آهي، هند، سنڌ جو ناليوارو اديب موتي پرڪاش ۽ سندس گهر واري ناليواري ليکڪا ڪلا پرڪاش ۽ سندن مشترڪ دوست موهن گيهاڻي 37 سالن کان پوءِ پنهنجي وطن "سنڌ" جي چوڏهن ڏينهن جي ويزا وٺي سنڌ گهمڻ آيا. ڪراچي ايئرپورٽ تي دبئي مان ايندڙ ان ادبي جوڙي جي آڌر ڀاءُ لاءِ ڪيئي اديب، شاعر ۽ سندن گهڻگرا گڏ ٿي ويا هئا. جن ۾ پروفيسر اياز قادري ۽ ظفر حسن اڄا سوڌي پنهنجي ڇهري جي تاثراتن ۽ سندن موتي ۽ ڪلا پرڪاش لاءِ اڪير ۽ تڙپ جي مونکي چٽي يادگيري آهي.

اتي ظفر حسن مونکي سڀني کان وڌيڪ منفرد ۽ نرالو لڳو هو. نه رڳو پنهنجي انتها پسندانه خيالن جي حوالي سان (جيڪي سنڌيت، جي حوالي سان هن جا پنهنجا خيال ۽ اصول هئا) پر پنهنجي شخصيت جي حوالي سان به، پوءِ ايندڙ ڪيتري ئي وقت تائين مون تي سندس اهي خيال حاوي رهيا.

انهن ئي خيالن جو اثر هو جو حيدرآباد اردو بورڊ لئبرري ۾ سنڌي ادبي سنگت جي هڪ اجلاس ۾ واپارين توڙي حڪومت کي پابند بنائڻ لاءِ هڪ قرارداد پيش ڪئي وئي هئي. جنهن ۾ چيو ويو هو ته هو پنهنجي اشتهارن وغيره ۾ سنڌي ٻولي به ڪتب آڻين، ان تي ڪافي بحث ٿيو. مون اتي بيهي چيو ته:"اسان کي اهو فيصلو ڪرڻ کپي ته جنهن به سائن بورڊ وغيره تي سنڌي ٻولي ۾ اشتهار لکيل نه هوندو. اهو اسان پٿر هڻي ٽوڙي ڇڏينداسين."

جڏهن اجلاس ختم ٿيو ۽ ٻاهر نڪتاسين ته اوچتو ڪنهن مون کي ٻانهن مان اچي جهليو. اهو ظفر حسن هو، مون احترامن جهڪي ڪيس هٿ ڏنو ته ٻاڪ ڇپائين. "آئون تنهنجي ڳالهه جي تائيد ٿو ڪيان ۽

پاڻ کي ايئن ئي ڪرڻ ڪپي. اڄ تہ پاڻ ٻئي ٽئي ڪيون تہ جنهن بہ سائن بورڊ وغيره تي سنڌي نہ هوندي، اهو پاڻ ٽوڙي ڇڏينداسين.“

اهو ظفر حسن جو جذبو ۽ سنڌي ٻولي سان محبت جو هڪ چٽو ثبوت هو.

انهيءَ ڏينهن، السٽي صاحب انڊيا مان موٽڻ تي پاڻ سان موتي ۽ ڪلا پرڪاش جي سنڌ جي سفر جي تاثراتن بابت شاهڪار ڪتاب ”سي سپ ساڻديم ساهہ سين.“ ۽ ”جي هينئڙي منجهہ هرن“ ڪٽي آيو. مون اهي ٻئي ڪتاب ڇپائڻ جي لاءِ موتي پرڪاش کي اجازت واسطي خط لکيو. جنهن جواب ۾ لکيو تہ اوهان ڇپائيندو تہ خوشي ٿيندي، پر مون انهن ٻنهي ڪتابن جا مسودا، سنڌ ۾ ڇپائي واسطي ظفر حسن کي موڪليا آهن. اوهان ڪانئس اجازت وٺو، جي هو ڪنهن سبب جي ڪري ڇپائي نہ ٿو سگهي ۽ اوهان کي ڇپائڻ جي موڪل ٿو ڏي تہ پوءِ اوهين ڀلي ڇپايو.

موتي پرڪاش جي جواب اچڻ شرط مون ظفر کي خط لکيو. جنهن جي جواب ۾ هن لکيو:

جاگرافي ڊپارٽمينٽ
سنڌ يونيورسٽي
23 سيپٽمبر 1987ع

ڀائو يوسف،
جيئي سنڌ

اوهان جو خط مليو ۽ اوهان جي خواهش جي خبر تہ اڳ ئي ولي رام ولڀ صاحب ڏيئي ڇڏي هئي.

اصل ۾ منهنجي بہ اها ئي خواهش هئي تہ ٻئي ڪتاب آئون ئي ڇپرايان، پر منهنجي وسيلن منهنجو ساٿ نہ ڏنو. ايتري قدر جو ڪلا پرڪاش جو ڪتاب بہ ڪافي ڏينهن کان جلد بنديءَ ۽ ٽائيٽل جي نهڻ جي اوسيئڙي ۾ ڦاٿو پيو آهي.

آئون سمجهان ٿو ۽ قبول ڪريان ٿو تہ هي ڪتاب ڪافي اڳ اچڻ گهرجي ها، پر منهنجي جذباتي ضد جي ڪري دير ٿي وئي. اوهان پهرين مون کان ڪلا پرڪاش جو ڪتاب وٺو ۽ ان تي جيڪا لاڳت آئي آهي اها ڏيو ۽ ٽائيٽل ۽ جلد بندي اوهان ڪرايو. ڇو تہ اجا بہ ٽائيٽل ۽ جلد بنديءَ تي خرچ ٿيڻو آهي ۽ آئون اجا بہ ان ڪم ۾ مهينو ڪن وٺندس ۽ تي سگهي ٿو تہ ان کان بہ وڌيڪ لڳي.

ان ڪري ڏک سان اوهان کي ڪلا پرڪاش جو ڪتاب ڏيڻ لاءِ تيار آهيان ۽ خوشي اٿم جو توهان جهڙو سڄاڻ ماڻهو اهو ڪتاب ڇپرائيندو. جو اوهان سان سنڌي ادبي ڪنوينشن ۾ ڏيٺ ويٺ ٿي هئي. تنهن ڪانسواءِ هاڻي ضد ڪري ڪتاب روڪي ويهڻ هن ڄمار ۾ مونکي سونهين به ڪونه ٿو. ان ڪري اوهان اچو ۽ ولي رام سان ڳالهايو. هن کي مون سڀ سمجهائي ڇڏيو آهي. پهرين ڪلا پرڪاش جو ڪتاب ڪڍو. آئوٽ ڪريو پوءِ موتي پرڪاش جو ڪڍو، هونئن به ٻئي ڪتاب هڪ اداري کان آئوٽ ڪرڻ کپن.

اوهان جو گهٽگهرو
**ظفر حسن**

اهڙي نموني ظفر حسن جي اجازت ۽ قرب جي ڪري مون موتي پرڪاش ۽ ڪلا پرڪاش جا اهي ٻئي ڪتاب سنڌ ۾ ڇپايا، جن هتي ڪافي مقبوليت ماڻي.

اڪثر دوست، ظفر حسن جي باري ۾ دبيل لفظن ۾ اهو تاثر ڏيندا هئا ته هو احساس برتريءَ جو شڪار آهي ۽ عملي طور تي فقط ڳالهين تائين محدود ٿو رهي. جيستائين ڳالهين تائين محدود هئڻ جو تعلق آهي ته ان ۾ ڪنهن حد تائين اتفاق ڪري سگهجي ٿو، پر ان جو سبب شايد اهو هو ته مٿس نوڪريءَ گهر ٻار جون ڪافي ذميواريون هيون. جنهن سبب هو عملي طور تي سرگرم رهي نه سگهندو هو. البته سندس اهو پڪو ارادو هو ته ريٽائرمينٽ کان پوءِ باقاعده پلشنگ جي فيلڊ ۾ ايندو. جنهن جي ريٽائرمينٽ کانپوءِ هن ابتدائي تياري به ڪئي هئي. پر افسوس جو موت کيس مهلت نه ڏني، ته پڪ سان سنڌي ادب ۾ ڪافي نون ۽ سٺن ڪتابن جو واڌارو ٿئي ها.

جيستائين ٻي ڳالهه جو تعلق آهي ته هو احساس برتري جو شڪار هو. يا اڪثر ادبي فنڪشنس ۾ نه ويندو هو، جيئن ڪجهه وقت اڳ ڪنهن رسالي ۾ ڇپيل ڪنهن ليک ۾ مون پڙهيو هو. ان سلسلي ۾ مون وٽ پنهنجي ذاتي حوالي سان به مثال آهن. جيڪي مون وٽ سندس خوبصورت سارونڻين طور محفوظ آهن.

1993ع ۾ ”سنڌي ادبي سنگت دڙو، پاران“ نئين ٿهي جي ايرنڊڙڪهاڻيڪار طارق قريشيءَ سان شام ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان پروگرام جي صدارت لاءِ نجم عباسي ۽ خاص مهمان طور محترم ظفر حسن جو نالو تجويز ڪيو ويو. پاڻ اسان جي ان حجت کي

قبول ڪري، مرحوم راهي چنا ۽ ڪجهه ٻين دوستن سان گڏجي دڙي آيو، اسان جي پروگرام ۾ شرڪت ڪري نه رڳو اسان جو مان مٿانهون ڪيائين پر اهو تاثر به غلط ثابت ڪيائين ته هو رڳو ڳالهيون ڪندو آهي ۽ پروگرامن ۾ شريڪ نه ٿيندو هو. هن وٽ پروگرامن ۾ شريڪ ٿيڻ جا پنهنجا معيار هئا. هو چوندو هو ته اوهان پنهنجي پروگرامن ۾ اهڙن ماڻهن کي اسٽيج تي نه آڻيو، جيڪي سنڌ دشمن رڌائن ۾ دشمنن سان گڏ هجن، سندس خيال هو ته اهڙن ماڻهن جو سماجي طور تي مڪمل سوشل بائيڪاٽ ڪرڻ کپي. ٻيا ڪير سندس انهيءَ اصول تي پل سهمت هجن يا نه، پر هو انهن تي سختيءَ سان ڪاربند رهندو هو.

ٻئي پيري، جڏهن سائين نجم عباسي گذاري ويو ته، اسان ڪجهه دوستن، سندس گهر ڀاتين جي سهڪار سان، سندس وصيت موجب، ”شاهه جو رسالو خواني“ ڪرائي. مون ۽ سليم چنا ڪافي دوستن يارن کي دعوتون ڏنيون ۽ ڪن کي روبرو به عرض ڪيوسين. پر ان رسالي خواني ۾ فقط سورهن يا سترهن ڄڻا شريڪ ٿيا. انهن ۾ ظفر حسن به هو.

مون ظفر حسن کي ڪارڊ سان گڏ، هڪ چٽ موڪلي اچڻ جو عرض ڪيو هو. هو پوري چئين وڳي پنهنجي ڪار ۾ ڊرائيور سان گڏ اچي پهتو. اسين حيران ٿي وياسين. ڪيس پير کان وٺي گوڏي تائين پٽو ٻڌل هو. بيساکيءَ کان سواءِ هن جي لاءِ هڪ وک هلڻ به ڏکي هئي. انهن ڏينهن ڪيس ٽنگ ۾ فريڪچر ٿي پيو هو ۽ ڊاڪٽرن ڪيس هلڻ ڦرڻ کان سخت منع ڪئي هئي. پر هو انهي منع جي پرواهه نه ڪندي ”شاهه جو رسالو خواني“ ۾ پنهنجو فرض سمجهي هليو آيو. سچ ته اسان اتي ويٺل سڀ دوست شرمسار ٿي رهيا هئاسين ته ظفر صاحب نه اچي ها ته ڪر چڱو. وڌيڪ ڦڪائي مون کي پئي ٿي، جو مون ڪيس سندس حالتن جي ڄاڻ کان سواءِ چٽ لکي اچڻ تي زور ڀريو هو. مٿيان ٻه مثال سندس احساس ذميواريءَ ۽ پنهنجي اصولن تي ڪاربند رهڻ جا آهن.

ظفر حسن، هڪڙي وقت ڪيترين ئي خوبين جو مالڪ هو، مون کي ڪنهن دوست ٻڌايو ته هو، سنڌ جي ارڏي ليکڪ علي بابا جون اڪثر لکڻيون ڪيس معاوضو ادا ڪندي خريد ڪندو هو ۽ سنڀالي رکندو هو. چو ته ظفر حسن کي اندازو هو ته علي بابا لاابالي طبيعت جو مالڪ آهي سي اِهي سنڀالي نه سگهندو، ٻئي پاسي هو انهن لکڻين جو معاوضو پنهنجي ڪيسي مان ادا ڪري علي بابا جي هڪ قسم جي مالي مدد به ڪندو هو.

افسوس جو ظفر حسن ايئن بنا ٻڌائڻ جي بلڪل اوچتو هليو ويو. هاڻ سوچيان ٿو، سندس اکين ۾ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ بابت سپنا ڪيئن ساپيان ٿيندا. هن جنهن بلڪل نئين انداز ۽ اسٽائيل سان سنڌي ادب کي ڪتاب ڏيڻ ٿي چاهيان، اهي هاڻ ڪير ڇپرائيندو؟ سندس اهي لکيل هزارين صفحن تي مشتمل ڊائريون. جن ۾ سنڌ جي ادبي، سياسي ۽ سماجي تاريخ جا ڪيئي ورق محفوظ آهن. سي شايد ايئن ئي رلي وينديون.

رلي ته مشتاق ڪاملاڻيءَ جون ڪهاڻيون به وينديون. جيڪي اڪثر ونس سنياليل هيون ۽ هن ڪتابي صورت ۾ آڻڻ ٿي چاهيون. مشتاق ڪاملاڻيءَ جنهن سنڌي ادب کي ڪيئي خوبصورت ڪهاڻيون ڏنيون، پر سندس نالو به سنڌي ڪهاڻيءَ جي حوالي سان نه ٿو ورتو وڃي. جيئن هن پاڻ کي سجاول جي گهٽين ۽ اوتارن جي حوالي ڪري، چرس، هيروئن ۽ آفيم جي عادت ۾ مبتلا ٿي، پاڻ کي فراموش ڪري ڇڏيو آهي، تيئن سنڌي ادب ۾ به هو هڪ فراموش ڪيل ڪردار آهي.

(”اونداهيءَ ۾ سوجهرو“ (خاڪا ۽ مضمون)، دڙو پبليڪيشن، 2002ع تان ورتل)

********

## ستار پيرزادو

# مرڻ مون سين آءُ

## (سائين سيد ظفر حسن جي ياد ۾)

8 مارچ 1998 تي ”عوامي آواز“ جي فرنٽ پيج تي خبر ڇپي ته، ”سنڌيءَ جو ناميارو ڪهاڻيڪار ۽ اديب ظفر حسن لاڏاڻو ڪري ويو.“ جڻ ته سڪتو طاري ٿي وير، ذهن خالي محسوس ڪير، هر دانهن، ڪوڪ ٻڌجي، منهن جي اندر ئي اندر پڙا ڏجڻ لڳي.‘ ظفر حسن لاڏاڻو ڪري ويو.ظفر حسن ........ ظفر حسن.....!‘

”اوهه ! ظفر حسن، تو اڃان ڌرتيءَ جو قرض ئي نه چڪايو هو . تون پاڻ ڪي قرضي ڪري هليو وئين؟ هاڻ تنهنجي ملڪيت جا وارث ته ڪوڙ ٿيندا، پر تنهن جو ڌرتيءَ جو رهيل قرض چڪائڻ وارو ڪير ٿيندو؟ ڇا توکي ڪو اهڙو ماڻهو سُجهندو هو؟ مان نه ٿو ڀانيان... مان نه ٿو ڀانيان !“

ظفر حسن سان ٻه منهنجي ملاقات طارق اشرف جي معرفت ٿي هئي. حيدرآباد جي شهر ۾ طارق اشرف جي ايڊيٽر شپ ۾ ماهوار ”سهڻي“ جي آفيس ۾ منهن جي ڪيترن ئي اديبن سان واقفيت ٿي، ماهوار سهڻيءَ جي ستر واري ڏهاڪي جي ڀهرين سالن ۾ طارق اشرف سان گڏ ظفر حسن ۽ ولي رام ولڀ جو نالو ٻه ڇپبو هو. هڪ خوبرو، خوش پوش، فضيلت پريو، سلڇڻو، سنڌي ٻوليءَ جو عاشق، ڪهاڻيڪار، ادب جو ڪوڏيو وينڌي هندوستاني ’شمع‘ رسالي جو ٻه خريدار، ادب جي حوالي سان سنڌس رايو مختلف، اڻ ٽر، اڻ جهل، سوءِ سيڪڙو سچار، انهن ڏينهن ۾ ماهوار ”سهڻي“ جنهن پريس مان ڇپبي هئي، ان جو مالڪ ظفر حسن هو، پوءِ نه ڄاڻ ڪهڙن اختلافن جي ڪري، ماهوار سهڻي ڪان ڌار ٿي ويو ۽ ڪجهه عرصي ڪان پوءِ اها پريس ٻه ’سهڻي‘ پرنٽرس ڪان واپس ورتائين ۽ هڪ مسواڙ تي جاءِ وٺي ”پرفيڪٽ پرنٽرس“ جي نالي سان لڳرايائين ۽ اتان ماهوار”ڌرتي“ ايڊٽ ڪري شايع ڪرڻ شروع ڪيائين، افسوس جو مون وٽ اهي

ماهوار ”ذرتي“ جا پرچا نہ رهيا آهن. پر ايترو سو ياد اٿم تہ لڳاتار ڪجھہ عرصو ماهوار ”ذرتي“ بنا ڪنهن ايڊورٽائيز جي سندس ئي خرچ تي ڇپبو رهيو ۽ ان ۾ سندس خيال مطابق عالمي ادب جي چونڊ جا ترجما ڏنا ويندا هئا. هُو ملنسار بہ خوب هوندو هو. جڏهن بہ ملندو اجايو نہ ڳالهائيندو ضرور ائين پڇندو تہ، ”ڇا پيا لکو، ڇا پيا پڙهو؟“ هو ان ڳالهہ تي پڻ همٿائيندو هو تہ شاعريءَ بدران نثر لکو يا چوندو هو تہ، ”جيڪو ڪجھہ ٻين ٻولين ڪي پڙهو ٿا تہ انهن ڪي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريو. اسان وٽ عالمي ادب جي ترجمي جي ڪوٺ آهي.“

ظفر حسن با اصول شخص هو. اصولن تي سوديبازي هو سڪيو ئي نہ هو. ڪنهن بہ اردو ڳالهائيندڙ سان يا تہ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو يا انگريزيءَ ۾، سندس خيال هو تہ : ”اردو ٻوليءَ ذريعي ئي حڪمران طبقا سنڌي ٻولي، ذرتي ۽ ان جي ثقافت، ادب ۽ عوام جو استحصال ڪري رهيا آهن، ان ڪري جيڪڏهن اسين اردو ڳالهائيندا سون تہ اها پنهنجي ٻوليءَ سان زيادتي اسان جي پاران ٿيندي.“ هُو پنهنجي ٻوليءَ سان ويساهہ گهاتي ڪرڻ نہ چاهيندو هو.

مارشل لاءِ، خاص ڪري ضياءَ شاهيءَ ۾ اڪثر سرڪاري طور جوڙيل اديبن جي انجمن ۾ شامل سنڌي اديبن تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندو هو. انهن ڏينهن ۾ ضياءَ ڪي بہ اها پروڙ پئي هئي تہ سنڌ ۾ آيل ايڏو سياسي شعور، سياستدانن کان وڌيڪ اديبن جي ڪري آيو آهي تہ هن هڪڙي ادبي تنظيم ’فڪرو نظر‘ جوڙائي. ظفر حسن بہ ٻين سيني ترقي پسند اديبن جيان ان جي مخالفت ڪئي. پر ٻيا مخالفت ضرور ڪندا هئا، پر ان تنظيم ’فڪرو نظر‘ جي سنڌي ميمبرن، جيڪي گهڻو تڻو جماعت اسلامي ۽ رجعت پسند لڏي وارا هئا، انهن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي حد تائين لاڳاپا رکندا هئا، پر ظفر حسن، پنهنجي اصول ڪري، انهن سان بلڪل سوشل بائڪاٽ (سماجي لاتعلقي) ڪري ڇڏيندو هو.ان جو هڪ مثال ڏيان تہ: انهن ڏينهن ۾ غوث علي شاهہ جي دوستي نباهڻ ڪري ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ ضياءالحق کان ڪوئي ادبي انعام حاصل ڪيو هو. پوءِ تہ ظفر حسن مان اڙجي ويو. هن ساڻس ڳالهائڻ بہ ڇڏي ڏنو ۽ هر ڪنهن محفل ۾ اهو ذڪر ضرور ڪندو هو ۽ پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ضرور ڪندو.

تنظيم ’فڪرونظر‘ کان پوءِ ’پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس‘ سان بہ هن ڪو ادبي سهڪار نہ ڪيو ۽ نہ ڪندو هو. ان حد تائين جو

هُو شيخ اياز سان بہ انڪري ناراض هو تہ هن ضياءَ جي دور حڪومت ۾ وائيس چانسلر چو ٿي رهيو؟ ڪيس اها نوڪري ذوالفقار علي ڀٽي ڏني هئي، ان جي حڪومت تي راتاهو هٽڻ ڪان پوءِ هڪدم استعفيٰ ڏيڻ گهربي هئس. جيتوڻيڪ پاڻ اڳ ئي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جاگرافي ڊپارٽمينٽ جو پروفيسر هو.

هو پنهنجي دؤر جو چڱو ڪهاڻيڪار هو ۽ ڪنهن حد تائين تنقيد نگار بہ هو. ستر واري ڏهاڪي ۾ سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 'رهيل قرض' جي عنوان سان ڇپجي پڌرو ٿيو، جيڪو نہ ڄاڻ چو ادبي حلقن ۾ ايتري مڃتا ماڻي نہ سگهيو. منهن جو خيال آهي تہ ان مڃتا نہ ماڻڻ جو سبب بہ ظفر حسن جي اصول پسنديءَ واري عادت هئي.

مون ۽ منهنجي هڪ دوست ڊاڪٽر اي. ڪي. پنجواڻيءَ جڏهن گڏجي سنڌ ادبي اڪيڊمي ٺاهي ۽ ڪتاب ڇپڻ شروع ڪيا ۽ پهريون ڪتاب مون ظفر حسن ڏانهن موڪليو ۽ ڪيس خط بہ لکيم جنهن ۾ ڪيس اهو لکيم تہ اوهان اسان سان سهڪار ڪندا تہ لک لائق. ان جي موٽ ۾ مون ڪي ادبي اڪيڊمي ٺاهڻ ۽ ڪتاب ڇپرائڻ ۽ ادب جي فروغ لاءِ واڌايون ڏيندي لکيائين تہ، ”مان بہ اهوئي ٿو سوچيان تہ رٽائر ٿيڻ ڪان پوءِ اهڙو ڪم هٿ ۾ ڪٽندس.“ هن رٽائر تہ ڪيو، پر موت ڪيس مهلت نہ ڏني تہ هو ڪا ادبي اڪيڊمي يا ڪو اشاعت گهر ٺاهي ها. اها حسرت سندس ساڻ ختم ٿي وئي، ڪيس دل جو عارضو تہ اڳ ئي هو. هي شايد ڪيس ٻيو دل جو دورو پيو هو. ان جي شدت برداشت ڪري نہ سگهيو هو نہ ڄاڻ ڇاڇا برداشت ڪري چڪوهو. سنڌي ادبي بورڊ جي زماني ۾ اديبن جون جُلهُون، پنهنجي اصولن جي ڪري ڪيترن جون ناراضگيون، سنڌي ادب، ٻوليءَ ڌرتيءَ سان حڪومت جون بہ اکيائون. پر دل جو خصيص دورو برداشت ڪري نہ سگهيو،

ظفر حسن ڪي اسين جڏهن بہ گڏبا هئاسون، خاص ڪري مان جڏهن بہ ولي رام ولڀ سان ملندو هوس تہ هو اسان ٻنهي جي خيالن ۽ سوچن مان نڪري اسان جو موضوع بڻجي پنهنجي يادگيري ضرور ڏياريندو. آخر ۾ ظفر حسن جي باري ۾ واقفيت اها ڏياريان تہ هو نہ صرف ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نگار هو، پر سنڌ يونيورسٽيءَ جي جاگرافي ڊپارٽمينٽ جو پروفيسر ۽ چيئرمين جي عهدي تان رٽائر ٿيو. هن جي لکيل ڊائريءَ جا ورق ڪافي مشهوري ماڻي چڪا هئا ۽ انهن

ڏينهن ۾ هو سنڌي ادبي سنگت، سنڌيونيورسٽي ڪالونيءَ برانچ جو سيڪريٽري پڻ هو. ان کان سواءِ ڪجهہ عرصو سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري بہ رهيو ۽ پوءِ ولي رام ولڀ سان گڏجي نومبر 1983 کان 1986 تائين 'نہ ماهي آرسي' جا پنج پرچا ايڊيٽ ڪيائين،جيڪي سانڍڻ جهڙا آهن. ظفر حسن جو نانءُ بہ انهن اديبن جيان سانڍڻ جوڳو آهي جن کي هر سنڌي وقت جي وِيرن چڙهڻ ۽ لهڻ جي ڪري بہ وساري نہ سگهندو آهي. هو اڃان صرف 61 ورهين جو تہ هو، نہ ڄاڻ ڪيس ڪهڙا ۽ ڪيترا ڏک هئا، جيڪي سندس دل جي دوري جو سبب بڻيا ۽ انهن سببن اسان کان هڪ پيارو، هڪ سچو ، کرو اديب ۽ بيباڪ انسان، دوست کسي ورتو. سندس بہ عادتون اهڙيون هيون جيڪي صرف ۽ صرف ظفر حسن ۾ ئي هيون اهي هيون هڪ اردو اصل نہ ڳالهائڻ ۽ بي اها تہ جن سنڌي اديبن ضياء جي مارشل لا ۾ صدارتي ايوارڊ حاصل ڪيا ۽ ورتا هئا، انهن سان ظفر حسن جو سوشل لاڳاپو ختم هو. اي موت! توتي موت ڇونہ ٿو اچي؟

*******

اڪبرجسڪاڻي

## سنڌ جو سچو ۽ خاموش خدمتگار

## سائين ظفر حسن

سائين ظفر حسن جهڙو ظاهري ڏيک ويک ۾ صاف ۽ سهڻو لڳندو هو، اهڙو دل جو به صاف انسان هو. کيس سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان عشق جي حد تائين محبت هئي. سنڌ جي حوالي سان، ڪن دوستن ۾ ڪچايون ڏٺائين ته انهن سان ملڻ جلڻ ڇڏي ڏنائين. ايتري تائين جو ساڻن هٿ به نه ملائيندو هو.کيس ڪتابن سان به عشق هو ۽ ڪتاب ڇپرائيندو هو ته اهڙو سهڻو ۽ سٺو جو ڏسڻ سان سمجهي وڃبو ته اهو سائين ظفر حسن ئي ڇپرايو هوندو. پوءِ پلي ان ۾ سال لڳي وڃي. سندس سادي طبيعت ڪري صدر ۾ پرفيڪٽ پريس جيڪا سندس خانداني ملڪيت هئي.ڪيترن ئي دوستن کي ڏنائين. جن کيس نقصان رسايو، پر ٻاهر ٻاڦ نه ڪيائين.

هو هڪ بااصول انسان هو. آفيس ۾ وقت جو پابند، سيني ملازمن سان رويو هڪ جهڙو، ڪيترو به ويجهو ملازم هوندس پر آفيس جي معاملن ۾ رعايت اها ملندي جيڪا ٻين کي ملندي.

ايمانداريءَ جي حوالي سان مون ڪتابن ۾ علامه دائود پوٽو ۽ علامه آءِ آءِ قاضي جا قصا پڙهيا آهن. پر، ادبي بورڊ ۾ اکين سان سائين ظفر حسن کي ڏٺم، ذاتي ڪم ڪار لاءِ ڪابه بورڊ جي شيءِ استعمال نه ڪيائين. اگر پنهنجي ڪار خراب هوندي هيس ته، بورڊ جي گاڏي ۾ پيٽرول پنهنجي خرچ تي پرائيندو هو. سرڪاري گاڏي ۾ ٻارن کي وڏ مان وڏ ڄامشورو ڦاٽڪ تائين وٺي ويندو هو، جڏهن ته حيدرآباد وڃڻ لاءِ ٻار، ايس. آر.ٽي سيءَ جي بس يا سوزوڪي ۾ ويندا هئا.

ايڏي وڏي عهدي تي پهتل ماڻهو تنقيد وقت ننڍي ملازم جي ٻه ڳالهه درست سمجهندو هو تہ مڃيندو هو ۽ پنهنجي غلطي مڃيندو هو. اهڙو صاف ماڻهو جيڪو جيئڻ اڄ اجرو هو، ائين خاموشيءَ سان اسان کان هليو ويو. سندس من ۾ ڪيترائي سنڌي ٻولي لاءِ ويچار هئا. خاص طور تي ڪتابن ڇپائڻ جي حوالي سان. سچ تہ هو سنڌ جو سچو ۽ خاموش خدمت گار هو. جنهن کان سنڌ محروم ٿي وئي.

(ماهوار ”عوامي امنگ“، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

********

راز شر

## منفرد پيشڪاريءَ جو ماهر: ظفر حسن سيد

تنوير عباسيءَ چواڻي ته هر ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو ٿئي ٿو. موتي داڻو املهه ٿئي ٿو، ان ڪري ان جا خريدار به ٿا ملن، باقي هر ماڻهو پنهنجي اگهه اگهامي وڃي ٿو. اهڙن ماڻهن جو ملهه يا ته تاريخ ڪٿيندي آهي يا وري قومون ڪٿينديون آهن.بدقسمتيءَ سان اسان وٽ قوم جو تصور اڃ لکو ۽ غير واضح آهي ان ڪري املهه ماڻهن جي ڪٿ شايد في الحال نه ٿي سگهي آهي. جڏهن ته تاريخ اهڙن ماڻهن کي پنهنجي سيني ۾ سانڍي رکندي آهي ۽ وقت اچڻ تي املهه هيرا نکري نروار ٿي پوندا آهن، پر في الحال ته وقت جي دز انهن ماڻهن جي ڇهري تي اهڙي ڪٽ چاڙهي ڇڏي آهي، جو ڪين آئيني ۾ پنهنجو عڪس به ڏنڌلو نظر ٿو اچي. سائين ظفر حسن به اهڙن املهه ماڻهن مان هڪ آهي جن تي اسان جي مجموعي قومي بي حسيءَ جي ڪٽ چاڙهي ڇڏي آهي. اسان سندس رهيل قرض واپس ڪرڻ جي اهل ناهيون رهيا.

سائين ظفر حسن پنهنجي زندگيءَ ۾ ايترو ته ڪرو ۽ سچو هو جو زماني ساز ماڻهن کيس بيڪار* سمجهي ڦٽو ڪري ڇڏيو. غالباً سچي سون مان به ڪو زيور ٺهي نه سگهندو آهي. پر ان سون جو قدر ۽ قيمت گهٽبو ناهي

سندس ڪهاڻين جو ڪتاب ”رهيل قرض“ جڏهن نظر مان گذريو ته منهنجي حيرانگيءَ جي حد ئي نه رهي ته ههڙو نج تخليقڪار اڪين ڪان پلا ڪيئن ٿو اوجهل رهي سگهي. اڄ ڪلهه ته ڇا پر شروع ڪان وٺي ڪلا ڪيتر ۾ به باريون رهيون آهن. هر ڪلا سان سلهاڙيل ڪلاڪار ڪنهن نه ڪنهن باريءَ جو حصو رهيو آهي. بيشڪ شيخ اياز نگران شاعر هو پر سندس باريءَ ۾ رشيد ڀٽي، تنوير عباسي، ابراهيم جويو ۽ رسول بخش پليجو نه هجن ها ته سندس شاعري به اسان جي مجموعي قومي بي حسيءَ جي دز هيٺان دبيل هجي ها، جيئن ساڳئي دور جي ٻئي وڏي شاعر رشيد احمد لاشاريءَ سان ٿيو.

نسيم کرل يا جمال ابڙو، بيشڪ وڏا ڪهاڻيڪار هجن، پر سائين ظفر حسن جي ڪهاڻي به سندن ڪهاڻين سان ڪلهو لڳائي بيهي ٿي. سندس ڪهاڻين جو خاص پهلو روشن خيالي، ترقي پسندي ۽ خوش آئيندو آهن. ظفر حسن جون سموريون ڪهاڻيون غريبن، لاوارثن، بيواهن، يتيمن ۽ معاشري جي ڌڪاريل طبقي جا موضوع رکن ٿيون. انهن ۾ ڏکن جو اظهار جيتوڻيڪ لڳ ڪانداريندڙ آهي، پر پوءِ سندس ٻولي ڪهاڻين کي ايترو ته سياويڪ بڻائي ٿي جو پڙهندڙ سندس ڪهاڻي کي پورو ڪرڻ بنا نه ٿو ڇڏي سگهي. ”رهيل قرض“ ڪهاڻيءَ ۾ ڇوڪري جو پيءُ وڏيري جي قرض ۾ جڪڙيل آهي. سندس هڪ ڌيءُ آهي جنهن جو اونو ڪيس لڳاتار ستائيندو رهي ٿو. هو وڏيري جي حوس ڀرين نگاهن کان به واقف آهي، پر جيئن ته هو غيرت مند پيءُ آهي، ان ڪري هو چاهي ٿو ته وڏيري جو قرض جلد کان جلد لاهي آجو ٿئي ته جيئن پنهنجي ڌيءُ جي عزت کي محفوظ بڻائي سگهي. سندس هڪ ئي پٽ روڊ حادثي ۾ گذاري وڃي ٿو ۽ ڪار وارو همراهه ڪيس هزار رپيا ڏيئي ٿو ۽ هو ڇپ چاپ هزار روپيا وٺي ساڍا چار سئو روپين جو وڏيري جو قرض ادا ڪري ڪيڏانهن هليو وڃي ٿو. هڪ پيءُ جو پنهنجي پٽ جي وڇوڙي جو درد پنهنجي جاءِ تي، پر بک بڇڙو ٻول جي مصداق هو خون بهاتي رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي خاموش ٿئي ٿو. ان هڪ ئي ڪهاڻيءَ کي ڪنهن ايم. فل جي ٿيسز جو موضوع بڻائجي ته به ٿي سگهي ٿو. سماجي بي حسي رياست جي فرضن سميت ڪيترائي جذباتي ۽ جمالياتي پهلو هن ڪهاڻيءَ جي ٿيسز جا موضوع ٿي سگهن ٿا.

”سوڪڙي“-ڪهاڻي دوستيءَ جي هڪ اهڙي نه واٽي تي بيٺل نظر ٿي اچي، جنهن ۾ هر ماڻهوءَ جون پنهنجون مجبوريون آهن. وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ هن ڪهاڻيءَ کي ڏاڍي شائستي نموني پيش ڪيو ويو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ مجموعي طور ۽ ڇاٽايل ڪهاڻي ۾ خاص طور ڪٿي به اجائي ديگهه يا غير ضروري جملن مان ڪم نه ورتو ويو آهي ۽ نه ئي وري ڪهاڻي ۾ ڪي فلسفي سان ڀريل ڳوڙها جملا لکيا ويا آهن. نهايت سهنج ٻوليءَ ۾ سادي نموني ڪهاڻي کي شاندار انجام تائين پهچايو ويو آهي. هڪ ليڪچرار جون مالي مجبوريون، سندس وني‌ءَ سان پيار ۽ ڪانئس سوکڙي وٺڻ جو ڏانءُ سڀ وڻندڙ ۽ فطري لڳن ٿا.

ساڳيءَ ريت ڪهاڻي ”گناھ جو ڏڪ“ جيتوڻيڪ روايتي موضوع وڏيري جي جنسي حوس ۽ پيلن جي هارپي تي لکيل آهي. جنهن ۾ وڏيرو هڪ پيلياڻي عورت تي عاشق ٿي پوي ٿو ۽ سندس مڙس کي سبزيون ڪٽي وڃڻ لاءِ منديءَ ڏانهن موڪلي ٿو ۽ ان پر پٺ هو سندس زال سان جنسي تسڪين پوري ڪري ٿو. عشق ۽ مشڪ لڪي نه ٿا لڪن، ان ڪري پيلياڻيءَ جي مڙس کي ڪڙڪ پئجي وڃي ٿي ۽ هو ان کي ماري وجهي ٿو. پنهنجي گناھ مٿان ڍڪ ڏيڻ لاءِ وڏيرو پيل کي مارائي وجهي ٿو ۽ سندس لاش واھ ۾ لوڙهائي سندس سائين کي ٻڌايو وڃي ٿو ته ان کي تر موڪليو ويو آهي. مان سمجهان ٿو ته سائين ظفر حسن جي اها ڪهاڻي ۽ ڪهاڻيءَ جي پيشڪش هميشه ياد رهجي وڃڻ جهڙي آهي. ڪهاڻي ”ياڳ نياڳ“ ۾ ظفر حسن اسيمبليءَ ۾ چونڊجي ويندڙ سنڌي ميمبرن جي جنهن سياويڪ انداز ۾ ڪل لاٿي آهي اها پڙهڻ وٽان آهي.

ڪنهن به ادبي شاهڪار جو اهو ڪمال هوندو آهي ته حساس موضوع سدا حيات هجن ته جيئن هر دور جو قاري ۽ تنقيدنگار انهن جي پنهنجي دور سان برميچي سگهي. ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته سائين ظفر حسن جي ڪهاڻين جا موضوع هر دور سان ٺهڪندڙ آهن ۽ اڄ جو قاري به انهن مان اهو ئي حظ حاصل ڪري سگهي ٿو جيڪو ڪلهه جي قاريءَ ڪيو هو.اها ڪهاڻي پلي حيدرآباد جي بيروزگار نوجوان جي وارتا هجي جنهن کي انٽرويو ڏيڻ لاءِ ڪراچي پهچڻ واسطي ڀاڙي جا پئسا نه هجن يا وري هندوستان کان آيل جڙتو امير زادي جي پرم تي لکيل هجي جنهن وٽ هاڻي پئسا ناهن ۽ هو پنهنجي پرم کي رکندي بهاني سان ماڻهن کان پئسا وٺي ٿو.

مجموعي طور تي سائين ظفر حسن جي ڪهاڻين جا موضوع نهايت نرالا ۽ سندس پيشڪش لاءِ جواب آهي. اهڙي قسم جون ڪهاڻيون يونيورسٽي جي ڪورس تي رکرائي سندس ڪهاڻين جي موضوعن تي نئين ٿهيءَ کان بحث ڪرايا وڃن. هو پنهنجي طبيعت ۾ ڪم گو ۽ نمود نماءَ کان پري رهندڙ نهايت سنجيدو شخص هو. پنهنجي عزت نفس جو تمام گهڻو خيال رکندڙ ۽ نفيس ماڻهو هو، ان ڪري به سندس طبيعت گهڻن ماڻهن سان ميل نه ڪائيندي هئي. اهو ئي سبب هو جو هو ڪنهن به ادبي ٻاريءَ جو حصو نه ٿي سگهيو ته سندس ڪمال جون تحريرون، جن کي سنڌي ادب ۾ نمايان جاءِ والارڻ کپندي

هئي، اهي والاري نہ سگهيون. هر اديب جو پنهنجو سياءُ، پنهنجي خوشبو ۽ پنهنجي پيشڪش ٿئي ٿي. پر جيڪا پيشڪش سائين ظفر حسن جي ڪهاڻين ۾ ملي ٿي اهڙي قسم جي پيشڪش جو تجربو ڪن ٿورن اديبن وٽ ملي ٿو.

********

## ظفرجوڻيجو

# ظفر حسن سيد ”هڪ ڊائريسٽ بابت ڊائري“

آءُ جڏهن مامي عبدالرشيد جوڻيجي سان گڏ سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ رهندو هئس تہ شام جو راشد ميمڻ، جنهن يونيورسٽي مارڪيٽ واري روڊ تي چڪي لڳائي ۽ آءُ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پوليلين ڏانهن ويندا هئاسين تہ سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ جي مسجد جي پرسان ٿهيل پارڪ هفتي ۾ هڪ ڀيرو لهندي ڏسندا هئاسين. هيءَ ڳالهہ گهٽو ڪري 1983ع يا 1984ع جي آهي. پوءِ خبر پئي تہ انهيءَ پارڪ ۾ سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون ٿينديون هيون ۽ انهن گڏجاڻين ۾ هڪ بہ ڀيرو راشد ميمڻ سان گڏجي آءُ بہ ويس، جتي سائين ظفر حسن جي ڪري وقت جي پابندي گڏجاڻيءَ جو جُزُ هئي. جڻ تہ پابندي بہ گڏجاڻي جي ايجنڊا هجي. ان کان پوءِ حاضري رجسٽر ڦرندو هو، جنهن ۾ پنهنجو نالو ۽ صنف، نظم، ڪهاڻي، وغيره لکٽي پوندي هئي. مون لاءِ اهو مرحلو ڏاڍو ڏکيو هوندو هو. ڇو تہ آءُ اها جاءِ خالي ڇڏي ڏيندو هئس. پوءِ ڳالهہ مان ڳالهہ جوڙڻ سکي ويس ۽ ٻين جي پڙهيل لکٽين تي تبصرو ڪرڻ سکي ورتم. اها بہ هڪ اٽڪل آهي، بس توهان کان اڳ ۾ ڳالهايل جملن کي اڳيان پويان ڪري، ڪجهہ گهٽ ڪري، ڪجهہ وڌائي مڙئي ڪم ٽپائي وجبو هو. پر سائين ظفر حسن جي اتساهہ ڏيارڻ سبب، گڏجاڻين ۾ آءُ بہ ٻين جيان سنجيده حصو وٺڻ لڳس. پر پوءِ يونيورسٽي ڪالونيءَ جي گڏجاڻين ۾ گهٽ شريڪ ٿيڻ لڳس.

ڳوٺ ۾ دوستن سان گڏ، ڳوٺ سڌارسنگت، ٻورڙي ۾ سرگرم ٿيس تہ ڄام شوري اچڻ بہ گهٽ ٿيو. پر جڏهن ڳوٺان واپس آيس تہ راشد ميمڻ ۽ آءُ هاڻي سائين خان محمد پنهور سان وڌيڪ ملڻ لڳاسين. هڪ ڀيري سائين ظفر اسان کي علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار وٽ مليو، هڪ ڊگهو پنڌ ڪري موٽيو هئو، ۽ اسين پوليلين ڏانهن وياسين پئي. هُن تڪڙ ۾ بيهي، خُجائتي انداز ۾ چيو تہ ”توهان اڄ ڪلهہ ڏسجو ڪونہ پيا؟ ۽ هاڻي ڪيڏانهن پيا وڃو؟ موٽو تہ چانهہ پئون.“ اسان هڪ آواز تي چيو

تہ سائين پوپلين ڏانهن پيا وڃون، موٽ تي توهان وٽ اينداسين. اسان پوپلين کان ٿيندا، سائين جي يونيورسٽيءَ واري گهر آياسين، گهنٽي وڄائي سين. سائين دروازو کوليو، لان ۾ ڪرسيون اڳي ئي پيون هيون. اسان ويٺاسين تہ سائين وڏي سڏ ٻنهي پٽن کي يوسف، نذر چئي سڏ ڪيو ۽ چانهہ آڻڻ جو چيائين. اسان کان لڳاتار غير حاضري جو سبب پڇيائين. اسان ٻنهي ڪيس ٻڌايو تہ اسان جو گهڻو وقت هاڻي خان محمد پنهور ۽ سائين قلندر شاهہ لڪياريءَ وٽ گذري ٿو، جتي اسان گهڻو ڪري سنڌ/ڳوٺ سڌار بابت ڪچهريون ۽ ان ۾ پروگرام ڪيون ٿا. هن اسان کان سنڌ ڳوٺ سڌار بابت پڇيو. اسان ٻڌايو تہ هر ڳوٺاڻي تنظيم تي پنهنجي سب ڊويزن يا ضلعي جي سوشل ويلفيئر آفيس وٽ رجسٽر ٿيڻو آهي. اسان، خاص ڪري مون ڳوٺ سُڌارسنگت تي ائين پيش ڪيو، جڻ سنڌ جي مڙني ڳوٺاڻن مسئلن جو حل اها هلچل آهي. سائين اسان کي ڏاڍي صبر سان ٻڌو، ۽ رڳو ٻہ سوال ڪيائين، هڪ تہ خان محمد پنهور ۽ قلندر شاهہ لڪياري جيڪڏهن سمجهن ٿا تہ اسان جي سماجي مسئلن جو حل ڳوٺ سڌار هچل ۾ آهي تہ اهڙي تنظيم ڪين سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ بہ ٺاهڻ گهرجي. ٻيو چيائين تہ جيڪڏهن هر تنظيم کي ڏار ڏار رجسٽرڊ ٿيڻو آهي تہ ضرور ڪي مول متا، تنظيمي جوڙجڪ، ڪو آئين يا ڪاغذ پنو تہ هوندو. اسان وراڻيو تہ ها هڪ آئين ۽ منشور آهي، چيائين، اهو سنڌيءَ ۾ آهي؟ اسان چيو تہ نہ اِهو انگريزيءَ ۾ آهي، چيائين تہ خان محمد پنهور ۽ شاهہ صاحب کي تمام جلدي اِهو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائڻ گهرجي ها. پر انهيءَ کان اڳ ۾ تہ ڪين اهڙي وڏي ڪم ۾ هٿ وجهڻ گهرجي ئي نہ ها. معصوميت سان، خود ڪلاميءَ جي انداز ۾ چيائين، شايد هو سمجهن ٿا تہ سڄي سنڌ انگريزي ٻولي سمجهي ٿي. پوءِ ٿوري دير چپ ٿي چيائين تہ پنهور صاحب ۽ شاهہ صاحب کي چئو تہ جي هو چاهن تہ آءٌ ڪين آئين ۽ منشور سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏئي سگهان ٿو. ٿوري دير چپ رهي، چيائين، توهان وٽ اِهو انگريزيءَ واري آئين ۽ منشور جي ڪاپي آهي؟ مون وراڻيو، مون وٽ آهي، پوءِ چيائين تہ بس سڀاڻي کان هن ئي وقت انگريزي واري ڪاپي آڻجو تہ ترجمو ڪيون. آءٌ چوندو ويندس ۽ توهان لکجو ۽ پوءِ پنهور ۽ شاهہ صاحب کي هلي ڏينداسين ۽ ڪين عجب ۾ وجهنداسين. ائين چئي ٻارڙن وانگيان لڳو.سائين اچا خاموش مس ٿيو تہ راشد چيو سائين سڀاڻي شام ظفر توهان ڏانهن

مزار وٽ پي آيا آهيون، ۽ هي چانهه پي اٽندس تہ پيئندس. سائين پڇيس تہ راشد ڪاڏي ويو. چيائين تہ جيڏانهن اسڪوٽر ويو. حليم چيو تہ ماسترن جو ڇا ٿيندو؟ پاڻ ٿي وراڻيائين تہ ڪجهہ نہ ٿيندو، هو يونيورسٽي جا قانون قاعدا اهڙا ٺاهيندا جنهن ۾ رڳو هو پاڻ چوندجي سگهن. پوءِ سنڌ يونيورسٽي، سنڌ يونيورسٽي نہ رهندي، اها سنڌي يونيورسٽي رهندي.ائين چئي، چانهہ جو آخري ڍڪ پري چيائين تہ آءٌ هلان ٿو. سائين ڪيس مکيہ در تائين ڇڏڻ ويو. واپس ايندي چيائين تہ حليم درست اطلاع ڏنو آهي. اسان ٿوري دير حليم جي ڳالهين تي ويچاريو. پوءِ آءٌ اٿيس تہ سائين مکيہ در تائين آيو ۽ موڪلائيندي چيائين تہ هتي تہ هر بيو ماڻهو سگريٽ ٿو پيئي پر دنيا جا ڪجهہ رسالا ۽ ميگزين تہ سگريٽ جا اشتهار بہ ڪونہ ڇاپن. بيٺي پير ٻڌايائين تہ هڪ ڀيري مون پنهنجي رسالي ۾ هڪ سگريٽ ٺاهيندڙ ڪمپني جو اشتهار ڏنو تہ ڊاڪٽر عيسيٰ دائود پوٽو منهنجي جاگرافي ڊپارٽمينٽ هلي آيو ۽ مونکي دليلن سان قائل ڪيائين تہ توهان کي سگريٽ ٺاهيندڙ وڪرو ڪندڙ ڪمپنين جا اشتهار نہ وٺڻ گهرجن. هن ٿي ٻڌايو تہ رسالن، ميگزينن ۽ پبلشنگ ادارن جا رهنما اصول ٿيندا آهن.

آءٌ پانيان تہ پندرهن ڏينهن اندر اسان سنڌ ڳوٺ سڏار سنگت جو آئين ۽ منشور ترجمو ڪري فيئر ڪري پورو ڪيوسين. پوءِ جڏهن پورو ٿيو تہ چيائين سڀاڻي راشد ميمڻ کي بہ ساڻ آڻجو. ٻئي ڏينهن راشد ميمڻ ۽ آءٌ سنڌ يونيورسٽي ڪالوني جي هوٽل تان اٿي سائين طرف وڃڻ لڳاسين . رستي ۾ حليم بروهي سيڻي هنئي.اسان ٻڌاسين تہ چيائين تہ ظفر شاهہ ڏانهن وڃو ٿا؟ اسان چيو تہ ها، راشد کان سگريٽ گهريائين سگريٽ ڏي. راشد سگريٽ ڏنس، سگريٽ وٺي ڌڪايائين، ۽ چيائين، ”راشد خبردار ٿجائيں، ظفر شاهہ کي ٻڌائي آيو آهيان تہ سڄي ڪالونيءَ جي چورن کي سگريٽ راشد ٿو پياري.“ ائين چئي، چيائين وڃو وڃو، دير نہ ٿي وڃيو. اسان سائين وٽ آياسين، سائين دروازو کوليو. راشد کي ڏسندي چيائين توهان نظر ڪونہ پيا اچو؟ راشد چيو ”بس سائين. ٿورو ڪم هو.“ اسان اندر آياسين. سائين ڦڙتائي سان رجسٽر ڪڍي راشد کي ڏيکاريو ۽ خوش ٿي چيائين تہ هاڻي خان محمد پنهور کي چئجو تہ ٽي سيٽ فوٽو ڪاپي ڪرايو: هڪ سوشل ويلفيئر آفيس کي ڏيو، هڪ سنڌالاجي ۾ جمع ڪرايو ۽ هڪ پاڻ وٽ رکي. باقي مون توهان ۽ پنهنجي لاءِ بہ سيٽ فوٽو ڪاپي ڪرايا آهن.ايتري

ديرَ ۾ چانهه بہ آئي، اسان کي تڪڙ هئي تہ پر هجن تہ اڏامي وڃي خان محمد پنهور وٽ پهچون. چانهه پوري ٿي، اسان سائين کان رجسٽر ۽ آئين ۽ منشور جي ڪاپي ڪنئين، سڌو اچي خان محمد پنهور جي ڪواٽر تي پهتاسين. خان محمد پنهور اسان جو ڪلي دل سان آڌر ڀاءُ ڪيو. شايد خان محمد پنهور کي ڳُڙڪ پئجي وئي هئي. اسان کي اندر ويهاري، پهريون سوال ئي اهو ڪيائين تہ ڪم پورو ٿي ويو ڇا؟ اسان ها، چوندي رجسٽر ڪيس ڏنو ۽ سائين ظفر حسن جو نياپو بہ ڏنوسين. پنهور صاحب چانهه جي آڇ ڪئي. اسان انڪار ڪيو. پاڻ ٻڌايائين ظفر شاهہ جي ڳالهہ تي اسان بہ سوچيو تہ واقعي اسين عجيب ماڻهو آهيون بنيادي ڪم ڪيون ڪونہ، زور رڳو سرگرمين تي آهي. اسان جڏهن موڪلائڻ لاءِ اٿياسين تہ چيائين سائين قلندر شاهہ لڪياري بہ ترجمو ڪري پيو، شايد پورو ڪري ڇڏيو هجيس. هاڻي تہ بہ ڊار ڊار ترجما ٿيا. ٻنهي جي مدد سان نئون مسودو ٺاهي سگهجي ٿو. اسان اٿياسين، ۽ در کان جيئن ٻاهر نڪتاسين تہ اسان جي پهرئين گفتگو جو موضوع هي هو تہ خان محمد پنهور کي چئون ها تہ ٺئين مسودي ٺاهڻ کي ڇڏجي، سائين قلندر شاهہ کي بہ روڪجي ۽ اسان واري ترجمي کي ئي سچي سنڌ ۾ ٺهندڙ ڳوٺ سڌار سنگت جي آئين ۽ منشور لاءِ اسان واري ترجمي کي ئي رائج ڪري. بهرحال، ائين پڪ سان چئي سگهجي ٿو، سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت جو بنيادي ڊاڪيومينٽ کي عام ماڻهو تائين پهچائڻ ۾ ظفر حسن شاهہ جو مکيہ ڪردار آهي. هي سڀ واقعا مون ان وقت جي ڊائري کي بنياد بنائي ٻيهر مضمون جي صورت ۾ لکيا آهن.

ڊائري مان هڪ ٻيو واقعو اتاريان ٿو. هڪ ڀيري مون چيومانس تہ سائين مون مئگا سيسئي ايوارڊ ماڻيندڙن جون انعام قبول ڪرڻ وقت تقريرون سنڌي ۾ ترجمو ڪيون آهن. پر پبلشر چون ٿا تہ ڪجهہ ڏوڪڙ ڏيو تہ پوءِ ڇاپيون، تنهن تي چيائين تہ "نہ ڪڏهن بہ نہ" چوتہ پوءِ سنڌي پبلشنگ مارڪيٽ ۾ ڄمي ڪانہ سگهندي ڪيس سدائين ٻئي جي مدد جي ضرورت رهندي. نتيجي ۾ اسان جا پبلشر نہ پراڊڪشن ڏانهن توجهہ ڏئي سگهندا، نہ ئي مواد کي چڱي نموني ايڊٽ ڪندا. هونئن بہ محمد ابراهيم جويو ۽ هڪ بہ ٻين کي ڇڏي سنڌي ۾ سٺا ايڊيٽر ڪونهن. ها، سراج ميمڻ، ابراهيم جويو سان ڪلهو هڻي سگهي ٿو. باقي مرحوم فقير محمد لاشاري تہ ايڊيٽنگ تي نئين خيال کان توجهہ ڪونہ ڏنو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سندس ايڊيٽوريل جو مواد ڏاڍو برجستو

هونلو هو. مون سائين جي ڳالهہ مڃي. پوءِ اهو ڪتاب هڪ اين. جي. او: آغا خان فائونڊيشن ڪراچيءَ پاران شايع ڪيو ويو. انهيءَ ڪچهريءَ ۾ ٻڌايائين تہ پاڻ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو تہ هن هيءَ ڪم ڪيو تہ ڪتابن جي ٽيڪنيڪل صفحي تي ساڳيو مواد سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ لکرايائين تہ جيئين ڪتاب سنڌ کان ٻاهر وڃي تہ هر اهو ماڻهو ڪتاب کان واقف ٿي سگهي تہ ڪتاب جو عنوان ڇا آهي؟ مواد ڇا بابت آهي؟ ان ڪانسواءِ اهو بہ ٻڌايائين تہ هن ڪتاب جي صفحي (فوليو) تي ڪتاب جو نالو ۽ باب جو عنوان لکرايا جيڪڏهن ڪتاب ڦاٽي پوي، جلد کلي پوي تہ بہ خبر پوي تہ ڪتاب ڇا بابت هو.

مان گل محمد جوڻيجو ۽ سرتاج عباسي جمعي جي ڏينهن شام جو سائين ظفر حسن جي گهر وياسين. هڪ ڀيري اسان جي وڃڻ جو مقصد اهو ٻڌائڻ هو تہ بورڊ آف ڊائريڪٽرز ٺاهڻ جي سلسلي ۾ اسين ڪنهن سان ملي چڪا آهيون. اسان هن کي ٻڌايو تہ تنوير جوڻيجو سان مليا آهيون ۽ هن ها بہ ڪئي آهي پوءِ هن پڇيو تہ توهان گڏجاڻي ڪٿي سڏائي آهي؟ مون چيو تہ اسان جي ذهن ۾ بہ گهر آهن. هڪ توهان جو ٻيو تنوير جوڻيجو جو. جنهن تي هن چيو تہ تنوير جي گهر جي چونڊ ڪيو. هن وڌيڪ وضاحت ڪئي تہ هو گڏجاڻي پنهنجي گهر ۾ ڪرائڻ کان ڇو ڪيٻائي ٿو. ان حوالي سان هن هيٺيان بہ واقعا ٻڌايا.

ڪجهہ سال اڳ مسٽر مدد علي سنڌي هڪ رسالو ڪيڻ پئي چاهيو ۽ ان سلسلي ۾ منهنجي گهر تي گڏجاڻي رکي وئي. مسٽر مدد علي سنڌي انهيءَ جي پوئواري فون تي ڪندو رهيو ۽ اها سڄي ڪار گذاري وري سرڪار جو جاسوس ڪاتو رڪارڊ ڪندو رهيو. هنن هر شرڪت ڪندڙ کان پڇا پئي ڪئي تہ گڏجاڻي ڪهڙي سلسلي ۾ آهي ۽ آخر ۾ مونکان بہ اچي پڇيائون ۽ تصديق ڪيائون. هن هڪ ٻيو واقعو راشد ميمڻ جي حوالي سان هن ريت ٻڌايو. بہ سال اڳ مون وٽ رات جو سوا نائين وڳي راشد ميمڻ آيو ۽ چيائين تہ منهنجي گهر ڪجهہ جيئي سنڌ جا دوست ويٺا آهن. توهان سان ملڻ ٿا چاهين. مان ويس ۽ 2nd Top ليڊرن سان مليس. هڪ چانهہ جي ڪوپ پيئڻ جيتري دير تائين ويٺو رهيس پوءِ گهر واپس آيس. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڊاڪٽر رفيعہ جو مڙس مسٽر شيخ مليو ۽ چيائين تہ منهنجي فوجي دوستن مونکي ٻڌايو آهي تہ مسٽر ظفر حسن جيئي سنڌ جي اڳواڻن سان گڏجاڻيون ٿو ڪري.

پوءِ ظفر حسن چيو تہ هيءُ سرڪاري گهر آهي ۽ مونکي هڪ خاص مقصد لاءِ الاٽ ڪيو ويو آهي. تنهنڪري ان ۾ مان ٻيون سرگرميون ڪيئن ٿو ڪري سگهان. هن وڌيڪ وضاحت ڪندي چيو تہ توهان پلي غير رسمي طريقي سان اچو، ويهو ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڪريو. باقي رسمي ۽ باضابطہ طريقي سان اهو ڏکيو عمل آهي. هن اهو بہ ٻڌايو تہ باقي هونئين جيڪڏهن ڊاڪٽر قادر مگسي، مسٽر پليجو يا آريسر بہ آيا تہ کين عزت ڏبي، ويهاربو، چانهہ پاڻي پيياربو ۽ ڪچهري بہ ڪبي. باقي رسمي طريقي سان اصولي طور هن سرڪاري گهر ۾ مان ڪابہ گڏجاڻي نٿو ڪري سگهان. هن اهو بہ چيو تہ منهنجو پنهنجو گهر سوسائٽي ۾ ٺهي پيو. مهيني ٻن کان پوءِ اسين اتي رسمي گڏجاڻيون ڪريٰ سگهنداسين. مون ذاتي طور تي ظفر حسن جي اصول پسندي ۽ صاف گوئي پسند آئي. منهنجي پراڻين ڊائرين ۾ بہ ظفر حسن سيد سان ڪيل ڪچهرين جون ڪيتريون ئي داخلائون آهن. مون هتي رڳو ٽن ڪچهرين جو ذڪر ڪيو آهي. هاڻي آءُ قلم کي روڪيان ٿو، ڇوتہ جي سڀ ڊائري جون داخلائون هتي اتاريندس هي مضمون گهٽو ڊگهو ٿي پوندو. ان ڪري مضمون کي فل اسٽاپ ڏيان ٿو.

ان ڏينهن روزينہ ۽ آءُ مهراڻ هوٽل ڪراچي ۾ رهيل هجون تہ فون جي گهنٽي وڳي. هوٽل جي آپريٽر فون ملائڻ کان اڳ ۾ ڳالهايو، ۽ اردو ۾ چيائين توهان جي حيدرآباد کان ڪال آئي آهي، ملايان؟ مون ها ڪئي، فون تي رفيق منگي جو ڏک ڀريو آواز ٻُڌم، هو ٻڌائي رهيو هيو تہ سائين ظفر حسن جي وفات جو ٻڌائي رهيو هو. روزينہ منهنجي چهري جي تاثر کي ڏسي سمجهي وئي تہ ڪا اڻ وڻندڙ ۽ ڏک جي خبر آهي. مون کيس سائين جي وفات بابت ٻڌايو، اسان ٻئي ڪيتري دير سائين جون ڳالهيون ڪندا رهياسين. هو سائين بابت ڳالهائيندي رهي. آءُ ٻڌندو رهيس. هن وٽ ڳالهيون گهڻيون هيون، ڇوتہ هوءَ سائين جي شاگردياڻي هئي. اسان کي سائين بابت ڳالهائيندي صبح ٿي ويو. اسان تڏي تي ويهتاسين، ويٺلن سان ڏک ونڊياسين. تڏي تي بزرگن کا وڌيڪ نوجوان هئا.

آءُ ائين چوندس تہ مون ۾ ڪي چڱا گڻ آهن تہ انهن جي آبياري ۾ سائين ظفر حسن جو مکيہ حصو آهي.

********

## رفيق منگي

# سائين ظفر حسن- هڪ گھڻ رخو شخص

اها 7- مارچ 1998ع جي شام هئي، ظفر جوڻيجو ۽ مان سائين ظفر حسن سان سندس ياءُ جي عبدالله ٽائون، قاسم آباد واري گھر، سائين سان ملڻ ويا هئاسين: دنيا جهان جون ڳالهيون، ادب، سياست، سنڌي سماج جا رويا، چا ڪرڻ گھرجي وغيره. تمام جاندار ڪچهري ٿي. سائين ظفر حسن مانيءَ لاءِ چيو ۽ اسان به ها ڪئي. ماني کائڻ مهل سائين ظفر حسن چيو اڄ بلڪل دل خوش ٿي. جڏهن به دل خوش ٿيندي آهي ته مان چانور گھڻا کائيندو آهيان. اڄ بلڪل مزو اچي ويو.

سائين کان موڪلائي گھر اچي وياسين. صبح ٿيو ته هڪ دوست فون ڪئي، خبر اٿئي. "مون چيو ڇاجي؟" سائين ظفر حسن وفات ڪري ويو. بلڪل خاموشي ونئي وئي. رات واريون ڳالهيون ياد اچي ويون.

سائين ظفر حسن سان اٽڪل ٽيرنهن چوڏهن سالن جو واسطو هو. انهيءَ واسطي ۾ هر قسم جا موضوع زيرِ بحث هوندا هئا. سائين ظفر حسن جي سنڌي سماج تي گھري نظر هوندي هئي، پاڻ پوليٽيڪل جاگرافيءَ جو استاد هو. گھٽيون ڳالهيون پريڪٽيڪل ڪندو هو. اها لڳ ڀڳ 1988ع واري زماني جي ڳالهه آهي ته مان اڃان يونيورسٽيءَ ۾ داخل نه ٿيو هوس پر سائين سان ڪچهريون سندس گھر تي ۽ جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ ٿينديون رهنديون هيون. سائين ان دور ۾ به جيڪي به مشهور انگريزي، اردو ۽ سنڌي اخبارون هونديون هيون، اهي جاگرافيءَ ڊپارٽمينٽ ۾ گھرائي مختلف موضوعن تي ڪٽنگ ڪرائي فائيل ٺهرائيندو هو. مثال: سياست، پارٽين جا بيان، ماحوليات، رانديون، ليکڪن جا پروفائيل، سنڌ بابت مختلف ماڻهن ۽ پارٽين جي ليڊرن جا موقف وغيره.

اها فائلنگ نه سنڌ يونيورسٽي جي سينٽرل لائبريري ۾ ٿيندي هئي، نه وري سنڌ الاجيءَ ۾ ٿيندي هئي. پر هڪ معتبر ماڻهوءَ جي نظر مان نڪتل خبر جي نوعيت ۽ خبر بابت ڄاڻ هڪ ڄاڻو ماڻهو ئي ڪري سگھي پيو.

جاگرافي ڊپارٽمينٽ جو هڪ ملازم انهن خبرن کي مختلف ڪيٽيگرين ۾ ورهائي پيسٽ ڪري فائيل ٺاهيندو هو. جيڪو هڪ مستقل مزاج وارو ڪم هوندو هو. سائين ظفر حسن جيستائين جاگرافيءَ ۾ رهيو، اهو ڪم جاري رکندو آيو . اهي فائيل مٽن نہ پر ٽنن جي حساب سان موجود هوندا هئا.

ان سان گڏ هر موضوع تي انگريزي اخبار ڊان ۾ خط پڻ مستقل طور لکندو هو. جيڪي رڳو خط نہ پر سنڌ بابت هڪ تمام مضبوط ۽ سمجهداري وارو موقف هوندا هئا. اهي خط پڻ هڪ تمام قيمتي خزانو آهن. خبر نہ آهي تہ اُهي هاڻي ڪٿي آهن. سنڌس دوستن ۽ خاندان وارن اگر انهن خطن کي ڇپرائڻ جو ڪو پلان نہ ٺاهيو تہ اهو سڄو خزانو ضايع ٿي ويندو.

سائين ظفر حسن هڪ تمام سٺو پبلشر پڻ هيو. طارق اشرف سان گڏجي سهڻي رسالو ۽ ”پرفيڪٽ پرنٽرس“ (جيڪا صدر ۾ اڄوڪي انرجي سينٽر جي پٺيان هئي) لڳائي هئي، جنهن ۾ هن پنهنجو تمام پرائيم لوڪيشن صدر وارو گهر کپائي پرفيڪٽ پرنٽرس لڳائي هئي. گهڻيون ڳالهيون ان بابت بہ ٻڌائيندو هو ۽ چوندو هو تہ ”اِهو منهنجي زندگيءَ جو وڏو پڇتاءُ رهيو آهي تہ گهر کپائي بي گهر ٿي ويس ۽ سڄا پيسا پڻ ٻڏي ويا ۽ وڏو نقصان پهتو.“ سائين ڪجهہ رسالن جي پبليڪيشن پنهنجي مختلف دوستن سان گڏجي ڪڍيون، مثال طور: ”آرسي“، ”ڌرتي“، ”سماجي سائنسون“، ۽ آخر ۾ ”عام جائزو“ جيڪو حسينہ سيد پبليڪيشن (سنڌس والده جي نالي سان منسوب) مختلف خبرن، مضمونن، فلمن ۽ ٻين موضوعن تي مشتمل هو. اهو اسان گڏجي ڪڍيو هو. انهيءَ مئگزين جي خاص ڳالهہ اها هئي تہ ڪارٽون، آرٽيڪل ۽ خبرون سڀ دنيا جي مختلف اخبارن، مئگزينن ۽ رسالن مان ڪنيل هئا. جيڪي عالمي معيارن تي مبني هئا. انهيءَ کي شايع ڪرائڻ لاءِ علي نواز گهانگهري تمام گهڻي مدد ڪئي هئي. مون ۽ علي نواز گهانگهرو اِهو ڪراچيءَ جي ڪنهن پريس مان ڇپرايو هو، جنهن ۾ هڪ معمولي غلطي نڪري پئي. پريس جو نالو نہ هجڻ ڪري سائين رسالي رکي ڇڏيو. پوءِ اهو طئي ٿيو تہ انهيءَ جو ٺپو ٺهرائي هلايون ٿا ۽ پوءِ ”القادر پريس ڪراچيءَ مان ڇپيو“ جو ٺپو لڳرائي جاري ڪيو ويو. سائين تمام گهڻو پرفيڪشنسٽ (Perfectionist) هئڻ ڪري، اِهي اڪثر نقصان ڪائيندو رهيو آهي.

سائين ظفر تمام سنو سياسي سمجهہ رکڻ وارو انسان پڻ هو. شهيدن جا ڏينهن اکثر ياد هوندا هئس. مون کي ياد آهي ٿوڙهي ڦاٽک جي شهيدن جي قبرن تي هر سال پابنديءَ سان ويندو هو ۽ بلڪہ اڳ پروگرام ٺاهي دوستن سان گڏ قبرن تي ويندو هيو. مان پڻ ڪيترائي ڀيرا سائين سان گڏ ڄامشوري ۾ دفن ٿيل شهيدن جي مزارن تي دعا لاءِ ويندو هوس. هڙتال جو سڏ جيڪو بہ ڏيندو هو ۽ هڙتال سنڌ بابت هوندي هئي تہ انهيءَ جي حمايت ڪندو هو. مون کي ياد آهي تہ جنهن ڏينهن ڪا پارٽي يا گروپ ڦيٿا روڪ هڙتال جو سڏ ڏيندو هو. سائين سڀ ڪم معطل ڪري پنهنجي گاڏي گئريج مان ٺي نہ ڪڍندو هو. چاڪاڻ تہ هو نہ صرف انهيءَ جي حمايت ڪندو هو پر انهيءَ عمل ڪرڻ لاءِ پڻ پابند هو.

هڪ ڀيري ڪنهن پارٽيءَ ڦيٿا روڪ هڙتال جو سڏ ڏنو. سائين جي ڌيءُ بيمار ٿي پئي ۽ دوائن جي سخت ضرورت پئجي وئي. وڏو پريشان ٿيو ۽ چوڻ لڳو جيڪڏهن گاڏي ڪيان ٿو تہ ڦيٿا روڪ جي ڀڃڪڙي ڪندڙن ۾ شامل ٿيندس. وڏي پريشاني ۾ هو، پر چاڪاڻ تہ انساني زندگيءَ جو مسئلو هو ۽ ايمرجنسي هئي، ان ڪري پاڻ رودبن تان گذرندو ننڍين ۽ ڪچن رستن تان ٿيندو ايل. ايم. سيءَ مان دوائون وٺي آيو. انهيءَ لاءِ هو ڪيترا دفعا پشيمان هو تہ جيڪر ائين نہ ڪيان تہ سنو ٿئي ها. اِها سچي ماڻهوءَ جي سچائي ئي ٻڌائي ٿي.

سائين ظفر حسن کي گوريلا جنگ بابت تمام گهڻي سمجهہ پڻ هئي. دنيا جي گوريلا جنگ بابت ڪيترائي ڪتاب موجود هئس. ڇي گويرا بابت سڀ ڪتاب، ۽ هو چي منهہ جي ڊائري هن جو پسند جو ڪتاب هو ۽ اڪثر ائين چوندو هو تہ سنڌ ۾ هن جيترا گوريلا جنگ بابت ڪتاب ڪنهن ورلي پڙهيا هوندا يا اهڙن ڪتابن جي ڪليڪشن ڪنهن وٽ ورلي هوندي. ان وقت، هن .پنهنجي دوستن سان ملي گهانا جي ڊاڪٽر نڪروما جو ڪتاب ”گوريلا جنگ“ ترجمو ڪرايو هو، جيڪو ان دور ۾ ڇپيو پڻ هو.

سائين ظفر حسن جون اٽڪل 32،33 ڊائريون آهن جيڪي ڍاڪن کان لکندو رهيو، انهن ڊائرين ۾ سڄي تاريخ آهي .تاريخي واقعا ،سياسي ڌرين جا بيان ۽ انهن تي تبصرا، ڪتابن تي تبصرا، اخبارن جي خبرن تي تبصرا، پنهنجي مختلف واقعن تي احساس ۽ گهڻو ڪجهہ انهن ڊائرين ۾ آهي. اسان دوستن ملي ڪري هڪ ڊائري

ڇپائي پر وڏيڪ انهيءَ کي اڳتي وڌائي ڪونہ سگھياسين. سندس فيمليءَ انهيءَ جي اشاعت لاءِ پيسا پڻ ڏنا هئا ۽ اهو طئہ ٿيو هو تہ باقي حصا انهيءَ جي آمدني ڪانپوءِ ڇپايا ويندا. پر پوءِ اسان جي ڪوتاهيءَ جي سبب اهي ڇپجي نہ سگھيون، جنهن جو هر وقت ارمان رهندو آهي. سائين ظفر ڊائري لکڻ جي عادت يا فن انگريزن کان سکيو .

سائين چوندو هو تہ انگريز وڏا آرگنائزر آهن، هر ڪم وڏي رٿابنديءَ سان ڪندا آهن انهن ۾ ڊائري لکڻ بہ وڏو هڪ فن آهي. ڪنهن ليکڪ جو مثال ڏيندو هو تہ هو ننڍي لاءِ کان ڊائري لکندو هو ۽ جڏهن کان ڊائري لکڻ شروع ڪيائين ان ڏينهن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن بہ نہ گسايائين. اها وڏي ڪمٽمينٽ آهي، جيڪا انگريزن ۾ تمام گھٽي آهي. اسان سنڌين کي بہ ڊائري پابنديءَ سان لکڻ گھرجي، جنهن جي شروعات هن پاڻ کان ڪئي ۽ تقريبن 30 سالن تائين ڊائري لکندو رهيو. هو انهي کان متاثر ٿي اسان پڻ ڊائريون لکڻ شروع ڪيون جيڪا ڪافي عرصي تائين پابندي ءَ سان لکندا رهياسين. سائين ظفر حسن جي بقول تہ ڊائري لکندا رهندا تہ اها تاريخ جو حصو بڻجي ويندي، ۽ انهي تي ٿورڙي محنت ڪري سوانح حيات،تاريخ بابت، ادب ۽ ٻين شعبن تي ڪتاب بہ لکي سگھو ٿا.

سائين سنڌ سان محبت ڪندو هو ۽ بلڪہ سنڌ کي نہ صرف لفظي طور تي ماءُ تسليم ڪندو هو، پر عمل جي پابندي سان ڪندو هو. 80 واري ڏهاڪي ۾ جنرل ضياء اهل قلم ڪانفرنس ڪوٺائڻ شروع ڪئي جنهن ۾ ملڪي سطح تي اديبن، شاعرن کي هر سال گھرايو ويندو هو .

پٺي کي ڦاهي اچي چڪي هئي ۽ ايم آر ڊي تحريڪ، عورتن تي پابندي، نذير عباسيءَ جو قتل ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا واقعا ٿي چڪا هئا جو ملڪ کان پري رهيو هو. خود مارشل لاءِ هڪ جمهوريت تي وار هيو ۽ ماڻهن جي شخصي آزاديءَ تي پابندي مڙهيل هئي. انهي دور ۾ ڪي اديب ۽ شاعر وڃي اهل قلم ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا. ظفر حسن مطابق اها هڪ ويساه گھاتي مثل هئي. اديبن ۽ شاعرن کي انهيءَ خلاف اٿي بيهڻ گھرجي ها، نہ ڪي جنرل ضيا سان فوٽو ڪيرائڻ گھرجن ها. هن اديبن شاعرن سان بائيڪاٽ جو رواج وڌو. جن اديبن ۽ شاعرن هن "اهل قلم ڪانفرنس" ۾ شرڪت ڪئي، انهن سان

بائيڪاٽ ڪيو، پنهنجيون دوستيون ختم ڪيون. سائين هر پروگرام ۾ ذاتي ملاقاتن ۾ بائيڪاٽ جو رواج وڌو، انهي تي حليم بروهي ظفر حسن تي "مسٽر بائيڪاٽي" جي نالي هڪ آرٽيڪل پڻ لکيو هو. اسان جڏهن ڊائري ڇپائي ته ان ۾ هن جي هڪ عزيز لاءِ هڪ ڳالهه لکيل هئي، جيڪو وڏو فيملي مسئلو بڻجي وئي. ٽائيم جي پابندي پڻ سائين جي تمام وڏي خوبي هوندي هئي .ڪڏهن ڪڏهن ته پنج ڏهه منٽ اڳ وڃي پروگرامن يا سيمينارن ۾ ملاقات لاءِ ويهندو هو. ٻاهر پنج ڏهه منٽ انتظار ڪري پوءِ وڃي ان گڏجاڻي ۾ شامل ٿيندو هو. مونکي ياد آهي ته ڪيترا ئي ڀيرا پروگرام ۾ وياسين، جيڪڏهن ڪير به پروگرام ۾ موجود نه هوندو هو ته پنج ڏهه منٽ پروگرام ۾ ويهي، اسين واپس ايندا هئاسين اهو پڻ هڪ احتجاج هوندو هو .

سائين ظفر حسن پي. ٽي. وي تي وينجهار پروگرام ڪندو هيو جيڪو سالن تائين هليو ڪجهه عرصي کان پوءِ سائين کي انهيءَ پروگرام تان هٽائي اسلم آزاد کي ذميواري ڏني وئي. اسلم آزاد پڻ وڏي ماڻهپي واري ۽ اخلاقي قدرن وري ڳالهه ڪئي. اسلم آزاد سائين ظفر حسن وٽ آيو ۽ چيائين ان پروگرام جي مونکي آفر ملي آهي، جيئن ته توهان اهو پروگرام ڪندا هئا. مان توهان کان اجازت وٺڻ آيو آهيان.سائين ظفرحسن، انهيءَ لاءِ سدائين اسلم آزاد جو ٿورائتو رهندو هو، ۽ چوندو هو ته هو وڃي اگر پروگرام ڪري ها ته مان ڪيس ڇا ڪري سگهان ها؟ اهو پي ٽي وي وارن جو مسئلو هو، پر هن وڏي ماڻهوءَ وارو رويو اختيار ڪيو. اسان جي پنهنجن ساٿين ۽ ماڻهن سان اهڙا رکڻ گهرجن جيئن ماڻهن جا بنيادي اصول قائم رهن.

سائين ظفرحسن فلمون ڏسڻ جو وڏو شوقين هوندو هيو. انهيءَ دور ۾ جاري ٿيندڙ مشهور ۽ ڪلاسيڪل فلمون ڏسندو هو. مون کي ياد آهي ته سائين صدر واري "راڄو وڊيو" واري جو ميمبر هوندو هيو. راڄو اعليٰ قسم جون فلمون رکندو هو جيڪي ميمبرن کي ڏيکاريندو هو. سندس اها ڳالهه مقرر هوندي هئي ته اڪثر جمعي شام جو پنهنجي اڇي رنگ جي ٽويوٽا ڪار جنهن جو نمبر ياد پويم ٿو شايد 2727 هيو،( جنهن کي پوءِ نيرو رنگ ڏياريو هئائين) تي ڄامشوري مان نڪري پٺائي نگر مان مون کي کڻندو هو، پوءِ اسان راڄو وڊيو واري وٽ ايندا هئاسين. اتان فلمون کڻي ڪڏهن حليم بروهي ۽ ڪڏهن سائين ولي رام ولڀ ته ڪڏهن سائين جي ياءَ جي گهر ڳالهه ٻولهه ڪندا

هئاسين.سائين اڪثر ڪري هاليءَ ووڊ جون فلمون شوق سان ڏسندو هو ان جا وڏا اداڪار "گريگري پيڪ"، "انٿوني ڪوئين" ڪيس بيحد پسند هوندا هئا.

مان جڏهن شاگرديءَ جي زماني ۾ سائين وٽ جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ ويندو هوس ته ڪجھه ڳالهين جو تمام گهڻو خيال رکڻو پوندو هو. جنهن ۾ صفائي سٿرائي جو خاص خيال رکڻو پوندو هو. چاڪاڻ ته پاڻ هڪ صاف شفاف توڙي خوش پوش شخص هوندو هيو. هو هرقسم جا مهانگا توڙي سادا ڪپڙا پر هميشه صاف سٿرا پائي نڪرندو هو. ڏاڙهي لاٿل، بوٽ چمڪيل هوندو هوس. سائين ظفرحسن اڪثر ڪري صاف رهڻ ۽ صفائي جو خيال رکڻ جون نصيحتون ڪندو هو.

مان جيستائين سنڌ يونيورسٽي جو شاگرد رهيس، تيستائين سائين سان سندس ڊپارٽمينٽ ۾ ملڻ ويندو هوس. هو ڊپارٽمينٽ ۾ ڪنهن به آيل مهمان کي چانهه نه پيئاريندو هو. ان لاءِ ڪير به سندس ويجھو هجي، فري هجي، پراڻو واقف هجي ان جي بدران ڊپارٽمينٽ جي پروٽوڪول جو خيال رکندو هو. هن جو چوڻ هوندو هو ته "جيئن ته تون شاگرد آهين، ان ڪري جيڪڏهن مان توکي چانهه پيئاريندس ته پوءِ سمورن شاگردن کي چانهه پيئارڻي پوندي، جيڪو ڪم مان نه ٿو ڪري سگهان." پر سندس گهر ۾ هن جي آدرياءَ جا سمورا سانگ بدليل هوندا هئا. تمام گهڻو خيال ڪندڙ ميزبان هيو. مان اڪثر ڪري فون ڪري پوءِ سندس گهر ويندو هوس پر ڪڏهن ڪڏهن بنا فون جي پڻ وڃي نڪرندو هوس، جنهن تي پاڻ تمام گهڻو خوش ٿي چوندا هئا ته "مهمان ان کي ئي چئبو آهي جيڪو بنا ٻڌائڻ جي اچي پهچي."

سندس اصول تمام پختا ۽ پڪا هوندا هئا. مون کي ياد آهي ته 1993ع واري پ پ حڪومت ۾ سندس ويجها مائٽ ڪيترين ئي منسٽرين تي نافذ هئا ۽ سنڌي ادبي بورڊ سان سائين جي تمام گهڻي محبت هئي. سندس ادبي بورڊ واري سيڪريٽري شپ وارو دور هڪ تمام اهم دور ڪوٺيو ويندو آهي، پر مجال آهي جو ڪنهن کي سفارش ڪري وري سيڪريٽري شپ جي مقرري لاءِ چيو هجائون. اهي سڀ ڳالهيون نه صرف اديب، دانشور پر هڪ سمجهدار ماڻهو واريون آهين.

اسين دوست مختيار ملاح جي هن ڪاوش کي تمام گهڻو ساراهيون ٿا، جنهن هن هڪ گمنام ڪردار کي پيهر منظر تي آندو آهي.

********

## حميد سبزوئي

# سائين ظفر حسن جي ڊائري جو مختصر تعارف

سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو ڪهاڻيڪار، استاد ۽ محب وطن دانشور ظفر حسن سيد جي ڊائري سنڌس وفات کان پوءِ 2003ع ۾ شايع ٿي. اهو صرف پهريون جلد آهي، جنهن ڪي 1982ع کان 1984ع تائين صرف ٽن سالن جي ڊائري ڇپجي سگهجي ٿو.

ظفر حسن سنڌ جو ساڄاهه وند اديب هو. اهو ڇوڻ ۾ وڏاءُ نـه هوندو تـه پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ وطن لاءِ سنڌس هڏ تمام گهڻن کان ڪرڪندو هو. هو سوچ، ساڄاهه جو ڪوڏيو هو ۽ پنهنجي خيالن توڙي ڪردار جي حوالي سان لکن ۾ پٽرو هوندو هو.

سنڌس ڊائري جيڪا آتم ڪٿا ۽ يادگيرين جو هڪ روپ آهي، ان ۾ هو ٻاروتڻ، ٻولي، تعليم، تربيت توڙي خانداني پس منظر ۽ روايتن بابت گهٽي قدر خاموش آهي. سنڌس ڪٿا حال ۽ مستقبل جي رٿائن ۽ ارادن جو محور آهي، جنهن ۾ ذاتي غرض کان وڌيڪ پنهنجي ٻولي، ادب، تاريخ جي ڇپائي ۽ وقار جي اڻ تڻ ، ڳڻ ڳوت پريل آهي.

هن پنهنجي ڊائريءَ جي ارپنا پنهنجي ماءُ جي نالي ڪئي آهي ۽ ان سان گڏ هڪ جملو بہ لکيو آهي "امان، جيڪي چوندس سچ چوندس." ان قسم جو اولڙو سڄي ڊائري ۾ پسي سگهجي ٿو. ڇڻ هن باشعور سنڌين جي احتساب ۽ پڇاڻي ۾ پاڻ کي توڙي ٻين کي نيزي جي اٽيءَ تي بيهاري ڇڏيو آهي. اهڙي جرئت سنڌ ۾ فقط ظفر حسن ئي ڪري سگهي ٿو، ڇاڪاڻ جو مٽي جي موڙ جهڙا ۽ اڪين جي روشني ٻٽيل اديب تہ سنڌ ۾ گهڻا ئي آهن پر ظفر حسن سيد سنڌ ۾ اڪيلو ئي هو. اچو تہ سنڌس ڊائري ۾ آتم ڪهاڻيءَ جو ڪجهہ جائزو وٺون:

"پنهنجو جنم ڏينهن يا سال جو پهريون ڏينهن ظاهر ۾ ملهائڻ لاءِ خوشيون ڪرڻ لاءِ هوندو آهي، پر حقيقت ۾ اهو حساب ڪتاب (Stocktaking) جو بہ ڏينهن هوندو آهي. ماڻهو کي پنهنجي گذريل سالن جي افعالن جو حساب ڪتاب ڪرڻ کپي تہ گذريل سال يا گذريل سالن

جو ڇيد (Assessment) ڪري اڳتي جي حياتي منظم نموني سان گذارڻ جي ڪوشش ڪري."

۽ وري پاڻ سان مخاطب ٿي لکي ٿو تہ "مون کي وقت سان پنهنجو پاڻ سان هڪ صحتمند ويڙهاند ڪرڻي آهي، جيئن آئون هڪ سلو (Balance)يعني توازن رکي سگهان."

سنڌي ٻوليءَ بابت پنهنجي ڳڻتي کي هن ريت ظاهر ڪري ٿو، "سنڌي ٻوليءَ جي موضوع کان وڌيڪ اهم ٻيو ڪو بہ موضوع ڪونهي، سنڌ جو اهو اهم ترين مسئلو سنڌي ٻوليءَ کي جائز مقام ڏيارڻ آهي."

جيئن حافظ شيرازيءَ جو شعر آهي تہ حسن رڳو وارن، ڇهري تي ترن ۾ ناهي! پر ان حسن جون سوين علامتون آهن، جيڪي اجا ظاهر ئي نہ ٿيون آهن، ائين ظفر حسن جي ڊائري ۾ سنڌ، سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي قومي اپار بابت سوين بحث آهن، جن کي ڇيڙڻ ۽ نبيرڻ شايد اسان جي موضوع جي وس ۾ نہ هجي، پر هڪ اصول تحت زندگي گهارڻ واري شخص جي حيثيت ۾ ان وٽ سڀ کان وڌيڪ اهميت منزل جي نہ پر انهن اصولن جي آهي، جيڪي طئي ڪجن ۽ انهن تحت حياتيءَ جا ڏينهڙا گهارجن. توهان پاڻ ئي ڏسو: "حياتيءَ جا واضح اصول بہ هجڻ ڪپن. هتي آئون اها ڳالهہ واضح ڪري ڇڏيان تہ ماڳ تي پهچڻ لاءِ اصولن تي پابند رهي ڪوشش ڪبي رهجي پلي دير لڳي، نيٺ تہ ماڳ تي ماڻهو پهچي ويندو پر جي ماڳ ماڻهو نہ بہ پهچي تہ بہ اصولن تي پابند رهڻ بہ حياتيءَ جي حاصلات سمجهجي."

مٿئين اصول تحت حياتي گهاريندڙ ظفر حسن سچ تہ هن ڊائري ۾ لکيل پنهنجي هر هڪ لفظ سان سچو ۽ ڪردار جو پختو انسان هو ۽ شايد سنڌ جي انهن ٿورن انسانن مان هو، جيڪي روزانو پنهنجي ڪيل ڪمن جو جائزو وٺندا هئا يا روز نامچي ۾ درج ڪندا هئا.

هن جي يادگيرين واري ڊائريءَ جي پڇاڙيءَ وارا لفظ بيحد ڪارائتا ۽ دل جي ڦرهيءَ تي لکڻ جهڙا آهن. هو لکي ٿو تہ "ڪنهن بہ قوم جو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ پهريون شرط آهي منظم حياتي گذارڻ."

********

طارق قريشي

## سيد ظفر حسن جو سنڌي ڪهاڻيءَ تي رهيل قرض

سنڌي ڪهاڻيءَ جي ڪهڪشان جي هڪ جرڪندڙ ستاري سيد ظفر حسن ڪي ان لاءِ به نه ته وساري سگهجي ته سنڌ سان بي انتها پيار ڪندڙ ٽورڙن ليکڪن ۾ هو منفرد گفتار ۽ يگاني ڪردار جو مالڪ هئو. سندس ڪهاڻين جو اپياس ڪرڻ کان اڳ، سندس بلند ڪردار ۽ با وقار شخصيت بابت ڪجهه سٽون شامل ڪجن.

سيد ظفر حسن جو ذڪر ٿيندو ته ان وقت جي اهم ليکڪن طارق اشرف، غلام نبي مغل جو به ذڪر ٿيندو جو طارق اشرف سنڌ ۾ 'سهڻي' رسالي ذريعي سياسي ۽ ادبي جاڳرتا جي تحريڪ هلائي رهيو هئو ۽ غلام نبي مغل به ساڻن پانهن ٻيلي هوندو هئو. ايئن ته فيروز ميمڻ جو ذڪر به ضروري آهي جو فيروز ميمڻ ۽ طارق اشرف گڏجي ادبي سفر ۽ اشاعت جو ڪم شروع ڪيو هئو. 'نيو فيلڊس پبليڪيشنز' فيروز ميمڻ شروع ڪئي هئي ۽ تمام گهڻا سنڌي ڪتاب ڇپرايا هئا. سيد ظفر حسن جي طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل سان دوستي هوندي هئي. شروع شروع ۾ انهن سان ڪهاڻين بابت ڪچهريون ۽ مباحثا ڪندو هو. انهن ڏينهن جو ذڪر ڪندي، ظفر حسن پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو هئو ته : "هڪ ڀيري طارق اشرف مون سان بحث ڪيو ته تون ڪهاڻين تي ايترو گوڙ ڪري ۽ ٻين ڪي رد ۽ صحيح ڪندو ٿو وتين. تون پاڻ ڇو نٿو ڪهاڻيون لکين." سيد ظفر حسن اهو چئلينج قبول ڪيو ۽ هن 'رهيل قرض' جي نالي سان 1966ع ۾ ڪهاڻي لکي جيڪا طارق اشرف جي ادارت هيٺ نڪرندڙ 'سهڻي' رسالي ۾ شايع ٿي هئي.

1966ع کان 1978ع تائين سيد ظفر حسن جيڪي ڏهه ڪهاڻيون لکيون، اهي ڪتابي صورت ۾ آڻي 'نيو فيلڊس پبليڪيشن' جي روح روان فيروز ميمڻ کي ڏنيون ۽ اهي ڪهاڻيون 1981ع ۾ سنڌي ادب جي خزاني ۾ 'رهيل قرض' جي ٽائيٽل سان شامل ٿي ويون. سيد ظفر حسن فقط هڪڙو ڪهاڻيڪار ڪونه هئو، پر هو هڪ مدبر قسم

جو ايڊيٽر ۽ پبلشر پڻ رهيو. 1970ع ڌاري حيدرآباد ۾ 'پرفيڪٽ پرنٽرس' قائم ڪيائين ۽ ڪيترائي ڪتاب ۽ ڪتابي سلسلا انڊلٺ، ڌرتي، آرسي، عالمي ادب، عام جائزو وغيره شايع ڪيائين. ان ئي پريس ۾ ٻيو ڪيترو ئي جاڳرتا ڏيندڙ ادب پڻ ڇپجندو هو.

سيد ظفر حسن کي همعصر ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار 'شدت پسند' سمجهندا هئا. ان جو سبب اهو هئو ته سيد ظفر حسن سنڌي ٻولي ۽ ادب سان بي پناهه پيار ڪندو هئو. هنن جي لکڻي هجي يا اقوال، ان ۾ اها ئي پرچار هوندي هئي ته سنڌي، پڙهو، سنڌي لکو ۽ سنڌي ڳالهايو. 1960ع جي ڏهاڪي ۾ سنڌي ٻولي بنهه نڌڻڪي ۽ ڏتڙيل هئي. اڄوڪي دور وانگر سيٽلائيٽ چينل، سوشل ميڊيا ۽ اخبارون رسالا ڪونه هئا. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ ڏسبا هئا ته اهڙي خوشي ٿيندي هئي جڻ سويڊن يا ناروي ۾ ڪو سنڌي ڳالهائڻ وارو ملي ويو هجي. سيد ظفر حسن چوندو هئو ته اسان جا پڙهندڙ جيڪڏهن ٻين ٻولين جا ڪتاب پڙهندا ته سنڌي ڪتاب ڪيئن لکبا ۽ ڇپبا، يا جيڪڏهن سنڌي ليکڪ ٻين ٻولين ۾ ٽي وي ڊراما ۽ افسانا لکندا ته پرايون ٻوليون شاهوڪار ٿينديون، پنهنجي ٻولي ته غريب جي نياڻي وانگر پيرن اگهاڙي ئي رهندي. سيد ظفر حسن ڪراچيءَ يا حيدرآباد ۾ ڪجهه خريد ڪرڻ لاءِ ڪنهن دڪاندار وٽ ويندو هئو ته سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو هئو. غير سنڌي دڪاندار هن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهه ڪان لاچاري ظاهر ڪئي ته سيد ظفر حسن ان دڪان تان سودو ئي نه وٺندو هئو ۽ چوندو هئو: منهنجي ديس ۾ رهين ٿو، منهنجي ٻولي نه ٿو ڳالهائين، آئون توکان ڇو ڪجهه خريد ڪيان؟ سيد ظفر حسن ان اصول جو اهڙو پڪو هوندو هئو جو ڪيڏو به نقصان ڪٺو پويس، پر ڪنهن به ڌارئي سان سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ٻي ٻولي ڪونه ڳالهائيندو هئو. سيد ظفر حسن چوندو هئو ته فرانس ۾ ڪنهن کي انگريزي ايندي به هوندي، تڏهن به توهان سان فرينچ ۾ ئي ڳالهائيندو. اهي سنڌي ئي آهن جو ڪٿي پنج ڇٺا هوندا ۽ ساڻن گڏ هڪڙو غير سنڌي ٻولي ڳالهائيندو ته هو پنج ڇٺا پنهنجي مادري ٻولي ڇڏي، غير سنڌيءَ سان سندس ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا. سيد ظفر حسن جي ڪهاڻين جي انفراديت ۽ صداقت کي سمجهڻ لاءِ سندن شخصيت جي پروڙ هجڻ به ضروري آهي ڇاڪاڻ ته سيد ظفر حسن انهن باعمل ليکڪن منجهان هئو، جيڪي فقط گفتار جا غازي ناهن هوندا، پر اهي ڪردار جا ڌڻي

هوندا آهن. ليکڪ قبيلي جا اهي فرد پنهنجي تحرير کي تحريک ٻڌائيندا آهن.سيد ظفر حسن بہ انهن املهہ ماڻڪ سنڌي ليکڪن منجهان هو، جن ۾ سنڌ وسنڌي آهي. هيءُ منهنجو ذاتي رايو آهي تہ جن ليکڪن کي مون اکين سان ڏٺو ۽ جن ۾ سنڌ پرستي سمايل هئي، يا جيڪي سنڌ ۾ مدغم هئا انهن ۾ طارق اشرف، ڊاڪٽر نجم عباسي، عطا محمد ڀنڀرو ۽ سيد ظفر حسن شامل هئا.

سيد ظفر حسن جي ڪهاڻين جي ڪتاب 'رهيل قرض' ۾ ڪل ڏهہ ڪهاڻيون آهن. هن ڪتاب جي پهرين (۽ ٽائيٽل) ڪهاڻي 'رهيل قرض' ۽ مجموعي جي ٽيون نمبر ڪهاڻي 'گناهہ جو ڏڪُ' ٽيونجاهہ ۽ چوونجاهہ سال اڳ لکيون ويون هيون. هي ٻئي ڪهاڻيون ڪجهہ هڪجهڙا درد رکن ٿيون. هنن ڪهاڻين ۾ موجود ڊيڪاريل اهنج، سوين سالن کان سنڌ ۾ قائم ۽ دائم زرعي سماج جو هڪڙو ننڍڙو رُخ آهن. اسان وٽ جاگيرداري اڃان بہ آهي، اسين صنعتي دور ۾ داخل ٿي ناهيون ٿيا. ڪهاڻي 'رهيل قرض' ۾ زميندار جي قرض ۾ ڦاٿل هاريءَ جي ڪهاڻي آهي، جنهن جي هڪڙي جوان نياڻي بہ آهي. مرزو نالي اهو هاري، اهڙو مقروض آهي جو هن جو قرض تڏهن لهي سگهي ٿو، جڏهن ڪو فصل ڀلو ٿئي. پر فصل ڀلو ڪڏهن ڪونہ ٿيو، جڏهن هڪ ڀيري ڀلو ٿيڻو هئو تہ مينهن وسي پيا.هاڻي مرزو هاريءَ جي مٽي تي هٿ اڃي وڃن ٿا. زميندار جون بڇڙيون نظرون، مرزو هاريءَ جي نياڻيءَ تي لڳل آهن. اتفاق سان مرزو هاريءَ جي پٽ جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو ۽ مري ويو. ان جو نالي ماتر معاوضو مليس ٿو، مرزو پهرين تہ ننهڪار ڪيو پر جڏهن ايڪسيڊنٽ ڪندڙن تمام گهڻو لاچار ڪيو، تہ سوچ ۾ ٻڏي ويو، پوءِ اوچتو هن هٿ وڌائي نوٽ ڪٽي ورتا.ڪيس پنهنجو قرض ۽ ساران ياد اچي ويا. هاڻ هو پنهنجي عزت بچائي سگهندو. گهڙيءَ کن لاءِ هو سوچ ۾ ٻڏي ويو. هو پنهنجي پٽ دينوءَ کي وساري ويٺو. ”ڇا غريب کي اوچتا پئسا ائين ئي ملندا آهن! هو جڏهن لاش کڻائي گوٺ پهتو، تہ روڄ لڳو پيو هو. قبر تيار هئي، پر هن جا ڳوڙها خشڪ ٿي ويا هئا. دينوءَ مهان قرباني ڏني هئي. شايد هن پنهنجي ڪٽنب جي عزت بچائڻ خاطر ئي جان ڏني هئي. هو ٽيجهو ڪري، راتو رات ٽپڙ ٻڌي ڳوٺ ڇڏي ويا. مرزي کي خبر هئي، تہ رئيس کي تقاوي جو تہ بهانو هو، هن جي من ۾ جيڪا هئي سا هو ضرور ڪري ها. پر جيڪڏهن بنا قرض جي ڀڄن ها، تہ وڏيرو مٿو ئي

وڃائي ڇڏي ها. جيستائين هڪ غريب هاريءَ وٽ جوان ڌيءُ آهي، تيستائين زميندار پنهنجو قرض ضرور اوڳاڙيندو. هن کي اها خبر هئي ته هاريءَ وٽ ته ڌيءَ ڄمندي رهندي اهو قدرت جو اٽل قانون آهي، پر هن ڌرتيءَ تي ڏاڍ سدائين رهندو اهو قدرت جو اٽل قانون ڪونهي، پر اهو ئي صدين کان غريب جو امير تي وري رهيل قرض آهي.

ڪهاڻي 'گناهه جو ڏڪُ' ۾ هڪ زميندار وٽ ڪولهي هاري خاندان ويٺل آهي، جن ۾ سورج نالي هاريءَ جي زال جيٺا، سهڻي ملوڪ مائي آهي، جنهن کي، زميندار، ڪمدار جي هٿان ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي ٿو. هڪ ڏينهن سورج کي جيٺا جي بي وفائيءَ جي خبر پئي ٿي، هو جيٺا کي ماري وجهي ٿو. ان کان اڳ جو سورج ڪولهي، پوليس ۾ پيش ٿئي ۽ زميندار سان زال جي لاڳاپن تان پردو کڻي، سورج کي به چپ چاپ ۾ ماري، درياهه ۾ لوڙهائي ٿو ڇڏي. هنن ٻنهي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي هارين سان ٿيندڙ عقوبتون درج ڪيون ويون آهن. حقن جي انهيءَ لتاڙ جو ۽ انهن خلاف ٿيل مزاحمت جو ذڪر ڪرڻ به ضروري آهي. سنڌ ۾ ٻن طرحن جي لڏپلاڻ ٿي آهي، هڪڙو سوڪهڙي ۽ ٻيو ٻوڏن دوران. انهن قدرتي آفتن پويان، انساني غفلت جو عمل دخل رهيو آهي. اهڙي قسم جي عارضي لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهن کي انٽرنلي ڊِس لوڪيٽڊ پيپل چيو وڃي ٿو. ڪجهه تاريخ جي جبر سبب به لڏپلاڻ ٿيندي آهي جنهن ۾ ڌرتيءَ ڌڻي، ڌرتيءَ ڌڪاڻان ٿي ويندا آهن. انهن سانحن ۽ المين ۾ پهرين آڪٽوبر 1988ع ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ٿيل دهشتگردي پلا ڪنهن کان ٿي وسري سگهي. اوچتو ئي اوچتو ئي رهزن گهرن ۾ ڪاهي آيا، جهُڳا ساڙيا ويا، مردن کي ماريو ويو، نياڻين کي بي حرمت ڪيو ويو، معصوم ٻارن کي بي رحميءَ سان گوليون هڻي ماريو ويو. هڪ پيرو چڙهه ته ارغونن، ترخانن واري ڪاهه ٿي. ڏنيل جسمن ۽ رهڙيل رُوحن سان ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ جيڪي سنڌي نڌڻڪا ٿيا، اهي وري پنهنجي انهن گهرن ۾ آباد ڪونه ٿيا جتي هو صدين کان آباد هئا. حيدرآباد ۾ جيڪي قديمي پاڙا هئا، سي سنڌين کان خالي ٿي ويا ۽ اتان بي دخل ڪيل ماڻهن منجهان ڪيترا ئي خاندان، سحرش نگر نالي هڪ وستيءَ ۾ آباد ٿيا. هڪڙي ٻي مسلسل ۽ گهٽي نظر نه ايندڙ لڏپلاڻ جيڪا 1990ع واري ڏهاڪي ۾ محسوس ڪئي وئي، اها سنڌ جي انهن زرعي غلامن جي هئي جيڪي

نسل در نسل زميندارن ۽ جاگيرون رکندڙن جي قبضي ۾ هئا. هنن کي قرضن ۾ اهڙو تہ قابو رکيو ويو هئو، جو هنن جون پيڙهين جون پيڙهيون زميندارن جي نجي جيل ۾ گذارينديون هيون. اهڙو ڪِيس، هئو تہ سڄيءَ سنڌ ۾ پر خاص طور سنڌ جي ڏاکڻين حصي وارن ضلعن ۾ تہ وڏي دبڙ دوڻئس هئي. هيومن رائيٽس جي ادارن، ترقي پسند پارٽي ۽ ڪٿي ڪٿي عدالتن طرفان اهڙن هارين کي زميندارن جي نجي جيلن مان آزاد ڪرايو ويو. اهي هاري سڄي ڪٽنب سميت قيد هوندا هئا. زميندار هنن کي قرضن ۾ جڪڙي ويٺا هئا جو هو، ان ۾ سالن کان وٺي پيڙهبا رهيا هئا. نجي جيلن مان نڪتل (آزاد ڪرايل يا فرار ٿيل) هاري خاندان اڏيرو لال، هوسڙي، ماتلي، ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد جي آسپاس ڪليل ويران علائقن ۽ ميدانن ۾ ڪيمپون هڻي رهيا. انهن ۾ سنڌ جا اصلوڪا سنڌي يعني ڪولهي ۽ ڀيل گهڻائيءَ ۾ هئا. انهن جي هڪڙي وڏي ڪئمپ قادر نگر جي نالي سان سحرش نگر جي پر پاسي ۾ لڳي هئي. ڌرتيءَ جي هنن اصلوڪن رهواسين (انڊيجينئس پيپل) جي هڪڙي هجرت تڏهن ٿي، جڏهن هو پنهنجو ملڪ ملير ڇڏي، ٻئراجي علائقن ۾ زميندارن جي ڪوٺن ۾ قابو ٿيا، ان کان وڌيڪ ٻي دربدري اها ٿي جو انهن قيدخانن مان نڪري، ڪئمپن ۾ رهيا. هارين جو خاندان سميت قيدي هجڻ، انهن جي لڏپلاڻ ۽ پوءِ رفيوجيز وانگر ڪئمپن ۾ رهڻ جو داستان ڪافي بعد ۾ ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نگار رزاق مهر پنهنجي هڪ سيرئيل 'جياپو' ۾ بہ ڏيکاريو هئو. اها سيرئيل پي ٽي وي تان 1990ع واري ڏهاڪي ۾ نشر ٿي هئي. پر ان کان بہ گهڻو اڳ يعني اڄ کان 54 ورهيہ پهرين ان ظلم کي سيد ظفر حسن پنهنجي ڪهاڻين 'رهيل قرض' ۽ گناهہ جو ڏَڪُ' ۾ آشڪار ڪري ڇڏيو هئو. چوڻ جومطلب تہ سيد ظفر حسن ئي اهو واحد ڪهاڻيڪار آهي، جنهن باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي هاري حقدار تحريڪ جي پويان موجود محرڪ فڪشن جي صورت ۾ ڏيکاريا.

سيد ظفر حسن جي ڪهاڻين جي مجموعي 'رهيل قرض' ۾ ڪهاڻين جي ترتيب جي حساب سان ٻيو نمبر ڪهاڻي آهي 'سُوڪڙي' ۽ پنجين نمبر تي ڪهاڻي آهي، 'تکي اُسَ، ٿڌِي ڇانوَ'. هي ٻئي ڪهاڻيون شهري سماج جون اهي ڪهاڻيون آهن جن ۾ سچي ۽ بي لوث دوستيءَ کي نروار ڪيو ويو آهي. پر ٻنهي ڪهاڻين جو ٿيم الڳ الڳ آهي.

ڪهاڻي ’سُوکڙي‘ ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ ٽي دوست هئا، جن منجهان رشيد بنھ عام غريب طبقي جو، مشتاق ٿورو آسودو ۽ انور بنھ خوشحال آهي. رشيد جي شاديءَ تي ڪيس ٻنهي دوستن سوکڙيون ڏنيون هيون. انور ڪيس وڏي رقم تحفي ۾ ڏني هئي ۽ مُشتاق هڪڙو سونو هار ڏنو هئو. اهو خوبصورت هار، رشيد جي زال ڪڏهن ڪڏهن پائيندي هئي ۽ رشيد ڪي پنهنجي زال جي ڳچيءَ ۾ اهو هار وڻندو هئو. اڳتي هلي هڪ ڏينهن انور جي شاديءَ جي تاريخ ٻڌجي وئي تہ رشيد کي ڳڻتي اچي ٿي تہ هو انور کي ڪهڙي سوکڙي ڏئي، ڇاڪاڻ تہ انور هن کي تمام وڏي رقم تحفي ۾ ڏني هئي. هن جي گهر ۾ مُشتاق جو سوکڙيءَ ۾ ڏنل سونو هار اجا سُوڌو موجود هئو. وڏي ڏکيائي ۽ سان، بلڪ دل تي پٿر رکي، زال سان ڳالهھ ڪيائين. هن جي زال بہ ڪا صدوري هئي جو ان رٽ جو خود من ئي من ۾ فيصلو اڳ ۾ ئي ڪري چڪي هئي. بهرحال رشيد، مشتاق جو ڏنل هار، انور کي شاديءَ ۾ سُوکڙي طور ڏئي ٿو. ٻئي ڏينهن شاديءَ کان پوءِ انور وٽ سوکڙين جو ڍڳ لڳو پيو هو، سوکڙيون ڏسندي هن هڪ پئڪيٽ کوليو. ان مان هڪ سهڻو ڪيس نڪتو. ڪيس کوليندي ئي انور اچرج سان تڪڻ لڳو، ڪيس ۾ سونو نگن پريو هار جرڪي رهيو هو. اندر ڪارڊ تي لکيل هيو، ”رشيد ۽ زرينا وٽان پيار لاءِ.“

انور جي اچرج جو ڪارڻ اهڙي قيمتي هار جهڙي سوکڙي رشيد وٽان اچڻ نہ هو. سندس اچرج جو ڪارڻ هو تہ اهو ساڳيو هار، جيڪو هن پاڻ مشتاق کي شاديءَ ۾ ڏنو هو. هن ڪهاڻيءَ کي سيد ظفر حسن چرڪائي وجهندڙ جملن سان مڪمل ڪري ٿو:

”انور کي گمان بہ نہ هو تہ سندس ڏنل سوکڙي، هن وٽ هڪ ڏينهن واپس اچي ويندي. هونئن بہ ڪو غريب ڪا سوکڙي گهڻي دير تائين پاڻ وٽ سنڀالي رکي نہ ٿو سگهي چو تہ يا تہ اها وڪڻڻي پوندي آهي يا وري سوکڙي ڪري ٻئي هنڌ ڏيڻي پوندي آهي، مشتاق ۽ رشيد وري بہ ڀاڳوند هئا، هو سوکڙي وڪڻڻ جي لاچاريءَ کان بچي ويا.“

ڪتاب ’رهيل قرض‘ ۾ چوٿين نمبر تي ڪهاڻي ’ڀاڳ - نڀاڳ‘ آهي جيڪا اڌ صدي اڳ لکي وئي هئي. ان زماني ۾ سنڌ جي آبادي ستر لک کن هئي ۽ اهو 1970ع جو سال آهي. هيءَ ڪهاڻي هن مجموعي جي شاهڪار ڪهاڻي آهي ئي آهي پر مونو لاگ (خود ڪلاميءَ واري) انداز ۾ لکيل هيءَ ڪهاڻيءَ سنڌي شاهڪار ڪهاڻين

جو نڪُ آهي. هن ڪهاڻيءَ کي ڪهاڻي نہ پر سنڌي سماج، سنڌي ثقافت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ۽ بقا جو روڊ ميپ چئجي تہ بہ وڌاءُ نہ ٿيندو. سيد ظفر حسن انهن باشعور ۽ دانشمند ليکڪن منجهان هئو، جن کي پنهنجي ڌرتي ۽ زبان سان ايڏو لڳاءُ هئو، جو هن ڪهاڻي 'ياڳ . نياڳ' ۾ نہ رڳو سنڌ جا اهم مسئلا سامهون آندا آهن، بلڪ انهن جا حل بہ ڏنا اٿائين. هيءَ ڪهاڻي ٻڌائي ٿي تہ:

هڪڙو وڏو پوتار آهي، جيڪو هميشہ حڪومتي ڌُر سان رهيو آهي، اهم مراعتون ۽ عهدا ماڻيندو رهي ٿو، پر هن جي ضمير کي ڪڏهن ڪا جاڳ ٿئي ٿي، ان ڪيفيت ۾ هو ڇا ڇا ٿو ڪ ي، ڇا ڇا ٿو سوچي، پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟ پر پيرائتي ڳالهہ ٿا ڪيون ۽ ڪهاڻيءَ کي منڍ کان ڪٿون ٿا. مونو لاڳ ڪندڙ ڪردار پنهنجو تعارف ڪرائي ٿو جيڪو هن ريت آهي:

"آئون هڪ امير ماڻهو آهيان. زميندار بہ آهيان تہ وڏيرو پڻ. اسيمبليءَ جو ميمبر بہ چونڊبو آهيان. شوقين بہ آهيان تہ عياش بہ. "ٽنهي" قسمن جو شڪاري آهيان. جانورن جو، ماڻهن جو ۽ زائفائن جو. لکن جا قرض اٿم تہ ڪارخاني جا "ليسن" بہ اٿم، جي هر منڊ ۾ وڪڻيو لک ڪمايو وٺان. مطلب تہ مون ۾ ڪا اهڙي عادت ڪانهي، جا هڪ سنڌي زميندار ۾ نہ هجي. پر تڏهن بہ مان هڪ عام زميندار وانگر نہ آهيان. مون ۾ ۽ هنن ۾ رڳو هڪڙو فرق آهي. مون کي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مسئلن جي ٿوري گهڻي پروڙ آهي ۽ دل ۾ احساس بہ اٿم تہ سنڌ تي ڏکئي ۾ ڏکي مهل آهي، جي اسان هاڻي اکيون نہ پٽيون ۽ ڪجهہ بہ نہ ڪيو سين تہ اسين فنا ٿي ويندا سون. اسان جي ٻولي ۽ ثقافت کي ڌاري ٻولي ۽ ثقافت جي وڏي مڇي ننڍيءَ مڇي وانگر ڳڙڪائي ويندي. اڄ هڪڙي رسالي جي ايڊيٽر کي گهرايو اٿم. هي ايڊيٽر هڪ پڙهيل ڳڙهيل نوجوان آهي. منجهس نہ رڳو جوش ۽ جذبو آهي، پر ڪم ڪرڻ جي لگن بہ اٿس. سنڌي ٻوليءَ جي چاڪري سندس حياتيءَ جو مقصد آهي. جڏهن پهريون ڀيرو مون سان مليو هو تہ ڏاڍي عجيب ڳالهہ ڪئي هئائين. چيو هئائين: "سنڌي ٻولي جي چاڪري ۾ بہ منهنجي خود غرضي لڪل آهي. اڄڪلهہ جي سنڌي ٻولي غريب آهي تہ آئون بہ غريب آهيان، پر جڏهن سنڌي ٻولي شاهوڪار ٿيندي، ان ۾ هر موضوع تي هزارين ڪتاب نڪرندا ۽ سنڌ جي اسي لک ماڻهن ۾ ڪنهن ڪتاب جون هزار ڪاپيون نہ پر لک ڪاپين جو وڪرو

ٿيندو، تہ پوءِ آئون بہ امير ٿي ويندس. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ائين ٿيڻ کان پهرين آئون بکون ڪٽي مري وڃان.“ سچ تہ هو بکون ڪاٽي پنهنجي ٻارن ٻچن کي تڪليف ۾ وجهي رسالو ڪڍي ٿو، ڇاڪاڻ جو ڪنهن سنڌي ادبي رسالي مان ڪمائڻ تہ نهيو، پر مور پئسا ڪڍڻ بہ وڏي ڳالهہ آهي پر تڏهن بہ هن کي سٺي مهل جو اوسيئڙو آهي. هو اچي ٿو ۽ آئون اٿي سندس آڌرڀاءُ ڪريان ٿو. هاڻي ڏسجي تہ اڌ صدي اڳ جڏهن سنڌي ماڻهو تعداد ۾ ستر لک هئا تہ بہ اسان جا ڪتاب هڪ هزار ڪاپيون ڇپجندا هئا، اڄ جڏهن سنڌ جي آبادي ستر ملين (ست ڪروڙ) کي پهتي آهي تہ بہ سنڌي ڪتاب هڪ هزار ڪاپين کان وڌيڪ ڪونہ ٿا ڇپجن. اڄ بہ اسان جي رسالي جو ايڊيٽر وسيلن جي اڻ هوند جو شڪار آهي، اڄ بہ اسان جي ٻولي هن ملڪ جي قومي ٻولين ۾ شامل ناهي. سيد ظفر حسن جي انهيءَ ڪهاڻيءَ کي اڳتي پڙهون ٿا جنهن ۾ سنڌي ليکڪن جي اڻ موٽ ۽ فدائي ڪردار بابت ٻڌائي ٿو:

”ڪو وقت هوندو هو تہ آئون انهن ساهتيڪارن ۽ شاعرن کي بيڪار نہ پر واهيات سمجهندو هوس. ۽ هنن سان ڳالهائڻ بہ شان کان گهٽ سمجهندو هوس ۽ سچ تہ اهو آهي تہ مون لاءِ تپيدار ۽ صوبيدار ئي سڀ ڪجهہ هئا، پر هاڻي اکيون کليون اٿم ۽ احساس ٿيو اٿم تہ اسان جي ٻوليءَ ۽ ثقافت جا رکوالا اهي لکاري ۽ فنڪار ئي آهن. اسان تہ ميمبري ۽ ليسنن تي سنڌ جا سودا ڪيو وجهون، پر هي مڙس ڦاهيءَ جي تختي تي پهچي بہ پنهنجي ڳالهہ تان نہ ٿا لهن. انهن جي ئي لکٽي آهي جن ملڪ ۾ سجاڳي آندي آهي. اهائي ڳالهہ آهي جو آئون هاڻي انهن جي ايتري عزت ڪريان ٿو ۽ ڪين اٿي بيهي ملان ٿو.“

هتي اهو ڏيان ڏيارڻ ٿو گهران تہ سيد ظفر حسن جي ٻوليءَ ۾ نج پڻو اوهان کي ضرور محسوس ٿيندو. سيد ظفر حسن انهن سچن قلمڪارن مان هئو، جيڪي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪاڻ ۽ بگاڙ سهي ڪونہ سگهندا آهن. سيد ظفر حسن چوندو هئو تہ ٻين ٻولين جا ڌاريا لفظ تڏهن ڪتب آڻجن، جڏهن پنهنجي ٻوليءَ منجهان لفظ ڪٽي وڃن. اڄ ڪلهہ اخبارن ۾ ۽ ٽي وي ۽ ايف. ايم ريڊيو چينلز تي ٻوليءَ جي جيڪا حالت ڪئي وئي آهي، ان کي ڏسي سيد ظفر حسن جهڙن ڏاهن، استادن، عالمن ۽ ڪهاڻيڪارن جي کوٽ محسوس ٿي ٿئي. ’منهنجو دل ٿو چوي‘، ’موت اچي وئي‘، ’منهنجون ڪتابون نہ ٿيون لڀن‘، ’جيلون ڀرجي ويندیون‘، ’ڇيتڙا اڏي ويا‘، ’تمام ماڻهن کي دعوت ڏجي

ٿي' وغيره انهن مثالن منجهان خبر پئي ٿي ته جمع . واحد، مذڪر . مونث جي به اسان جي ايڊيٽرن کي خبر ڪانه ٿي پئي. ٻيا به اڪيچار مثال آهن. ٻوليءَ جو نج پٽو هڪ اهم گهرج به آهي، جو نج سنڌي لفظ سهڻا ۽ ٺهڪندڙ آهن، پر انهن جي جاءِ تي ڌاريا ۽ اڻ ٺهڪندڙ لفظ، ميڊيا تي ڪتب آندا ٿا وڃن، مثال طور:

جيتوڻيڪ جي جاءِ تي حالانڪ، جيڪڏهن جي جاءِ تي بشرطيڪ، گهٽ ۾ گهٽ جي جاءِ تي ڪم از ڪم، ننڍپڻ جي جاءِ تي بچپن، مينهن جي جاءِ تي بارش، پاڙي جي جاءِ تي محلي، وڻج واپار جي جاءِ تي تجارت، اڳڀرائي جي جاءِ تي پيشقدمي، اڳڪٿي جي جاءِ تي پيش گوئي وغيره. مطلب ته سوين لفظ آهن جيڪي اسان وساري ۽ ميساري ڇڏيا آهن ۽ اهي لفظ اسان ماڻهن متروڪ (يعني ترڪ ڪيل) بڻائي ڇڏيا آهن. اچو ته وري سيد ظفر حسن جي شاهڪارڪهاڻي 'ياڳ . نياڳ' جي ڪاڪ محل جو سير ڪيون جتي، پوتار ۽ ايڊيٽر جي ملاقات جو منظر شروع ٿيو آهي:

"مان ايڊيٽر سان خير عافيت ڪريان ٿو. هو ڳالهيون ڪندي، منهنجي اڳيان اخبار کولي ٿو ۽ منهنجو ڌيان اخبار جي هڪ خبر ڏانهن ڇڪائي ٿو. اخبار ۾ انهن ڪتابن جي لسٽ ڇپي آهي، جن کي انعام ڏنا ويا آهن. انهيءَ لسٽ ۾ ڪنهن به سنڌي ڪتاب جو نالو ڪونهي. آئون ڪائنس پڇان ٿو، "ڇا سنڌيءَ ۾ ڪوبه اهڙو سٺو ڪتاب نه ڇپيو آهي جنهن تي انعام ملي سگهي!" آئون دل ئي دل ۾ سوچيان ٿو ته سنڌي لکاري ڪو سٺو ڪتاب ته لکي نه ٿا سگهن باقي هر ڪو ادب جي چاڪري ڪرڻ تي سندرو ٻڌو ويٺو آهي. ۽ شڪايتون تنهن کان سواءِ پيا ڪن."

"نه سائين، اها ڳالهه ڪانهي. پر سنڌي ڪتابن تي انعام رکيل ئي ڪونهي." هو چوي ٿو.

اهو ٻڌي مان اچرج ۾ پئجي وڃان ٿو، ۽ نه رڳو سنڌي لکارين جي باري ۾ غلط تاثر قائم ڪرڻ تي دل ئي دل ۾ ڦٽڪو ٿيان ٿو، ته سنڌي سياستدان جي حيثيت سان اها به خبر ڪانه اٿم ته سنڌي ڪتابن تي انعام ئي ڪونه ڏين.

"ائين ته نالي ماتر سرڪار لاچار ٿي انعام ڏيڻ شروع ڪيو آهي، پر ڪمال آهي ته بئنڪن ۽ ڪارخانيدارن به انعام ورهائڻ شروع ڪيا آهن. پر سنڌيءَ ٻوليءَ کي انهن به نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي." هو

وضاحت ڪندي پنهنجي ڳالهه جو سلسلو جاري رکي ٿو. ”بئنڪن ۽ ڪارخانيدارن کان سنڌي ڪتابن کي انعام ڏيارڻ ڪا ڏکي ڳالهه ڪانهي. اسان جي شاهوڪار سنڌين جا انهن بئنڪن ۾ اڪائونٽ آهن. هو بئنڪ وارن تي زور آڻي انعام ڏياري سگهن ٿا: ۽ جي بئنڪ وارا نهڪار ڪن ته مهر هلائي سنڌين جا انهن بئنڪن مان اڪائونٽ ڪيرائي ڇڏجن. پوءِ ڏسو ته ڪيئن نه ٿا بئنڪ وارا به سنڌي ڪتابن کي انعام ڏين.“

پر ڪارخانيدارن جو ڇا ٿيندو؟

”ڪارخانيدار به سڌا ٿي ويندا. هڪڙو ڪارخانيدار، جيڪو ڪتابن تي انعام ڏئي ٿو، تنهن جو ڪپڙو سنڌ ۾ به گهڻو وڪامي ٿو: سندس هڪ ويمو ڪمپني به آهي. اسين اهو ڪپڙو وٺڻ ڇڏي ڏيون ۽ ويمي ڪمپنيءَ کان ويما نه ڪرايون ته ڏسون ته ڪيئن نه پوءِ هو به سنڌي ڪتابن تي انعام ٿو ڏي.“

آئون سندس اهي ڳالهيون ٻڌي حيران ٿيان ٿو. مون کي به جوش اچي ٿو وڃي ”ڇا اسين سنڌي اهڙا ويل آهيون، جو پنهنجي ٻوليءَ کي ائين وساري ويٺا آهيون.“ آئون اهو سوچيندي ڪيس چوان ٿو.

”ٻڌو، جيسين اسين اها مهم هلايون ۽ سنڌي ڪتابن کي سندن جائز حق وٺي ڏيون، تيسين توهان منهنجي پاران انعام جو اعلان ڪري ڇڏيو. آئون فلحال پنهنجي پاران هزار به هزار هر سال هڪ بهترين سنڌي ڪتاب تي ڏيندس، توهان ڳڻتي نه ڪريو، ٻه ٽي دوست ٻيا گڏجي ويا ته انعام ڏهن هزارن تائين به ڪري ڇڏينداسون.“

هن جو منهن اهو ٻڌي ٻهڪڻ لڳي ٿو ۽ خوشي ضبط ڪندي چوڻ لڳي ٿو، ”نه سائين، پوءِ هيئن ڪريو، ٻه هزار هڪ ڪتاب تي ڏيڻ بدران، هڪ هزار بهترين رچنائي ڪتاب تي ۽ هڪ هزار بهترين کوجنائي ڪتاب کي ڏيو. ۽ پوءِ جڏهن ڏهه هزار انعام ڪري سگهو، ته پوءِ اهي پنجين پنجين هزارين جا انعام ڪري ڇڏجو.“

هو بي انت خوش نظر اچي رهيو آهي. پاڻ به لکاري آهي شايد ڪيس ئي انعام جي آس هجي. مون کي هڪڙو ويچار اچي ٿو ۽ پڇي ٿو ويهانس ”اوهان به ته لکاري آهيو، ٿي سگهي ٿو هن سال اوهان جي ئي ڪتاب تي انعام ملي، جي هن سال نه ته ايندڙ سال ئي سهي. ڪيئن؟“ منهنجي لهجي جي ٽوڪ کي هو سمجهي ٿو وڃي.

”نه سائين، هينئر ته مون کي اها به سار نه رهي هئي ته آئون به ڪو

لکاري آهيان. مون کي انعام جي لالچ ڪانهي جيڪڏهن اوهان اهي انعام سچي سچي ڏيڻ لاءِ تيار آهيو، ته آئون اوهان کي لکي ٿو ڏيان ته جيستائين آئون جيئرو هوندس، تيستائين آئون انعام ڪونه وٺندس. توهان پنهنجو وچن پاڙ جو، آئون پنهنجو!“ آئون اها وراڻي ٻڌي حيران ٿيان ٿو. ڇا هو سچي پچي ايڏو بي غرض آهي. آئون سوچڻ لڳان ٿو ”مون کي ته هميشه ڪو به ڪم ڪرڻ مهل پنهنجو مفاد آڏو رهيو آهي. پر هي شخص رڳو انهيءَ ۾ خوش آهي ته ٻين لکارين کي فائدو ملي. سچ ته هي عجيب شخص آهي ڪجهه دير سانت رهي ٿي. آئون مطلب جي ڳالهه تي اچي، نه رڳو سانت پر هن جو تجسس به ٽوڙيان ٿو. ”اوهان حساب لڳايو، پريس تي گهٽو خرچ ايندو؟“
هو هڪدم پنهنجو بريف ڪيس کولي، ڪي ڪاڳر ڪڍي مون ڏانهن وڌائي ٿو، آئون ڪاڳر وٺڻ بدران ئي ڪيس چوان ٿو، ”توهان ئي ٻڌايو ڪل ڪيترو خرچ ايندو؟“
”هڪ ننڍي پريس لڳائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏه هزار ڪپن.“
ايتري ۾ نوڪر چانهن کڻي اچي ٿو ۽ اسان جي ڳالهه جو سلسلو ٽٽي پئي ٿو. آئون اٿان ٿو ۽ ميز تان چيڪ بڪ کڻان ٿو ۽ ڪيس رقم لکي ڏيان ٿو. هو چيڪ وٺي ٿو ۽ هن جا هٿ ڏڪڻ لڳن ٿا، ۽ هو هڪڙو ڀيرو رقم پڙهي ٿو؛ هن کي ويساهه ئي نه ٿو اچي ته ڪو سنڌي وڏيرو، اهڙي ڪم لاءِ ڏه هزار رپيا ڏئي سگهي ٿو. هو ايترو ته حيران آهي، جو ڪجهه ٻول هن جي چپن تي اچي موٽي وڃن ٿا. وري همت ڪري ڳالهه جي جاکوڙ ڪري ٿو. ”سائين هي، هي سڀ روپيا پريس لاءِ ٿا ڏيو!“
آئون سندس گهٻراهٽ ڏسي لطف اندوز ٿو ٿيان. ”ها توهان پريس هڻو، رسالا ڪڍو، ڪتاب ڇپارايو، منهنجو پريس سان ڪو لاڳاپو نه هوندو. جي توهان پنهنجي مقصد ۾ سڦل ٿيا ته مون کي خوشي ٿيندي پر هڪڙي ڳالهه ٻڌو،جڏهن سنڌي ماڻهن کي پڙهڻ جو چاهه ڪونهي ته اوهان سنڌي ڪتاب ۽ رسالا وڪڻندو ڪيئن، فائدو ڪيئن ڪمائيندو؟“
هو مرڪ آڻيندي چئي ٿو، ”سائين معاف ڪجو، آئون اوهان جي راءِ سان سهمت ناهيان. اوهان جي راءِ صحيح ڪانهي. اسان سنڌي پڙهندڙن کي ڏنوئي ڇا آهي. هڪ ٻه سرڪاري رسالا، ٽي چار پارٽي بازيءَ جون شڪار اخبارون، ۽ سال ۾ اٺ ڏهه ڪتاب، ٻيو ڇا؟ اسان پڙهندڙن کي پنهنجي پسند پٽاندڙ ڪتابن چونڊڻ جو وجهه ئي ڪٿي ڏنو آهي. اسين

تہ هڪ رسالو ۽ ہہ ڪتاب ڪڍي چئون ٿا، ٻيلي سنڌيءَ ۾ اتو سو زوريءَ وٺو، وٺيو يا نہ وٺيو. اسان جو سرنديءَ وارو طبقو ڪتاب وٺي ڪونہ. غريب طبقي وٽ ايترو پئسو ڪونهي جو بيڪار اخبارون ۽ رسالا وٺي. سائين توهان ئي ٻڌايو تہ هو سنڌي اخبار جي قيمت ۾ ٻي ٻوليءَ جي اخبار ڇو نہ وٺي، جنهن ۾ گهٽيون خبرون، تصويرون ۽ دلچسپ ڳالهيون هونديون آهن. پر جي هو سنڌي اخبار وٺي تہ هن کي رڳو هڪ ٻئي لاءِ ڇپيل گاريون ٿيون نظر اچن، خبرون اڏگابريون، مضمونن ۾ رڳو سکڻن ٻولن جو ذخيرو؛ سنڌ جي مسئلن ڏانهن ڌيان ئي نہ . هائي سائين، اوهان ٻڌايو تہ هڪ غريب سنڌي جيڪو رڳو هڪ اخبار وٺڻ جي حيثيت رکي ٿو، هو سنڌي اخبار ڇو وٺي.اها قرباني بہ غريب ڇو ڏي؟ اوهان تہ سنڌي ۽ ٻيون اخبارون بہ وٺي سگهو ٿا ۽ ائين تسڪين حاصل ڪريو ٿا، پر هو غريب پنڌرهن منٽن ۾ سڄي اخبار پڙهي پوءِ ڇا ڪري؟ ۽ رسالا بہ ائين آهن، هڪ سرڪاري رسالو ٿلهو موچارو نڪري ٿو پر مجال آهي جو وقت تي نڪري. باقي ٻيا پنهنجي سر، ڪتابي سلسلا ڪڍيو، مڙيئي ٻيا چاڪري ڪن. اتي بہ اها ساڳي اخبار واري ڪيفيت آهي. ٻين ٻولين جا رسالا سستا، سهڻا، باتصوير، وقت تي نڪرن ۽ اسان جا رسالا خشڪ، مهانگا ۽ ٻي وقت نڪرن، پوءِ ڀلا ڪٿان وڪرو ٿيندو؟ تنهن کان سواءِ پڙهڻ بہ هڪڙي هير آهي؛ جڏهن عام سنڌي پڙهندڙ ٻين ٻولين جا رسالا پڙهي ٿو تہ هن کي انهن جي هير ٿيو وڃي ۽ اهو پڙهندڙ، اسين سنڌي ڪتابن وارا هميشہ لاءِ وڃائي ٿا ڇڏيون. اها ئي ڳالهہ آهي جو رسالن ۽ اخبارن جي سرڪيوليشن وڌڻ بدران گهٽبي ٿي وڃي. اسان کي ڀرين مارڪيٽ ۾ هر موضوع تي سنڌي ڪتابن جو ذخيرو آڻڻ گهرجي؛ پڙهندڙ کي پنهنجي پسند جي چونڊ ڪرڻ ڏجي، ائين هن کي سنڌي پڙهڻ جو هيراڪ بڻائجي پوءِ ڏسو تہ ڪيئن نہ ٿا سنڌي ڪتاب ۽ اخبارون وڪامن." هو مسلسل ڳالهائي رهيو هو ۽ آئون هن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هوس. هن جون اهي ئي تہ ڳالهيون هيون ، جن مون تي ايڏو اثر ڪيو هو ۽ آئون هن کان انهيءَ ڪري متاثر هوس تہ هن وٽ ڪيتريون نہ نهريون دليلون ۽ رٿون هيون ۽ آئون هن کي چئي ويٺس، "هي پريس اوهان لڳايو، سڀاڻي ٿيا تہ آئون اوهان کي اڳتي بہ مدد ڪندس، تہ جيئن اوهان سنڌي ۾ اهو ڪجهہ پيش ڪريو، جنهن سان سنڌي ٻولي وڌي ۽ ويجهي ۽ جڳ جي ڪنهن بہ ترقي يافتہ ٻولي سان

کلهو کلهي ۾ ملائي بيهي.“

هو وچي ٿو ۽ آئون پاڻ کي ڪجهه هلڪو ٿو محسوس ڪريان: ائين ٿو لڳي تہ مون تي ڪو بار هو، جو لهي ويو. ڏهہ هزار مون وٽ تہ ڪجهہ بہ حيثيت ڪونہ ٿا رکن. رڳو گذريل اربع تي، يارنهن هزار تہ ريس ۾ ئي هارائي آيو هوس. ڊپٽي ڪمشنر جي ڌي جي شاديءَ ۾ ٻارهن هزارن جا زيور سوکڙي ۾ ڏنا هئم. اهي ڏهہ هزار تہ رڳو هڪ رات ۾ ئي اڏائي ڇڏيندو آهيان. مون کي سار آهي تہ گذريل سال هڪ اداڪاره تي جڏهن پندرهن هزار رپيا خرچ ڪيم تڏهن وڃي هن مس مس هڪ رات مون سان گذاري.“

هن ڪهاڻي ياڳ . نياڳ ۾ ساڳي ئي پوتار هڪڙي سنڌي فلمساز کي بہ گهرايو آهي . فلمساز سان ڪيل ڳالهہ ٻولهہ مان هڪڙو اقتباس پيش ڪيان ٿو:

پڇانس ٿو، ”توهان فلم جو تفصيلي بجيٽ ڪٿي آيا آهيو؟“

هو لفافو کولي ان مان ڪجهه ڪاغذ مون ڏانهن وڌائي ٿو آئون تفصيل پڙهان ٿو، سنگيت جو خرچ، اسٽوڊيو جو خرچ ، فنڪارن جو معاوضو ، پبلسٽيءَ جي ڪٽ، انهن تان نظر ڪندي ٽوٽل تي نظر پوي ٿي. هڪ لک پنجونجاه هزار رپيا! آئون پورو خرچ ڏسي حيران ٿيان ٿو ۽ هڪدم ڪائنس پڇان ٿو، ”ڇا توهان ايترا پئسا سنڌ مان ڪڍي ويندا؟ ڇا سنڌي پڪچر لاءِ ايتري مارڪيٽ آهي؟“

”چو نہ سائين، ڪنهن ٻي ٻولي جي پڪچر هن ڪان ٻيٺي ڪمائي سگهي ٿي تہ سنڌي چو نہ ڪمائيندي. پر شرط اهو آهي تہ سٺي هجي، ۽ جي فني لحاظ کان اعليٰ هجي تہ اسين ان کي ڊب ڪري، نہ رڳو پنهنجي ملڪ جي ٻين حصن ۾ پر پرڏيهي ملڪن ۾ بہ هلائي سگهون ٿا. توهان تصور ڪريو تہ ڪنهن انٽر قومي ميلي ۾ هڪ سنڌي فلم انعام کٽي تہ پوءِ اسان جو ڪيترو نہ ڳاٽ اوچو ٿيندو. آئون هن جي جوش تي مرڪي ڏيان ٿو، ”ميان، هتي ٻين ٻولين جي فلمن ئي انعام حاصل نہ ڪيو تہ سنڌي فلمون ڪٿان ڪنديون؟“

هن جو جوش اڃا بہ وڌي وڃي ٿو ”سائين ، اسان کي ڪمتري جو احساس ڇو ٿيڻ کپي، هندستان ۾ ڪروڙين روپين ۾ ٺهيل هندي فلمن جي ڀيٽ ۾، ٿن چئن لکن ۾ ٺهيل بنگالي فلمون سڄي دنيا ۾ فني لحاظ کان نہ رڳو مشهور آهن، پر انعام پيون کٽين. جي بنگالي فلمون انعام کٽي سگهن ٿيون تہ سنڌي فلمون بہ انعام کٽي سگهن ٿيون.“

سيد ظفر حسن جي هن شاهڪار ڪهاڻي 'ياڳ . نياڳ' ۾ پوتار هڪڙي ٻئي ڪردار سان ٻہ ڪنهن دعوت ۾ ڳڌجي ٿو، اهو هڪ سچو وطن دوست ۽ جاڪوڙي سياستدان آهي، جيڪو سنڌي ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪري رهيو آهي. ان ڪردار کي سيد ظفر حسن هن ريت چِٽي ٿو:

"اَڄ رات دعوت آهي. آئون بہ سوٽ بوٽ پائي دعوت ۾ پهچان ٿو. سيني سان ملندو، وڃي هڪ جڳهہ تي ويهان ٿو. منهنجون اکيون هڪڙي شخص کي ڳولي رهيون آهن. پر هو اڃا نہ آيو آهي. پهرين تہ سوچيو هوم تہ ڪيس گهر وڃي ملان، پر همت نہ ٿيم، مٿان سي ^آءِ ڊي ۾ نالو نہ اچي وڃي. هو شخص سرڪار جي زبردست مخالفت ڪندڙ آهي، سدائين جيل ۾ هوندو آهي، پر مجال آهي جو پرواهہ هجيس. هو اچي ٿو، سڀ ڪيس ملڻ لاءِ اٿي بيهن ٿا. سيني مهمانن مان هن جا ئي ڪپڙا پراڻي اسٽائيل جا آهن. اهوئي جهوني زماني جو سوٽ ۽ چاليهہ سال پراڻي ٽاءِ. هو سنڌ جي مشهور هستي آهي. هن جو اخلاق اعليٰ آهي، هن ڪڏهن بہ ڪو ڪتو ڪم نہ ڪيو آهي؛ هن ڪڏهن بہ چپ ڏيئي اسان وانگر ڦڙتي نہ ڪاڍي آهي، هن سدائين ظلم جي خلاف جهاد ڪيو آهي. هن جي اڳيان ڪڏهن بہ ذاتي مفاد نہ رهيو آهي. هو رڳو حڪومت جو جذباتي مخالف ڪونهي؛ رڳو گاريون ڏيئي نہ ڇاٽي؛ هن وٽ ظلم جا انگ اکر آهن؛ ثبوت آهن؛ هر ظلم جو تفصيل آهي؛ هو اسان جو سچو ۽ صحيح معنيٰ ۾ اڳواڻ آهي، پر اسان نياڳن ڪڏهن بہ هن کي چوندن ۾ سوپارو ٿيڻ نہ ڏنو آهي. اسين حڪومت جا چمچا سندس دل ۾ تہ عزت ڪندا آهيون پر ٻاهران حڪومت کي ڏيکارڻ لاءِ گاريون ڏيندا آهيون. آئون بہ سرندي سرندي هن جي ويجهو پهچان ٿو، ڊپ تو ٿئيم تہ جي گهڻي دير ڳالهائيندوسانس تہ مٿان منهنجا ئي چمچا ساٿي نہ وڃي مٿي ڪن پرين ۽ منهنجا ترا ڪڍي ڇڏين. آئون سندس طبيعت جي باري ۾ پڇان ٿو ۽ هو مرڪي مون کان حال احوال وٺي ٿو. هن کان پهرين رڳو آئون سندس عزت ڪندو هوس پر اڄ جڏهن منهنجي ضمير جي ٿوري اک کلي آهي تہ هو ايئن لڳي رهيو آهي، ڄڻڪ فرشتو هجي. دل پيئي چئي: "اهو اٿئي اهو ماڻهو، جنهن سان تنهنجي سنڌ جو ياڳ لڪيل آهي. ڪمال آهي تو هن کي پهرين نہ سڃاتو!" دعوت نہ هجي ها تہ آئون سندس پيرن ۾ ڪري پوان ها ۽ چوانس ها تہ "سائين اسين سڀ

تنهنجي پنيان آهيون." پر منهنجي ڪانئر دل ۾ لها همت ڪانهي. هو مرڪي مون ڏانهن نهاري ٿو ۽ پڇي ٿو ته آئون اڄڪلهه ڪيئن آهيان. آئون جواب ۾ ڪجهه چوان ٿو، پر سندس مرڪ ۾ اُچ عجيب چقمق جهڙي چڪ ڏسان ٿو، اچ پهريون ڀيرو مون کي محسوس ٿئي ٿو ته سهڻي مرڪ رڳو سهڻي وني ۽ جي ٿي نه ٿيندي آهي. مُلوڪ تُرين زالون پنهنجي ملڪ جون هجن يا ولائتي مدمون، لِڳ ڀڳ سڀني قسم جي زالن سان ويجهو واسطو رهيو آهي ۽ سندن مرڪ هميشه لاءِ نه ته ڪجهه وقت مون لاءِ مخصوص رهي آهي. پر آئون دعوا سان چوان ٿو ته ڪابه مرڪ ايتري موهيندڙ نه هئي، جيتري هن شخص جي مرڪ آهي. هن مرڪ جي پويان آئون سنڌ کي مرڪندوڏسي رهيو آهيان ۽ اسين ڪيترا نه ظالم آهيون جو اسان ڪيس ڏک ڏيئي سندس مرڪ کسيندا رهيا آهيون. هو سنڌ جو اهڃاڻ آهي، اسان هن جي مرڪ نه پر سنڌ جو اهڃاڻ کسي ورتو آهي. منهنجي ويچارن جو سلسلو ٽٽي پئي ٿو. آئون پڇانس ٿو "هن اليڪشن جون تياريون آهن ؟"

هن کان ٿهڪ نڪري وڃي ٿو، "اليڪشن ۽ آئون !"

هن جي لهجي جو درد آئون محسوس ڪريان ٿو.

"آئون اليڪشن ۾ ڪٿي ٿو ڪٿان پر آئون جيڪڏهن ان وقت جيل ۾ به هوندس ته به فارم ضرور ڀريندس ، اهو منهنجو حق آهي."

آئون ڪانئس هڪڙو سوال پڇان ٿو. مون رڳو اسيمبليءَ ۾ هڪ پيرو پاٽيءَ جي مسئلي تي ٻه ٽي ٻول چيا هئا، ته چوندو هئس مون سنڌ جو مسئلو پيش ڪيو آهي، انهيءَ ڪري مون کي ٻيهر به چونڊيو وڃي، چونڊن ۾ مون کي ڪٽرائڻ قوم جو فرض آهي. "اوهان هيترا پيرا جيل ۾ ويا، هيترا مضمون لکيا، هيتريون تقريرون ڪيون، پر توهان چونڊن ۾ ڪڏهن سوڀارا نه ٿيا. اوهان کي ڪاوڙ ته ڏاڍي ايندي هوندي؟"

"اوهان غلط سمجهيو. آئون هي مسئلا ۽ هي تقريرون جو عوام جي آڏو ڪندو آهيان، اهو منهنجو فرض آهي ۽ منهنجو چونڊن ۾ بيهڻ جو مقصد به اهو هوندو آهي ته جيئن اهي مسئلا اسيمبليءَ ۾ پيش ڪري سگهان ته جيئن مسئلاحل ٿي سگهن. پر جيڪڏهن چونڊن ۾ سوڀارو نه ٿيان، ته انهيءَ جو مطلب اهو ڪونهي ته تقريرون ڪرڻ بند ڪري ڇڏيان يا مضمون نه لکان، منهنجو هڪ سنڌيءَ جي حيثيت سان فرض آهي ته ڪوبه ظلم يا مسئلو هجي ته ان کي سرڪار جي آڏو پيش ڪريان. چونڊن ۾ کٽڻ يا نه کٽڻ منهنجو مقصد ڪونهي."

بہ نہ ٿا سگهن. آئون ڀاڳن وارو آهيان، آئون وڏو ماڻهو آهيان.“ ائين چئي آئون ٻاهر وڃڻ لڳان ٿو. پويان امان جو آواز اچي ٿو، ”تنهنجيون اهي ابتيون ڳالهيون مون کي تہ سمجهہ ۾ نہ ٿيون اچن.“

”الائي ڇا پيو سوچين!“

امان جو پلا کھڙو ڏوھ، امان کي کهڙي خبر تہ آئون ڇا سوچي رهيو هوس.

هن شاهڪار ڪهاڻيءَ جو وائنڊ اپ اهو ٻڌائي ٿو تہ موقعي پرست طبقي منجهان وطن فروش تہ پيدا ٿيندا آهن، پر ڪنهن وطن دوست جو پيدا ٿيڻ هڪ خواب آهي. اهو خواب پنجاهہ سال پهرين بہ خواب هئو ۽ اڄ 2020ع ۾ بہ اهو ديواني جو خواب بڻجي ويو آهي. حقيقت فقط اها آهي جيڪا سنڌ جي پيڙهيل ماڻهن کي ۽ ان اڪثريت کي جن ِ لاءِ هاڻ سفيد پوشيءَ جو ڀرم برقرار رکڻ بہ ممڪن ناهي رهيو، اهي هن ڪهاڻيءَ جي ڪردار وارو ويچار ڪن تہ:

”ڪيترا بہ اسين غريب ڇو نہ سهي، پر اسين اهو ڪجهہ سوچي سگهون ٿا، جو امير بہ سوچي نہ ٿا سگهن. امان ، هي پير ، وڏيرا ۽ زميندار ڏاڍا نياڳا اٿو، جو هو ڪجهہ ڪرڻ تہ ٺهيو ، پر ڪجهه سوچي بہ نہ ٿا سگهن.“

’رهيل قرض‘ ۾ ڇهين ڪهاڻيءَ جو ٽائٽل آهي ’عيد جي خرچي‘. غريب ملازم جي ننڍڙي نياڻي ساران کي عيدالفطر جو انتظار آهي، جو ان ڏينهن تي هوءَ پاڻ کان ٿوري وڏي عمر جي ياءُ مقو سان گڏجي وڏي صاحب جي گهر ويندي آهي، جتي وڏي صاحب ۽ ان جي بنگلي تي آيل مهمانن کان کين عيد جي خرچي ملندي آهي. وڏي بيتابيءَ سان عيد جي چنڊ ڏسڻ جو انتظار ڪري ٿي. سيد ظفر حسن عيد جي چنڊ ڏسڻ جي منظر کي ڪيڏي نہ گهرائيءَ سان بيان ڪري ٿو:

”اڄ اوڻٽيهين نہ ٽيهين تاريخ هئي ۽ رمضان جو مهينو اڄ پورو ٿي رهيو هو. گهر گهاٽن وارا ڇتين تي چڙهيو چنڊ ڳولهڻ جي جاکوڙ ڪري رهيا هئا تہ غريب غربو هيٺائين تي روڊ تان چنڊ ڏسڻ ۾ لڳو پيو هو.“

جيترو جيڪو امير هوندو اوترو ئي هو مٿان چنڊ ڏسندو ۽ جيترو جيڪو غريب هوندو اوترو ئي هو هيٺان چنڊ ڏسندو ،اهو ئي چنڊ ڏسڻ جو عام دستور آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ ساران وٽ ڪوڙ سوال آهن، اهي سوال تہ ذري گهٽ هر

ساران کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو. هيءَ ڪهاڻي پڙهندي، اکين ۾ لڙڪ اچي وڃن ٿا. هن ڪهاڻيءَ جي وائنڊ اپ تي تبصرو نہ ڪجي، بلڪ ان کي پڙهندڙن لاءِ بچائي رکجي جو، هن ڪهاڻيءَ ۾ موجود درد جي مَڌ جو پيالو، پري بزم بدران، خلوت ۾ پيئڻ ئي موافق ٿيندو. اهو ئي سبب آهي جو هڪ ہي ڪهاڻي جيڪا هن ڪتاب ۾ نمبر پنجين تي آهي، جنهن جو ٽائٽل آهي 'تکي اُسَ تڏي چانوَ'، ان جو مختصر بيان ڪيو ويو جو اهڙيون ڪهاڻيون ٻڌبيون نہ بلڪ پڙهبيون آهن.

ستين ڪهاڻي 'پنهنجوپنهنجو غرض' جي عنوان سان آهي. هن ڪهاڻيءَ جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي. جيڪڏهن هن ڪهاڻيءَ کي ڊراماٽائيز ڪجي تہ هڪ شاهڪار لانگ پلي ٿي سگهي ٿو. پر جي پڪچرائيز ڪجي تہ جيڪر هڪ ڪمال جي آرٽ مووي بہ ٿي پوندي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ آيل هڪ نواب جو داستان آهي. نواب جو حليو، ڏيک ويک اهڙو تہ چٽيو ويو آهي جا حقيقت نگاريءَ کان بہ بنھ ڪا مٿانهين شيءِ محسوس ٿي رهيو آهي. نواب صاحب جي جاھ ۽ حشمت کي پڙهندي پڙهندي خبر پئي ٿي تہ نوابي جا بنياد نوسربازيءَ تي رکيل آهن. هن ڪهاڻيءَ مان محسوس ٿئي ٿو تہ سيد ظفر حسن وٽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جو مُشاهدو هئو. سماج جي گهڻن شعبن تي نظر هئس ۽ بي شمار ماڻهن سان مليو آهي. هن جي نظر عقابي هئي جو عام هاريءَ، مزدور ۽ پگهاردار طبقي جي ماڻهن کان وٺي سياستڪارن، صنعتڪارن ۽ سرمائيدارن کي بہ گهرائي سان ڏسي چڪو هئو. سندس ڪهاڻين ۾ غريب طبقي جي ڏکن ۽ تڪليفن جو شدت سان احساس موجود آهي. هن ڪهاڻيءَ تي وڌيڪ تبصرو نہ ڪبو. پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ هو سيد ظفر حسن جي هيءَ ڪهاڻي 'پنهنجو پنهنجو غرض' ضرور پڙهن ۽ اکرن سان فلمايل آرٽ مووي ڏسن. ڪين اهو ضرور احساس ٿيندو تہ هنن اها ڪهاڻي اڳ ۾ ڇو ڪونہ پڙهي. هتي اهو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري آهي تہ فڪشن (ناول ۽ ڪهاڻين) کي سماج جي غير سرڪاري (ان آفيشئل) تاريخ چيو ويندو آهي. اسين جيڪڏهن ان جملي کي هڪ وڏاءُ يا مبالغو بہ تصور ڪيون، تہ بہ اهو ضرور مڃڻو پوندو تہ ناول ۽ ڪهاڻين ۾ مستند تاريخ جا ريفرنس ضرور نظر ايندا آهن. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي وڏن شهرن ۾ سنڌين جون ملڪيتون ۽ جائدادون (دعوائن) ڪُوڙن ڪليمن ۾ ڪيئن پناھ گير ٿي ايندڙن کي مال غنيمت طور ڏنيون ويون ۽ پوءِ

جيڪي ٿيو، سو اهو ته اسان جا شهر، اسان کان ڦرجي ويا. هجرت ڪري ايندڙن کي ڪليمن ذريعي ڪيئن ورسايو ويو، ان بابت بيا به ڪيئي حوالا آهن پر پرويز مشرف جي ڪتاب ”ان دي لائين فائر“ ۾ به ڄاڻايل آهي ته سندس ڪٽنب کي نهر والي حويلي جي عيوض ڪراچيءَ ۾ ملڪيتون مليون. هن ڪهاڻيءَ يعني ’پنهنجو پنهنجو غرض‘ مان هڪڙو ٽڪرو پڙهي پاڻ اڳيئن ڪهاڻيءَ تي ڪچهري ڪيون ٿا:

”سندس گهر، گهر نه هو پر محل هو. ڪنهن هندو سيٺ جو ڪيس الاٽ ٿي مليو هو. اهو محل هن ڪليم پري حاصل ڪيو هو. خانداني ماڻهو پري کان پڙرو، ڪالهوڪي لنچ ۾ محل جي شاندار سجاوٽ ڏسي حيران ٿي ويو هوس. آئون شايد هن پاسي ڪافي عرصي کان پوءِ آيو هوس. سندس محل شهر جي اهڙي پاسيري حصي ۾ آهي، جو اتان لنگهڻ به ڪونه ٿئي. محل جي اندر ته آئون اڄان به گهٽي وقت کان پوءِ آيو هوس. آخري ڀيرو مان تڏهن ويو هوس، جڏهن نواب صاحب عيد ميلادالنبيءَ جو جلسو ڪيو هو. ٻين ته وڃي بنگلن تي بنگلا الاٽ ڪرايا هئا پر نواب صاحب هڪ ئي گهر تي صبر ڪيو هو.“

’رهيل قرض‘ ڪتاب ۾ سيد ظفر حسن جي اٺون نمبر ڪهاڻي آهي، ’حياتيءَ جي ٽِهه رقمي‘. هن ڪهاڻيءَ ۾ڏيکاريو ويو آهي ته حيدرآباد ۾ رهندڙ هڪ قابل پر بيروزگار گريجوئيٽ کي ڪنهن سرڪاري ڪاتي مان انٽرويو ڪال وارو ليٽر اچي ٿو، اهو ليٽر هن کي عين ٽائيم تي مليو آهي. تغلق هائوس يعني سنڌ سيڪريٽيرئٽ ۾ هن کي صبح جو انٽرويو تي پهچڻو آهي. چوويهن ڪلاڪن کان بڪايل هن نوجوان جي کيسي ۾ ڏوڪڙ به ناهن. وڏن ڪشالن کان پوءِ هو ڪراچيءَ به پهچي ٿو. هاڻي انٽرويو واري جاءِ تي يعني تغلق هائوس ڪيئن پهچي. انڪل سُجهيس ٿي ته ٽيڪسي ۾ ويندو. گيٽ تي لهي، ٽيڪسي واري کي چوندو ته ٻه ٽي منٽ انتظار ڪر، مان اڇهو ٿو واپس اچان ۽ ايئن چئي، اندر وڃي الوپ ٿي ويندس. ٽيڪسي وارو انتظار ڪري ڪري ٿڪجي پوندو ۽ هليو ويندو. هن خوبصورت ڪهاڻيءَ جو انت پڙهي انگريزي فقرو ’آئرني آف سچوئيشن‘ ياد اچي ٿو وڃي. جنهن کي اردوءَ ۾ چئبو آهي ’شومئي قسمت‘ يا ’قسمت جي ستم ظريفي‘ ۽ سولي سنڌي ۾ چئبو آهي ’تعدي‘ يا ’جُٺ‘. اچو ته ڪهاڻِي ’حياتيءَ جي ٽه رقميءَ جو ٽيل پيس (آخري حِصو) پڙهون ٿا:

هن ملڪ ۾ ماڻهن جي سراسري ڄمار چوٽيهه ورهين تائين آهي. ۽ ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ ڄمار کان به اڳ مري وڃي يا انهيءَ کان به وڌيڪ ڄمار ٿئي پر مسئلو ڄمار گهٽجڻ ۽ وڌڻ جو نه آهي مسئلو نوڪريءَ جو آهي. چوٽيهن مان چوويهه ويا باقي بچيا ڏهه انهيءَ حساب سان انٽرويوئن جو ڪل ڳاڻيٽو ته ڳولي سگهجي ٿو، پر نوڪري ملڻ جو نه ۽ نوڪري به هڪ ايڪس فيڪٽر آهي جيڪو سلجهي پوي ته سڀ مسئلا سلجهي وڃن.ڪيسي ۾ هڪ پئسو به نه. ڪراچي جهڙو ڏارين جو شهر، چوويهن ڪلاڪن جو بڪايل، هٽ ۾ ڏڱرين جو لفافو جنهن جي کولڻ جي نوبت به نه آئي هئي. هو لڏندو ۽ لمندو ، ٿابڙجندو ، دروازي کان ٻاهر نڪري هيڏانهن هوڏانهن واڻڙن وانگر نهارڻ لڳو. ڪراچيءَ جون ڏگهيون اوچيون عمارتون، ٽرئفڪ جي پيهه پيهان ۾ به هو پاڻ کي اڪيلو بريٽ منجهه محسوس ڪرڻ لڳو. "انگي حساب جي ٽه رقمي جو جواب صحيح ڪيڻ جو اهو مطلب ته ڪونهي ته هو حياتيءَ جي ٽه رقميءَ جو جواب به صحيح ڪڍي سگهي ٿو. حياتيءَ جو نصاب ڪو انگي حسابن جو ڪتاب ڪونهي." هو سوچڻ لڳو ۽ هو انهيءَ سوچ ۾ منجهيل بٺتر ۾ ٻيٺو هو ته هن جي ڪنن تي ڪو آواز پيو. ڪنهن ڪيس اڙدو ۾ چيو: "سائين وڏيرا، ڏاڍي دير لڳائي ڇڏيو!" هن ڪنڌ ورائي آواز تي نهاريو. سامهون ساڳيو ٽئڪسي وارو بيٺو هو."

ڪهاڻيءَ جي اختتام وارن جملن مان ڪهاڻيءَ جي خوبصورت پڄاڻيءَ کان علاوه تاريخ جي ان دور جي جهلڪ ڏسي سگهجي ٿي ته اسان لاءِ ڪراچي ڇڻ پرائو شهر هوندو هئو.' ڪراچي جهڙو ڏارين جو شهر... ڏگهيون اوچيون عمارتون ٽرئفڪ جي پيهه پيهان ۾ به هو پاڻ کي اڪيلو بريٽ منجهه محسوس ڪرڻ لڳو...' هنن جيءُ جهوريندڙ جملن کان پوءِ اهو به ڏيکاريو ويو آهي ته ٽيڪسي ڊرائيور به ٻي ٻولي ٿو ڳالهائي. هيءُ هئا 1960 ۽ 1970ع وارا ڏهاڪا ۽ سنڌي ماڻهو پنهنجي ئي شهرن ۾ ايليئنيٽڊ (ويڳاڻا ڪيل) هئا. پر ان کان وڌيڪ هڪ تاريخي تلخي اها به آهي ته ڪراچيءَ ۾ غير سنڌين ڪنهن سنڌي سياستدان کي اليڪشن ۾ ووٽ ڪونه ڏنا. هن ڪهاڻيءَ 'حياتيءَ جي ٽه رقمي' ۾ ان ڳالهه جو اشارو هن ريت ٿيل آهي:

"يار معاف ڪجانءِ تنهنجو نالو لسٽ ۾ ڪونهي. مون ته اڳيئي چيو هو مانءِ."

الائي چو ايڏي بہ گولي وانگر ڪرندڙ خبر بہ هن تي ڪو اثر نہ ڪيو هو پڇي ويٺو، ”ڪر خبر پنهنجا گهٽا، پراوا گهٽا؟“
”بہ پنهنجا بہ پراوا.“ هن وراڻيو.
”سندن ڪواليفڪيشن؟“
هن جي سوال جي انداز مان ظاهر هو تہ هو ڌارين متعلق پڇي رهيو هو.
”ٻئي ٿرڊ ڪلاس، پر ٻنهي جون سفارشون پنهنجن کان بہ ڳريون هيون. بابا هتي ڪراچيءَ ۾ ووٽ وٺڻا آهن.“
”اهي تہ هونئن ئي ڪونہ ملندن، ڪٿي سڄي ڪراچي سوني ڪري ڇڏين.“
هو اٿيو، موڪلائيندو، ڳرين وکن سان هوري هوري لڏندو لمندو ڏاڪڻ تان لهڻ لڳو. الائي چو هن کي تغلق هائوس جي نالي سان فيروز شاهہ تغلق ياد آيو، جنهن سنڌ کي لٽي برباد ڪيو هو.

ڪهاڻيءَ جي آخري جملن ڪهاڻيءَ کي سدا بهار يعني ’ڪلاسڪ‘ بڻائي ڇڏيو آهي. اڄ بہ اسان جي روڊن رستن ۽ گهٽين تي اهڙا نالا آهن جو اسين تہ پنهنجي پُرکن کان شرمسار آهيون. اسان جي وڏن سدائين ٻاهران ڪاهون ڪري ايندڙن، لٽيرن ۽ رهزنن سان مهاڏو اٽڪايو، ديس جي دنگن ۽ ننگن تان نثار ٿيا. ڪڏهن يُونانين سان تہ ڪڏهن ايرانين سان، ڪڏهن عربن سان تہ ڪڏهن ارغونن ۽ ترخانن سان، ڪڏهن پورچوگيزن سان تہ ڪڏهن انگريزن سان، اسان جي اجداد جي ويڙهہ ٿي، جن انهن جنگين ۾ سر ڏنا. اسان انهن شهيدن جي نالن کي تہ ڪڏهن ياد ڪونہ ڪيو، پر پنهنجي ڳوٺن جا، شهرن جا، گهٽين ۽ روڊن جا نالا رکي ڇڏيا، سڪندر آباد، قاسم آباد، محمود آباد، زيب النساءِ اسٽريٽ، بن قاسم ٽائون، شاهراهہ عراق، حسرت موهاني روڊ، نواب مهابت خان روڊ، نشتر روڊ، بابر روڊ، (امر جليل جي ڪهاڻين وارو) بارينس اسٽريٽ جيڪو هاڻي جميلا اسٽريٽ ٿي ويو آهي وغيره. مطلب تہ راجا ڏاهر روڊ،جيئن سينا روڊ، هيمون ڪالاڻي اسٽريٽ، امر پگٽ ڪنور رام اسٽريٽ چو ڪونهي؟ رام باغ کي آرام باغ چو ڪيو ويو آهي؟ ڇا ان سڀ ڪجهہ ٿيڻ کان پوءِ اسان سنڌين جي وڏڙن جون آتمائون آسمانن منجهان اسان ڏانهن حيرت مان ڪونہ تڪينديون هونديون تہ اسان هيءُ ڪهڙو ڪانئر اولاد پيدا ڪيو، جو اسان ماءُ پيءُ کي ڪُهي ماريندڙ عربن ۽ ايرانين جا نالا هنن کي مقدس ٿا لڳن. اسان

جا وڏڙا اسان تي ڦٽڪار وجهي چوندا هوندا تہ: هنن چندن ڌرم بدلايو، ان ۾ خرابي ناهي. مسلمان سڏايائون، سو بہ چڱو ڪم، پر سنڌيت تہ نہ ڇڏين ها، جو سنڌيت اهو اڪيلو جرم آهي، جنهن ۾ اسين وڏڙا بہ لُٽجندا ۽ قتل ٿيندا رهيا آهيون ۽ هي اسان جا پوئنير بہ تباهہ برباد ٿي رهيا آهن، سو هنن ڪي الائي جي احساس چو ڪونهي. سيد ظفر حسن روڊن رستن تي پراوا ۽ اوپرا نالا لکڻ جي دانهن پنهنجي ڪهاڻي 'رات جنهين جو ماڳ' ۾ بہ ڪئي آهي، جيڪا 'رهيل قرض' جي نائون نمبر ڪهاڻي آهي، جنهن تي پاڻ اڳيان تبصرو ڪنداسين پر جنهن موضوع تي پاڻ ويچار وندي رهيا آهيون، ان جي مطابقت ۾ ڪهاڻيءَ 'رات جنهين جو ماڳ' جو هڪڙو اقتباس پيش ڪرڻ وقتائتو ٿيندو:

وڪٽوريا روڊ هاڻ اسلامي نالو حاجي عبدالله هارون روڊ تان ٿيندا ڪلفٽن روڊ تي مرسڊيز ، بين گاڏين ڪي اوورٽيڪ ڪندي ، ڪلفٽن تان ساڳيءَ رفتار ۾ لنگهڻ لڳي، جتي سنڌي حاڪم (ان وقت پيپلس پارٽي حڪومت)، سنڌ جي محبت ۾ سنڌي ڪتاب ۽ رسالابند ڪري هالا ڪاشيءَ جون سرون لڳايون هيون. ڪلفٽن برج اڪرنديئي ڪار هاڻي خيابان اقبال تان پي ويئي. اقبال جي نالي تي پي.اي.سي.ايچ سوسائٽي ۾ هڪ روڊ اڳ ۾ ئي آهي، پر رڳو هڪڙي روڊ تي نالو ٺهي نہ ٿو. هوئن بہ جيڪو رعب "خيابان" لفظ ۾ آهي اهو "روڊ" ۾ ڪونهي. هوئنئن تہ هڪ ڪالوني گلشن اقبال بہ آهي. وس پڇين تہ ڪراچيءَ جي هر روڊ ، هر ڪالوني جو نالو ڪنهن نمومي اقبال تي رکي ڇڏين! باقي لطيف جو نالي ڪراچي ۾ ڳوليو نہ لڀندو. لطيف جي نالي کي ڳولڻ اصل ۾ "ملين ڊالر ڪئسچن" آهي !"

مٿي ڏنل اقتباس پڙهيوسين، اهو 'رهيل قرض' جي نائون نمبر ڪهاڻي 'رات جنهين جو ماڳ' جو ئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ اوباش ماڻهن جي دوستي ڏيکاري وئي آهي. اهو بہ ڏيکاريو ويو آهي تہ اهي اوباش، امير گهراڻي جا آهن، باوجود تہ سڀ الڳ الڳ ٻوليون ڳالهائيندڙ آهن جهڙوڪ پنجابي، اردو ۽ سنڌي پر ترجيحون، مفاد ۽ شوق ساڳيا اٿن، سو بنان ڀيد ڀاوَ جي گڏجي رنگ رليون ملهائيندا آهن. انهن سان گڏ هڪڙو غريب دوست بہ هوندو آهي پر وقت اچڻ تي ان کي مکڻ مان وار وانگر ڪڍي ٻاهر ڪندا آهن. هڪ ڀيري عياشيءَ لاءِ پنجن ڄڻن گڏجي، ڪنهن غريب ڇوڪريءَ کي گهرايو هئو. جنهن کي بعد ۾ گاڏيءَ مان زوريءَ لاهي شهيدن جي يادگار وٽ ڦٽو ڪيو

پئي آيون پر هن پيري هنن سان ٽين ڇوڪري به هئي. ۽ نذير جو منهن ٻهڪي اٿيو ۽ هاڻي هن جو ڪم به ٿهي چڪو هو. ”واهه يار ٽي معشوق!“ نذير کان رڙ نڪري ويئي.

”واهه استاد، واهه جو ڪم ٿي ويو. راجا جو ڪم به ٿهي ويو. اڄ ڇا ياد ڪندو راجا جو ٻچو، هڪ ڏينهن ۾ ئي قرض لاهي ڇڏيومانس، وياج سميت.“ نواز، راجا جو نالو وٺي نذير جي آس تي پاڻي وجهي ڇڏيو.

هو ٽيئي ڇٽيون پوئينءَ سيٽ تي اچي ويٺيون ۽ هي ٽيئي اڳيان ٿي ويٺا ۽ ڪار رواني ٿي وئي. ڪار ڦري شارع فيصل تي آئي.

”نذير چيف منسٽر هائوس وٽ لهندين نه؟“ نواز نذير کان پڇيو.

نذير ڪو جواب نه ڏنو. نذير وات تي هڪ ٻول به نه ڳالهايو ۽ هو ٻئي ٽنهي ڇوڪرين سان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندا رهيا. چيف منسٽر هائوس جي پر واري روڊ، ڊاڪٽر ضياالدين احمد روڊ، جنهن جو اڳوڻو نالو ڪچهري روڊ هو، اتي اچي نواز ڪار بيهاري ۽ نذير در ڪولي ڪار مان لهڻ لڳو ڇپ چاپ بنا نهارڻ جي. ”چڱو يار پو رات جو ملنداسون.“ نواز، نذير جي دل رکڻ لاءِ چيو، پر نذير ڪو ڌيان نه ڏنو. نذير هڪ ٻه وکون هليو ته پويان نواز سڏ ڪيو، ”نذير اچي هي اخبارون، متان رات جو بور ٿين.“ نذير اڌوگابريءَ دل سان اخبارون ورتيون ۽ ڪار ڇيڪاٽ ڪندي روانو ٿي وئي.

سيد ظفر حسن جي ڪهاڻين جي مجموعي ’رهيل قرض‘ جي ڌهين ۽ آخري ڪهاڻي ’ڪِني پاڻيءَ جو تلاءُ‘ آهي. هن ڪهاڻيءَ جو اڀياس ڪرڻ کان پهرين هڪڙو ٽوٽڪو ٻڌائڻ چاهيندس:

هڪڙي سائڪئاٽري هاسپيٽل ۾ هڪڙو مريض (جنهن کي عام طور تي چريو سمجهيو ويندو آهي) وڻ تي چڙهي ويو. ڊاڪٽر، گارڊز، هاسپيٽل جو ميڊيڪل سپرٽنڊنٽ، سڀ گڏجي ويا. مريض کي چيائون ته هيٺ لهي اچ، پر مريض لهڻ کان پڙ ڪڍي بيٺو. ڏاڍو سمجهايائون، منٿون ۽ ايلاز به ڪيائون، مريض هيٺ لهي ئي ڪونه پيو. شام ٿي وئي. پر ۾ هڪڙي وارڊ جي دريءَ مان هڪڙو ٻيو مريض (چريو) اها صورتحال ڏسي رهيو هئو ۽ چئي رهيو هئو ته ”مون کي ٻاهر ڪيو ته مان ٿو ان وڻ تي چڙهيل سان ڳالهايان ۽ کيس لهڻ تي مجبور ڪيان.“ پر هن غريب جي ڪنهن به نه ٻُڌي. ڊاڪٽر، گارڊز، هاسپيٽل جو ميڊيڪل سپرٽنڊنٽ، سڀ گڏجي مريض کي سمجهائڻ لڳا، پر مريض هيٺ لهڻ جو نالو ئي نه پيو وٺي. رات ٿي چڪي هئي. ميڊيڪل سپرٽنڊنٽ

عملي کي پرپرو وٺي ويو ۽ عملي سان صلاح ڪيائين. اسٽاف اها تجويز ڏني تہ گارڊ مريض کي گن ڏيکاري ۽ ڊيڄاري تہ ممڪن آهي تہ هو وڻ تان لهي اچي. ان ريت گارڊ کي هدايت ملي تہ هو پنهنجي گن ڏيکاري مريض کي ڊيڄاري. گارڊ ايئن ئي ڪيو. مريض تي گن تاڻي،سڌي ڪندي ڪيس ڌمڪي ڏنائين تہ 'هيٺ لهي اچ، نہ تہ گولي هڻندوسانءِ.' مريض (چرئي) گريبان کولي، ڇاتي کولي وراڻيو، 'گولي هڻندين تہ ڀلي هڻ، مون کي پرواهہ ناهي.'

هاڻي ڇا ٿئي، نہ لٿ ڪو ڪم ڪيو، ۽ نہ ڪو چَٽِ ئي ڪم آئي.پر ۾ هڪڙي وارڊ جي دريءَ مان اهو تماشو ڏسندڙ ٻئي مريض (چرئي) هڪ ڀيرو وري رڙ ڪئي تہ 'مون کي ٻاهر ڪيو تہ مان تو ڳالهايانس ۽ لاهي ٿو ڏيکاريانوَ.'

ڊاڪٽر، گارڊز، هاسپيٽل جو ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ، سڀ جيڪي صفا ڏئي وٺي بيٺا هئا. تن سوچيو تہ ڀلا هن چرئي کي آزمائي تا ڏسون، من لاهي وجهيس. سو، هن کي وارڊ مان ڪڍي آيا. هن فرمائش ڪئي تہ هن کي هڪڙو ڏاڙهي ڪُوڙڻ وارو بليڊ ڏنو وڃي. ڪيس شيو ڪرڻ وارو بليڊ ڏنو ويو. هن چرئي بليڊ هٿ ۾ جهلي، وڻ تي چڙهيل چرئي کي ڏيکاريندي چيو، 'اڙي او، هيءُ منهنجي هٿ ۾ بليڊ آهي، جي شرافت سان وڻ تان لهين ٿو تہ ٺيڪ، نہ تہ مان بليڊ سان وڻ کي ڪپيان ٿو، ٺهڪو ڪري ڪرندين، مٿڪو ڀڄي پوندئي.'

وڻ تي چڙهيل چرئي، گهبراهٽ وچان رڙ ڪئي، 'اڙي جهل جهل تڪڙ نہ ڪر، وڻ نہ وڍ، مان هيٺ لهان ٿو.'ڪجهہ ئي لمحن ۾ وڻ تي ويٺل چريو لهي آيو. ڊاڪٽر ڏوراپو ڏنس، "مون توکي چيو تہ مٺائي کارائيندومانءِ، تو منهنجي ڳالهہ ڪونہ مڃي."

ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ بہ ڏکاري لهجي ۾ چيس، "مون توسان ڪراچي گهمڻ جو واعدو ڪيو، تو منهنجي ڳالهہ بہ ڪونہ مڃي."

گارڊ چيس، "اڙي توکي مون گولي هڻڻ جي ڌمڪي ڏني، تو مٿان ان ڌڙڪي جو بہ اثر ڪونہ ٿيو."

اسٽاف مان ڪنهن پڇيس، "توکي هڪڙي چرئي، رڳو بليڊ ڏيکاري ڊيڄاريو تہ لهي اچ، نہ تہ وڻ کي ٿو وڍيان، تہ اهو ٻڌي هڪدم لهي آئين، سو ڇو؟"

چرئي چيو، "مٺائي کارائڻ جو ڏنو، گهمڻ جو واعدو ۽ گوليءَ جي ڌمڪي سڀ مون لاءِ ڪُوڙ هئا. پر وڻ وڍڻ جي ڌمڪي فقط سگهٽي

ڏمڪي ڪونہ هئي، هو واقعي وڻ وڍي ڏيڪاري ها، ڇو تہ هو ڇريو آهي. ڇريو ڪجهہ بہ ڪري سگهي ٿو... مان پاڻ ڇريو آهيان، مون کي خبر آهي تہ ڇريو وڻ وڍي ڏيکاري ها."

هن سچي ٽوٽڪي مان مون کي جيڪو سبق مليو، اهو آهي تہ: ڪجهه ڪري ڏيکارڻ لاءِ ڇريائپ جو هجڻ ضروري آهي. نارمل ماڻهو اديب رضوي وانگر ڪڏهن ٽرانسپلانٽيشن جون اسپتالون ٺوري ٺهرائيندو، عبدالستار ايڌي ٿورئي ٿيندو. جنهن وٽ ڇريائپ هوندي اهو ئي منصور، سرمد، بلاول، شاه عنايت ٿيندو.... ڇريائپ، ديوانگي ۽ جنون ئي ايجادون ۽ دريافتون ڪرائيندو آهي، سيسٽائن چيپل جي ڇت جا نقش چٽڻ لاءِ مائڪل اينجلو ٽيٽو پوندو آهي. پنهنجي زندگيءَ جا مزا ۽ سک ڇڏي، ٻين جي خدمت ڪرڻ ڇريائپ ئي تہ آهي.

'ڪني پاڻيءَ جو تلاءُ' جي ڪهاڻي رمون ڇرئي جي ڪهاڻي آهي. رمون ريل جي پٽڙيءَ جي ڀرسان مسڪينن جي جهڳين واري هڪ ڪچي وسنديءَ ۾ رهندو آهي.وسندي ڪهڙي آهي، ان جو منظر ڏسون ٿا:

رات جو مينهن پيو، رهيل ڪسر بہ پوري ٿي وئي. هڪڙو هينالو، ٻيو جهوپڙيون، ٽيون سيارو، باقي مينهن رهيل هو، اهو بہ آڌي رات جو اچي ڪڙڪيو. صبح جو دونهين نہ دُکي، مٿان وري پوڙهن جي ڪنگهہ ۽ ڪانگهارا ۽ ٻارن جا ڪيڪراٽ، جهڙي قيامت! پر جي قيامت بہ هڪ ڏينهن جي هجي، تہ ماڻهو ڊڄي بہ، جتي ڏهاڙي قيامت هجي، تہ پوءِ ڪهڙي سڌ تہ قيامت ڪڏهن آئي، ڪڏهن ويئي،اتي قيامت تي بہ کهل اچيو وڃي. مينهن گند کي ڦلاري وڌو آهي. اڳي تہ رڳو تلاءُ جي ڌپ نڪ ساڙيندي هئي، هاڻي تہ گهٽي گهٽي، جهوپڙي جهوپڙي ڌپ ٿي وئي آهي: پر نڪ اهڙو تہ ٻي نڪو آهي، حرام جو سڙي! ٽيهن سالن کان نڪ اهڙي جو اهڙو، ويتر وڌيڪ تکو ٿي ويو آهي. ڪتو بہ ايئن ڍونڍ کي نہ تاڙي، جيئن ماڻهوءَ جو نڪ. اهڙي زندگي گذاريندڙن ۾ رمون ڇريو ڪهڙو ڪردار آهي، ان جي جهلڪ ڏسون ٿا:

"هو بہ گپ ۽ گند مان لچ لچ ڪندو، گپ هاڻا پير ڪٽي تلاءَ جي ڪپ تي اچي ويٺو آهي. پريان ريل جا پٽا چلڪندا ڏسڻ ۾ پيا اچن. گندي ناليءَ جو پاڻي اتلي تلاءَ ۾ پئجي رهيو آهي ۽ انهيءَ گندي ناليءَ جي سرن ٻڌل ڪپ سان واٽ آهي جتان ماڻهو هلي، ريل جا پٽا اُڪري، پڪي رستي تي پهچندا آهن ۽ اتان ٽڙي پکڙي وڏي شهر ۾ الوپ ٿي

لڳو پيو آهي ۽ تلاءَ جو ڪنو پاڻي ڳتر ۾ پئجي ان کي ابتو وهائي رهيو آهي پريان بنگلن ڏانهن. تلاء جي بچيل سچيل متاڇري پاڻي ۾ ٻوڙن جي پويان رمون جو لاش لڙ آهي. لڳي ٿو هن سڄي رات ويهي تلاءَ کي لٽيو آهي. هر ڪنهن جي اکين ۾ ڳوڙها آهن. آڪاس تي اجا ڪارا ڪڪر چانيل آهن پر هاڻي ڪنهن کي مينهن جو ڊپ هراس ڪونهي.

سيد ظفر حسن جي ڪهاڻين ۾ جتي قومي ۽ طبقاتي اڻ برابريءَ جو احساس ڏياريل آهي، اتي ان ظلم جي خلاف مزاحمت جا طريقا بہ ٻڌايل آهن. سيد ظفر حسن انهن ليکڪن منجهان هئو، جيڪي رڳو مسئلا ناهن ٻڌائيندا، پر انهن مسئلن کي منهن ڏيڻ جا ڳس بہ ڏيندا آهن تہ انهن ڳسن تي هلڻ جي همت بہ بخشيندا آهن.منهنجو خيال آهي تہ 'رهيل قرض' کي ٻيهر ڇپرائجي، جو تہ سنڌ ۾ هينئر ڪهاڻي پڙهندڙ ۽ لکندڙ، ڪهاڻيءَ سان تمام گهڻو پيار ڪرڻ لڳا آهن. هيءُ ڪتاب (رهيل قرض) اهڙن شائقن لاءِ ڏاڍو لاڀائتو ٿيندو، خاص طور انهن لاءِ جيڪي ڪهاڻي لکڻ جو شوق رکن ٿا. سيد ظفر حسن جو 'رهيل قرض'، هڪ اهڙو رهيل قرض آهي، جيڪو مان سدائين پنهنجي سر تي ڪنيل سمجهندو آهيان، جو تہ ڪجهي وهيءَ ۾ ان ڪتاب مون کي پختو سوچڻ جي سگهہ ڏني هئي. هن ڪتاب جون ڪهاڻيون مون ۽ منهنجي امان گڏ پڙهيون هيون تڏهن مان ستين درجي ۾ پڙهندو هئس ۽ فاشسٽ جنرل ضياءُ جي مارشل لا خلاف سڄي سنڌ ۽ خاص طور منهنجو دادو، ايم آرڊي جي تحريڪ جو جوالا مُکي ٻڻيل هئو، اهو سال 1983ع هئو.

********

عبدالمجيد قريشي

## سنڌ جو سچو هڏ ڏوکي
## ظفر حسن سيد

سائين ظفر حسن سيد جڏهن 1970ع ۾ پرفيڪٽ پرنٽرز، 474 صدر حيدرآباد ۾ قائم ڪئي، اتي منهنجو اُستاد عبدالحميد قريشي فورمين ٿيو، آئون به نئون نئون "خادم وطن" اخبار ويجهو سوسائٽي چوڪ تي ايڊيٽر ۽ مالڪ اخبار محترم لطف الله دل جي "خادم وطن" اخبار مان سنڌي ڪمپوزنگ جو ڪم سکيو هئس. جيئن ته مهنجو اُستاد محترم عبدالحميد سائين جي پريس ۾ فورمين ٿيو ته مون کي به 1971ع ۾ پرفيڪٽ پرنٽرز صدر ۾ ڪمپوزيٽر (سنڌي ڪتابن جي هينڊ ڪمپوزنگ) لاءِ گهرايو. مون پنهنجي اُستاد جي حڪم ۽ وڌيڪ ڪم سکڻ جي شوق جي تڪميل لاءِ پرفيڪٽ پرنٽرز ۾ سنڌي ڪمپوزنگ لاءِ بهتر ادارو سمجهندي سروس شروع ڪئي.

سائين ظفر حسن سيد سان اتي ملاقات ٿي، سائين انتهائي سهڻا ۽ پرڪشش شخصيت جا مالڪ هئا، سائين جو پُر وقار اسٽائيل ان وقت جي سپر اسٽار محمد علي فلم اسٽار سان ڪجهه ڪجهه شبيه ملندي هئي. سائين جا خوش گفتار ۽ ڌيرج مزاج ۽ وڏن ۽ ننڍن کي عزت ڏيڻ سائين جو نصب العين هو، جهڙي صورت سهڻي هئي اهڙي ئي سهڻي سيرت جا مالڪ هئا. آئون سائين سان وڌيڪ رابطي ۾ ان لاءِ هوندو هئس جو سائين پنهنجو سنڌي ۾ ميگزين "ڌرتي" ڪڍيو، ان جي ڪمپوزنگ آئون ڪندو هئس. سائين جي مزاج مطابق ته اکرن ۾ بيجا "ڊئشون" ۽ بيجا "اسپيس" وغيره پسند نه ڪندا هئا.

آئون به جيئن ته هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ هئس ته سائين جي اداري کي پنهنجو ادارو سمجهندي سائين جي هدايتن کي سهڻي نموني دل سان هنڊائيندو هئس، پوءِ منهنجي ڪمپوزنگ جو معيار بهتر ٿيندو رهيو. سائين جي دوستن جي ڪتابن جي ڪمپوزنگ ۽ ٻيو جيڪو ڪم ايندو هو جيئن ته عبدالجبار جوڻيجو جو ڪتاب

"سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ۽ رسول بخش انڙ وڪيل ۽ سائين جو گڏيل رسالو "پروڙ" ۽ ولي رام ولڀ جو ڪتابي سلسلو "آرسي" پڻ آئون ڪمپوزنگ ڪندو هئس. قابليت ۽ خدمت جي جذبي سان ڪم ڪندو هئس، تنهنڪري سائين جي Good Books ۾ آئون سرفهرست هئس. اتي آئون اهو چوندس ته الله سائين وٽ محنتي ۽ مالڪن جي اداري ۾ مخلصي سان ڪم ڪندڙن جي محنت رائيگان نه ويندي آهي. الله سائين مون کي به پنهنجي پريس "لاهوت آرٽ پرنٽرز ۽ بختاور پريس" قائم ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. ان کان علاوه ماهوار "عوامي آمنگ" ميگزين ۽ ويڪلي "آمنگ اخبار" پڻ قائم ڪرڻ ۾ وڏيون آسانيون ۽ معاشري ۾ وڏو مان ۽ مرتبو عطا فرمايو آهي. سن ستر جي ڏهاڪي ۾ سائين سائيڪل تي به ايندو هو ۽ پوءِ جلد ئي نئين ڊاٽسن ڪار گرين ڪلر جي پڻ ورتي جيڪو منهنجو فيورٽ ڪلر هو. ڪجهه وقت کان پوءِ خبر پئي ته سائين سنڌ يونيورسٽي ۾ اُستاد جا فرائض پڻ سر انجام ڏيئي رهيا آهن ته جيئن سنڌ جي غريب شاگردن جي سهڻي نموني تربيت ڪئي وڃي. منهنجو ايمان آهي ته انسان نيڪ نيتي ۽ ايمانداريءَ سان محنت ڪري ته ان جو ڦل الله پاڪ ان کي ضرور ڏيندو.

ظفر حسن سيد وڏي احساس وارا ۽ ڪنهن جي تڪليف ڏسي نه سگهندا هئا. جڏهن آئون سائين ظفر حسن سيد جي يونيورسٽي واري بنگلي ۾ "عوامي آمنگ" ميگزين لاءِ مشورا ڪرڻ ويندو هئس، ميگزين ليٽ ٿيڻ جو سبب معلوم ڪيو، مون سائين کي حقيقت حال ٻڌائي ته: مون سال 1982ع ۾ ڪراچي جي اردو اسپيڪنگ فيملي مان شادي ڪئي آهي جيڪا حيدرآباد رهڻ کي ترجيح نٿي ڏي ! سائين چيو ته: "آئون توهان جي فليٽ تي ايندس ۽ توهان جي Wife کي سمجهائيندس." سائين رابعه اسڪوائر، گاڏي کاتو حيدرآباد ۾ منهنجي فليٽ تي ۽ آيا منهنجي Wife کي ڏسندي ئي چيو ته: *آپ تو اتنی سمجھدار ہیں، آپ کو تو سمجھانے کی ضرورت ہی نہیں، آپ حیدرآباد میں رہیں۔* سائين جي هنن ٻن لفظن ڪري Wife ڪراچي رهڻ جو رينگٽ ڇڏيو. وڌيڪ سائين جي خاطر تواضع لاءِ گهر ۾ موجود بوتل مان Fiesta Orange جو شربت ٺاهي پيش ڪيو ته سائين فورا فرمايو: "مجيد منهنجا ٻار به Fiesta Orange پسند ڪندا آهن، توهان ته 17 هين گريڊ جي آفيسر واري زندگي گذاري رهيا آهيو" مونکي وڏي خوشي ٿي، سائين جو اهو وڏو پن هو جو هن

هڪ پنهنجي پريس جي سابقہ ورڪر کي پنهنجي برابر سمجهندي تعريف ڪئي.

أهو ئي سبب آهي جو اڄ سائين جو هونهار شاگرد (جاگرافي ڊپارٽمينٽ) محترم مختيار ملاح منهنجي پراڻي ڪلائينٽ منصور قادر جوڻيجو جيڪو ميڊم حميده کهڙو جا ڪتاب سال 1986ع ۾ منهنجي ”لاهوت آرٽ پرنٽرز“ مان ڇپائيندو هو، ان کان منهنجو فون نمبر وٺي مون کي Approach ڪيو تہ: ”خبر پئي آهي تہ توهان سائين ظفر حسن جي ويجهو رهيا آهيو، آئون سائين تي ڪتاب شايع ڪري رهيو آهيان توهان مهرباني ڪري ڪجهہ مواد سائين جو ڏيو.“ اها منهنجي لاءِ وڏي اعزاز ۽ خوش قسمتي جو باعث هو تہ سائين ظفر حسن سيد جهڙي شخصيت جي ويجهو آئون ناچيز سمجهيو ويندو آهيان. سائين ظفر حسن سيد جي بهترين دوست آغا شهاب الدين (رائيٽر/سابق سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ سنڌ) جو رائٽ هينڊ HDA جو ملازم غلام حسين ميمڻ 8 مارچ 1998ع تي مون کي فون ڪري چيو تہ: ”الله پاڪ خير ڪري ظفر حسن جي وفات جي خبر ٻڌي آهي توهان مهرباني ڪري معلوم ڪري ٻڌائيندا.“ مون بہ حيرت مان غلام حسين ميمڻ کي چيو تہ آئون هڪ ڏينهن اڳ سائين ظفر حسن سان مليو آيو هئس پاڻ بلڪل ٺيڪ ٺاڪ هئا، الله پاڪ خير ڪندو وري بہ آئون معلوم ڪريان ٿو. مون اوڏي مهل ئي مون فون ڪيو تہ سائين جي نياڻي روئڻ هارڪي لهجي ۾ ٻڌايو تہ سائين گذاري ويا آهن. پوءِ مون غلام حسين ميمڻ کي فون ڪري ٻڌايو تہ واقعي سائين گذاري ويا آهن ۽ آئون فورن ڄامشوري واري گهر تي پهتس تہ تڏو وڇايل هو. اتي پير آفتاب شاهہ جيلاني ۽ سائين جا دوست، رائيٽر ، اديب ۽ ڪليگ وڏي تعداد ۾ موجود هئا. سندس تدفين اباڻي ڳوٺ قطب شاهہ لڳ موسيٰ ڪٽياڻ ٽنڊو ڄام ۾ ڪئي وئي.

بهرحال سائين ظفر حسن سيد منهنجا بهترين أستاد ۽ محسن هئا، مون جڏهن ماهوار ”عوامي أمنگ ميگزين“ ڪيڻ جو پروگرام ٺاهيو ۽ ان جي آفيس جي افتتاحي تقريب جو اهتمام ڪيو تہ سائين کي ميگزين جي مهورت ۽ خاص مهمان ٿيڻ لاءِ گذارش ڪئي پاڻ قرب جا قدم ڀري آيا. پر پوءِ مون سان حال اوريو تہ: ”مجيد توهان ڪيڏي نہ أڪير ۽ أميد سان مون کي دعوت ڏني، جي آئون نہ اچان ها تہ توهان کي ڪيڏو نہ ڏک ٿئي ها، پر ڏسندڙن ٻيو پهلو ڏنو ۽ مون تي تنقيد

ڪئي تہ ظفر حسن سيد هڪ اهڙي ميگزين جي مهورت ڪئي آهي جنهن جو ڪجھہ حصو "اردو" جو پڻ آهي.

سائين ظفر حسن سيد جو وڏو وڙ ۽ احسان چئبو تہ مون جهڙي ادنيٰ شخص لاءِ پاڻ کي تنقيد جو نشانو بڻايو. آئون زندگيءَ ڀر سائين ظفر حسن سيد جو نهايت دعاگو ۽ احسان مند رهندس، الله پاڪ در دعا آهي تہ: سائين ظفر حسن سيد کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ـــ (آمين)

حيدرآباد

7 سيپٽمبر 2020ع

********

ڊاڪٽر ڪرم علي رستماڻي

## عظيم ڪھاڻيڪار ظفر حسن سيد

سائين ظفر حسن شاھ سان منھنجي ملاقات ضياءَ جي مارشل لا واري وقت سائين جي سنڌ يونيورسٽي واري سرڪاري بنگلي تي هڪ شام جو ٿي، سائين کي عرض ڪيم تہ اسان ايل. ايم.سي ڄامشورو مان پرپات پبليڪيشن جي نالي سان مئگزين ڪڍي رهيا آهيون. اوهان جي رهنمائي جي ضرروت آهي، سائين صاف چيو تہ ”بابا رسالي ۾ جيئي سنڌ جي خلاف ڪوبہ مواد نہ هلندو، اهو اوهان کي قبول هجي تہ رهنمائي ڪندس.“ مون سائين جو شرط مڃيو، رسالو اسان ڪڍيو، سائين ظفر حسن شاھ کي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان عشق جي حد تائين جنون هو. پاڻ سنڌ جي انھن ٿورن اديبن، ليکڪن مان هو جن ضياءُ الحق جي مارشل لا واري وقت اهل قلم ڪانفرنس ۾ اسلام آباد شرڪت ڪرڻ کي گناھ ڪبيرا تصور ڪندي ان ڪانفرنس جو بائيڪاٽ ڪيو، جن اديبن شاعرن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، سائين ظفر حسن شاھ انھن کي قومي غدار سمجھندي اُنھن سان ملڻ ۽ هٿ ڏيڻ لاءِ ڪنھن وقت تائين تيار نہ هو، سيد ظفر حسن شاھ جو هڪ تاريخي انٽرويو منھنجي دوست همسفر گاڏهي ۽ مون ڪيو، جيڪو سنڌ.سجاڳ ۾ سائين جي وفات کان اڳ ۾ ڇپيو.

ظفر حسن شاھ سرڪاري ملازم هوندي قومي تحريڪ کي نظرياتي طرح ويجھو رهيو، پاڻ جاگرافي ڊپارٽمينٽ سنڌ يونيورسٽي ۾ استاد ۽ هيڊ آف دي ڊپارٽمينٽ هو، سيد ظفر حسن شاھ جون ڪھاڻيون مون مئٽرڪ جي زماني ۾ پڙهيون، صاف سٿرا ڪپڙا، نفيس بدن، رنگ جو گورو، قد بت پورو، اڇا چانديءَ جھڙا وار، خوبصورت چھري تي چشمو، لائيٽ گرين گاڏيءَ ۾ اڪثر پينٽ ۽ شرٽ سان منھنجي ڪلينڪ جي سامھون روڊ تان گذرندا هئا، همسفر گاڏهي ۽ مون سائين جو جيڪو انٽرويو ڪيو هو ان دوران سائين ٻڌايو هو تہ سنڌي ٻوليءَ جون اخبارون ۽ رسالا ڪيتري وقت کان ڪونہ پڙهان، انگريزي اخبار پڙهندو آهيان. سائين ظفر حسن شاھ ٻڌايو هو

تہ مون پنهنجي لئبرريءَ جا هزارين ڪتاب ڪلچر ڊپارٽمينٽ کي وڪرو ڪيا آهن، سائين ظفر حسن شاهہ سان ملي مون کي اهو معلوم ٿيو تہ هي ماڻهو نهايت سچو، ايماندار، وطن دوست انسان هو، جن محض پنهنجي انفرادي سچائيءَ سان سنڌ ۽ سنڌي زبان ۽ سنڌي قوم جي خدمت ڪئي. سائين ظفر حسن شاهہ سنڌي ادبي سنگت جو باقاعده عهديدار رهيو ۽ سنڌي ادبي سنگت سنڌ يونيورسٽي ڪالوني جو يونٽ سيڪريٽري آخري وقت تائين رهيو. سائين پنهنجي راءِ نهايت بي باڪيءَ سان ڏيندو هو.

سائين ظفر حسن شاهہ وفات کان ڪجهہ وقت اڳ مجيد قريشيءَ طرفان جاري ڪيل رسالو ”عوامي أمنگ“ جو افتتاح ڪيو هو، اهو ڏسي مون کي حيرت ٿي تہ سائين ظفر حسن شاهہ هڪ اهڙي رسالي جو افتتاح ڪيو جيڪو سنڌي ۽ اردو ۾ گڏيل طرح شايع ٿيل هو. اها مجيد قريشيءَ جي ڪاميابي آهي، جنهن سائين ظفر حسن شاهہ کان گڏيل رسالي جو افتتاح ڪرايو.

مون سائينءَ جون لکڻيون پڙهڻ چاهيون، ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو، سائين شمشير الحيدري، علي بابا ۽ ٻين دوستن سان رابطي ڪرڻ جي باوجود سائينءَ جو ڪوبہ مواد ملي نہ سگهيو آهي، سائين ظفر حسن مادر علمي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هزارين شاگردن کي جاگرافي بابت ۽ سنڌ بابت وطن دوستيءَ جا سبق پڙهايا. اڄ هُو جسماني طور تي موجود نہ آهي، ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سائين ظفر حسن شاهہ جون لکڻيون سهيڙي هڪ ڪتاب جي صورت ۾ ڇپائڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي چڱن ڀلن اديبن کي سائينءَ جي لکڻين جي ڪابہ ڄاڻ نہ آهي. وطن دوست اديب، قلمڪار ۽ شاعر ايستائين زنده رهندا جيستائين چنڊ ۽ ستارا رهندا.

(ماهوار ”عوامي امنگ“، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

********

ربنوازناريجو

## ظفر حسن جون يادون

سنڌ جي ارڏي ليکڪ سائين ظفر حسن سيد تي لکڻ وقت لفظ ساٿ ڇڏي ٿا وڃن ۽ قلم ۾ جنبش ٿي اچيو وڃي ۽ هٿ ڏڪڻ شروع ڪن ٿا، دل ڌڙڪڻ لڳي ٿي. اکين ۾ ڳوڙهن جي برسات ازخود شروع ٿئي ٿي ۽ ذهن ۾ ڪيترائي موضوع ابري اچن ٿا. فيصلو نٿو ڪري سگهجي تہ هن جي ڪهڙي پهلوءَ تي لکجي، ڇو تہ هن خاموش مجاهد جا ڪيترائي رخ آهن. غريبن سان همدرديون شاگردن جي مالي مدد اديبن جي مدد مطلب تہ ظفر حسن جي شخصيت تي لکڻ مون جهڙي ناقص ماڻهوءَ کان مٿي آهي، پر ان هوندي بہ ڪجهہ عقيدت جا گل نڇاور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندس.

ظفر حسن هڪ انسائيڪلو پيڊيا ۽ ڊڪشنري هو. هي هڪ خاموش مجاهد پنهنجي مورچي تي بيٺل ۽ پنهنجي اصول تي قائم رهندڙ چانديءَ جيان چمڪندڙ ۽ سفيد وارن واري ماڻهوءَ جهڙو هو، جهڙو ٻاهران سهڻو ۽ اجرو تهڙو وري اندر جو صاف ۽ شفاف ۽ اهڙو وري سخي ۽ غريبن جو همدرد. مون کي هڪ ڏينهن ياد ٿو اچي تہ مرحوم راهي صاحب کي دل جو دورو پيو تہ ظفر حسن پهريون ماڻهو هو جنهن ڪيس اسپتال پهچايو ۽ ان جي مالي مدد ڪئي، ان کان پوءِ گهر پهچي ٽي هزار ڪٽي اچي مونکي ڏنا تہ هيءَ رقم جلدي راهي صاحب کي پهچاءِ ۽ وڌيڪ حال احوال معلوم ڪري مون کي ٻڌاءِ تہ ان جي لاءِ وڌيڪ ڪوشش ڪري سگهجي تہ جيئن هن کي وڌيڪ تڪليف ۽ نقصان کان بچائي سگهجي.

ظفر حسن شل نہ ڪنهن غريب ماڻهو جو ٻڌي تہ هن کي بيماري جي حالت ۾ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي، ٻڌڻ شرط ٺي اسپتال هليو ويندو هو ۽ ڊاڪٽرن سان ملي ان لاءِ معلوم ڪندو هو ۽ ان جي خرچ ۽ دوائن جي لاءِ ڪجهہ رقم ڏئي چپ چاپ هليو ويندو هو. ان کان پوءِ آءٌ جڏهن سائين ظفر حسن جي تڏي وينو هوس تہ هڪ نوجوان ڇوڪر روئندي چيو تہ هاڻي منهنجي ٽيوشن جي في ۽ پڙهائي

جو خرچ ڪير ڏيندو ؟ نالي جي پڇا ڪرڻ تي خبر پئي ته ان جو نالو عمران خان هو. ان مان معلوم ٿو ٿئي ته غريبن جي ٻارن جون مالي مددون به ڪندو رهندو هو. مطلب ته اهڙا ڪيترائي ٻار هوندا جن جي مدد ڪندڙ ظفر حسن جهڙي انسان جي گولا ۾ ٻار هاڻي ڪنهن ٻئي در واجهائيندا يا وري تعليم جهڙي زيور کان محروم رهجي ويندا. ظفر حسن جي موت ڪيترن ماڻهن کي بي يارو مددگار ڪري ڇڏيو آهي، اهڙا ماڻهو مرڻا ناهن صدين تائين زنده رهندا.

(ماهوار ”عوامي امنگ“، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

********

## سندر چانڊيو

### سنڌ جو دلير ۽ باضمير اديب: سائين ظفر حسن

سائين منهنجا، چون ٿا تہ اديب، ٽن قسمن جا هوندا آهن: هڪڙا اديب لکندا آهن صرف ان ڪري تہ انهن کي تخليقي عمل جي ڪري شهرت ملي، ٻيا اديب لکندا آهن تہ لکڻ جي عيوض کين ڪو معاوضو ملي ۽ ٽيان اهڙا اديب هوندا آهن جيڪي قومن جي مسئلن، ڏکن سورن، ثقافت ۽ تاريخي ورثي کي اجاگر ۽ زنده رکڻ سان گڏ بي ضمير ماڻهن جي وجود کي جهنجهوڙڻ لاءِ لکندا آهن ۽ منهنجي خيال ۾ اهو صحيح اديب هوندو آهي. اهڙو ادب تخليق ڪندڙ سائين ظفر حسن سيد بہ هڪ آهي جيڪو نہ صرف باضمير اديب رهيو آهي پر ان سان گڏ بااصول ۽ سنڌ جو دلير ۽ غيرتمند اديب رهيو آهي.سائين ظفر حسن سيد وقت جو پابند ۽ سنڌي قوم جي حقن جي جياپي لاءِ هن سڄي زندگي جنگ وڙهي. سندس زندگي جا ڪئين يادگار تاريخي واقعا رهيا آهن. هڪ دفعي سائين ظفر حسن سيد جن ڪراچي کان اسلام آباد پي. آءِ. اي ذريعي سفر ڪري رهيا هئا ان موقعي تي سائين ايئر سفر ڪري رهيا هئا، ان موقعي تي سائين ايئر هوسٽس کي چيو تہ اخبارون کڻي اچ جڏهين هوءَ اخبارون کڻي آئي تہ ان ۾ صرف اردو ۽ انگريزي جون اخبارون موجود هيون. ان تي سائين ظفر حسن سيد پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائيندي چيو تہ مونکي سنڌي اخبار گهرجي جنهن تي جهاز جي عملي چيو تہ سنڌي اخبار اسان نہ گهرائيندا آهيون ان تي سائين ظفر حسن سيد چيو تہ جيستائين مونکي سنڌي اخبار پڙهڻ لاءِ نہ ملندي ان وقت تائين مان پنهنجو سفر ڪراچي کان اسلام آباد تائين بيهي ڪندس ۽ ان سان گڏ پي. آءِ. اي خلاف اها شڪايت پڻ بالا آفيسرن تائين ڪندس تہ سنڌي اخبارون جهازن ۾ ڇو نہ گهرايون ٿيون وڃن. اهو ئي سبب آهي جو ان ڏينهن کان پوءِ سنڌي اخبار پي .آءِ اي جي جهازن ۾ گهرائڻ شروع ڪئي ويئي.

سائين ظفر حسن سيد هڪ قومپرست اديب هئڻ سان گڏ بااخلاق، باضمير ۽ نفيس طبيعت جا مالڪ هئا. مونکي ته سندس ڪارايل ڪيڪ جا اهي ٽڪرا اڄ به ياد آهن جيڪي ڪجھ ڏينهن اڳ هن پنهنجي هٿن سان وڏي مونکي ۽ انعام شيخ کي ڪارايا، پر ڪهڙي خبر ته موت جا فرشتا هن کي ايترو جلدي اسان کان جدا ڪري ويندا ۽ پوءِ مون جهڙي ناچيز کي هيڏي جبل جهڙي دلير ۽ جوشيلي عظيم انسان تي هي سٽون لکڻيون پونديون. سائين ظفر حسن سيد لاءِ هي سٽون ڪافي نه آهن. ان جي يادگيرين کي تازي ڪرڻ لاءِ سندس فن، فڪر ۽ شخصيت جي حوالي سان ڪي سيمينار ڪرائڻ گهرجن، هن جي مڙني ادبي تخليقن کي گڏ ڪري ڪتاب شايع ڪرڻ گهرجن. ظفر حسن سيد جي نالي ڪي ادبي اڪيڊميون، لائبرريون ۽ سنڌ يونيورسٽي ۾ "ظفر حسن سيد چيئر" قائم ڪري سائين جي ادب ۽ سنڌي ٻولي جي خدمتن جي اعتراف طور خراج عقيدت پيش ڪرڻ بهترين ڪم ٿيندو. سائين ظفر حسن سيد اڄ به سنڌ ڌرتي، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قومپرست اديب هئڻ جي ڪري سنڌي اديبن ۽ سنڌي عوام جي دلين ۾ زنده آهي ۽ زنده رهندو. سندس اوچتو وڇوڙو پوري سنڌي قوم لاءِ هڪ الميو آهي. ان تي جيترو افسوس ڪجي گهٽ آهي.

(ماهوار "عوامي امنگ"، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

********

## شاهنواز جلباڻي

# سائين ظفر سان گهاريل ڪجهہ ساروڻيون

آءُ شاگرديءَ واري دؤر جون جيڪڏهن ساروڻيون ساريان ٿو تہ جاگرافيءَ ڊپارٽمينٽ جي هڪ شخص جو چٽو عڪس منهنجي ذهن ۾ اچي ديرو ڪري ٿو، اهو عڪس سائين ظفر حسن شاهہ صاحب جو آهي، جنهن کي مرحوم چوڻ جي سڪت پاڻ ۾ نہ ٿو پائيان. اُنهيءَ شخصيت مونکي ايترو تہ متاثر ڪيو جو وري ڪڏهن اهڙي شخصيت اڄ تائين نظر ئي ڪونہ آئي آهي. سائين جي شخصيت جهڙيون خوبيون ٻئي ڪنهن شخص ۾ نظر ڪو نہ آيون اٿم.

1990ع جو دؤر هو، منهنجي جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ داخلا ٿي. ان ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين سائين ظفر حسن شاهہ صاحب هئا. ائين سائين جن سان سڌو سنئون رابطو شروع ٿيو. جاگرافي ڊپارٽمينٽ جو شاگرد هجڻ سان گڏوگڏ آءٌ شرارتي ۽ ڪامريڊي دنيا ۾ بہ رهيس. ان دؤر ۾ ڪلاسن جا بائيڪاٽ، سياسي جهيڙا ۽ پڙهائي ۾ خلل گهڻا رهندا هئا. سو مون بہ ڪافي دفعا ڪلاسن جا بائيڪاٽ ڪرايا، ڪڏهن ڪلاسن کي تالا هڻي امتحان ملتوي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن اها خبر سائين جي ڪن تي پئي تہ مونکي گهرايائين پر ڪو بہ دڙڪو يا ڪاوڙ جو اظهار ڪونہ ڪيائين. صرف لفظن جي اهڙي تہ مار ڏنائين جو سبق اڄ تائين ياد آهي.

سائينءَ جن جو ڳالهائڻ جو انداز مائيٽو پر شخصيت جو اهڙو تہ رعب ۽ دٻدٻو هوندو هُو جو ڪنهن ٻئي ڊپارٽمينٽ جي شاگرد جي همت ڪانہ ٿيندي هئي تہ جاگرافي ۾ اچي ڏاڍائي ڏيکاري يا ماحول خراب ڪري. سائين ظفر حسن شاهہ صاحب جن سنڌ ڌرتيءَ سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا. پاڻ هميشہ سنڌي ٻولي ڳالهائيندا هئا پوءِ ڀلي شاگرد اردو ڳالهائڻ وارو ڇو نہ هجي. پاڻ هميشہ ٻولي سان پيار جو اظهار سنڌي ٻولي ڳالهائي ڪندا هئا. ۽ ٻين کي سنڌي ڳالهائڻ جي تلقين بہ ڪندا هئا. وقت جي پابندي جي جيڪڏهن ڳالهہ ڪريان تہ اُن دؤر ۾ ڪوبہ استاد اهڙو منهنجي نظر مان نہ گذريو جيڪو وقت جو پابند هجي. پر سائين ظفر حسن شاهہ صاحب ڪڏهن بہ ڪلاس ۾ پهچڻ

۾ دير نہ ڪئي. هميشہ ليڪچر هال ۾ وقت کان پهريائين پهچندا هئا. پڙهائڻ جو انداز ايترو تہ سنو هوندو هُين جو ڪوبہ شاگرد ڪلاس ڇڏڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪندو هو، جو تہ سائين جن جي ليڪچر ڏيڻ کانپوءِ هر ڳالهہ اهڙي تہ ذهن نشين ٿي ويندي هئي جو نوٽس ناهڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي هئي.

1992ع جي جنوريءَ جي پهرين تاريخ هئي. اسان شاگردن بورڊ تي نئين سال جون واڌايون لکيون يعني (Happy New Year) سائين ظفر حسن صاحب جيئن ئي ڪلاس ۾ داخل ٿيا تہ بورڊ پڙهيائون پوءِ اصل ڪلاس ڇڏي نئين سال تي ليڪچر ڏنائين.اهو سمجهايائين تہ نئون سال خوشيون ملهائڻ لاءِ ڪونہ هوندو آهي. پر نئون سال تہ اسان کي ياد ڏياري ٿو تہ زندگيءَ مان هڪ سال گهٽ ٿيو. ٻيو تہ گذريل سالن ۾ ڪيل غلطيون ۽ ڪوتاهيون نئين سال ۾ نہ ورجايون.

استاد جي حيثيت سان مهربان ۽ انصاف پسند ايترا هوندا هئا. جو جيڪڏهن ڪنهن شاگرد کي پاس ٿيڻ لاءِ ڪجهہ مارڪن جي ضرورت هوندي هئي تہ اوتريون ئي مارڪون پوري ڪلاس کي وڌائي ڏيندا هئا. تعليمي سلسلي ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن جي سفارش ڪونہ قبول ڪندا هئا.

سائين ظفر حسن شاهہ صاحب جن کي شارٽ ڪٽ کان هميشہ چڙ هوندي هئي. پاڻ سدائين سِڌي رستي تي هلڻ جي تلقين ڪندا هئا. پوءِ اهو روڊ رستو هجي يا زندگيءَ جو پيچرو.

1995ع ۾ اسان پاس آئوٽ ڪري يونيورسٽيءَ کي الوداع چيو . پوءِ سائين جن سان ملاقات تمام گهٽ رهي. سائين جن جي رهائش سنڌالاجي جي پرسان بنگلي ۾ هئي. 8 مارچ 1998ع جو مونکي سائين نبي بخش سيال صاحب جيڪي سائين جن جا پاڙيسري هئا جي گهران فون آئي تہ سائين ظفر حسن شاهہ صاحب جن هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا آهن.

اسين شاگرد لڏو، سائين جن جي ڳوٺ تدفين ۾ شريڪ ٿياسين. الله تعاليٰ کان دعاگو آهيان تہ سائين جي مغفرت فرمائين ۽ کين جنت جو اعليٰ مقام عطا فرمائين، آمين.

اڄ سائين ظفر حسن شاهہ اسان جي وچ ۾ موجود نہ آهن پر سندس سوچ، فڪر، دوستاڻي طبيعت ۽ خاص طور تي شاگردن کي سڌي راهہ تي رکڻ جو انداز هميشہ ياد رهندو.

***********

رمضان شورو

## ظفر حسن: سنڌي ٻوليءَ جو عاشق ۽ کرو شخص

”رباني صاحب جي آفيس ۾ گهڙياسين تہ هو ڏاڍي قربائتي نموني مليو، سيني دوستن سان ملڻ کانپوءِ رباني ميز جي خاني مان هوائي جهاز جي ٽڪيٽن جو هڪ ٿهو ٻاهر ڪڍيو ۽ هڪ ٽڪيٽ ڳولي امداد حسيني ڏانهن وڌائيندي چيو تہ: امداد، هي تنهنجي اسلام آباد ۾ ضياء صاحب جي سڏايل اهل قلم ڪانفرنس جي ٽڪيٽ آهي، بابا هلڻ جي تياري وٺ.“

امداد ڪرسيءَ تان اٿي بيٺو ۽ چيائين، ”مان نہ هلندس.“

”ڇو نہ هلندين.“ رباني جو منهن ڪاراٽجي ويو. سڀ دوست امداد ڏانهن آفرينيءَ سان نهارڻ لڳا.

”نہ هلندس، معنيٰ نہ هلندس، ان ۾ ڪنهن حيلي حجت جي گنجائش ناهي.“ غلام رباني ڦڪائي سان ٽڪيٽ ميز جي خاني ۾ رکي ڇڏي.

اسان سان گڏ موجود ظفر حسن،رباني ڏانهن ڦهري نگاهن سان نهاري رهيو هو.“

هي اهي لفظ آهن، جيڪي سرڳواسي ڇمڻ ڪومل جو ”وهي ڪاتي جا پنا“ جي عنوان سان پنهنجي لکيل آتم ڪٿا جي ٽيهٺهين صفحي ۾ لکيا آهن.

هتي هنن لفظن جي ذڪر ڪرڻ جو مقصد غلام رباني آگري صاحب کي گهٽ ڪري ڏيکارڻ يا سندس ضيائي مارشل لا سان سڱابندي ياد ڏيارڻ ناهي، پر اصل ۾ ذڪر ان شخصيت جي اصول ۽ رويي جو ڪرڻو آهي، جنهن کي اسين سڀ ظفر حسن جي نالي سان ڄاڻون سڃاڻون ٿا، جيڪو پنهنجي اصولي موقف تي ڄمي بيهندو هو ۽ اصولي موقف جي ڀڃڪڙي تي ڪنهن کي بہ معاف نہ ڪندو هو.

سنڌ جي هن گهڻ پاسائين انسان حيدرآباد جي ويجهو پنهنجي ئي ڏاڏي سيد ثابت علي شاهہ جي آباد ڪيل وسنديءَ ۾ سيد نظر علي شاهہ جي گهر ۾ 1937 جي آگسٽ مهيني جي ان تاريخ تي جنم ورتو،

جنهن تاريخ تي ٺيڪ ڏهن سالن کان پوءِ پيارو پاڪستان وجود ۾ آيو. هن پرائمري تعليم واڻڪي وسيءَ جي پرائمري اسڪول مان ورتي، ظفر حسن چوندو هو تہ ڪيس ان اسڪول ۾ پڙهڻ تي فخر آهي، پر هاڻي واڻڪي وسي واسي توڙي هن اسڪول جا استاد ۽ شاگرد چون ٿا تہ هن اسڪول کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ هن ۾ ظفر حسن پڙهيو.

ظفر حسن هڪ ئي وقت استاد، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار، ڊائريسٽ، مرتب، ايڊيٽر، پبلشر ۽ نقاد هو. ظفر حسن انهن سڀني پهلوئن تي ڳاٽيڻي مطابق نہ پر معيار تحت ڪم ڪيو، هن ”پرفيڪٽ پريس“ نالي پنهنجو پبلشنگ ادارو بہ قائم ڪيو، جنهن ۾ هن ڪيترن ئي ليکڪن جا ڪتاب ايڊٽ ڪري ڏاهي سنواري ڇپيا، پرفيڪٽ پريس سائين محمد عثمان ڏيپلائي جي پريس کان پوءِ ٻي پريس هئي جيڪا سياسي مسئلن تي پمفليٽ ۽ اشتهارن کان سواءِ ترقي پسند ادب بہ دليري سان ڇاپيندي هئي، هن مرحوم طارق اشرف سان سهٽي ۽ ولي رام ولڀ سان گڏجي ”آرسي“ رسالا ڪڍيا، جن جي معيار جي ساک هر پڙهيو لکيو ماڻهو ڏئي ٿو، هن ”ڌرتي“ ۽ ”انڊلٽ ڊائجسٽ“ جاري ڪيا، ڪجهہ عرصو سائنسي مواد تي مشتمل رسالي سائنس لاءِ بہ ڪم ڪيو.

سائين ظفر حسن ادب جي دنيا ۾ اچڻ جي شروعات ڪهاڻي لکڻ سان ڪئي، سندن ڪهاڻين جو مجموعو ”رهيل قرض“ جي عنوان سان 1981 ۾ ڇپيو.

ظفر حسن سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ سان بيحد عشق ڪندو هو، سائين جي ايم سيد کان پوءِ مون اهڙو عشق صرف ظفر حسن ۾ ڏٺو، هن وڏو عرصو اردو ٻوليءَ کان بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو هو جو هو سمجهندو هو تہ سنڌي ٻوليءَ جو وڏ ۾ وڏ استحصال ڪندڙ ٻولي اردو آهي، چوندو هو تہ جڏهن بہ سنڌي قوم کي ترقي وٺرائڻ يا سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بڻائڻ لاءِ ڪا تحريڪ هلي تہ ان کي اردو ٻوليءَ ۽ ا. دو دانن ئي نقصان رسايو آهي، ظفر حسن چوندو هو تہ اسان جي لکيل پڙهيل نوجوانن کي پنهنجي انگريزي بہ سڌارڻ گهرجي، جيئن انهن کي ڪنهن امتحان يا انٽرويو وغيره ۾ اردو ٻوليءَ جو سهارو نہ وٺڻو پوي.

آمر جنرل ضياالحق سنڌ ڄائي ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاهي ڏيڻ کانپوءِ پاڪستان جي اديبن، شاعرن، ليکڪن ۽ دانشورن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد پاران اهل قلم

ڪانفرنس جو هڪ سلسلو شروع ڪيو، ان ڪانفرنس ۾ سنڌ جي چاتل سڃاتل اديبن، شاعرن نہ صرف شرڪت ڪئي پر پنهنجا سٺيا ۽ انتظامي عهداٗ بچائڻ لاءِ ٻين ڪي بہ مختلف ڊپ ڏئي شرڪت ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي، ظفر حسن نہ صرف انهن جي مخالفت ڪئي پر انهن جو سماجي بائيڪاٽ ڪندي، انهن سان ڪنهن بہ قسم جي ڏيتي ليتي ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو سلسلو بند ڪري ڇڏيو، اهو سلسلو سڄي زندگي جاري رکيائين ۽ پنهنجي اصول تي ڪڏهن بہ مصلحت نہ ڪيائين.

("افيئر" رسالو، 25 فيبروري 2015ع تان ڪنيل)

********

## روزينه جوڻيجو

## سائين ظفر حسن

مان سائين ظفر حسن جي شاگرديائي رهي آهيان، سائين بابت ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن، جيڪي جڏهن لکڻ ويٺي آهيان ته يادن جو هڪ سلسلو ذهن ۾ شروع ٿيو آهي. مون کي ياد ٿو پوي ته جڏهن داخلا وٺي مارئي هاسٽل ۾ رهڻ لڳس ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل ڇوڪرين سان واسطو پيو ۽ ڪڇهريون ٿيون ته انهن شروعاتي ڪچهرين ۾ پهريون سوال هيءُ هوندو هو ته ڪهڙي ڊپارٽمينٽ ۾ داخلا ورتي اٿئي؟ پوءِ ائين ساهيڙين جا ٽولا ٺهيا پوءِ ڪي پنڌ ڪئمپس ويندیون هيون ته ڪي بس جو انتظار ڪنديون هيون، عام طرح سياري ۾ مارئي هاسٽل کان وي سي هائوس، پوءِ ڪئمپس ڏانهن ويندڙ ٻه رستا علامہ آءِ. آءِ. قاضي وارو ۽ فزڪس ڊپارٽمينٽ وارو رنگي ٻه رنگي ٿي پوندو هو ۽ رستي ۾ ٽهڪڙا ٽهڪڙا هوندا هئا، پر اونهاري ۾ گهڻو ڪري بس جو انتظار ٿيندو هو.

مون کي ياد آهي ته اسان سيني تي سنجيدگي طاري ٿي ويندي هئي. جڏهن ڊپارٽمينٽ ويجهو ايندو هيون سين ته مون کي انهن ڏينهن جون يادگيريون چٽيون آهن ته جڏهن مون مارئي هاسٽل جي هڪ سينئر کي وڏي اعتماد سان ٻڌايو ته منهنجي داخلا جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ ٿي آهي ته هن تکڙ ۾ چيو ته اڙي ڦاسي وئينءَ؟ وراڻيائين ته توهان جو چيئرمين ظفر حسن آهي. ان وقت منهنجا ڊپارٽمينٽ ۾ شروعاتي ڏينهن هئا مون کي خبر ڪانه هئي ته چيئرمين ڪير آهي؟ ٻئي ڏينهن مون معلوم ڪيو ته واقعي اسان جي ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين ظفر حسن آهي هاڻي مون لاءِ سوال هو ته مان ڦاسي ڪيئن ويس؟ مون مارئي هاسٽل جي سينئر کان انهيءَ سوال جو جواب معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر جواب هڪڙو ئي هو ته سائين سخت ماڻهو آهي، پر انهيءَ سخت هجڻ جي وضاحت ڪنهن وٽ به ڪانہ هئي. انهن ئي شروعاتي ڏينهن ۾ منهنجي واقفيت هدايت ناريجو سان ٿي جيڪا منهنجي ڪلاس فيلو هئي ۽ مزي جي ڳالهہ اها هئي ته منهنجي روم پاٽنر به ان ئي ڊپارٽمينٽ جي هئي فخر النساءِ اسان ٽئي هاسٽل ۾ خوب گلا ڪندا هئاسين جڏهن گڏ ويهي شام جو چانهہ پيئندا هئاسين.

هڪ تہ مان اڳ ئي لڪي آئي آهيان تہ ڊپارٽمينٽ ايندي ئي اسان سنجيده ٿي ويندا هئاسين. شايد احترام هو، شايد ڊپ هو، پر هاڻي پانيان ٿي تہ اهو ڊپ هو انهيءَ ڊپ واري ڪيفيت ۾ جڏهن ڊپارٽمينٽ پهچبو هو تہ پهرين، دعا اها هوندي هئي تہ ڊپارٽمينٽ جي گيٽ کان ڪاريڊور ۾ پوءِ المارين جي ديوارن سان اسان جو ٽهيل گرلسُ ڪامن روم تائين ڪٿي سائين ظفر حسن نہ گڏجي.

هتي مان هي ڳالهہ واضح ڪيان تہ ان وقت اسان جي ڊپارٽمينٽ ۾ گرلس ڪامن روم نہ هيو پوءِ اسان 4 ڇوڪرين مان نجمہ سومرو، هدايت ناريجو، فخر النساءِ ۽ درخشہ ڇئي ڇئي نيٽ اهو ڪامن روم ٺهرايو هو، جتي بہ ويهڻ جو ڪو خاص انتظام نہ هيو. ٿوري عرصي کان پوءِ اهڙو اتفاق بہ ٿيو جو هفتي ۾ هڪ بہ دفعا سائين ظفر حسن ڪي ڪار مان لهندي ڏسبو هو يا ڪلاس ۾ ايندي تہ مون اهو بہ نوٽ ڪيو تہ هن جي چهري تي سنجيدگي هوندي هئي، هن وقت آءٌ ياد ڪيان ٿي تہ اها سنجيدگي ڏاڍي پر وقار هوندي هئي ۽ انهيءَ ڪي چار چند سائين جي ڊريس ۾ سفيد وار لڳائيندا هئا. آهستي آهستي اسان سائين ڪي ڏسي رستو مٽائڻ جي بجاءِ بيهڻ لڳاسين تہ اڇي تہ سلام ڪيون، پوءِ ڏٺوسين تہ سائين سلام بہ ڪري ٿو ۽ سلام ورائي بہ ٿو، مسڪرائي ٿو ۽ ڪلي بہ ٿو. مون ڪي ياد آهي تہ سائين جو سفيد وارن ڪي هيرو جي انداز سان هٿ ڦيرڻ ۽ پر اعتماد قدمن سان ڏاڪڻ چڙهڻ ڪيترو نہ شاندار ۽ باوقار هوندو هو. پر پوءِ بہ سائين وٽ وڃڻ ۽ ملڻ جي اسان ڪي همت ڪا نہ ٿيندي هئي. سائين وٽ وڃڻ لاءِ ڪونہ ڪو سبب يا ڪم هجڻ ضروري هو. اسان جي هڪ بہ ڪلاس فيلو ڪي سائين جي آفيس مان گهٽو ڪري ايندي ويندي ڏسندا هئاسين، پوءِ خبر پئي تہ هو رائيٽر آهن ۽ سائين وٽ ڪا نہ ڪا لکٽي يا مضمون ڏيڪارڻ لاءِ ويندا آهن. انهن ڏينهن ۾ سائين جي آفيس کان پهرين ايڊمنسٽريٽر جي آفيس هئي جتي هڪ ٽيبل تي ڪيترين ئي مارڪ ٿيل اخبارون پيون هونديون هيون، پوءِ آفيس جو اسٽاف ميمبر انهن مارڪ ٿيل خبرن کي ڪٽي پنن تي چنبڙائي پوءِ فائيل ڪندو هو. هڪ ڏينهن مان سوچيو تہ ڏسان سائين ڪهڙيون خبرون ڪٽنگ لاءِ مارڪ ٿو ڪري، مون ڏٺو تہ مجموعي موضوع تہ سنڌ هو پر اڪثر فائيل ٿيل ڪٽنگ سنڌي ٻوليءَ بابت هيون. مونکي خبر ناهي تہ اهي فائيل يا اهي ڪٽنگ هاڻي هٿيڪيون بہ آهن يا نہ؟ ائين ڊپارٽمينٽ ۾

رهندي اسان جي سائين سان ايندي ويندي ملاقات ٿي ويندي هئي، پر سائين جي آفيس ۾ شاگردن جي رش ان وقت ٿيندي هئي جڏهن امتحانن جا فارم ڀرجندا هئا اسين سڀ شاگرد هڪ ٻئي جي مدد سان فارم ڀريندا هئاسين ته متان ڪا ڀل چُڪَ نہ ٿئي مون کي ياد آهي تہ هڪ ڀيري مان فارم کڻي ويس تہ انگريزي ٻولي جا انيشل جيئن مسٽر ۽ مسز لکيل هئا انهن کان پوءِ ڊائيسٽ لائينون هيون، جتي مون پنهنجو نالو لکيو هو، سائين چيو تہ بابا هيءُ آب ليڪ کان اڳ ۾ مسٽر ڪٽيو پوءِ ٻڌايائين تہ آب ليڪ جي معنيٰ يا آهي ان ڪري ڇوڪرن کي مسٽر واري انيشل ڪٽڻ گهرجي. ڇوڪرين کي مسز جا انيشل تي ليڪ ڏئي ڪاٽڻ گهرجي اهڙي طرح فارم ۾ ڇپيل سڀ ڪالم سائين ڀرائيندو هو. هو چوندو هو تہ ڪوبہ ڪالم يا سوال خالي نہ ڇڏيو، جيڪڏهن ڇپيل سوال توهان سان لاڳاپيل ڪونهي تہ پوءِ انهيءَ هنڌ تي ليڪ ڏيو. پر خالي نہ ڇڏيو، جاگرافي ۾ پڙهندي اها عادت اهڙي تہ پڪي ٿي وئي جو جڏهن ٻارن جي داخلائن جا فارم ڀريم تہ ڪڏهن بہ فارم ۾ نامڪمل هئڻ جو طعنو ٻڌڻو ڪونہ پيو.

مون کي ياد آهي تہ سائين چوندو هو تہ جاگرافي جي شاگردن جا مختلف ڊپارٽمينٽ ۽ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ جمع ڪرايل فارم نامڪمل يا اڻ پورا هجڻ جي بنياد ڪڏهن بہ رد نہ ٿا ٿي سگهن. هڪ ڀيري سائين پاڻ بہ ٻڌايو تہ ڪيس هڪ واقفڪار جيڪو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ نوڪري ڪندو هو، ان ٻڌايو تہ اها عام ڳالهہ ٿي پئي آهي تہ فارم پورو ڀريل آهي تہ پڪ اهو اُميدوار جاگرافي ڊپارٽمينٽ جو پڙهيل آهي، پوءِ پلي بيچلر پاس ڪري ٻئي ڊپارٽمينٽ هلي ويو هجي، هوءَ بہ اها سچي ڳالهہ آهي تہ جاگرافي ڊپارٽمينٽ جا شاگرد فارم ڀرڻ چڱي طريقي سان سکي ويندا آهن. مون کي ياد آهي تہ جڏهن مون ڊرائيونگ لائسنس جو فارم ڀريو هو ۽ لاڳاپيل آفيسر کي ڏنو هو تہ هن حسب عادت بال پين هٿ ۾ کنئي ۽ غلطي ڳولڻ لڳو يا اڻ پورو هجڻ جي خيال کان پڙهڻ لڳو. عين ان وقت مون چيومانس تہ توهان صحيح ڪيو، فارم ۾ ڪابہ غلطي ڪانهي پوءِ بہ هن پورو پڙهي ۽ چيائين هيءُ پهريون فارم آهي جيڪو پورو ڀريلَ آهي، هن ويچاري کي ڪهڙي خبر تہ اسان جي تربيت ڪنهن ڪئي آهي.

مون کي ياد ٿو پوي تہ هڪ ڀيري سائين جي جنم ڏينهن جي موقعي تي اسان ڪجهہ شاگردن ڦوڙي ڪري هڪ ڊائري ورتي ۽ ڏاڍي

سني نموني پيڪ ڪري سائين جي آفيس وياسين. مون کي ياد آهي تہ اسان سالگرھ کان ھڪ ڏينھن پوءِ ويا ھئاسين. پھريان پنيوالي جي ھٽان نياپو ڪرايوسين تہ شاگرد ملڻ ٿا چاھن. ٿوري دير بعد سائين ساڳئي پنيوالي معرفت اندر سڏايو، اسان سائين کي تحفو ڏنو ۽ ھيپي برٿ ڊي وش ڪيو. ان ڏينھن سائين اسان کي چانھہ پياري ۽ اسان سان خوب ڪچھري ڪئي ۽ تحفن ۽ عام رواجي پليڪار بابت ڳالھايائين. مان ھتي ڪجھہ ڳالھيون ورجائيندس تہ پاڻ چيائين تہ سالگرھ يا ڪنھن بہ موقعي تي تحفا مھانگا نہ پر اھڙا ڏجن جيڪي استعمال ۾ آڻي سگھجن. ائين ڪرڻ سان ھڪ تہ تحفي وٺندڙ کي خوشيءَ سان گڏ کي قدر فائدو بہ ٿيندو. پوءِ اسان کي مخاطب ٿي چيائين تہ ڏسو جيئن توھان ڊائري آندي آھي اھا ڪتب آڻي سگھجي ٿي. انھيءَ ڏينھن اسان کي اھو بہ چيائين تہ پلي طور طريقا اسان جي سنڌي ثقافت جو حصو نہ آھن پر پوءِ بہ اھي اسان کي قبولڻ گھرجن ۽ انھن کي اڳتي وڌائڻ گھرجن جنھن ۾ سالگرھ بہ اھم آھي ان ڏينھن تي ھڪ ٻئي کي تحفا ڏجن چوتہ ان سان سماجي ڳانڍاپو مضبوط ٿئي ٿو. ھڪ ٻئي لاءِ احترام وڌي ٿو. ان کانپوءِ اھو بہ ٻڌايائين تہ شادي غمي ۾ بہ ھڪ ٻئي ڏي وڃجي، تمام ضروري آھي. توھان بہ ھڪ ٻئي لاءِ تحفا وٺو ڪوشش ڪيو تہ ھڪ ٻئي کي ڪتاب ڏيو، ان ڏينھن مون سائين ظفر حسن کي ڏاڍو شفيق ڏٺو. ھن اسان کي ائين پيئي سمجھايو جيئن ڪو وڏو پنھنجن ٻارن کي سمجھائيندو آھي، اسان جنھن مھل اٿياسين چيائين تہ بابا توھان جي مھرباني. اڳتي ھلي منھنجون ساھيڙيون بيچلر کان پوءِ ڊپارٽمينٽ ڇڏي ٻئي طرف ھلي ويون. مان ھڪ اڪيلي ھوندي ھيس، ھڪ ڏينھن پنيوالو اخبارن جو بنڊل ڏيئي ويو تہ مان پريشان ٿي ويس تہ شايد سائين اڄ اخبارون مارڪ ڪرڻ لاءِ مون ڏي موڪليون آھن پر پوءِ پنيوالي ٻڌايو تہ سائين اخبارون اوھان کي پڙھڻ لاءِ ڏنيون آھن متان اوھان اڪيلي بور ٿيو، ان ڏينھن مان ڏاڍي خوش ٿي ھيس تہ سائينءَ کي ڊپارٽمينٽ ۾ ڇوڪري ھجڻ ۽ ان کي مصروف رکڻ جو ڪيترو نہ فڪر آھي. ايئن سال گذرندا ويا، ھاڻي مان ڪڏھن ڪڏھن سوچيندي آھيان تہ خبر نہ آھي تہ انھن شاگردن ۽ دوستن سائين جو اھو تعارف ڇو ڪرايو ھو تہ ھو سخت استاد آھي حالانڪ مون کين ڏاڍو سباجھڙو ۽ ھمدرد استاد ڏٺو. ھو ھر ھنڌ ھر وقت استاد ھجڻ جو فرض نڀائيندو ھو.

***********

## پروفيسر ظهير احمد ڪلهوڙو

### رهيل قرض جي موٽ

منهنجي اُستاد ”سائين ظفر حسن سيد“سان منهنجو تعلق جاگرافي ڊپارٽمينٽ، سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا وٺندي ئي (1992ع) ٿيو. جيڪو سائين جي زندگيءَ جي آخري گهڙين (مارچ 1998) تائين جاري رهيو. سائين جادوئي شخصيت جو مالڪ، خوبصورت، پر وقار، جاه جلال، رعبدار، نفاست ۽ شفقت سان ڀرپور، بااصول، تعليم ۽ تربيت ڏيڻ جو نرالو ۽ انوکو انداز رکندڙ هي شخص سچ پچ ته هڪ آدرشي انسان هو جيڪو دنيا جي ڪنهن نامور يونيورسٽي جو پرفيڪٽ پروفيسر لڳندو هو. سائين جو ڪتاب ”رهيل قرض“، منهنجي ڪتابن پڙهڻ واري شوق جي ڪري، ڊپارٽمينٽ ۾ داخلا وٺڻ کان اڳ پڙهيل هيو. پرمون سائين کي جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر طور پڙهائيندي ۽ چيئرمين طور ڊپارٽمينٽ جي ڪاروونهوار جي سرپرستي ڪندي ڏٺو. سائين پنهنجي ذات ۾ پرفيڪٽ پروفيسر ۽ پرفيڪٽ منتظم هو.

سائين سان ڪلاس روم ۾، جاگرافي جي ليڪچرس دوران ڪڏهن ڪڏهن سماج جي مختلف پهلوئن جي موضوئن تي بحث ٿيندا هئا ۽ ايئن سائين سان منهنجي ويجهڙائپ وڌندي وئي ۽ پوءِ جڏهن بي.ايس.سي جي رزلٽ آئي ته اسان جي پوري ڪلاس مان صرف آئون اڪيلو پاس ٿيو هيس. جنهن سبب ٻه شايد سائين مونکي گهڻو پائيندو هو. هڪ دفعي سائين مونکي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي مون کان ڪجهه ذاتي ۽ ڪجهه پڙهائي متعلق معلومات ورتي، جنهن ۾ مون پنهنجي ننڍپڻ ۾ بابا سائين کان ٻناٽي جي انگي حساب ۽ ايچ.وي.اٿول آلجبرا جي سکڻ جو پڻ ذڪر ڪيو. جنهن تي سائين منهنجي والد صاحب بابت پڇيو ته بابا ڇا ڪندا آهن؟ جڏهن مون پنهنجي بابا سائين جو تعارف ڪرائي ٻڌايو ته منهنجا بابا سائين پروفيسر آهن ته سائين هڪدم مونکي چيو ته اوهان جي تعليم ۽ تربيت بهتر انداز سان ٿڏهن ئي ٿيل آهي. ۽ ايئن سائين سان ويجهڙائپ اجان وڌندي وئي، ڪجهه

ڏينهن ڪان پوءِ سائين مونکي وري پنهنجي آفيس ۾ گهرائي هڪ ڊگهي ڪچهري جي آڇ ڪئي، جيڪا ڊپارٽمينٽ کان ٻاهر هجي . جنهن جا اصول ٻہ سائين پهريان ئي طئي ڪري ٻڌايا تہ ٻاڻ ڊپارٽمينٽ کان ٻاهر ڪنهن هوٽل تي چانهن پيئنداسين ۽ هڪ ڊگهي ڪچهري ڪنداسين پر اصول اهو رهندو تہ گاڏي سائين جي هوندي، هوٽل منهنجي مرضي جي ۽ چانهن جو بل بہ مونکي (ظهير) ڀرڻو پوندو. جيڪا آفر مون دل سان قبول ڪئي. هتي اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ هي اُهو ٽائيم آهي جڏهن سائين ظفر صاحب ڊپارٽمينٽ جا چيئرمين نہ هئا. ٻاڻ ان وقت جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر نذير مغل سان ڪنهن اصولي اختلاف تي سائين چيئرمين شپ ڇڏي ڏني هئائون. ايئن سائين ۽ منهنجي وچ ۾ هڪ هوٽل تي، ڊپارٽمينٽ کان ٻاهر واري اها نرالي پهرين ڪچهري تقريبا ٻن ڪلاڪن تائين هلندي رهي، جنهن ۾ سماج جي مختلف موضوعن کان علاوه عشق جو موضوع بہ بحث هيٺ رهيو. ايئن سائين سان منهنجي ويجهڙائپ اجان گهري ۽ گهاٽي ٿي ويئي. پوءِ سائين سان ڪچهريون ٿينديون رهيون.

سائين بحيثيت استاد پنهنجي ذاتي پسند يا ناپسند تي ڪڏهن بہ ڪنهن شاگرد کي فائدو يا نقصان نہ ڏنو. امتحاني ڪاپين جي چڪاسڻ کان وٺي مارڪن ڏيڻ ۽ رزلٽ ٻڌائڻ تائين بہ سائين جو بااصول انداز هوندو هو.سائين پنهنجي سبجيڪٽ جي رزلٽ جي عارضي ڪاپي ڊپارٽمينٽ جي نوٽيس بورڊ تي لڳرائيندا هئا. ۽ ان رزلٽ شيٽ تي نوٽ لکيل هوندو هو تہ جيڪڏهن ڪنهن شاگرد کي پنهنجي مارڪن متعلق يا ڪنهن ٻئي ڪلاس فيلو جي مارڪن متعلق ڪو خدشو يا شڪايت هجي تہ هڪ هفتي اندر، سائين جي آفيس ۾ اچي پنهنجي ڪاپي ۽ ٻئي جي ڪاپي کي پڻ ڏسي بحث مباحثو ڪري سگهي ٿو. ايئن اسان سائين سان پنهنجي ۽ ٻين جي ڪاپين کي ڏسي بحث مباحثو ڪري هڪ ٻہ مارڪون وڌرائي بہ ويندا هئاسين.

امتحانن جي ٽائيم تي جنهن هال ۾ امتحان ٿيندو هو، سائين ان امتحاني ڪمري ۾ پن ڊراپ خاموشي ڪرائيندو هو. امتحاني هال ۾ ڪنهن بہ ٽيچر ۽ ليڊي ٽيچر کي ڪنهن بہ اهڙي بوٽ يا سينڊل پائڻ جي اجازت نہ هوندي هئي، جنهن سان ٺڪ ٺڪ جو آواز اچي. اسان شاگردن لاءِ بہ اهو ئي اصول هوندو هيو تہ اسان بہ اهڙي قسم جو ڪو بوٽ نہ پائي اچون جيڪو آواز ڪري. امتحان دوران ڳالهائڻ تہ پري، پر

ڇو ته جي آواز نڪرڻ تي به سخت قسم جي پابندي هوندي هئي.

ڪلاس ۾ سائين ليڪچر دوران اسان شاگردن کي ڪڏهن ڪڏهن مختلف موضوعن تي پنهنجا خيال ٻڌائيندو هو. هڪ دفعي ليڪچر دوران امتحان ۾ ڪاپي ڪرڻ جو موضوع ڪليو. مختلف ڳالهين کان ٿيندي سائين اها ڳالهه ٻڌائي ته مان صرف اوهان کي نه بلڪ پنهنجي اولاد کي به اها ئي تربيت ڏيندو آهيان ته امتحان ۾ ڪاپي ڪرڻي ناهي. رڳو ان وقت نه جڏهن ڪاپي ڪرڻ ئي نه ڏني وڃي، بلڪ جڏهن سڀ بار ڪاپي ڪندا هجن ته پوءِ به اوهان کي ڪاپي ناهي ڪرڻي. ان جو عملي نمونو جڏهن سائين جي ڏيءُ انٽر جو امتحان ننڊٽ ڪاليج ۾ ڏئي رهي هئي ته ان وقت جو امتحاني عملو اهو ڏسي حيران ٿي ويو ته امتحاني هال ۾ نفسانفسيءَ جي ماحول ۾ گهڻا ئي ٻار ڪاپي ڪري رهيا هئا مگر هڪ ڇوڪري بغير ڪنهن ڪاپي ڪرڻ جي، هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ جي پنهنجو پيپر ڪري رهي هئي، اهو منظر ڏسي، جڏهن ان ڇوڪريءَ کان سندس تعارف پڇيو ويو ته خبر پئي ته سائين ظفر حسن صاحب جي نياڻي هئي، سائين جي تربيت جو عملي نمونو ڏسي پورو امتحاني عملو دنگ رهجي ويو. ان وقت اها ڳالهه يونيورسٽي ۽ ڪاليجن ۾ تمام گهڻي مشهور ٿي هئي. سائين اسان کي اهو به ٻڌايو ته منهنجن ٻارن کي هارمونيم وڄائڻ جو شوق پڻ آهي، جنهن لاءِ سائين هڪ ٽيوٽر رکيو آهي جيڪو سائين جي ٻارن کي روزانه شام جو هارمونيم وڄائڻ سيکاريندو آهي.

اهڙي طرح اسان سائين جا ڪلاس وٺندي وٺندي، ايم.ايس.سي جا امتحان ڏنا ۽ رزلٽ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين، جڏهن ايم.ايس.سي جي رزلٽ آئي ۽ مان جڏهن اها رزلٽ پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي نوٽيس بورڊ تي ڏسڻ ويس ته اهو ڏٺم ته اها به بي.ايس.سي جي رزلٽ کان مختلف نه هئي يعني هن دفعي به مان صرف اڪيلو ئي پاس ٿيل هيس. اڃان مان اتي بيٺو ئي هيس ته ڊپارٽمينٽ جو پٽيوالو آيو ۽ مونکي چيائين ته سائين ظفر صاحب اوهان جي پڇا ڪئي هئي ۽ چيائين ته اگر ظهير نظر اچي ته مون ڏانهن موڪلجوس، مون سائين جي اهڙي نياپي تي سائين جي آفيس ڏانهن قدم وڌايا. سائين جي آفيس جي دروازي تي بيهي اجازت وٺڻ کان پوءِ اندر داخل ٿيس ۽ سلام ڪيم، سائين مونکي ويهڻ لاءِ چيو ۽ جيئن ئي مان ويٺس ته سائين پنهنجي مخصوص ۽ طنزيه انداز سان مون سان افسوس ڪندي چيو ته مان

اوهان جي ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهيان ڇو جو اوهان امتحان ۾ پنهنجي پوري ڪوشش ڪئي ته اوهان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ٿيو پر پوءِ به اوهان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿي ويا. مان شرمندگي کان ڪنڌ جهڪائي سوري چيو، ڇو ته مونکي ياد آيو ته فائينل ۾ سائين جو هڪڙو پيپر مون بلڪل به سٺو نه ڪيو هو. ۽ ان ۾ سائينءَ مون کي پاسنگ مارڪون 33 ڏنيون هيون. هتي مان اهو به ٻڌائيندو هلان ته منهنجن ڇئني سالن جي ۾ اگر ڪنهن سبجيڪٽ ۾ وڌ ۾ وڌ مارڪون آهن ته اهو سائين ظفر صاحب جو سبجيڪٽ آهي، ۽ اگر ڪنهن سبجيڪٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ مارڪون به آهن ته اهو به سائين ظفر صاحب جو ئي آهي.ايتري ۾ سائين گهنڊي وڄائي ۽ چانهن جي ٻن ڪوپن جو چيو. چانهن آئي. سائين هڪ ڪوپ مون ڏانهن وڌايو، مان حيران رهجي ويس. ڇو جو سائين پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن شاگرد کي پنهنجي آفيس ۾ ڪڏهن به چانهن نه پياريندو هو. خير سائين مونکي چيو ته اڄ اوهان ايم.ايس.سي پاس ڪري ڇڏي ۽ آفيشلي هاڻي اوهان منهنجا شاگرد ناهيو رهيا، سو مان اوهان کي پنهنجي آفيس ۾ چانهن پياري سگهان ٿو.

هڪ ڀيرو ڊپ پيئندي مون ڏٺو ته ٽيچرس آفيسز جي ڪاريڊور مان گذرندي ڊپارٽمينٽ جي هڪ ليڊي ٽيچر ميڊم نرگس بلوچ مونکي سائين جي آفيس ۾ مون کي چانهن پيئندو ڏسي، فورن ڪاريڊور ۾ رڪجي واپس مڙندي حيرانگيءَ ۾ سائين جي آفيس ڏانهن آئي ۽ سائين کان اجازت گهري اندر اچي حيرانگي مان ڏسندي اجان ڪجهه پڇڻ تي هئي ته ايتري ۾ سائين ڳالهه کي سمجهندي چيو ته مس بلوچ هاڻي ظهير پنهنجو شاگرد ناهي رهيو سو مان ظهير کي پنهنجي آفيس ۾ چانهن پياري سگهان ٿو. ايتري ۾ ٽين چانهن به اچي وئي. جيڪا ميڊم نرگس لاءِ هئي .هتي مان اهو به ٻڌائيندو هلان ته اڳتي هلي ان ليڊي ٽيچر مس نرگس افروز بلوچ سان منهنجي شادي ٿي.

سائين جي هڪ بهترين ايڊمنسٽريٽر هئڻ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين پاران ڪو به سرڪيولر يا اهڙو ليٽر جيڪو انتظاميه ڏانهن اماڻڻو هجي ته سائين ڪلارڪ کي پين ۽ پني سان پنهنجي آفيس ۾گهرائي پاڻ ڊڪٽيٽ ڪرائيندو هيو. ڪمال جي انگريزي ۽ ڪمال جي ڊڪٽيشن:فل اسٽاپ، ڪاما، سيمي ڪولن، انورٽيڊ ڪاما'ز، بريڪيٽ مطلب پوري ڊڪٽيشن

ياد ۽ اڳيان ڪلارڪ لکندو ويندو. پوءِ وري اهو ليٽر ڪلارڪ ٽائپ ڪري سائين جي ٽيبل تي رکندو...سائين ان ليٽر کي پڙهندو ۽ جيڪڏهن ڪا غلطي هوندي تہ ان کي درست ڪري وري ٻيهر ٽائيپ ڪرايو ويندو تنهن کان پوءِ وڃي اهو آفيشلي رڪارڊ جو حصو ٿيندو هو. اڄ جي دور ۾ اهڙي پروڦارڊڪٽيشن سان آفيشل ليٽر لکرائڻ جو ڪمال ڀريو انداز سنڌ يونيورسٽي ۾ ملڻ مشڪل آهي. اسان شاگردن جي مختلف فارم انرولمينٽ، امتحاني فارم ڀرڻ کان پوءِ سائين کان چيئرمين طور صحي وٺڻ وارو مرحلو بہ ڪمال جو هوندو هو. هڪ هڪ لفظ جي اسپيلنگ چيڪ ڪرڻ، فارم جي هر ڪالم کي مڪمل طور تي ڀرڻ اسان سائينءَ کان سکيو. ان وقت جي يونيورسٽي انتظاميہ جنهن ملازم جي آفيشل ڪم ڪار جي تربيت ڪرائڻ مقصود هوندي هئي تہ ان ملازم جي ٽرانسفر جاگرافي ڊپارٽمينٽ ڪئي ويندي هئي.

سائين جي بهترين ايڊمنسٽريشن ۾گهڻي عرصي تائين رهندي مون ڊپارٽمينٽ ۾ بہ ٻيا ملازم بہ ايئن ئي پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ پرفيڪٽ ڏٺا جن جو هت ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. هڪ ڊپارٽمينٽ جو پٽيوالو اسلم جنهن کي مان "پرفيڪٽ پٽيوالو" سڏيندو هئس، جيڪو جاگرافي ڊپارٽمينٽ مان ئي رٽائر ٿيو. ۽ هن وقت هن دنيا ۾ اسان سان گڏ موجود ناهي. ٻيو ڪلارڪ نور محمد لغاري جيڪو بہ "پرفيڪٽ ڪلارڪ" نظر ايندو هو.

سائينءَ سان گڏ گذاريل ڊپارٽمينٽ جون پڪنڪون بہ يادگار آهن. بس جي اندر ڪنهن شاگرد کي سگريٽ ڇڪڻ جي اجازت نہ هوندي هئي پر مزيدار ڳالهہ تہ جيڪڏهن بس جو ڊرائيور يا ڪلينر سگريٽ ڇڪيندڙ هوندو تہ جڏهن هو سگريٽ ڇڪڻ چاهي تہ بس کي روڪي سائيڊ تي بيهاري ۽ پوءِ بس کان ٻاهر وڃي سگريٽ ڇڪي اچي ۽ پوءِ اچي بس هلائي.. سائين جي هوندي بس ۾ سگريٽ ڇڪڻ جي منع هوندي هئي. جڏهن پڪنڪ تي جاگرافي ڊپارٽمينٽ کي وڃڻو هوندو هيو تہ يونيورسٽي انتظاميہ پريشان ٿيندي هئي تہ بس جو ڊرائيور اهڙو موڪلڻو پوندو جيڪو سگريٽ ڇڪيندڙ نہ هجي يا سگريٽ ڇڪڻ جو روزو رکڻ اچيس. اها ڳالهہ يونيورسٽي جي ان دور جي آفيشل رڪارڊ جو حصو آهي.

سائين جو اصول پسندي ۽ ايمانداري جو اندازو ان مان لڳايو

تہ 90 جي دور ۾ پگھارن جا بل مينيوئلي پريا ويندا هئا ۽ جيڪي استاد يونيورسٽي جي ڪالوني ۾ رهندا هئا تہ انهن جي گهر جو ڪرايو، بجلي جي بل جي ڪٽوتي ۽ اگر ان استاد وٽ ايئرڪنڊيشن آهي تہ هر ايئرڪنڊيشن لاءِ فڪس رقم ڪٽي ويندي هئي ان وقت سائين جي گهر ۾ بہ ايئرڪنڊيشن هئا. سائين ايمانداريءَ سان ٻن ايئرڪنڊيشنز جا پئسا پهنجي پگهار مان ڪٽرائيندو هو. مان ذاتي طور ان وقت بہ ڪوڙسارن اهڙن پروفيسرن ڪي سڃاڻيندو هيس، جن جي گهر ۾ بہ ٽي ايئرڪنڊيشن موجود هوندا هئا، پر انهن هميشہ سرڪاري رڪارڊ ۾ هڪ ايئرڪنڊيشن ڏيکاري ۽ هڪ ئي ايئرڪنڊيشن جا پئسا پنهنجي پگهار مان ڪٽرائيندا هئا. بلڪہ سائين لاءِ ڪجهہ نازيبا جملا بہ چئي ڇڏيندا هئا. ان وقت پي.ٽي.ويءَ تان گورنمينٽ جي هڪ ايڊورٽائيز ايندي هئي تہ شام 6 وڳي کان رات 9 وڳي تائين ايئرڪنڊيشنز جو استعمال گهٽ ڪيو تہ سائين فڪس بل ڀرڻ باوجود ان ڳالهہ تي سختيءَ سان عمل ڪندا هئا ۽ انهي ٽائيم تي ايئرڪنڊيشن نہ هلائيندا هئا.

ڪليگ طور سائين کان مان تمام گهٽ عرصي ۾ تمام گهڻو ڪجهہ سکيو. ڪلاس ۾ پڙهائڻ، امتحاني پيپر تيار ڪرڻ، شاگردن جون ڪاپيون چيڪ ڪرڻ، مارڪون ڏيڻ، پنهنجي ڊيوٽي ايمانداري سان ادا ڪرڻ، مطلب تہ سائين جي شخصيت مونکي تمام گهڻو متاثر ڪيو ۽ سائين سان ايئن گڏ گذاريندي منهنجي ذات ۽ شخصيت ۾ بہ سائين جو رنگ ۽ اثر ٿيو.

سائين جي شخصيت لاءِ آخر ۾ بس ايترو چوندس تہ مان سنڌ يونيورسٽي ۾ بطور ريسرچ ايسوسيئٽ 4 سال پڙهايو آهي. مهراڻ يونيورسٽي ۾ بطور وزيٽنگ ٽيچر 18 سال پڙهايو آهي، ۽ ڪاليج سائيڊ گورنمينٽ آف سنڌ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ڪاليج ۾ 19 سالن کان تدريس سان وابستہ آهيان. مطلب تہ نومبر 1997 کان وٺي اڄ تائين يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ پڙهائيندي پڙهائيندي مون ڪي الائي ڪيترن اهڙن پروفيسرن سان گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو جيڪي آمريڪا، يورپ، ملائيشيا، چين مطلب دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان پي.ايڇ.ڊي هئا ۽ اپگريڊ ٿيڻ کان پوءِ 21 اسڪيل تي بہ پهتا مگر سائين ظفر حسن صاحب واري نفاست، وقار، اٺڻ، ويهڻ، هلڻ، ڳالهائڻ، ڪپڙن پائڻ جو ڍنگ، تعليم، تربيت ڏيڻ وارو انوکو ۽ نرالو انداز، نفاست ۽

پر وقار بيهڪ مون پري پري تائين بہ محسوس ناهي ڪئي. تقريباً 5 سالن جي جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ شاگردي جي دور کي پوري ڪرڻ کان پوءِ مون پنهنجي هر استاد کان پنهنجن گذاريل 5 سالن بابت ڊائري تي رايا ورتا هئا، جنهن ۾ سائين ظفر حسن سيد صاحب جا پنهنجي هٿ اکرن سان ڊائري ۾ لکيل مون وٽ موجود آهن. هو عجيب انسان هو، هو سمپورڻ اُستاد ۽ منتظم هو ۽ سندس سحر پري شخصيت جي مٽيا جي سڳنڌ صدين تائين سماج کي واسيندي رهندي.

********

## ڊاڪٽر نور چانڊيو

# سائين ظفر حسن هڪ شفيق استاد

زندگي ۾ مان ڪڏهن اهو تصور نہ ڪيو هو تہ مونکي ڪو اهڙو اعزاز بہ ملندو جو مونکي سائين ظفر حسن سيد جي شخصيت تي لکڻ جو موقعوملندو. ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان بي ايس سي ڪرڻ کان پوءِ 1993۾ هڪ شاگرد جي حيثيت سان مان سنڌ يونيورسٽي ۾ داخل ٿيس ۽ منهنجي لاءِ فخر جي ڳالهہ هئي تہ مان پنهنجي ڳوٺ مان پهريون شاگرد هيس جنهن کي سنڌ يونيورسٽي يا ملڪ جي ڪنهن بہ يونيورسٽي ۾ داخلا جو شرف مليو. لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي استادن جي خواهش تي، مان پنهنجي لاءِ جاگرافي شعبي جي چونڊ ڪئي. ڳوٺ ۾ مون کي ڪجهہ ماڻهن پروفيسر ظفرحسن سيد لاءِ غائبانہ طور تعارف ڪرايو هيو. ڊپارٽمينٽ ۾ پهرين ڏينهن منهنجي ملاقات سائين جن سان نہ ٿي سگهي ڇاڪاڻ هو ڪافي مصروف هئا. ٻئي ڏينهن تي مونکي صبح سان پهريون ڪلاس شروع ٿيڻ کان اڳ سائين پنهنجي آفيس ۾ گهرايو، ڇا تہ سحر انگيز شخصيت هئي! ان پهرين ملاقات منهنجي مٿان سائين جن جي شخصيت جو تمام گهرو اثر ٿي پيو ۽ ان کان پوءِ ملاقاتن جو سلسلو هلندو رهيو. مونکي لکڻ ۽ پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هئڻ جي باوجود بہ احساس ڪمتري مان ڪڏهن سائين جن جي اڳيان اهو تاثر نہ ڏنو تہ مان بہ ڪو لکڻ پڙهڻ جو عادي آهيان.

سائين ظفر حسن سيد هڪ باضمير انسان هو، ان وقت سندس باري ۾ اهو مشهور هو تہ سندس سخت اصولن سبب اڪثر ڪري اڪيلائي پسند ڪندو آهي. ڊپارٽمينٽ ۾ شاگرن جي لاءِ بہ ڪجهہ قانون رکيل هيس، مثال طور تي ڊپارٽمينٽ ۾ شور ڪرڻ، ڏاڍيان آواز ۾ ڪلام ڳائڻ ۽ عام هوائي چپل پائي ڊپارٽمينٽ ۾ هلڻ مشڪل هوندو هيو.

ان دور ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪامريڊي راڄ عروج تي هوندو هو ۽ سائين ظفر حسن سيد لاءِ اهو وڏو چئيلنج هو جو سندس ڊپارٽمينٽ ۾ ان وقت جا مشهور ڪامريڊ پڙهندا هئا: انهن ڪامريڊن مان اڄ ڪلهه ڪجهه قومي ۽ صوبائي سياست ۾ حصووٺي رهيا آهن. ان وقت ۾ ڪامريڊن لاءِ اهو مشهور هو ته هو بنا ڪنهن سٺي مطالعي جي ٻه سٺيون مارڪون ڪٽڻ ۾ ڪامياب ٿيندا هئا، مگر انهن ڪامريڊن جو اهو فارمولو اسان سائين جي اڳيان ناڪام ٿيندي ڏٺوسين، جيتوڻيڪ انهن سڀ حيلا پڻ هلايا، جيڪي هڪ ڪامريڊ کي هلائڻ کپندا هئا.

مونکي چڱي طرح ياد آهي ته ٻئي سيميسٽر کان پوءِ يونيورسٽي ۾ مالي ڪمزوري سبب مون لاءِ وڌيڪ پڙهڻ ممڪن نه پئي لڳو ان کان پوءِ عبرت اخبار ۽ ٻين اخبارن جا چڪر پڻ لڳايم مگر تجربو نه هجڻ ڪري ڪم نه ملي سگهيو: مان پنهنجي دوستن، جن ۾ نور احمد ڪتري جيڪو منهنجو ڪلاس فيلو ۽ روم پارٽنر پڻ هيو ۽ ڪوثرعباسي جيڪو زولاجي ۾ پڙهندو هو انهن کي ٻڌائي چڪو هيس ته منهنجو وڌيڪ يونيورسٽي ۾ پڙهڻ ممڪن ڪونهي: جڏهن اها خبر سائين ظفر حسن کي پئي ته هن مون کي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي سموري ماجرا پڇي ۽ مان سمورو قصو ٻڌايو: سائين حيرت مان ڏسندي چيو ته ياد رک تون پنهنجي گهر ۽ ڳوٺ وارن جي اميد آهين.

سائين جي انهن لفظن مون ۾ چڻ همٿ پيدا ڪئي ۽ پهرين سيميسٽر ۾ سٺيون مارڪون اچڻ کان پوءِ مونکي ٻڌايو ويو ته يونيورسٽي اوهان کي قرض حسنا ڏيڻ جو ليٽر موڪليو آهي. مون کي خبر ئي نه پئي ته اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ٿيو، مگر مونکي اڄ ٻه پڪ آهي ته ان جي پويان سائين ظفر حسن جو هٿ هيو.

مونکي چڱي طرح ياد آهي ته يونيورسٽي ۾ ڪجهه مسئلو هئڻ ڪري ڪجهه ڏينهن يونيورسٽي کي موڪل ڪئي وئي: مان ريلوي جو ڪنسيڪشن فارم وٺي جڏهن سائين جن جي آفيس ۾ پهتس ته جيئن فارم صحي ڪرائي ريل جي ڪرايي ۾ رعايت وٺان، ڇاڪاڻ ته ان وقت سائين ظفر حسن سيد ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين هو. فارم سائين جي اڳيان رکيو، سائين فارم کي ڏسڻ کان پوءِ مون ڏانهن ڪاوڙ منجهان ڏٺو ۽ فارم ۾ موجود غلطين ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته آفيس مان ٻاهر وڃي فارم کي درست ڪري اچو. مان ٻاهر وڃي

پوري ڪوشش ڪئي تہ ڪا غلطي نہ ڪيان ۽ ٻيهر فارم درست ڪري حاضر ٿيس، مگر هن دفعي سائين جن ناراضگي جو وڌيڪ اظهار ڪيو ۽ آفيس ۾ ويهڻ لاءِ چيو. بابا تون ڳوٺاڻو آهين، سياڻي جيڪڏهن ڪو اوهان وٽ ڪا رسيد يا راهداري ٺاهرائڻ اچي تہ پوءِ اوهان ڪيئن ڪندو؟ هي ڏس اوهان هڪ فارم ۾ ڪيتريون غلطيون ڪيون آهن؟ سائين جي ان قسم جون نصيحتون اڄ مونکي پنهنجي پريڪٽيڪل زندگي ۾ شديد ياد اچن ٿيون.

********

چونڊو هوس سائين ظفر حسن ”هيومن جاگرافي“ جو ابو آهي. سائين سان جڏهن مان آفيس ۾ ڪچهري ڪندو هوس تڏهن ٽائيم جي خبر ئي نہ پوندي هئي تہ ڪيئن گذري ويو. شايد ٽائيم جي اسپيڊ تيز ٿي ويندي هئي. سائين مون کي هميشہ اها انگريزي ۾ نظم ٻڌائيندو هو جنهن جو ترجمو آهي تہ:

جڏهن توهان پڙهو ٿا،
تہ اهو ڏهہ سيڪڙو ياد رهي ٿو،
جڏهن توهان ٻڌو ٿا
تہ اهو ويهہ سيڪڙو ياد رهي ٿو،
پر جڏهن اهو توهان هٿ سان ڪريو ٿا،
تہ اهو نوي سيڪڙو ياد رهي ٿو.

اهو فطرت جو فيصلو آهي تہ ماڻهو مري ويندا پر انهن جا چيل لفظ گلن جيان هوا جي هندوري ۾ رقص ڪندا آهن ۽ پوءِ پنهنجي حسن ۽ خوشبوءِ کان پاڻ ئي نثار ٿي ڇڻي پوندا آهن ۽ پوءِ اس انهن کي اونداهي ۽ چاندوڪي جو ڪفن پارائي لاشن جي رستن تي گهليندي آهن ۽ انهن جي خوشبوءِ جو پيام آسمان ۾ پکڙجي ويندو آهي.

سائين ظفر حسن هڪ استاد سان گڏ هڪ اردو ليکڪ، ڪهاڻيڪار ۽ دانشور هو. جنهن پنهنجي سڄي زندگي سنڌي ٻولي لاءِ وقف ڪري ڇڏي. مرحوم ادبي حوالي سان ڪيئي سال سنڌي ادبي سنگت سنڌ يونيورسٽي جي شاخ جو سيڪريٽري هو ۽ سنڌي ادبي بورڊ جو پڻ سيڪريٽري رهيو هو. هن ڪيترن ئي مئگزينن ۾ ايڊيٽر طور ڪم ڪيو. هو ٽماهي مهراڻ جو ايڊيٽر رهيو. انهي کان سواءِ ڏرتي، ٽماهي آرسي ۽ سنگت پبليڪيشن ۾ مرتب طور ڪم ڪيو. سائين مرحوم ڪيترائي سال (پي.ٽي.وي) پروگرامن وينجهار ۽ نئين ٽهي جي ڪمپيئرنگ جو ڪم سرانجام ڏيندو هو.

مان هڪ شاگرد جي حيثيت سان سائين جي ڪنيل جنازي کي قبول نہ ڪيو هو. جيئن هر ماءُ پنهنجي اولاد جي موت کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندي آهي تہ ڪو هن جو پٽ مري ويو آهي. جيڪڏهن تسليم ڪري تہ اها ماءُ نہ آهي. توڙي اهو جنازو اڳيان پيو هجي. ها مان سمجهان ٿو، تہ سنڌي ادب جو اهو جنازو اڳيان پيو آهي پر انهي جا تخليڪار تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن تہ سائين ظفر حسن مري چڪو آهي.

منهنجي ڊپارٽمينٽ وارا سڃاڻين ٿا تہ اهو ڪلاس ۾ اڪيلو ڪو ٽئگور جو ناول يا شيڪسپيئر جو ڊرامو پڙهندو هوندو پر اڄ انهن جو اندازو صحيح نہ هو تہ مان اڄ سائين جا ليڪچر ۽ جملا دهرائي رهيو هوس سائين ڪلاس ۾ ايندي چوندو هو تہ ميگهواڙ صاحب! اڄ ڪوٽ ڪونہ ڏوتل آهي، ڪڏهن چوندو هو تہ اڄ ڏاڙهي ڪونہ لاٿل آهي. يا اڄ ڪتاب ٿورا ڪنيا اٿئي، ڇا مارڪيٽ ڪلهہ بند هئي ڇا؟

اڄ اهو منهنجو پيارو استاد پري وڃي قبر ۾ پير پاتا آهن. جنهن کي الله جنت ڏئي. اي استاد! مان سمجهان ٿو تہ بہ مٽي لتل، تنهنجي تازي قبر مان اڃا مٽي جي مهڪ ايندي هوندي. تنهنجي قبرستان مٿان پيل ڳاڙهن گلن جون پنکڙيون اڃان ڪومايون نہ هونديون ۽ اڃا بہ تنهنجي سراندي ڪان اگر بتيون ٻرنديون هونديون، هر سرد رات جي تنهائي ۾ مان تنهنجي ياد ۾ آيل ڳوڙهن جي پاڻي تي الوداع جوهي هائيڪو لکي موڪلي رهيو آهيان.

********

## پروفيسر رضوان گل

# ڪهاڻيڪار، ايڊيٽر، پبلشر ۽
# آدرشي استاد - ظفر حسن سيد

سنڌ يونيورسٽي جي جاگرافي شعبي ۾ داخلا وٺي بي. ايس. سي پهرين سال جا ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ شروع ڪيا هئا ته جيون هڪدم تبديل ٿي ويو هو نئون ماحول، نوان دوست، نئون شهر، اهو شهر جنهن جي هوائن روح کي تازگي بخشي اندر ۾ هڪ اتساهه پيدا ڪري ڇڏيو هو، انهن ئي شروعاتي ڏينهن جي هڪ صبح جو هلڪي گرين رنگ واري چرڪندڙ ٽويوٽا ڪرولا گاڏي جاگرافي ڊپارٽمينٽ جي مُک دروازي جي سامهون اچي بيٺي هئي، جيڪو شخص گاڏيءَ مان لٿو منهنجون نظرون بيساخته سندس پرڪشش شخصيت تي ڄمي ويون هيون مونکي ياد آهي ان وقت مان ڊپارٽمينٽ جي لان ۾ ويٺو هوس ۽ ان ئي وقت ڪويل به ڪوڪو ڪري پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏياري رهي هئي. چمڪندڙ بوٽ، پينٽ ۽ شرٽ جي ڪنٽراسٽ واري ٽاءِ پهريل ڊگهي قد وارو شخص جنهن جي اکين جي آڏو نظر جي عينڪ لڳل هئي. اڇا وار به سندس شخصيت جي سونهن وڌائي رهيا هئا... ڇا ته رعبدار انداز ۾ ڊپارٽمينٽ ۾ سندس انٽري ٿي. مون محسوس ڪيو ته هن جي گاڏي بيهڻ سان ئي اسان جا سينيئر شاگرد هيڏي هوڏي گم ٿي ويا. اندازو ٿيو ته پڪ سان هي اسان جي ڊپارٽمينٽ جو ڪو سينيئر پروفيسر آهي. مان ان ئي لمحي تکڙا تکڙا قدم کڻندو سندس پويان آيس... ڪاريڊور مان ٿيندو هو هڪ آفيس ۾ داخل ٿي ويو.

مون پٽيوالي کان پڇيو "هي سائين ڪير آهي؟"

پروون مٿي چڪيندي چيائين "توکي خبر ناهي! هي سائين ظفر آهي، ڏاڍو سخت ماڻهو آهي." ان ڏينهن مان سائين ظفر حسن کي پهريون پيرو ڏٺو هو. سندس پهريون تعارف ئي دل ۾ دهشت ويهاريندڙ هو.

ڪجهه ڏينهن گذريا ته مان ڊپارٽمينٽ جي هر وقت خالي پيل نوٽيس بورڊ کي "وال مئگزين" طور استعمال ڪرڻ لاءِ ان وقت جي

چيئرمين پروفيسر محمد رفيق ڏناڻيءَ کان اجازت ورتي جنهن منهنجي گهڻي اصرار ڪرڻ تي نوٽيس بورڊ جو اڌ حصو وال مئگزين طور استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. هي 1996 جي ڳالهه آهي، تڏهن فائن آرٽس ڊپارٽمينٽ به جاگرافي ڊپارٽمينٽ جي بلڊنگ ۾ هوندو هو. انهن کي هڪ ونگ مليل هوندي هئي پر ان ونگ ۾ هڪ ڪلاس جاگرافي شعبي جي حوالي به هو. مون وال مئگزين شروع ڪيو. پهرين دفعي سان ئي ڏاڍو سينگاري سنواري ڪجهه شعر ڪجهه نثري ٽڪرا ڪجهه چونڊ لکڻيون رنگين آرٽ ڪارڊن تي سجائي نوٽيس بورڊ جي اڌ حصي تي لڳايون، مٿان وڏن اکرن ۾ ”هفتيوار جيو وال مئگزين“ ۽ هيٺان ڪنڊ ۾ ايڊيٽر: رضوان گل به لکيو. ٻن ڪلاڪن کان پوءِ پٽيوالو آيو ڪلاس ۾ اچي پڇيائين:

”رضوان گل ڪير آهي ان کي سائين منصور ابڙو سڏي ٿو.“

منهنجي پيرن ۾ وڃي ساهه پيو ... پهريون سوال جيڪو هڪدم ذهن ۾ آيو ته اِهو سائين منصور ابڙو وري ڪو نئون استاد آيو آهي ڇا؟ ... اڳ ۾ ته ناهي ٻڌو... مان اٿي بيٺس، پٽيوالي چيو:

”اچو مون سان گڏ“ ڪلاس مان ٻاهر نڪرڻ سان ئي پڇيو مانس:

”ڪير آهي سائين منصور ابڙو؟“ ٿورو اڳتي وڃي چيائين:

”هي آهي سائين“ مان اڳتي وڃي سائين سان مليس جيڪو وال ميگ تي لڳايل لکڻين کي دلچسپيءَ سان ڏسي رهيو هو.

”هي وال ميگ توهان شروع ڪيو آهي؟“ چپن تي هلڪي مرڪ آڻيندي پڇيائين.

”جي ها سائين بلڪل مان شروع ڪيو آهي چيئرمين صاحب کان اجازت ورتي آهي“ مون وضاحتي انداز ۾ وراڻيو.

”ڪٿان جا آهيو؟“

”سر لاڙڪاڻي جو آهيان.“ مان ٿورو پراعتماد ٿيندي ٻڌايو.

”زبردست ڪم ڪيو اٿوَ، توهان جي شاعري ته پڙهي ورتي مون، خوبصورت آهي، بيو ڇا لکندا آهيو؟“

”سر! هفتيوار ڪالم لکندو آهيان، هڪ روزاني جاڳو ۾ بيو ڪڏهن هلال پاڪستان ۽ ڪڏهن عوامي آواز ۾.“

”مان منصور عالم ابڙو آهيان، هٿ وڌائيندي دوستاڻي انداز ۾ پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيائين فائن آرٽس ۾ اسسٽنٽ پروفيسر

آهيان.“

”طارق عالم ابڙو توهانجو ڇا ٿئي؟ طارق عالم جو ناول ”رهجي ويل منظر“ مان ڪالهه ئي پڙهي پورو ڪيو آهي.“ مان هڪ ساهي ۾ چئي ويس، سائين مرڪي بيهر هٿ هٿ ۾ ڏئي چيو ”منهنجو ننڍو ڀاءُ آهي، توهان پلي ڪلاس اٽينڊ ڪري پوءِ مون سان ملجو.“ پوءِ مسلسل منصور عالم سان ڪچهريون ٿينديون رهيون عمر جي وڇوٽيءَ باوجود پاڻ ٻئي دوست بڻجي ويا سين فري وقت ۾ مان سائنس گڏ وڃي ويهندو هوس پوءِ علم ادب ۽ آرٽ کان ويندي هاسٽل ۽ ڪئمپس جا قصا به ڪٽندا هيا سين ته سياست کان ويندي ان دور ۾ ٿيندڙ ادبي جهيڙن تي به ڳالهائيندا هئاسين.

ٻن ڏينهن کان پوءِ جڏهن ”جيو وال ميگ“ تي سائين ظفر حسن جي نظر پئي ته ساڳي ريت پٽيوالو آيو مان ڪلاس اٽينڊ ڪري ٻاهر پاٽيءَ واري اليڪٽرڪ ڪولر جي پر ۾ بيٺو هوس ته مونکي سڏيندي چيائين:

”ابا رضوان گل سائين ظفر حسن ياد ڪيو اٿئي لڳي ٿو خير ناهي تنهنجو.“

ٿورو گهٻرائجي ويس قميص جا ڪالر ٺاهيندو مٿي ڪيل ڪفن ڪي هيٺ ڪري ٻٽڻ بند ڪندو سائين جي آفيس جي دروازي تي پهچي سائين کان اندر اچڻ جي اجازت ورتي. ڪجهه لکي رهيو هو ڪنڌ مٿي ڪري چيائين ”جي“ چيم ”سائين مان رضوان آهيان توهان سڏ ڪرايو هو.“

هٿ جي اشاري سان اندر اچڻ لاءِ سڏيائين. بيٺو رهيس. سائين به ٽي سٽون لکي پوريون ڪيون. پوءِ ڪنڌ مٿي ڪري ساڳي ريت هٿ اشاري سان ويهڻ لاءِ چيائين. اسڪاءِ بليو رنگ جي شرٽ ۽ ملٽي ڪلر ناءِ پاتل هيس. سائين منصور عالم ابڙي وارو ساڳيو سوال ڪيو:

”ڪٿان آيا آهيو؟“

”سائين لاڙڪاڻي کان.“ مان ڌيمي لهجي ۾ وراڻيو.

”وال ميگ لاءِ الڳ ڪنهن ڪارنر ۾ بورڊ لڳرايو رفيق کي چئو. نوٽيس بورڊ ڊپارٽمينٽ جي مختلف نوٽيسز لڳائڻ لاءِ آهي.“

”ٺيڪ آهي سر“ چئي مان اٿي بيٺس. چيائين: ”ويهه، سٺو ڪم تا ڪيو، ٻيو ڪير اٿوَ سات ۾؟“

”نه سائين ٻيو ڪوئي به ناهي. مان آرٽس فيڪلٽي ۾ ڏسي آيو هوس

اتان خيال آيو تہ پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ بہ شروع ڪجي وال مئگزين، ان سلسلي ۾ سائين منصور عالم ابڙي بہ ڏاڍو اتساهہ ڏنو آهي“.

”لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿا رهو يا ڳوٺ؟“

”شهر ۾ سائين! منهنجو بابا ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ سنڌيءَ جو ائسوسيئيٽ پروفيسر آهي، ڊاڪٽر بشير احمد شاد شاعر بہ آهي. سنڌيءَ ۾ پي ايچ ڊي آهي، مان پاڻ بہ شاعري ڪندو آهيان، ڪهاڻيون ۽ ڪالم بہ لکندو آهيان.“ سائين جي هڪ سوال جي جواب ۾ پنهنجو تعارف بہ ڪرائي ويس.

”ڊاڪٽر شاد سان ڊاڪٽر درمحمد وٽ ملاقات آهي.“ سائين جي هر وقت سنجيدهہ رهڻ واري مک تي ٻاجهہ واري مُرڪ تري آئي.

پوءِ لاڙڪاڻي جي ادبي سرگرمين بابت مون کان حال احوال ورتائين. لڳ ڀڳ ويهہ پنجويهہ منٽ گذري ويا. ٻاهر نڪتس تہ منهنجا دوست منهنجي انتظار ۾ بيٺل هئا تہ آخرڪار ڪهڙو مسئلو ٿي ويو جو سائين ظفر جهڙي سخت پروفيسر جي آفيس ۾ وڃي ساڍس اڌ ڪلاڪ تائين ڪچهري ڪري آيو آهيان. ٻاهر اچي مان وڏي فخر سان کين ٻڌايو تہ سائين وال ميگ جي سلسلي ۾ ميٽنگ ڪئي آهي ۽ ڏاڍو خوش آهي.

ان پهرين ڪچهري ۾ مون تي اجا تائين اها ڳالهہ مڪمل واضح نہ ٿي سگهي تہ ڪو سائين پاڻ بہ وڏو اديب ۽ ڪهاڻيڪار آهي البتہ سندس ڳالهين مان ايترو اندازو ضرور ٿيو تہ سائين بہ اديب آهي. لڳ ڀڳ مهينو پوءِ مان جڏهن سينٽرل لائبريري ۾ وينو هوس تہ منهنجي هڪ دوست سراج جيڪو آرٽس فيڪلٽي ۾ سنڌي شعبي ۾ پڙهندو هو ۽ ڪهاڻيون پڙهڻ جو ڏاڍو شوقين هو ڳالهين ڳالهين ۾ اهو ٻڌايائين تہ ”توهان جي ڊپارٽمينٽ ۾ جيڪو اچن وارن وارو سائين آهي نہ اهو اِهو ساڳيو ظفر حسن اٿئي جنهن جي ڪهاڻي ”سوڪڙي“ پڙهائي هئي مانءِ.“

مان حيران ٿي ويس ساڳئي وقت بيحد خوش بہ ٿيس تہ واهہ واهہ هيڏو وڏو ڪهاڻيڪار اسان جي شعبي ۾ استاد آهي ۽ اهو بہ اطمينان ٿيو تہ جاگرافيءَ جا سينيئر پروفيسر اديب بہ آهن سوبہ اهو استاد جنهن جي شخصيت جي جاذبيت ڪان مان پهرين ڏينهن ڪان متاثر هوس. سائين ظفر حسن نہ صرف ڪهاڻيڪار پر هڪ ئي وقت بهترين ايڊيٽر ۽ پبلشر هئڻ ڪان علاوهہ سنڌي ادبي بورڊ جهڙي اهم اداري جو

سيڪريٽري پڻ رهي چڪو هو. سائين ظفر حسن جو پروفائيل انهن ئي ڏينهن ۾ ڪنهن اخبار ۾ ڇپيل انٽرويو ۾ پڙهيو هيو، جنهن مان اها به سڌ پئي ته سائين ڪهاڻي لکڻ کان اڳ ڪهاڻيءَ جو وڏو نقاد هو، ان ئي انٽرويو ۾ سائين ٻڌايو هو ته:

”هڪ ڏينهن طارق اشرف مونکي چيو هو ته تون ڪهاڻيءَ تي ايترو گوڙ ٿو ڪرين ٻين کي صحيح ۽ رد ٿو ڪندو وتين تون پاڻ ڇو نه ٿو لکين ڪهاڻي! نيٺ ڪهاڻي لکيم ۽ پهرين ڪهاڻي ”رهيل قرض“ جي نالي سان 1966 ۾ ”سهڻي“ رسالي ۾ ڇپي.“ بعد ۾ نيو فيلڊس وارن سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”رهيل قرض“ جي نالي سان ڇپرايو.

ظفر حسن گهڻ پڙهيو ۽ ذهين ماڻهو هو جنهن وٽ ڪيترائي نوان آئيڊياز هوندا هئا، انهن مان هڪ تجويز اها به هئي ته عالمي ادب مان چونڊ لکڻيون ترجمو ڪري انهن کي ڪتابي صورت ۾ ڇپايو وڃي. ان ڪم ۾ ساڻس گڏ ولي رام ولڀ به هو. عالمي ادب جي سلسلي جي فقط هڪ ڪڙي ڪتابي صورت ۾ ڇپجي مارڪيٽ ۾ آئي جنهن ۾ انتهائي ڪارائتيون لکڻيون ترجمو ڪري ڇاپيون ويون. اهو سلسلو جاري رهي ها ته يقينن اجا ڪيتريون ئي عالمي لکڻيون سنڌي ادب جي پڙهندڙن تائين پهچن ها.

سائين ظفر حسن روزانو ڊائري لکندو هو جنهن ۾ نه صرف پنهنجي اندر جي وارتا پر ان دور جي سياسي ۽ سماجي حالتن جي حوالي سان به پنهنجي راءِ لکندو هو. سندس لکيل اهي ڊائريون پڻ هڪ دور جي سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي تاريخ جو اهم باب آهن. انهن ڊائرين جو ڪجھ حصو ”ظفر حسن جي ڊائري“ جي نالي سان ولي رام ولڀ ۽ ظفر جوڻيجي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ ڇپايو آهي. سائين ظفر حسن جي ڪهاڻين جو مجموعو ”رهيل قرض“ جي نالي سان نيو فيلڊس پبليڪيشن طرفان 1981 ۾ ڇپايو ويو.

سائين ظفر حسن پنهنجي لکڻين ۾ سنڌيت جو قائل ۽ سنڌ جو عاشق سنڌي ٻوليءَ سان پيار ڪندڙ ليکڪ هو پر مونکي حيرت ان وقت ٿي جڏهن مان سائين ظفر حسن جي بنگلي جيڪو مارئي هاسٽل واري روڊ تي بلڪل شروعات ۾ جتي هاڻي يونيورسٽي جي وڏي گيٽ ٺاهي وئي آهي ان جي پر ۾ هو، ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ ويو هوس ته سندس گهر وارو ماحول سنڌي ته ڇا پر انگريزي اسٽائيل پي لڳو...

مما پپا ڊيڊ چوندڙ ٻار... شايد سندس ٻائرن جا ها جيڪي گهڻي قدر سائين سان گڏ بنگلي ۾ رهندا ها، ٻلي نسل وارا ڪتا به پاليل هئا، حيرانگي تڏهن به وڌي وئي جڏهن سائين جي گهر ۾ ٻار هڪ ٻي سان اردو ۾ ڳالهائي رهيا هئا، شايد سندس پرسان واري گهر ۾ رهندڙ اردو ڳالهائيندڙ هئا. اهو سبب هو جو انهن جي ٻارن سان سائين جن جا ٻار به اردو ڳالهائي رهيا هئا.

سائين ظفر ٽائيم جو پابند هوندو هو. ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ ٻڌائيندو آهي ته "ظفر حسن ۽ مونکي هڪ پروگرام ۾ صدر ۾ خاص مهمان طور وڃڻو هو. ٽائيم رکيل هو 5 وڳي جو اسان ٺيڪ 5 وڳي پنڊال ۾ داخل ٿيا سين خالي ڪرسيون پيل هيون، ان وقت ڪرسيون صاف ڪندڙ همراهه ٻڌايو ته منتظمين هاڻي پنڊال تيار ڪري گهر ڏانهن تيار ٿيڻ لاءِ ويا آهن، اسان سندن اڌ ڪلاڪ تائين انتظار ڪيو پوءِ مان ۽ ظفر اسٽيج تي چڙهي ويناسين لائوڊ اسپيڪر هلرائي ظفر خاص مهمان طور تقرير شروع ڪئي ڪجهه ماڻهو پنڊال ۾ اچي ويا ان ڪانپوءِ مان صدارتي خطاب ڪيو. منتظمين به اچي ويهي رهيا، ائين اسان ٻنهي پنهنجون تقريرون ڪري جيترا ويٺل ها انهن کان تاڙيون وڄرائي اسٽيج تان لهي آيا سين."

سائين ظفر جيتوڻيڪ باظابطه اسانکي ڪو به سبجيڪٽ نه پڙهايو پر ابتدائي ڏينهن ۾ ڪجهه ڏينهن سائين اسان کي تعارفي ليڪچر ڏنا اهي ليڪچر فقط جاگرافيءَ جا ئي نه پر فلسفي، سياسي اٿل پٿل، سماجي معاملن کان ويندي زندگيءَ جي روز مره وارن موضوعن تي/ مشتمل هئا. جيتوڻيڪ سائين جونيئر ڪلاس نه وٺندو هو پر اها اسان؟جي خوش قسمتي هئي جو هن اسان جا ابتدائي ڪلاس ورتا ۽ اهو ئي سبب هو جو مون ڊپارٽمينٽ تبديل نه ڪرايو، نه ته مونکي ڪمپيوٽر سائنس ۾ داخلا وٺڻي هئي ان دور ۾ ڪنهن به ڊپارٽمينٽ مان ٻي ڊپارٽمينٽ ۾ وڃڻ لاءِ ٻنهي شعبن جي چيئرمين کان فقط اين او سي وٺڻي هئي. جاگرافيءَ جو جيڪو بنيادي تعارف ۽ فزيڪل جاگرافيءَ جي چيپٽرس جو جيڪو تعارف سائين ظفر ڪرايو اهو ٻڌي جاگرافيءَ سان اهڙي لنئون لڳي وئي جو اڄ تائين ان سحر مان نه نڪتاسين. حسين ماڻريون، جُهڙ، آبشار، شفاف پاڻيءَ ۾ ليٽڙيون پائيندڙ نديڙيون پٽريون، زلزلا، ميدان ۽ جبلن جي وچ مان ور وڪڙ ڪري ايندڙ درياهه جا ته منظرڪشيءَ سان ڀرپور ليڪچر هئا جهڙو

ڪوئي ڪهاڻيڪار ڪهاڻيءَ ۾ منظر نگاري ڪندو هجي. سائين ته هو ئي ڪهاڻيڪار. سائين ڊپارٽمينٽ جي ڪاريڊور ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي به پنهنجي چپل سان ڏسي وٺندو هو ته ڪيس سڏي چند پٽيندو هو ۽ وارننگ ڏيندو هو ته ٻي ڀيري به پنهنجي چپل پائي ڊپارٽمينٽ آيو آهين ته ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو مانءِ. مونکي ياد آهي ته هڪڙو مولوي هوندو هو اسان کان سينيئر هو ان کي ان معاملي تي ڏاڍو چيائين پر هن جو به قسم ڪنيل هو آخر تائين چپل ۾ ئي ايندو رهيو. ظفر حسن جي گاڏيءَ تي ڪو هٿ ڦيري يا ٺيڪ ڏئي ٻيلو هجي پوءِ ان جو خير ناهي جي پڇڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ته ٺيڪ نه ته اهڙا دڙڪا کائيندو جو منجهند جي ماني ڪونه هلندس. ڊپارٽمينٽ جي ورانڊي ۾ هو اسان کي بيهاري پڇندو هو "هي شرٽ ۽ پينٽ ڪيئن پائي آيو آهين؟ آهي ڪو ٻنهي ۾ ڪنٽراسٽ؟" چوندو هو "ڪهڙي بوٽ تي ڪهڙا جوراب پائڻ گهرجن ۽ ڪهڙي شرٽ تي ڪهڙي ٽاءِ ... اهو توهان يونيورسٽيءَ جي شاگرد هئڻ باوجود به نه ٿا ڄاڻو ته پوءِ ڪٿي وڃي سڪنڊئو ڪير ٻڌائيندو اهي ڳالهيون توهان کي؟ پينٽ شرٽ تي بيلٽ نه پاتل هوندو ته سائين ان کي بيهاري سمجهائيندو هو "بابا هر شيءِ جو پنهنجو ڊيڪورم هوندو آهي، ائين بس گوٺ مان نڪري ٿا اچو پائڻ ۽ کائڻ جا به ڪي آداب هوندا آهن اهي هتان سکي ويندئو ته سڄي زندگي ڪم ايندوَ."

سائين ظفر حسن سان اسان تمام ٿورو وقت گذاريو پر هن جاگرافيءَ سان گڏ اسان کي جيڪي زندگيءَ جا سبق سيکاريا سي اڄ تائين ڪم اچي رهيا آهن پل ته هو ٻين لاءِ هڪ چيڙاڪ پروفيسر هجي پر مون سميت الائي ڪيترن شاگردن لاءِ هڪ آدرشي استاد هو جنهن جي شخصيت جا سڀ رخ پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندڙ هئا، هو جاگرافي شعبي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار طور اپائنٽ ٿيو ۽ شعبي جي چيئرمين جي ڪرسيءَ تي ويهي به علم جي آبياري ڪيائين. اهڙا استاد جيڪي حقيقي رهنما به هجن سي جيون جي هر لمحي ۾ ياد رهن ٿا. سائين ظفر حسن جي سموري زندگي جستجو ۾ گذري، ورڇي ويهڻ سندس مزاج ۾ ئي شامل نه هو. شايد اهو 1998 جو سال هو اسان معمول موجب هاسٽل کان نڪري اچي ڊپارٽمينٽ پهتا سين ته سائين جي وفات جي خبر ملي جيڪا خبر اسان جي لاءِ ڪنهن وڄ ڪرڻ کان گهٽ نه هئي.

**********

مختيار احمد ملاح

# ظفر حسن سيد جو
# سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار

سيد ظفر حسن جو سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ تمام وڏو ڪردار آهي، جيڪو شايد اڄ جي نوجوان اديبن جي ڄاڻ کان اوجهل آهي. هو ڪهاڻيڪار، خاڪا نويس، مضمون نگار، نقاد، ايڊيٽر، پبلشر، مترجم ۽ ادب پرور شخص هو. وچ ۾ 1977ع کان 1979ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري به ٿي رهيو. سندس سموري زندگي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ گذري. سندس هن وقت تائين به ڪتاب "رهيل قرض" (ڪهاڻيون 1981ع) ۽ "ظفر حسن جي ڊائري" (2003ع) شايع ٿيل آهن، جڏهن ته اڃان سندس ڪيترو اهڙو مواد آهي، جنهن کي گڏ ڪري شايع ڪرائي سگهجي ٿو، مثال طور: سندس ڪهاڻين جو ڪليات (طبعزاد ۽ ترجمو ڪيل)، سنڌي رسالن ۽ اخبارن ۾ مضمون، آرٽيڪل ۽ اخباري خط ۽ 30 کن ڊائريون، ڊان اخبار ۾ انگريزيءَ ۾ لکيل آرٽيڪل ۽ ايڊيٽر جي نالي تي لکيل خط وغيره. ادبي دنيا ۾ سندس خدمتن جا الڳ الڳ پهلو آهن، جن کي مختصر نموني هيٺين ريت پيش ڪري سگهجي ٿو:

## بحيثيت ڪهاڻيڪار

سيد ظفر حسن جو سنڌي ڪهاڻيءَ جي ترقيءَ ۾ تمام اهم ڪردار آهي، جيڪو نقادن جي اپياس هيٺ نه آيو آهي. سندس سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٽن قسمن جو يوگدان آهي. پهريون بحيثيت ڪهاڻيڪار، ٻيو هن"آرسي"، "ڌرتي"، "عالمي ادب"، "سهڻي" جهڙا شاندار رسالا جاري ڪيا، جن ۾ معياري ڪهاڻين کي شامل ڪري هڪ نئين ٽرينڊ کي متعارف ڪيو، ته ٽئين طرف ڪهاڻين تي تنقيد جي حوالي سان به هن تمام وڏو ڪم ڪيو. معياري افسانوي ادب کي سنڌي ٻوليءَ ۾ مٿين رسالن جي معرفت آندو. انهن تنقيدي لاڙن جي ڪري هو خود به هڪ ڪهاڻيڪار تي اڀريو.

سندس پهرين ڪهاڻي ڪاليج مخزن ”ڦليلي“ ۾ 1955ع ڌاري شايع ٿي هئي. پر باقاعدي لکڻ جي شروعات 1964 کان ڪيائين، جڏهن سندس ترجمو ڪيل ڪهاڻي”قصو حاتم طائيءَ جي لاهور اچڻ جو“ ”سارنگ“ رسالي ۾شايع ٿي. پاڻ سهڻي رسالي سان به منسلڪ رهيو، جو ته سندس اڪثر ڪهاڻيون سهڻي رسالي ۾ شايع ٿيون. ظفر حسن پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ ڪهاڻين جي لکڻ بابت چيو ته ”هڪ ڏهاڙي طارق اشرف مون سان بحث ڪيو ته تون ڪهاڻين تي ايترو گوڙ ۽ ٻين جي ڪهاڻين ڪي رد ۽ صحيح ڪندو ٿو وتين. تون پاڻ ڇو نه ٿو لکين. نيٺ ڪهاڻي لکيم.“ سندس همعصر ڪهاڻيڪارن ۾ ماڻڪ، علي بابا، عبدالقادر جوڻيجو، عبدالحق عالماڻي، شوڪت حسين شورو، ممتاز مهر، مشتاق احمد شورو، مدد علي سنڌي، نور گهلو، نور الهدیٰ شاهه، خير النساءِ جعفري، حليم بروهي، غلام رسول ڪلهوڙو، ابراهيم خشڪ، ولي رام ولڀ، بيدل مسرور ۽ ٻيا ڪيترائي اچي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ ظفر حسن جا ڪيترائي همعصر ڪهاڻيڪار جدت پسند لاڙن هيٺ وجودي فڪر، شعور جي وهڪري، ماورائي حقيقتن واري لاڙن تحت ڪهاڻيون لکي رهيا هئا، پر ظفر حسن سماجي پسمنظر ۾ روايتي انداز ۾ شاندار ڪهاڻيون لکيون.

ظفر حسن شروعات ۾ لوڪ ڪهاڻين کي نئين انداز ۾ لکڻ سان ڪئي. هن لوڪ ڪهاڻين کي دور جديد مطابق ٺهڪائي لکيو. ان سلسلي ۾ سندس ڪهاڻيون ”انڌي ۽ منڊي جي نئين ڪهاڻي“، ”زخمي ڪتي جي نئين ڪهاڻي“، ”شينهن ۽ ڪُئي جي جديد ڪهاڻي“، ”ٽن ٺڳن جي نئين ڪهاڻي“، ”ٻانڊر ۽ ٻلين جي جديد ڪهاڻي“، ”سهي ۽ ڪڇون جي جديد اصلي ڪهاڻي“ وغيره اهم آهن. اهي سڀئي ڪهاڻيون ماهوار سهڻي ۾ شايع ٿيون.

ظفر حسن جي مشهور ڪهاڻي ’رهيل قرض‘ جي نالي سان 1966ع ۾ سهڻي ۾ ڇپي. اڳتي هلي ظفر حسن ڪهاڻين کانسواءِ ڪل ٽوڪ، اخباري ڪالم، خاڪا، مضمون، ڊائري ۽ تنقيد به لکي. سندس چونڊڪهاڻين جو مجموعو 1981ع ۾ ’رهيل قرض‘ جي نالي سان ئي ڪتابي صورت ۾ نيو فليڊس طرفان شايع ٿيو، جنهن ۾ ظفر حسن جون 10ڪهاڻيون شامل آهن. انهيءَ ڪتاب تي تبصرا نه صرف سنڌ جي رسالن ۾ شايع ٿيا هئا، پر ان وقت جي آل انڊيا ريڊيو سروس جي سنڌي پروگرام ۾ به ان تي تبصرو پيش ڪيو ويو هو، جيڪا پنهنجي

دور ۾ وڏي مان ۽ مرتبي لائق ڳالهہ هئي. هن ڪتاب ۾ جي فهرست ۾ ظفر حسن هر ڪهاڻيءَ جي لکڻ جو سن ڄاڻايو آهي. مثال طور ”رهيل قرض“ (1966ع)، ”سوڪڙي“ (1967ع)، ”گناهہ جو ڏک“ (1967)، ”ياڳ نياڳ“ (1970ع)، ”تڪي اس ٽڏي چانو“ (1970ع)، ”عيد جي خرچي“ (1973ع)، ”پنهنجو پنهنجو غرض“ (1975ع)، ”حياتيءَ جي نہ رقمي“ (1977ع)، ”رات جنهين جو ماڳ“ (1977ع) ۽ ”ڪني پاڻيءَ جو تلاءُ“ (1978ع) شامل آهن. اهو دراصل سندس چونڊ ڪهاڻين جو مجموعو آهي، جيڪي هن 1978ع تائين لکيون هيون، اهڙي طرح ڪي اڳ جون لکيل ۽ ڪي پوءِ جون لکيل ڪهاڻيون ۽ ڪي ترجمو ڪيل ڪهاڻيون هن ڪتاب ۾ شامل نہ آهن. سندس سمورين ڪهاڻين جو تعداد مشڪل سان 25 کن ٿيندو. پاڻ جيترو بہ لکيو اٿائين، اهو موضوع ۽ اسلوب بيان جي لحاظ کان شاندار آهي. ظفر حسن، سنڌي ادب ۾ هڪ سماجي حقيقت نگار ڪهاڻيڪار آهي. هن عشقيہ ۽ رومانوي ڪهاڻين جي بجاءِ سنڌ جي سماجي، سياسي، معاشي ۽ لساني مسئلن تي ڪهاڻيون لکيون. سندس ڪهاڻيون سنڌي سماج جي مختلف پهلوئن تي وشني وجهن ٿيون.

سندس ڪهاڻي ”رهيل قرض“ سنڌي ادب جي شاهڪار ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ جي سماجي ۽ اقتصادي مسئلي کي چٽيو ويو آهي. هاريءَ کي زميندار کان کنيل قرض لاهڻ جي وڏي ڳڻتي آهي، ان کي لاهڻ لاءِ ڳڻتيءَ ۾ الله جي آسري آسمان ۾ اکيون وجهي ويٺو آهي. فصل سٺو ٿئي ٿو پر تمام گهٽي مينهن وسڻ جي ڪري فصل تباهہ ٿي وڃي ٿو. ٻئي طرف هاريءَ جو پٽ موٽر هيٺان اچي مري وڃي ٿو، جنهن ڪري ڪيس موٽر مالڪ هڪ هزار ڏئي ٿو تنهن مان هو پنهنجو قرض چڪائي ٿو. اهڙي طرح سندس سون جهڙي پٽ جو موت هن جي قرض لاهڻ جو سبب بڻجي ٿو.

سندس ٻي شاهڪار ڪهاڻي ”حياتي جي نہ رقمي“ ڇڻ هر بيروزگار نوجوان جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي حيدرآباد کان ڪراچي تائين وقت سر پهچي انٽرويو ڏيڻ ”نہ رقمي“ جو حساب بڻجي پوي ٿو. هو چوي ٿو تہ ”وقت ۽ مفاصلا طئي ڪرڻ تہ حساب جي لحاظ کان فرض ڪري سگهجن ٿا، پر ڪيسا خالي يا پيٽ خالي واري حالت ۾ فرض ڪري نٿو سگهجي.“

سندس هڪ ڪهاڻي ”مرجهايل گل جي سوڪڙي“ تي تبصرو ڪندي ادل سومرو لکي ٿو تہ ”اها اهڙي تہ ڀرپور احساساتي ڪهاڻي آهي، جنهن کي پڙهندي اکين ۾ آلاڻ سبب منهنجي آڏو لفظ ڌنڌلا ٿي ويا. اها ليکڪ جي وڏي ڳالهہ آهي جو هن جي لکڻيءَ ۾ سمايل ڪيفيت جو اثر پڙهندڙ جي دل تي ٿئي ٿو ۽ پنهنجي وس ۾ نہ رهي.“

سندس ڪهاڻي ”ڀاڳ نڀاڳ“ مختلف رسالن ۾ مختلف نالن سان شايع ٿيل آهي، مثال طور سهڻي رسالي ۾ ”خوش نصيب بد نصيب“ جي نالي سان ۽ هڪ ٻئي رسالي ۾ ”ڪامياب ۽ ناڪام“ جي نالي سان شايع ٿيل آهي. هيءَ هڪ ڪٽر پر ذهني سالميت واري شخص جي جي سوچن جو عڪس آهي، جنهن کي پنهنجي ذهني سوچ سياڻپ ۽ بلندي محسوس ٿئي ٿي ۽ ڪيس پنهنجي اڳيان امير، پير، وڏيرا ۽ زميندار نياڳا ٿا محسوس ٿين، جيڪي سندس ٻنڌڙ ۾ ٻي حس آهن ۽ قوم جو درد محسوس نہ ٿا ڪري سگهن.

هن پنهنجي ڪهاڻي ”عيد جي خرچي“ گل ڦل وارن جي فرمائش تي خاص طور تي ٻارن لاءِ لکي هئي. هن ڪهاڻيءَ ۾ معصوم ٻارن جي جذبن جي عڪاسي ڪيل آهي، خاص طور تي عيد جي خرچيءَ ۾ عيد واري موضوع ۽ مسئلي کي اثرائتي نموني پيش ڪيو ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ معصوم ٻارڙي عيد جي خرچيءَ لاءِ سڪي ٿي وڃي، ڇو تہ هڪ امير جي موٽر هن جي پاءُ کي ڪچلي ٿي وڃي. ظفر حسن صاحب موضوع کي ڪهاڻيءَ جي مواد سان مڪمل لاڳاپيل ڏيکاريو آهي، ٻولي عام فهم، بياني ۽ ڪهاڻيءَ جو دورانيو مختصر آهي.

اهڙي طرح سندس ڪهاڻيون ”غربت جي هيٺائي“ ۽ ”اميري غريبي“ ڏاڍ جون ڪهاڻيون آهن. ”گناهہ جو ڏڪ“ ۽ ”رات جنهين جو ماڳ“ منفرد ۽ شاندار ڪهاڻيون آهن. ظفر حسن جي ڪهاڻين ۾ جيتوڻيڪ شاعراڻو رس چس نہ آهي پر انهن جا موضوع، سنڌي سماج جا موضوع آهن، جن ۾ وڌاءُ نہ آهي، بلڪ حقيقت پسنديءَ تي مبني آهن. هو هڪ اهڙي سماج جو خواهشمند آهي جنهن ۾ هر شيءِ پنهنجي وقت ۽ اصول تحت ٿئي. ڏاڍ نہ هجي، ڌڪاءُ نہ هجي، استحصال نہ هجي. هو آدرشي آهي. سندس ڪهاڻين جي ٻي خوبي اها آهي تہ انهن جي ٻولي نيٽ سنڌي ۽ حالتن ۽ ڪردارن مطابق آهي. ظفر حسن جي ڪهاڻين کي نقادن نظرانداز ڪيو آهي، حقيقت ۾ سندس ڪهاڻيون جمال ابڙي ۽ نسيم کرل جي ڪهاڻين سان ڀيٽڻ جي لائق آهن.

**بحيثيت ڊائري نويس**

ڊائريءَ لاءِ سنڌيءَ ۾ ”روزنامچو“ مناسب لفظ آهي، جيڪو ڊائريءَ جي خصوصيت کي ظاهر ڪري ٿو. ڊائريءَ ۾ عام طور تازن آزمودن کي لکيو ويندو آهي يا اهو بہ ممڪن آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن گهڻو اڳ ٿيل واردادتن يا ملپل آزمودن تي وري نظر ثاني ڪئي وڃي. ليڪن آتم ڪٿا ۾ سڄي ماضيءَ تي نسبتي طور وڌيڪ بلوغت ۽ گنڀيرتا جي گنجائش آهي. ڊائريءَ ۾ انفراديت هوندي آهي.ڊائريءَ ۾ ليکڪ جي من تي پيل اثر ان ڏينهن ئي لکت جو روپ حاصل ڪن ٿا. انهيءَ ڪري ئي ڊائري ليکڪ جي شخصيت جي اظهار جو سڀ کان وڌيڪ سنڌي (Authentic) ماڌير آهي.

ظفر حسن، روزانہ جي بنياد تي ڊائري لکندڙ هو. هو پنهنجي دوستن ، اديبن ۽ شاگردن کي بہ ڊائري لکڻ جي تلقين ڪندو رهندو هو. هن ڊائري جي لکت کي جدت بخشي. هن پنهنجي ڊائريءَ ۾ قومي ۽ سماجي مسئلن کي سمايو آهي. هڪ دفعي، ظفر صاحب پاڻ ٻڌايو هو تہ، هڪ ڏينهن پاڻ پنهنجي ڊائري کڻي پوري سنڌ يونيورسٽي جي چوڌاري چڪر لڳائي آيو ۽ پٿين تي جيڪي ڪجهہ لکيل هو، اهو سڀ پنهنجي ڊائري ۾ نوٽ ڪندو ويو. ان سروي ڪرڻ سان کيس معلوم ٿيو تہ سياسي، سماجي، مذهبي ۽ ٻيون ڏريون ديوارن تي لکي ڇاجي گهر ڪن ٿيون ۽ سنڌن سوچڻ جو انداز ڪهڙو آهي. سيد ظفر حسن ڪيتريون ڊائريون لکيون، جن جو تعداد 30 کان بہ مٿي آهي. پر انهن مان صرف هڪ ڊائري ”ظفر حسن جي ڊائري“ جي عنوان سان سندس وفات کان پوءِ ولي رام ولڀ ۽ ظفر جوڻيجي 2003ع ۾ شايع ڪرائي. هن ڊائريءَ ۾ ظفر حسن پنهنجي مرحوم والده کي ڏاڍو ياد ڪيو آهي ۽ هر ڳالهہ ۽ هر واقعي ۾ ان سان ئي ڳالهائي رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ ڊائري ڪٿي ڪٿي Dramatic Monologue آهي. هن ڊائري ۾ ظفر حسن ذاتي زندگيءَ جي احوالن کان علاوه سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ تعليمي مسئلن کي بہ انتهائي سچائي سان پيش ڪيو آهي. ان سان گڏوگڏ مسئلن جا حل بہ ٻڌايا آهن. سائين ظفر جون ڊائريون سياسي تمام گهٽيون آهن. ضرورت آهي تہ سندس سڀئي ڊائريون شايع ڪرايون وڃن.

**بحيثيت نقاد**

ظفر حسن، جتي هڪ بهترين ڪهاڻيڪار ۽ ڊائري نويس هو اتي هڪ بهترين نقاد به هو. سندس تنقيدي خط، اپياس، مهاڳ ۽ مضمون اڄ به سندس اعليٰ تنقيدي حوالن کي پيش ڪن ٿا.سيد ظفر حسن مختلف دورن ۾ علمي، ادبي ۽ ثقافتي اهميت وارين تحريڪن ۾ سڌي ريت ۽ اڻ سڌي ريت هٿ ونڊائيندو رهيو آهي، ”سهڻي“، ”ڏرتي“ ۽ ”آرسي“ وغيره رسالن ۽ ڪتابي سلسلن جي جاري ڪرڻ ۾ سندس ئي ڪوششون رهيون آهن. سندس ”تنقيد“ کي نظرانداز نه ڪري سگهجي. سندس تنقيدي خط مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا، جن ۾ هن ڪيترن ئي ڪتابن تي تبصرا ۽ تنقيدون پڻ ڪيون.ظفر حسن جي تنقيدي خطن، اخباري ۽ رسالن وارن تبصرن کي اڃان تائين ڪنهن ترتيب ڪو نه ڏني آهي، سندس تنقيدي ڪم خاص طور تي عملي تنقيد جي نمري ۾ اچي ٿو، جنهن ۾ تبصرا اهميت رکن ٿا، جن ۾ هي اهم آهن: ”ويرون لهرون“ (غلام رسول ڪلهوڙو، سهڻي، جنوري 1970ع)، ”ڏوراپو“ (سهڻي، فيبروري ، مارچ 1970ع)، ”مهراڻ شاعر نمبر“ (سهڻي مارچ کان مئي 1970ع)، ”رت سچو رت ڦڙا“ (علي بابا، سهڻي مارچ کان مئي 1970ع)، ”نه ماهي بيجل“ (سهڻي مارچ کان مئي 1970ع)، ”چار مقالا“ (محمد اسماعيل عرساڻي، سهڻي سيپٽمبر 1970ع)، ”نئين زندگي سنڌ نمبر“ (سهڻي سيپٽمبر 1970ع)، ”سهڻا نوھ“ (ڪهاڻيون غلام قادر سومرو، سهڻي اپريل 1971ع)، ”لهر لهر زندگي“ (ماهتاب محبوب جا خاڪا مهراڻ 1-1986ع) وغيره اهم آهن. انهن کان علاوه، ظفر حسن ڪيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ لکيا، جن ۾ انهن ڪتابن جو جهڙوڪ تنقيدي جائزو ورتل آهي، اهڙن ڪتابن ۾ غلام نبي مغل جي ڪهاڻين جي ڪتاب ”سٽ ستر اسي“، انعام شيخ جي مضمونن جي ڪتاب ”سونهن، عشق ۽ سنسار“، طارق عالم ابڙي جي سفرنامي ”لنڊن تنهجا ڪيڏا روپ“ وغيره اهم آهن. ظفر حسن، سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان تنقيدي ويهڪن ۾ به حصو ورتو، جنهن ۾ هن معياري تنقيدن جي روشنيءَ ۾ نوجوانن کي تنقيدي نظرين کان آگاهه ڪيو ته سنڌي ادب ۾ تنقيد جا ڪهڙا مسئلا آهن. ظفر حسن سهڻي ۽ بين رسالن ۾ بين الاقوامي شهرت يافته ليکڪن جا خاڪا به لکيا آهن ته سنڌ جي مشهور اديبن جي باري ۾ به ڪي مضمون لکيا آهن. اهڙي طرح، ظفر حسن جڏهن سنڌي ادبي بورڊ

جو سيڪريٽري رهيو تہ اشاعت هيٺ اينڊڙ ڪتابن جا مختصر مهاڳ يا پبلشر نوٽ لکيا، جيڪي پڻ تنقيدي حوالي کان خالي ڪو نہ هوندا هئا.

ظفر حسن جي تنقيدي پرک بہ شاندار هئي. سنڌي ٻوليءَ جي نامور ڪهاڻيڪاره ثميره زرين لاءِ لکيو هئائين تہ ”ثميره پنهنجي ڪهاڻين جي ڪردارن وانگر، دل جا سور سانديندي پوڳيندي پاڻ بہ ڪهاڻي بڻجي ويئي. پنهنجي سادگي ۽ نماڻائيءَ سان سامهون بيٺي آهي ۽ سندس چپن تي اها لازوال مرڪ آهي ۽ پڇي رهي آهي ”ڪيئن! وڻيو منهنجي نئين ڪهاڻي!“

ظفر حسن ادبي محفلن ۾ گهٽ ويندو هو، اگر ويندو هو تہ مڪمل تياري ڪري ويندو هو. 16 آگسٽ 1996ع تي ماهتاب محبوب جي ناول ”خواب، خوشبو، ڇوڪري“ جو مهورت سندس گهر ۾ پاڪستان ٽيليويزن جي ڊائريڪٽر عبدالڪريم بلوچ جي هٿان ٿيو. جنهن ۾ ڪيترن ئي اديبن شرڪت ڪئي هئي، ان موقعي تي ظفر حسن مهمانن تي سخت اعتراض ڪندي چيو هو تہ اسان جا اديب تياري ڪري نہ ٿا اچن، ان ڪري هتان هتان جي ڳالهہ ڪري ڪم ٽپائين ٿا. ان کان علاوه ظفر حسن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو هو تہ ”مون ڀرين بہ اها ڳالهہ ڪئي هئي تہ سنڌي ۾ نثر نويس ڪونهن، تنهن تي ڪيترائي دوست ڪاوڙجي پيا هئا، پر منهنجي چوڻ جو مقصد نيڪ نيتيءَ تي ٻڌل هو تہ جيستائين اهي ناول نہ لکندا، تيستائين اهي نثر نويس ناهن. ڇو تہ ناول ڪنهن بہ قوم جي ذهني سوچ جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو.“

**بحيثيت ڪالم نويس**

ظفر حسن مختلف اخبارن ۾ ڪالم بہ لکندو رهيو، جيڪي انگريزي ۽ سنڌي اخبارن ۾ شايع ٿيا. اخبارن ۾ خاص طور تي پاڻ ”ڊان“ ۾ انگريزي ڪالم لکندو هو. تہ ماهي جرنل ”سنڌ ڪئارٽرل“ (Sindh Quarterly) ۾ بہ تفصيلي پيپر لکندو هو. 1975ع واري سال ۾ آفتاب اخبار ۾ هفتيوار ڪالم لکيائين. 1977ع ۾ مولا بخش ڪوسي جي ايڊيٽرشپ ۾ ڪتابي سيريز ”سهائي پبليڪيشن“ ۾ بہ ڪالم لکيائين. ”عوامي آواز“ ۽ ”ڪاوش“ اخبارن ۾ سندس ڪالم شايع ٿيل آهن، پر سندس ڪالم نگاري مستقل ڪا نہ هئي. پاڻ سياسي معاملن،

سماجي مسئلن ۾ راندين بابت خط ۾ ڪالم لکندو هو. اهي ڪالم اڄ تائين ترتيب هيٺ اچي نہ سگهيا آهن. اگر سائين جا ڪي شاگرد يا اديب دوست ڪوشش ڪندا تہ هڪ سٺي ڪتاب جو اضافو ٿي سگهي ٿو.

**بحيثيت سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ**

شيخ اياز جي وائيس چانسلريءَ واري دور ۾ ظفر حسن کي غلام رباني آگري جي جاءِ تي سنڌي ادبي بورڊ جو نئون سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو، ڇو تہ آگري صاحب کي يونيورسٽيءَ جو پرو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو هو. ظفر حسن پهرين فيبروري 1977ع تي پنهنجي عهدي جي چارج سنڀالي ۽ نومبر 1979ع تائين ان عهدي کي سنڀاليو. سندس عهدي سنڀالڻ تي ان وقت جي گل ڦل لکيو هو تہ "مسٽر ظفر حسن شاهہ سنڌ جو نوجوان اديب آهي. سندس روشن ذهن خيالن مان اها توقع رکي سگهجي ٿي تہ هو صاحب نہ رڳو پنهنجي خداداد صلاحيتن سان سنڌي ادبي بورڊ جي معيار ۽ ڪارڪردگيءَ کي اڳتي وڌائيندو، پر گل ڦل رسالي کي بہ زماني جي حال ۽ ٻارن جي گهر مطابق ترقي ڏيارڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏيندو. اسين صاحب موصوف کي سندس نئين عهدي لاءِ دلي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا." (ماهوار "گل ڦل"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، فيبروري 1977ع)

ظفر حسن جي اچڻ سان بورڊ جي حالت ئي تبديل ٿي وئي، ڇو جو ظفر حسن هڪ پابند ماڻهو هو، جيڪو هر شيءِ پابنديءَ ۽ رٿابنديءَ سان ڪندو هو. وقت تي اچڻ، وڃڻ، آفيس جو ڪم ڪرڻ وغيره. ان ڪرڻ سان بورڊ بہ جي ملازمن کي بہ پابند ٿيڻو پيو، جنهن جي ڪري بورڊ جا ڪي ملازم ظفر حسن سان ناراض رهندا هئا. اگر ڪو ملازم دير سان پهچندو هو تہ آفيس ميمو سندس ٽيبل تي اڳي ئي پيو هوندو هو. ظفر حسن، بورڊ ۾ پيل پراڻا ڪم اڪلائڻ شروع ڪيا، ۽ گهڻي وقت کان انتظار ۾ پيل ڪتابن جي اشاعت جو ڪم شروع ڪيو. ظفر حسن جي دور ۾ ٻارن جي رسالي "گل ڦل" تي گهڻو ڌيان ڏنو ويو. هن پاڻ بہ ٻارن لاءِ لکيو تہ ٻين اديبن کان بہ ٻارن لاءِ لکرايو. ٻاراڻي ادب جي مشهور اديب اڪبر جسڪاڻيءَ کي ظفر حسن جي دؤر ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ لائبريرين مقرر ڪيو ويو ۽ بعد ۾ ٻارڙن جي ماهوار رسالي "گل ڦل" جو اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ 1987ع ۾ ايڊيٽر مقرر ڪي ويو. اهڙي طرح، مهراڻ رسالي ۾ بہ بهترين

آنديون، مواد تي خاص ڌيان ڏنو ويو، بر وقت رسالي جي اشاعت ٿيڻ لڳي. ظفر حسن پاڻ مهراڻ جي ايڊٽ ۾ چونڊ جي معاملن ۾ دلچسپي رکندو هو ۽ پاڻ به رسالي جي لاءِ ريگيولر لکڻ لڳو. اهڙي طرح خواتين جي رسالي "سرتيون" ۾ به سڌارا آندا ويا. سندس دور، بورڊ جي تاريخ ۾ انتظامي طور تي هڪ بهترين دور هو.

## بحيثيت مترجم

ظفر حسن هڪ تخليقي اديب هو، پر سندس خيال هو ته جڏهن اسان پاڻ معياري ادب تخليق ڪري نه سگهون، تڏهن دنيا جي شاهڪار ادب جا ترجما ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ڪيون ۽ پنهنجي ٻوليءَ جي ادبي ترقي ڪيون. پاڻ ڪجهه ڪهاڻيون پڻ ترجمو ڪيائون. هڪ ڪهاڻين جو ڪتاب "عالمي ادب" ترتيب ڏئي شايع ڪيائون. حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ ڪافڪا جي ناول "دي ٽرائل" جو ترجمو ڪري رهيو هو، جيڪو اڌورو سندس فيملي وٽ موجود آهي.

## سياسي پمفليٽ

ظفر حسن جو سياسي شعور انتهائي بلند هو. هو سنڌ جي سياسي مسئلن تي سڌي يا اڻ سڌي طرح تحريڪن ۾ شامل هوندو هو. ان ڏس ۾ هن ڪيترائي پفليٽ پڻ لکيا، جيڪي هو پاڻ سرڪاري نوڪري هئڻ جي ڪري ٻين جي نالن تي، يا بغير ڪنهن بالي جي شايع ڪرائيندو هو. هڪ پمفليٽ سنڌي ٻوليءَ جي 1972ع واري قانون جي باري ۾ بغير ڪنهن نالي ڏيڻ جي شايع ڪرايو هئائين، جيڪو بعد ۾ ڪنهن ٻئي جي نالي سان هڪ ڪتاب ۾ شايع ٿي ويو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ان پمفليٽن کي ڳولهي ڪري، سائين ظفر جي نالي سان شايع ڪرايا وڃن.

## سنڌي ٻوليءَ بابت ڪتاب

ظفر حسن سنڌي ٻوليءَ جي معاملي ۾ انتهائي جذباتي هوندو هو ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جو رڪ رڪاءُ برداشت نه ڪندو هو. ظفر حسن سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ باقاعده هڪ مهم هلائڻ جو حامي هو. انهيءَ ڪري پاڻ ۽ پنهنجي ڪن دوستن سان گڏجي "سنڌي ٻولي سٿ" جو بنياد وڌائين، پر اها فعال ٿي نه

سگهي. ظفر حسن پنهنجي مختلف ڊائرين ۾، مضمونن ۾، انٽرويوز ۾، ادبي محفلن ۾ تمام گهڻو لکيو ۽ ڳالهايو آهي. ان کان علاوه، سنڌي ٻولي جي ترويج لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيو ۽ انگريزي اصطلاحن ۽ ٽرمينلاجيز کي سنڌي اسلوب ڏيڻ لاءِ پڻ ڪوششون ورتيون. سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾سندس سموري مواد کي اگر گڏ ڪجي ته هڪ الڳ ڪتاب ٿي سگهي ٿو.

### ٽي. وي ڪمپيئر

ظفر حسن جي شخصيت انتهائي خوبصورت ۽ وڻندڙ هئي. هر وقت بهترين ڪپڙن ۾ ملبوس رهندو هو، اهڙي طرح ڳالهائڻ ۾ به محتاط ۽ تکي توري ڳالهائيندو هو. پاڻ پاڪستان ٽيليويزن سان سلهاڙجي ويو جتي هو ادبي پروگرام (وينجهار) منجهه ڪمپيئر طور ڪم ڪندي نظر آيو. هو پروگرام جي رڪارڊنگ ڪرڻ جي سلسلي ۾ هر هفتي ڄامشوري کان ڪراچيءَ ويندو هو. سندس پروگرام مڪمل ادبي هوندو هو، جنهن ۾ هو نالي وارن اديبن سان بحث ۽ مباحثا ڪندو هو. ان کان پوءِ ”پرک“ پروگرام ڪيائين. سندس بيمار ٿيڻ کان پوءِ اها ذميواري اسلم آزاد ڪورائيءَ جي پلئه پئي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پڻ ڪيترن ئي پروگرامن ۾ حصو ورتائين.

### بحيثيت پبلشر

ظفر حسن جي سڃاڻپ نه رڳو هڪ ڪهاڻيڪار واري رهي، پر هو هڪ سٺو ايڊيٽر ۽ پبلشر پڻ رهيو. پاڻ 1970ع ڌاري حيدرآباد ۾ ”پرفيڪٽ پرنٽرس“، 474 صدر حيدرآباد ۾ قائم ڪيائين؛ جتان ڪيترائي ڪتاب ۽ ڪتابي سلسلا ”اندلٺ“، ”ڌرتي“، ”آرسي“، ”سهڻي“، ”عالمي ادب“، ”عام جائزو“ وغيره ڪڍيائين. ان ئي پريس ۾ ٻيو به ڪيترو ئي سنڌي انقلابي ساهت پڻ ڇپجندو هو، جنهن جو ذڪر پاڻ هنن لفظن ۾ ڪيو اٿائين ”پرفيڪٽ پريس منهنجي پنهنجي هئي. ان تي 8-10ڪيس به ٿيا هئا. ممتاز ڀٽو (ان وقت سنڌ جو وڏو وزير) هڪ ڀيري ڪوٺڙي ۾ ترسيو ۽ حڪم ڪيائين ته ان پريس جي پرنٽر/مالڪ کي شام تائين حاضر نه ڪيو ته سيني جو خير ناهي. ان وقت اتي ”تحريڪ“، ”ملير ڊائجسٽ“، ”اڳتي قدم“ ۽ ٻيا اصل ۾ جيڪو به انقلابي پرچو توڙي ادب هو، اهو اتي ڇپجندو هو.“

شعري ڪتاب ”هينئڙو هيرڻ پن“ حسينا سيد پبليڪيشن پاران ظفر حسن ڇپائي پڌرو ڪيو.

**ادبي رسالا ۽ ايڊيٽرشپ**

ظفر حسن هڪ سٺو ايڊيٽر ۽ پبلشر پڻ رهيو. پاڻ 1970ع ڌاري حيدرآباد ۾ ’پرفيڪٽ پرنٽرس‘ قائم ڪيائين ۽ ڪيترائي ڪتاب ۽ ڪتابي سلسلا جاري ڪيائين، پر ڪيترن ئي سلسلن ۾ سندس صلاحڪاري، ۽ مالياتي مدد به شامل هوندي هئي، ان سلسلي ۾ شايع ڪيل ڪجهه ڪتابي سلسلن جو مختصر تعارف پيش ڪجي ٿو:

**سهڻي:**

1960ع جي ڏهاڪي ۾، طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل، ڪوڪر پاڙي حيدرآباد ۾ هڪ پرنٽنگ پريس جو بنياد رکيو. انهيءَ سان گڏ ’اداره ادبِ نو‘ پڻ قائم ڪيو. هن اداري جو پهريون ادبي ڪتاب ’پهريون قدم‘ جي نالي سان نڪتو، پوءِ ”سهڻي پرنٽرس پريس“ ڇپائيءَ لاءِ تيار ٿي وئي ته ڪهاڻين جو ٻيو ڪتاب ”ٻيو قدم“ نالي ڇپجي منظر عام تي آندو ويو. ان ڪانپوءِ غلام نبي مغل ۽ طارق اشرف جي ڪهاڻين جو گڏيل ڪتاب: ’نئون شهر‘ ۽ ’سونهن، پٿر ۽ پيار‘ هڪ ئي جلد ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. انهيءَ ساڳئي عرصي ۾ غلام نبي مغل جو ترجمو ٿيل فرينچ ليکڪ پيري لوئيءَ جو ناوليٽ ’عورت ۽ پيار‘ ۽ شمشير الحيدريءَ جي شعرن جو مجموعو ’لاٽ‘ (1962ع) پڻ شايع ٿيا. ان وچ ۾ ظفر حسن سهڻي پريس جي ڪافي مالي مدد ڪئي ۽ ان جي ڇپائيءَ ۾ ساٿ ڏنو. فيبروري 1966ع ۾ طارق اشرف ’اداره ادبِ نو‘ ختم ڪري، ’سهڻي ڪتابي سلسلو‘جاري ڪيو ۽ ماهوار سهڻي مخزن لاءِ ڊڪليريشن جو فارم ڀريو، جيڪو سرڪار منظور نه ڪيو، جنهن ڪري سهڻي ڪتابي سلسلي شايع ڪرڻ جو اهتمام ڪيو ويو ۽ ان ڪتابي سلسلي جي مرتبن ۾ طارق اشرف سان گڏ غلام نبي مغل، نظير شيخ ۽ منظور قريشي شامل هئا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ غلام نبي مغل ۽ منظور قريشي ڪن مجبورين سبب ’سهڻيءَ‘ کان ڌار ٿي ويا ۽ نظير شيخ جو ساٿ طارق اشرف سان ٻارهين نمبر ڪتابي سلسلي تائين رهيو ۽ بعد ۾ هن ڪي به ڪن مجبورين هيٺ سهڻيءَ جو ساٿ ڇڏڻو پيو. جڏهن ته ناميارو ڪهاڻيڪار نسيم کرل

يارهين ڪتاب ڪان ۽ ظفر حسن ٻارهين ڪتاب ڪان ’سھڻي‘ سٽ ۾ طارق اشرف سان شامل رهيا.

## ڌرتي:

1974ع ۾ ظفر حسن پنهنجي ادارت هيٺ ماهوار ”ڌرتي“ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو، جنهن جو پهريون پرچو مارچ 1974ع ۾ نڪتو. اهو نج ادبي پرچو هو. جنهن ۾ ڪهاڻيون، شعر، مضمون ۽ ٻيو مواد شامل هو. ظفر حسن، ڌرتي پبليڪيشن جا ڏهہ اصول مقرر ڪيا، جن تحت اهو پرچو هلڻو هو، جن ۾ چيل هو:

ڌرتي جومقصد سنڌي ادب ، فن ۽ سيپتا پيش ڪرڻ آهي.

ڌرتي جو مقصد سهڻو، صحتمند، پراميد ۽ تعميري مواد پيش ڪرڻ آهي.

ڌرتي جو مقصد ترقي پسند ۽ انقلابي ادب پيش ڪرڻ آهي.

ڌرتي جومقصد سنڌين لاءِ نئين سوچ، نوان ويچار پيش ڪرڻ آهي.

ڌرتي جو مقصد سنڌين کي محنت، ڪوشش ۽ جدوجهد لاءِ همٿائڻ آهي.

ڌرتي جو مقصد پراڻين، منفي ۽ غير انقلابي روايتن جو خاتمو آڻڻ آهي.

ڌرتي جومقصد پراڻين، صحتمند ۽ مثبت روايتن جي پنپرائي ڪرڻ آهي.

ڌرتي جو مقصد نين، ڪارآمد اصولي روايتن کي جنم ڏيڻ آهي.

ڌرتي جو مقصد ڌارين قومن ۽ زبانن مان ڪارآمد مواد ۽ عمل جا نمونا پيش ڪرڻ ۽ انهن تي هلڻ جي ترغيب ڏيڻ آهي.

ڌرتي جومقصد سنڌي ادب، فن ۽ سيپتا کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ آهي.

ڌرتي’جو ٻيو پرچو اپريل ۽ مئي جو گڏي ڪڍيو ويو. ‘ڌرتي’ جا ٽوٽل پنج پرچا نڪري سگهيا. پنجون پرچو ڏکهي عرصي کانپوءِ جنوري 1986ع ۾ شايع ڪيو ويو، جنهن جو مرتب عبدالرحمان سيال هو. انهي ۾ ظفر حسن جو نالو اعزازي صلاحڪار طور شامل آهي. اهي سڀ پرچا ڊبل ڊيمي سائيز ۽ فور ڪلر ٽائيٽل سان هڪ سئو کان ٻہ مٿي صفحن تي مشتمل آهن.

**انڊ لٽ:**

ظفر حسن شاھ ڪيترائي تجربا ڪيا ، انھن مان ھڪ ”انڊلٽ ڊائجسٽ“ جو اجراع پڻ ھو. بقول سائين ظفر حسن جي ”انڊلٽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ اھم ترين موڙ ھو.“ ھيءُ ڊائجيسٽ ٽنڊوڪي ڪاموري غلام محمد ميمڻ جي سرپرستيءَ ۾ 1974ع ۾ جاري ٿيو. جنھن جو ايڊيٽر مشتاق حسين شورو ھو ۽ صلاحڪار بورڊ ۾ ظفر حسن آخر تائين شامل رھيو. ھي ڊائجيسٽ اردو ماھوار ڊائجسٽن جي طرز تي ھر ڪھاڻيءَ جي منڍ ۾ فتاح ھاليپوٽو جا ٺاھيل پين اسڪيچ بہ شامل ڪيا ويندا ھئا. انھيءَ ڊائجسٽ جا 6 شمارا شايع ٿيا جيڪي يادگار حيثيت رکن ٿا.

**پروڙ:**

ظفر حسن ھميشہ نوان نوان تجربا ڪندو ھو. سندس خواھش ھئي تہ ھڪ اھڙو رسالو جاري ڪري، جيڪو مستقل بنيادن تي ھلندو رھي. ان سوچ سان پاڻ ھڪ رسالو ”پروڙ“ 1973ع ۾ جاري ڪيو، جيڪو سياسي قسم جو ھو. بھرحال، ھي رسالو ھلي نہ سگھيو.

**عالمي ادب:**

ظفر حسن جو زرخيز ذھن سدائين سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ نت نيون رٿائون پيو گھڙيندو ھو. عالمي ادب بہ انھيءَ سلسلي جي ھڪ ڪڙي آھي، جيڪو وليرام ولڀ سان گڏجي جلد وار ڪيڻ جو پروگرام رٿيائين. انھيءَ ۾ سيھوڳي عالمي ادب مان چونڊ لکڻين کي ترجمو ڪري شايع ڪرڻ جو ارادو ھئس. انھي جو پھريون پرچو ڊيمي سائيز ۾ جنوري 1978ع ۾ شايع ٿيو. جيتوڻيڪ انھيءَ جو اھوفقط ھڪئي جلد ڇپجي سگھيو، پر اھو ھر لحاظ کان چونڊ معياري عالمي لکڻين جو مجموعو ھو. پرچي جي واقفيت ڏيندي مرتب لکي ٿو تہ ”سنڌي ٻولي ۾ دنيا جي سيھوڳي تخليقي ادب کي ھڪ ھنڌ گڏ ڪري جلد وار پيش ڪرڻ جي ھيءَ پھرين جاکوڙ آھي. ھن کان پھرين جيتوڻيڪ ڪھاڻين جا ڳڻڪا ۽ انٿالاجيون الڳ روپن ۾ شايع ٿينديون رھيون آھن، پر باقاعدہ ھن ڪتاب وانگر سھيوڳي عالمي ادب کي سھيڙڻ جي پھرين وک آھي.“

آرسي:

هيءُ ڪتابي سلسلو ظفر حسن ۽ ولي رام ولڀ پاران 1983ع کان جاري ڪيو ويو هو، جنهن جو پورو نالو 'سهيوڳي ساهت ۽ ڪلا جي آرسي 'هو. هن ڪتابي سلسلي ۾ نون توڙي پراڻن اديبن جون ڪهاڻيون، شاعري، انٽرويو، سفرناما، ڪالم، آتم ڪهاڻيون، ليکڪن جا تعارف، انعام يافته ڪتابن جا وچور ۽ ان دور ۾ ڇپجندڙ ادب جي اپياس تي مشتمل مواد شايع ڪيو ويندو هو. هن ڪتابي سلسلي جا چار کان وڌيڪ شمارا نڪتا، جن ۾ اعليٰ درجي جو علمي ادبي مواد ڇاپيو ويو. هن ڪتابي سلسلي سنڌ اندرشعوري ترقيءَ کي هٿي وٺرائڻ سميت نون لکندڙن لاءِ نوان موضوع نمايان ڪيا. رسالي ۾ شايع ٿيندڙ مواد معيار جي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن ڪتابي سلسلي جي پهرين ڪڙيءَ ۾ 'شروعات' جي سري سان ظفر حسن ۽ ولي رام ولڀ لکي ٿو ته: اسان اظهار جي محدود دائرن کي ڪشادو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيئن' آرسي 'جي هن فورم تي سچاڻ ذهنن جي تخليقن کي سگهه سان پيش ڪري سگهجي. اسان انهن تخليقي صلاحيتن جا ڳولهائو آهيون، جيڪي لاڙن، سوچن، جديد فارمن ۽ ٽيڪنيڪن جا ڏس ڏين ٿيون."

هن ڪتابي سلسلي جي پهرين ڪڙي 1983ع ۾ ڇپي جنهن ۾ 300 صفحا هئا، ٻي ڪڙي 300 صفحا ۽ ٽين ۽ چوٿين ڪڙي 303 صفحن تي 1985ع ڏاري آرسي پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپجي پڌريون ٿيون. 2013ع ۾ آرسي رسالي ۾ شايع ٿيل ڪهاڻين جي چونڊ تي مبني "آرسي ڪهاڻيون" ڪتاب شايع ٿيو، جنهن جي مرتب طور ظفر حسن ۽ ولي رام ولڀ جاڳايل هو.

عام جائزو:

عام جائزو پڙ مٿين ڪتابي سلسلن وانگر ظفر حسن جي ذهن جي تخليق آهي. جنهن جي جاري ڪرڻ جي پسمنظر جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو ته "ڪافي وقت کان منهنجي ذهن ۾ اهو ويچار پئي رهيو آهي ته اهڙو ڪتابي سلسلو يا رسالو ڪيجي، جيڪو جڳ ۾ ٿيندڙ اهم واقعن ۽ مسئلن جي باري ۾ معلومات ڏيندو هجي ۽ اهي اهم واقعا ۽ مسئلا سماج سان واسطو رکندڙ هجن ته جيئن نئين سماج جي مجموعي طرح تبديل ٿيندڙ شڪل ۽ ان جي پسمنظر ۾ ان کي

متحرڪ ڪندڙ قوتن جي خبر پئجي سگهي ۽ اهڙي طرح اسان جي قوم ۾ اها سجاڳي پيدا ٿئي، جيڪا آئون پنهنجي نقطہ نظر کان سمجهان ٿو. تہ ضروري آهي.... ٻي ڳالھ اها آهي تہ هن ڪتاب ۾ جيڪا معلومات ڏني ويئي آهي، سا روزاني اخبار مان ورتل آهي ۽ اها بہ پاڪستان جي انگريزي روزاني اخبار مان ورتل، يعني تہ اسان جي سنڌي اخبارن اها معلومات پنهنجي اخبارن ۾ سنڌي عوام تائين نہ پهچائي. ان ڪري مون کي خيال آيو تہ جيڪو ڪم سنڌي اخبارن کي ڪرڻو آهي، اهو ڪم اسان جون سنڌي اخبارون تہ نہ ڪري سگهيون آهن ۽ اهو نقطو اسان جي سنڌي اخبارن جي ايڊيٽرن تائين پهچائڻ ۽ انهن کي قائل ڪرڻ مون لاءِ اجائي ڪوشش ٿيندي، جو آئون سنڌي اخبارن جي ايڊيٽرن کي اها ڳالھ سمجهائڻ ۾ سڦل نہ ٿي سگهندس. ان ڪري مون سوچيو تہ اهو ڪتابي سلسلو/رسالو مون کي ئي برپا ڪرڻو پوندو."

**ماهوار سائنس:**

سنڌ يونيورسٽي جي ڪجھ علم دوست پروفيسرن ۽ شاگردن 1970ع واري ڏهاڪي ۾ "سنڌ سائنس سوسائٽيءَ" جو بنياد وڌو. سنڌ سائنس سوسائٽيءَ جو سڀ کان اهم ڪارنامو، سائنس رسالو جاري ڪرڻ هو، جنهن جو مقصد سنڌ جي عام ماڻهن ۽ شاگردن ۾ سائنسي شعور پيدا ڪرڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ادب جي کوٽ کي پورو ڪرڻ هو. "سائنس" جي نالي سان جنوري 1971ع ۾ رسالي جو پهريون پرچو سنڌالاجيءَ شايع ڪرائي پڌرو ڪيو. جنهن جو ايڊيٽر ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي، جڏهن تہ اسسٽنٽ ايڊيٽر سيد ظفر حسن ۽ غلام مرتضيٰ پٺاڻ هئا. اڳتي هلي ظفر حسن ٿوري عرصي لاءِ سائنس مئگزين جو بہ ايڊيٽر رهيو ۽ ان جي معيار کي برقرار رکيائين. ظفر حسن جيتوڻيڪ بنيادي طور تي جاگرافيءَ جو پروفيسر هو، جنهن ڪري هن جا ڪجھ مضمون جاگرافيءَ بابت هن جرنل ۾ شايع ٿيا.

**سماجي سائنس جرنل:**

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ظفر حسن ۽ پروفيسر اعجاز قريشي گڏجي سماجي سائنس جي موضوع جي سنڌي ٻوليءَ ۾ مواد جي کوٽ کي محسوس ڪندي سماجي سائنس نالي جو هڪ جرنل ڪڍڻ شروع

ڪيو، جنهن ۾ ايڪنامڪس، سماجيات، پوليٽيڪل سائنس ۽ ٻين شعبن متعلق مضمون شايع ڪيا ويندا هئا. هن قسم جو مثال سنڌ جي سماجي تاريخ ۾ هڪ اهم حيثيت رکي ٿو. هن جرنل جا ڪل ٽي پرچا نڪري سگهيا.

ظفر حسن جن به ادبي تنظيمن سان وابسته رهيو، انهن جي ڪردار تي مثبت تنقيد ته ڪندو هو، پر ڪڏهن به ڪنهن جي به ڊر ڪو نه ٿيندو هو. ادبي جهيڙن کان پاسو ڪندو هو ۽ پاڻ کي نيوٽرل رکندو هو. سندس اڳيان ڪنهن ليکڪ جي ڳالا ڪبي ته هو هن ليکڪ جو ڪو نه ڪو سٺو پهلو ٻڌائيندو هو. ڪيترن ئي اديبن جي مالي مدد به ڪندو هو. سائين غوث علي شاهه جي دور ۾ جڏهن ڪراچيءَ مان ڪيترائي سنڌي ميڊيم اسڪول بند ٿيا، ان تي ظفر حسن سيد، جتي ڪٿي احتجاج ڪندو هو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٻين صوبن جي اميدوارن کي پي.ايچ.ڊي ۾ داخلائن جي سلسلي ۾ به سائين ظفر حسن ڪافي احتجاج ڪيا.

سندس سموري حياتي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ گذري. پاڻ علم ۽ ادب جي هر شعبي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيائون. سندس اصول پرستي، سنڌ سان جنون جي حد تائين محبت هئي جو سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ٻي ٻولي ۾ ڳالهائڻ به خراب محسوس ڪندو هو. ادبي دنيا ۾ پرنٽنگ، پبلشنگ، ڪهاڻي، تنقيد، ڊائري، خاڪا نويسي، مضمون نگاري وغيره ۾ سندس اهم ڪردار آهي. رٽائرمينٽ کان پوءِ سندس تمام وڏا پروگرام هئا ته هو هڪ عاليشان پبلشنگ هائوس قائم ڪندو، جنهن مان معياري ڪتاب گهٽ قيمت تي شايع ٿيندا، پر افسوس جو حياتيءَ ساٿس وفا نه ڪئي ۽ اهي سمورا منصوبا رهجي ويا. ظفر حسن هميشه، ان ڳالهه جي تائيد ڪندو رهيو ته پبلشر ۽ سرڪاري ادارا، اديبن کي ڪتابن جو اجورو ادا ڪن ۽ سرڪاري لائبريرين ۾ سندن ڪتاب خريد ڪيا وڃن.

********

## سائين ظفر حسن جي باري ۾ مختصر رايا

**محمد ابراهيم جويو:**

سنڌي ادبي سنگت جيڪو پوري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل آهي جن جي قلم جي ڪلا کي سنڌ ڌرتيءَ جا چار ڪروڙ عوام پڙهن ۽ سمجهن ٿا پر افسوس اهو آهي جو سرڪاري انگن اکرن ۾ انهن چار ڪروڙن مان سنڌين کي گهٽائي سوا ٻه ڪروڙ ڪيو ويو آهي. انهيءَ ساري قوم جو عاشق هو ته ظفر حسن سيد هو. هن کي سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻولي کان سواءِ ٻي ڪابه شيءِ نظر نه ايندي هئي. هو يارن جو يار هو غريبن جو غمخوار هو. پنهنجي اولاد ۽ پنهنجي خاندان سان ،پنهنجي ذميدارين کان ڪڏهن غافل نه هوندو هو.

مان ظفر حسن کي گهڻو سڃاڻان. سائس منهنجي ويجهڙائپ ٻين کان گهڻي رهي آهي. مون ايڏي ساري گڏ رهڻ واري زندگي جي سفر ۾ ڪوئي اهڙو ماڻهو ڪونه ڏٺو جنهن کي سيد ظفر حسن کان شڪايت هجي ته هن مون سان نه نباهيو آهي. اگر ڪنهن سان سندس اختلاف ٿيا به هوندا ته اهي اصولن جي بنياد تي ٿيا هوندا. سيد ظفر حسن جڏهن سنڌي ادبي بورڊ ۾ سيڪريٽري ٿي آيو ته هن سنڌي ٻولي جي سڌارڻ ۽ واڌاري لاءِ آنجهي مانجهي هڪ ڪري وڌندو رهيو. پر ٿڪو ڪڏهن به ڪونه. بورڊ جي آفيسرن کان وٺي پٽيوالي سان سندس ورتاءُ شفيقانه رهيو. تڏهن ته اڄ تائين بورڊ جو ڪوبه ملازم سندس نالو ڪٿندو آهي ته وات گلاب ٿي ويندو اٿس. ظفر حسن جي ذات ۽ ڏانءُ تي ڪيترو ڳالهايان. ڇا ڳالهايان. هو سنڌي ٻولي جي تاريخ جو حصو آهي تمام وڏو ماڻهو آهي. سنڌي ماڻهن جو دک درد رکندڙ ماڻهن جي لسٽ ناهبي ته ظفر حسن سيني کان مٿاهون ۽ سر بلند نظر ايندو. (ماهوار "عوامي امنگ"، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

**پيرسيد آفتاب شاهه :**

ظفر حسن سيد "استاد" جي حيثيت سان ۽ "سنڌي ادبي سنگت" جي پليٽ فارم تان نوجوانن جي سٺي تربيت ڪرڻ ۾ ڪافي حد تائين ڪامياب ٿيا. سنڌ يونيورسٽي جاگرافي ڊپارٽمينٽ، چيئرمين آف فيڪلٽي جي حيثيت ۾ رٽائر ٿيا. رٽائرمينٽ کان پوءِ اعزازي طور تي اسٽوڊنٽس کي ليڪچر ڏيندو هو. ظفر حسن سان منهنجو رشتو ياءُ جيان هو. هو انتهائي نازڪ ۽ نفيس طبع جا مالڪ هئا. سنڌي قوم سان انتهائي محبت وارو جذبو رکندا هئا. سنڌي لکڻ پڙهڻ کي ترجيح ڏيندا هئا. سنڌ يونيورسٽي ۾ ليڪچر شپ وٺڻ جو اهم مقصد هئن ته سنڌ جي غريب نوجوانن جي بهتر طريقي سان تربيت ڪري سگهجي. ظفر حسن کي سنڌي ادب سان تمام گهڻو لڳاءُ هو. ظفر حسن "ڌرتي" رسالو، "آرسي" ۽ "پرورِ" جهڙا رسالا شايع ڪيا. پاڻ هميشه صاف سٿرا Well dressed رهندا هئا. اسان سمجهون ٿا ته ظفر حسن سيد جون تخليقون ۽ ڳالهيون "مشن" طور اسان لاءِ ڇڏي ويا آهن. (ماهوار "عوامي امنگ"، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

**غلام رباني آگرو:**

سيد ظفر حسن سان منهنجي پري کان دعا سلام چاليهارو ڪن ورهيه اڳ جي هئي. صحيح معنيٰ ۾ ميل ملاقات تڏهن ٿي، جڏهن پاڻ سنڌي ادبي بورڊ ۾ سيڪريٽري ٿي آيو ۽ مان يونيورسٽيءَ ۾ پرو وائيس چانسلر مقرر ٿيس. ظفر حسن کلڻو، خوش مزاج منو ماڻهو هو، ڪيس سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ادب سان صحيح معنيٰ ۾ محبت هئي. سائين بورڊ ۾ جيڪو عرصو رهيو، ان ۾ هن بورڊ جي ايمانداريءَ ۽ محنت سان ڪئي. دعا آهي ته رب پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي. (ماهوار "عوامي امنگ"، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

**پروانو ڀٽي:**

سائين ظفر حسن تمام پلوڙ ۽ پيار ڪندڙ انسان هو. مونکي افسوس آهي جو حياتي هن سان ساٿ نه ڏنو. منهنجي گذارش آهي ته سائين ظفر جي لکيل مواد کي گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻجي چاڪاڻ ته ڪنهن به اديب کي ياد رکڻ جو بهترين اعزاز اهو آهي ته ان

جي تخليقن کي هڪ هنڌ جمع ڪري ڇپرائي امر ڪيو وڃي. سندس ٻارڙا پبلڪ اسڪول ۾ پڙهندا هئا. انهن کي جڏهن ڏسڻ ايندو هو ته مون ڏانهن ڇورائيندو هو ته اڇي مٽي واري کي ڇئو ته اڇي مٽي وارو يار آيو اٿئي. سائين ظفر حسن سنڌ جي تاريخ جو هڪ حصو آهي جيڪو هميشه امر بڻجي رهندو. (ماهوار ”عوامي آمنگ“، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

## قاضي خادم

ظفر حسن هميشه صاف سٿرو ۽ ٽپ ٽاپ رهندو هو. چونڊو هو ته سوٽ ۽ ٽاءِ فيشن بدلجڻ جي ڪري نه بدلائڻ گهرجي، ڇو جو ڦريو گهريو ساڳيو فيشن وري اچي نڪري ڪڏهن ٽري پيس ته ڪڏهن ٽو پيس، ڪالر سوڙها ته ڪڏهن ويڪرا، ڪڏهن پانچا سوڙها ته ڪڏهن ويڪرا، تنهنڪري سوٽن کي بچائي رکجي، فيشن مان نڪتل ڪپڙو وري به فيشن ۾ اچي ويندو. هن جي ڪار به هميشه ڌوتل پوتل هوندي هئي، ڪڏهن مون هن جي ڪار جو ٽائر ميرو نه ڏٺو. ڪي دوست چوندا هئا ته ڇا ظفر حسن گاڏي غاليچي تي ٿو هلائي جو ٽائر تي مٽي ئي ڪا نه ٿي چڙهيس. شوق به عجيب و عريب. لکڻ جو شوق، ڪرڪيٽ جو شوق وري مٿان پيانو وڄائڻ جو شوق، جيڪو هن حليم بروهيءَ کان پوءِ آغا احد جان کان پئي سکيو. وري اعليٰ درجي جا ڪتاب ۽ ادب شايع ڪرڻ جو شوق ٿيس. ”پرفيڪٽ پريس“ قائم ڪيائين. ”آرسي“ پرچو ڪڍيائين، معياري ادب جي همت افزائي نه ٿيڻ جي ڪري مايوس ٿي ويو. سندس زندگيءَ جي ڪهاڻي به عجيب هئي. هڪ دفعي سول اسپتال ۾ ”امڙ“ سان ملايائين، جيڪا اتي داخل هئي ۽ پنهنجي خاندان جو ذڪر ڪندي، مون کي چيائين ته ان تي ڪجهه لک. مون به ريڊيو تي 13 قسطن جي سيريل لکي ۽ پاڻ به اها ٻڌائين ته ڏاڍو خوش ٿيو.

پنهنجي خوش دليءَ ۽ خوش طبعيءَ جي باوجود ٿورو وهمي هو.جڏهن هن کي دل جو هلڪو لوڏو آيو هو ته ڏاڍو پريشان گذارڻ لڳو. هڪ دفعي آءٌ ۽ تنوير عباسي هن سان جاگرافي شعبي ۾ ملڻ وياسين، جتي هو استاد هو. تنوير هن کي پريشان ڏسي چيو، ”ير اسان به دورا پوڻ کان به ڪو نه ٿا ڊڄون ۽ تون آهين جو هڪ جهٽڪي ۾ منجهي پيو آهين!“ اهو ٻڌي مرڪي ڏنائين.

پڙهو، سنڌي ڪتاب وٺو. سائين سنڌي ادب، سنڌي ٻوليءَ ماءُ کي انتها پيار ڪندو هو.

جڏهن ته منهنجي اندر ان سان اختلاف هو ته نه صرف سنڌي پر ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ڪو به ڪتاب پڙهجي پر سائين، ان معاملي ۾ سخت هو "نه سنڌي ٿيا هو." مان آخري سال جي آخري ڏينهن ۾ سائين ظفر حسن سان ملڻ جاگرافي ڊپارٽمينٽ ويس.

سائين موڪلائڻ آيو آهيان.

ڇو؟

فائينل ٿي وئي.

واه واه.

سائين اجازت ڏيو.

ائين نه وڃبو نه نه... بابا، اصل نه، رات جي ماني مون وٽ کائو. رات جي مانيءَ تي طارق عالم سان گڏ، ظفر حسن سان ادب، ڪهاڻين ناولن، قومپرستي تي ڳالهايو. جيڪو مون کي هاڻي تفصيل سان ياد نه ٿو اچي.

**منصورقادرجوڻيجو:**

مان شاگردي واري زماني ۾ سائين سان گهڻو وقت گڏ رهيس سائين سدائين مون جهڙن نوجوانن کي چوندو هو ته نئين ٽهيءَ جا ليکڪ اردو اخبارن کي ڇڏي ڊان اخبار پڙهن. هڪ دفعي مون سائين کي پنهنجو لکيل ڪتاب اردو ۾ جناح پور ڪتاب ڏيکاريو، جنهن ۾ مون 40 ثبوتن جي روشنيءَ ۾ اهو ڪتاب لکيو هو. سائين چيو ته مواد سٺو آهي پر ڪتاب اردو ۾ لکيو اٿئي. ان ڪري اِهو ڪتاب مونکي نه گهرجي ڇئي واپس ڪري ڇڏيائين. سائين مون جهڙن غريب شاگردن جي مدد به ڪندو هو. هو مونکي ٽي سو روپيه ماهوار پگهار ڏيندو هو. منهنجو ڪم اهو هوندو هو ته مان ڊان اخبار جون خبرون ۽ مضمون ڪٽي رکندو هوس. ظفر حسن سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان به سنڌي ادب جي وڏي خدمت ڪئي.

(ماهوار "عوامي امنگ"، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

نذرعلي سيد (ظفر حسن جو فرزند):

هڪ ڏينهن جو واقعو آهي. آئون اويس پٽ، اسان جي گهر جي پويان سندس گهر آهي ۽ منهنجو دوست آهي. اسان گڏجي اتي ڪرڪيٽ راند ڪندا هئاسين. بابا چوندو هو تہ ڪڏهن بہ ٻاهر وڃو تہ چپل نہ پائي وڃجو، بوٽ، سينڊل جورابن سان پهريل هجي تہ بهتر. راند جي مهل جو گرائونڊ جا PT شوز هجن تہ سٺو. هڪ ڏينهن بابا ڪراچيءَ ويل هو، آئون سستيءَ ۾ چپل پائي راند جي خيال سان نڪري ويس. اصل ۾ آئون آهيان بالر، اها چپل مون کي تڪليف ڏئي رهي هئي. مون اويس کي چيو تہ تون پنهنجي چپل مون کي ڏي.ان سان مون کي بالنگ ۾ آساني ٿي. راند جيئن ئي ختم ٿي، بي خياليءَ ۾ اويس جي چپل پائي گهر هليو آيس. بابا انهيءَ ڏينهن ڪراچيءَ مان شام جو ساڍي ستين ڌاري وڃي اچي ويا. بابا 9 وڳي واريون خبرون مس نہ ڪندا هئا. بابا مون کي پراڻي چپل سان ڏٺو پر ڪجهہ نہ چيو. خبرون ڏسڻ کان پوءِ پڇيو تہ ”پٽ مون جيڪي بہ ڏينهن اڳ سينڊل وٺي ڏنا هئا، اهي ڪٿي آهن؟ ۽ ڪنهن جي چپل پائي آيا آهيو؟“ مون چيو ”بابا اها چپل اويس جي آهي.“ بابا پڇيو تہ ”اها ڪيئن آئي هتي؟“ اتي آئون ڦاسي پيس ۽ سچ ڳالهائڻو پئجي ويو. چيم تہ ”آئون اويس وارن جي گهر ويو هئس تہ چپل بدلجي وئي آهي.“

بابا چيو ”توهان چپل سان ٻاهر ويا ڇو؟“ مون چيو تہ ”سستي ۾ غلطي ٿي وئي.“ بابا چيو تہ ”اها سستي توهان کي ڪڏهن نقصان پهچائيندي.“ بابا چيو تہ ”توهان سينڊل پايو، چپل ٿيلهي ۾ وجهو، اها بہ ٻي ٿيلهي نہ هجي پر ڪاري ٿيلهي هجي، جنهن سان خبر نہ پئي تہ توهان چپل ڪٿي پيا وڃو.“ آئون اويس کي هن جي چپل ڏئي آيس ۽ پنهنجي چپل کڻي آيس. پوءِ بابا ڏاڍي پيار سان مون کي سمجهايو تہ، آئون بہ حيران ٿيس تہ منهنجي غلطيءَ باوجود بابا ڏاڍي پيار سان سمجهايو. مطلب تہ بابا اسان سان دوستن وانگر محبت ۽ شفقت سان رهندا هئا.

(ماهوار ”عوامي امنگ“، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

گلبدن جاويد (ايڊيٽر ”سرتيون“ ميگزين):

سائين ظفر حسن سيد هڪ اهڙو سچو ۽ مخلص انسان هو، جنهن ڪڏهن بہ پنهنجي قول ۽ فعل ۾ فرق نہ ڪيو. سائين

سنڌي ٻوليءَ لاءِ جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون اٿن، اهي هميشه ياد رکيون وينديون. سندس ذات جي هڪ خاص ڳالهه اها هئي ته پاڻ هميشه نون لکندڙن کي اتساهيندا رهندا هئا. هن ڳالهه ۾ بلڪل وڏائي نه پئي ڪريان ته جڏهن مان سندس وفات کان پوءِ سندس گهر ويس ته مون کي سندس ڪمي ائين محسوس ٿي جيئن ڪو روحاني رهبر وڇڙي ويو هجي. سچ پچ به ظفر حسن اسان جو ذهني اڳواڻ هو.

(ماهوار ”عوامي امنگ“، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

محمد عرس چانڊيو:

گهڻو وقت اڳ اسان کي خبر ملي هئي ته ڪنهن سنڌي پروفيسر تي حملو ٿيو آهي. اسان اها ڳالهه جيئن ئي ٻڌي سائين سان ملڻ وياسين. ان ڏينهن کان وٺي سائين ظفر حسن سان منهنجي نيازمندي شروع ٿي وئي. سائين ظفر حسن سيد سنڌي قومي سٿ ٺاهي مونکي ۽ حفيظ قريشي کي ان جي اڳواٽي سونپي ۽ هدايت ڪئي ته سنڌي ماڻهن جي توهان کي پارٽ هجي ۽ سائين جو چوڻ هو ته توهان هن تنظيم کي سنڌ سطح تائين اجاگر ڪريو ته جيئن سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ٻولي جي حفاظت ٿي سگهي. پر افسوس جو سائين ظفر حسن سيد جو خواب تعبير ٿيڻ کان اڳ سندس حياتي ساٿ ڇڏي وئي ۽ اهو اسان کان وڇڙي ويو. پر سندس تنظيم ۽ سندس لڳن اسان وٽ يادگار طور باقي رهجي ويو آهي.

(ماهوار ”عوامي امنگ“، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

نوٽ: ڪجهه مهينا اڳ سائين ظفر حسن جي حوالي سان 14 جولاءِ 2020ع تي ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ صاحب پنهنجي گل حيات انسٽيٽيوٽ جي فيس بوڪ وال پيپر تي لکيو ته ”روشن خيال ليکڪ سيد ظفر حسن جي ولادت ٿي.“ ان تي ڪو شخص آئجا جٽ (شايد فرضي نالي سان) سائين ظفر جي شخصيت تي وار ڪندي ڪافي شخصي تنقيد ڪئي. ان جي جواب ۾ جيڪي رايا آيا، اهي هتي ڏجن ٿا:

آئجاجڻ:

مان سيد ظفر حسن کي 1970ع کان سڃاڻان ٿو ۽ ظفر حسن پاڻ کي سيد سڏائيندو هو ۽ عام ماڻهن کي امتي سڏيندو هو ۽ انهن کان نفرت ڪندو هو. سندس شادي بنگالي فيمليءَ مان ٿيل هئي. سندس بنگالي زال به پاڻ کي سيد سڏائيندي هئي ۽ عام ماڻهن کان نفرت ڪندي هئي. اسڪول جي بس ۾ بي ڪنهن عورت سان گڏ نه ويهندي هئي ۽ چوندي هئي تہ اسان سيد توهان امتي آهيو.

پروفيسر اعجاز قريشي:

هو هڪ بهترين انسان هو، ان لاءِ ڪوڙ نہ هئو. هو هڪ انسان دوست هو، جيڪو حليم، مهربان ۽ پيار ڪندڙ شخص هو. هن ڪڏهن به سنڌ يونيورسٽي جي ملازمن لاءِ ورتل زمين جي خلاف ڪيس داخل ڪو نہ ڪيو هو. اها خبر مون کي ان ڪري به آهي تہ مان ان سوسائٽيءَ جو پهريون منتخب صدر هئس.

ڊاڪٽر علي اڪبر ڍڪڻ:

ظفر حسن هڪ هڪ سچو سيد هو ۽ سنڌ جو وفادار پٽ ، ليڪڪ ۽ يونيورسٽيءَ ۾ چاڻو استاد هو. هن کي هميشہ سنڌي ماڻهن جي خدمت جو اونو هوندو هو. هو حيدرآباد ۾ سرڪاري ڪوارٽر ۾ رهندو هو، جنهن سامهون منهنجي چاچي مرحوم احمد علي ڍڪڻ جو گهر هوندو هو. منهنجي ساڻس اتي اڪثر ملاقات ٿيندي هئي ۽ 1971ع کان 1973ع، منهنجي پي.ايچ.ڊي دوران سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ملاقاتون ٿينديون هيون.سائين ظفر کي اڪثر سنڌي ماڻهن جي اقتصادي ترقي ۽ تعليم جي واڌاري جي ڳڻتي هوندي هئي. مون اڄ تائين اهڙو وفادار نہ ڏٺو آهي، جيڪو قومي جذبي سان ايترو سرشار هجي.

دستگير ڀٽي:

شاندار ۽ سچو استاد ۽ وفادار دوست جنهن پاڻ کي ڪڏهن به سيد نہ لکيو ۽ نہ سڏايو. بهترين شخصيت جو مالڪ، هڪ ڏاهو دانشمند اسان کان جوانيءَ ۾ ئي وڇڙي ويو!

ڊاڪٽرتنويرجوڻيجو:

ادا ظفر حسن هڪ بهترين شانائتو رک رکاءَ وارو انسان هو ۽ اسان جي خوش نصيبي هئي جو يونيورسٽيءَ جي شروعاتي دور کان وٺي اسان کي سندس ساٿ ۽ ٿربيت ملي. ڪامن روم ۾ باقاعدگيءَ سان ايندو هو. ان وقت سماجي سائنس جو سنڌيءَ ۾جنرل شايع ڪرڻ شروع ڪيائون ۽ اسان سيني تي لازم هو تہ پنهنجي سبجيڪٽ تي مضمون لکون ۽ "ڌرتيءَ" لاءِ ڪهاڻيون لکڻ بہ لازم هو. اسان سڀ ادا ظفر حسن جو تمام گهڻو احترام ڪندا هئاسين. ادي قمر جو تعلق صدر جي شيخ ڪٽنب سان هو. ڊاڪٽر رفيا شيخ جي ماسي نهايت مهذب ۽ بااخلاق خاتون هئي. ادا ظفر حسن.عملي طور ذات پات جو قائل نہ هو. سندس پيڻ ۽ نياڻي غير سيدن ۾پرڻيل هيون. سندس نهن عبدالقادر جوڻيجو جي ڌيءَ آهي. ادا ظفر حسن سنڌ ۽ سنڌي ٻولي سان شديد محبت ڪندڙ انسان هو. اڄ بہ سندس پيروڪار سندس نقش قدم تي هلن ٿا ۽ ساڻس بيپناهہ محبت ڪن ٿا.

ثريامخدوم:

آئجاڻ جا سائين ظفر جي باري ۾ تاثرات مڪمل ڪوڙ تي ٻڌل آهن، جيڪي بي بنياد، حسد ۽ ساڙ تي ٻڌل آهن. سنڌ يونيورسٽي جي سوسائٽيءَ جي باري ۾ اعجاز قريشي صاحب واضح ڪري چڪو آهي، جنهن لاءِ مون کي چوڻ جي ضرورت نہ آهي. مان سائين ظفر ۽ سندس ڪٽنب سان تمام ويجهي هوندي هئس. ٻئي زال ۽ مڙس تمام معتبر شخص هئا. انهن ڪڏهن بہ اهڙو رويو نہ ڏيکاريو تہ اهي ٻين کان بهتر آهن. سندس گهرواري بهترين سنڌي ڳالهائيندي آهي ۽ بهترين شخصيت جي مالڪ آهي. سائين ظفر جو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪردار تحسين جوڳو آهي. هو هڪ ليکڪ، ايڊيٽر ۽ گهڻو ڪجهہ هو. هو پنهنجي ضمير مطابق انتهائي مخلص شخص هو. اسان جي عظيم شخصيتن، جيڪي هن دنيا ۾ نہ رهيون آهن، انهن خلاف زهر آلود رويو بند ڪيو وڃي.

خالدہ نسرين:

سر ظفر حسن جهڙو ڏسڻ ۾ شانائتو هو اوترو ئي اسان لاءِ مانائتو پڻ هو. تنهن زماني ۾ اسان جو فائن آرٽس ڊپارٽمينٽ

۽ جاگرافي ڊپارٽمينٽ  هڪ ئي عمارت ۾ هوندا هئا. اسان پنهنجن استادن کان سدائين سندس ساراهه ئي ٻڌي. پهريون پيرو منهنجا دوها سندن ئي ”ڏرتي رسالي“ ۾ ڇپيا هئا. سر ظفر تنهن زماني ۾ نئين ٽهيءَ جي لکڻ وارن جي تمام گهڻي همت افزائي ڪئي . ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديبن سندس ادبي نرسري مان سرجي ادبي کيتر ۾ اوچو مقام ماڻيو آهي . الله کيس جنت ۾ جايون عطا ڪري.

عبداللطيف لغاري :

سائين ظفر حسن سيد منهنجو محسن، منهنجو ڳوٺائي، بااصول زندگي گذاريندڙ، سنڌ سان عشق ڪندڙ، بهترين تخليقڪار، جنهن پنهنجي سموري حياتي اصولن جي پاسداري ڪندي گذاري. مونکي اهو ڏينهن ڪڏهن نہ وسرندو جنهن ڏينهن سائين منهنجي ڳوٺ واٽڪي وسي آيو هو ۽ اسان ڪيترائي ڳوٺاڻا ساڻس گڏجي پرائمري اسڪول ڏسڻ ويا هئاسين، جتي پاڻ ابتدائي تعليم حاصل ڪئي هئائون، ٻڌايائون تہ سندن والد محترم سائين نذر شاهه کين گهوڙي تي اسڪول وٺي ايندا هئا.سندن خيال هو تہ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ پاڻ سندن ڳوٺ ”ڪاٺڙي“ ۾ هڪ ادارو قائم ڪرڻ گهرن ٿا، جتي لائبريري، ثقافتي پروگرام ۽ ٻيون ذهني اوسر جون تقريبون ڪرايون وينديون. افسوس ۽ اسان جي علائقي واسين جي بدبختي جو سائين اچا اداري لاءِ پيڙهون ئي مس کوٽايون هيون تہ پاڻ دل جي دؤري سبب اسان کان ۽ سنڌ کان وڇڙي ويا. (فيس بوڪ تان ڪنيل)

*******

as caring that he used to wait for hours sitting in car till they returned back after finishing their class.

He was a good administrator and a good teacher. He used to explain the topic in detail the courses he taught. His most favourite subject was Political Geography. He also taught Economic Geography, Human Geography, and Philosophy of Geography to final year students.

Shah Sahib was a man of diversity. He was more "Adeeb" than "Geographer". There were many books and articles in "Sindhi Literature" at his credit. He was very famous in literary circle.

His date of birth is 14$^{th}$ August, 1937. He retired from Service on attaining age of Superannuation on 13$^{th}$ August, 1997. He wanted to quit teaching after retirement. But I requested him to continue teaching being well conversant with above mentioned subjects. On my request, he continued teaching till his death in March, 1998, due to cardiac failure.

Shah Sahib never compromised with any ones wrong doing. He used to observe performance of his colleagues in the department and wanted them to be practical and punctual in their duties.

I was the junior most colleagues in 1978 and became Chairman of the department in December, 1996. However, he always helped me in running the affairs of the department.

He built his own house in the Sindh University Cooperating Housing Society. But unfortunately couldn't move there due to his unexpected death in March, 1998.

With these few lines I stop here.

These lines are some "Memories with Shah Sahib".

••••••••

Prof. Mohammad Rafique Dhanani

## Zafar Hassan Syed – Popularly known as "Shah Sahib"

Shah Sahib was on deputation in Sindhi Adabi Board, Jamshoro as Secretary of the Board, when I joined as lecturer of Geography Department in June 1978.

I came to know about him as a big personality of the department. He used to come to the department once or twice in a week to teach Economic Geography to M.Sc Students.

I was very much impressed, when I met him there for the first time in the department. He was well dressed. He talked to the Chairman of the department in Urdu, as he used to talk in Urdu with Urdu speaking Teachers of the department only.

He was advocate of Sindhi Language, as he talked in Sindhi with other colleagues and common people. If a person couldn't speak Sindhi he used to talk in English.

I remember one incident, when I travelled with him in his car, with his Urdu speaking relative his relative talked to him in Urdu. Shah Sahib replied in English. As his relative was educated and fluent in English so he immediately switched over to English conversation.

In 1978, Shah Sahib asked me to engage practical classes of the students. At that time, I was not fluent in Sindhi. I used to explain the practical in English and in Urdu. The Students were asking me their questions and observations in Urdu. One day, Shah Sahib advised me since the most of the students are Sindhi, therefore, the student should be explained in Sindhi instead of Urdu.

I observed him as a very neat and clean personality. Many people used to call him as a "Prince". He was very kind and helpful to needy people. He helped many people morally as well financially.

I found him as a loving and caring father for his four sons and daughters. He used to take his sons to tuition centre in Hyderabad. He was

Man of Zafar Hassan's literary calibre is a rarity as he was an honest, upright teacher, sensitive writer afflicted spiritually with the national enslavement predicament, wanted exposition of hypocrisy of the feudal lords of literary grand circus, aspired earnestly for imbibing the best of world literature through standard quality translations. He believed in the best and looked for such creditable companions which he could hardly gather like Vali Ram Valbh. Many a time we had planned to bring out magazines on the pattern of Time, Newsweek and Readers Digest. He browsed even Urdu Sunday magazines to get some ideas about our utopian would be magazine. He despite his anger against speaking Urdu would get Shama Delhi, Besween Sadi and Film Fare from Dubai. He was the ultimate aesthete who could not survive without the best of the best in any language, anywhere in the world. His best gift to me in 1973 when I joined as lecturer in English Department was inimitable Readers Companion to World Literature I am still using this indispensable reference book every day.

Zafar Hassan's contribution to Sindhi short story may not be as tremendous as that of Jamal Abro, Rabbani, Nasim Kharal, Ghulam Nabi Mughal and Amar Jaleel but his incisive critical acumen and insightful searing evaluation more often than not, is his perpetual legacy and golden heritage of abiding worth and unending value. His brown brief case was a magic Zanbeel (bag) of umpteen kaleidoscopic variegated books, literary journals and he would liberally distribute and share his riches amongst the thirsty seekers of knowledge, while on his way to his home at Madad Ali's. Eccentric and whimsical he was, as all great thinkers and writer tend to be. His first and last passion was Mother Sindh which he served as a true son of the soil. He was both a voice of sanity and a crusader against Pirs, Mirs and obscurantism of tribal decadent society. Things persist as he left them.

Assembly in 1973. Though he had steadfastly adopted this non - compromising boycott Urdu attitude, many members of his family especially his in-laws, and old friends of Saddar including Haleem Brohi frequently spoke Urdu. I had read his scathing review of "Shair Number" in Suhni and would openly disagree with his very tough personal almost vitriolic language against a particular school of Poetry led by the Sarwari Jamaat and the Makhdum clan. These strange pedagogic weird eccentricities grew sharper with the passage of time and age and this is perhaps one of the reasons that he could not succeed in sustaining and perpetuating his splendid literary critical magazines which depended only on a few devoted faithful friends. His last venture was "Aarsi" and for this he happily met me at Kotri where I happened to be serving as Additional District Magistrate in 1990 after my two years stay at USA. He was indubitably a self-respecting writer and did not ask for any financial support but as my moral duty I managed an advertisement from Wazir Ali Industries. He felt obliged. Shortly thereafter unfortunately a nondescript dysfunctional comrade was arrested on the complaint of the then Vice Chancellor by the Rangers and I was a duty magistrate. He was very much annoyed with me and thus snapped our social talk and would not reply to my frequent telephone calls. This was the End. Actually my absence abroad had estranged him and he had also become more involved in the complicated students affairs on the battlefield campus. A better understanding of this entire unfortunate phenomenon is provided by his posthumous Diary which speaks volumes about the various sensitive issues of Sindhi youth troubling our educational system which nobody could solve from the redoubtable intellectual Sayyid Ghulam Mustsfa Shah to great poet laureate Shaikh Ayaz. The Diary is very his last testament and needs second and third volumes as promised by his dear son. Hyper sensitivity metamorphed and accentuated to depressive psychosomatic cynical attitudes towards many old friends and it alas affected his health .Such a cool headed guide, philosopher and friend like him discarded many writers who had earned awards from the establishment, civil and military. Zafar Hassan was right in his reactive wrath but it appeared a little overwhelming for him too and he died in his early sixties, which was rather a sad pre-mature departure for his family, admirers and readers.

ket ban on more than two hundred books of Sindhi literature including the monthly Suhni edited by great Tariq Ashraf. This later episode is a shameful denial of freedom of expression in the aftermath of Amar Jaleel's short story "Sard lash jo safar".

Zafar Shah would regularly visit his press in the afternoon, take proper daily account from his loyal manager Aslam Laghari, exchange pleasant greetings with me and then discuss urgent literary political matters with Madad Ali Sindhi in my presence. This was the frank and humane philosophical perspective of his non-conformist personality who talked openly without fear or favour. A thoroughbred gentleman he was, who unlike many of his literary hypocrite contemporaries invariably spoke truth. He had one face and never indulged in double speak. His fearlessness, analytical and intellectual rational demeanour made me grow fond of him gradually and we started taking long walk from his press to now extinct Prem Park opposite Hyderabad Gymkhana. His command over English like his bosom friend Haleem Brohi was indeed impressive though he soberly admitted that he could not qualify CSS after two attempts, due to certain reasons, may be, I think due to intelligence agency reports. He said it was English Essay, first time, and then English General which caused this debacle .Thank God he stayed in University to inspire so many like us and led the brilliant valiant battle against stupidities of Vice Chancellors and literary ninkompoops.

After my joining University in February 1973, we became good colleagues and had more frequent meetings at his Latifabad No.6 residence where he had a mammoth enviable collection of books mostly in English on World literature and on his professional subject Political Geography. His writings on his academic discipline are now scattered and his short stories in Sindhi were also selectively translated by him in English .One of his favorite short story on the curse of feudalism he read in English in a small selected literary conclave at old campus canteen in 1973, where I was also present and it was presided over by Amar Jaleel. Latter he, according to our mutual friend Hyder Bhurgri of Islamabad had developed very strong antipathy and antagonistic feelings against Jaleel and broke off social relations with him due to his Hilal e Pakistan columns. Likewise Zafar Hassan was extremely emotional on certain issues of ethnic language, with reference to speaking in Urdu. He would not talk in Urdu in reaction to language riots against Sindhi Language bill passed by Sindh

**Gul Muhammas Umrani**

## ZAFAR HASSAN, THE RENAISSANCE MAN OF SINDHI LITERATURE

Zafar Hassan Shah was my ideal since University days of B.A Hons /MA when I was working as Associate Editor of Ariel, the annual research journal of Department of English, University of Sindh in the years 1971and 1972.Prof Dr. K.M. Larik was the Editor and Prof Amena Khamisani was the Chairperson. I had been frequently coming across Prof. Zafar Hassan mostly at his favorite haunt of newspaper stands at Gadhi Khata, Hyderabad with his close friend and a well-dressed companion Dr. Mubarak Ali of General History Department who had just returned from East Germany. Zafar Hassan was very good looking person and was more polished, sophisticated, well-mannered and smartly dressed, always in the custom tailored suit and a matching tie, stylishly carrying an expensive leather brown brief case. My real intimate friendship blossomed with him subsequently at my initiative, when I persuaded madam Khamisani to let me print our literary journal from the Perfect Printers, Saddar Hyderabad, opposite to the Cantonment Police Station, and it was a risky proposition.

This press was owned by Zafar Sahib and was the centre of radical publications on myriad of fiery topics under the sun, magazines, digests , pamphlets and ultra-left Marxist hetrodoxical, subterranean underground nationalistic tracts not acceptable by other timid and sissy proprietors who were hopelessly commercial and rank opportunists. Madad Ali Sindhi was the Editor of the die-hard nationalist monthly "Agate Qadam" and would regularly bring out this out rightly courageous think tank type incendiary matter from this press of higher ethical values of patriotic valour. All this activity was witnessed by us at our press Perfect Printers ,while we also saw the oppressive gagging happening simultaneously during the repressive Black days of Home Secretary Muhammad Khan Junejo when the ruling Islamic socialist party had imposed a blan-

many contemporaries; nonetheless, he did not deviate from his path and worked with total dedication. Even during Gen. Zia's rule, he did not compromise on the principles and refused to participate in the so-called "Intellectuals Conferences".

As a teacher at university, Zafar Hassan was considered to be a dedicated guide to the students. During his last day, he concentrated on his research and writing.

********

Courtesy to Daily Dawn, March 10, 1998

## Shaikh Aziz

### ON THE DEATH OF ZAFAR HASSAN SYED

Sindhi Literature has suffered another loss within a short period with the death of writer, critic and former Secretary of the Sindhi Adabi Board, Syed Zafar Hassan. He died of heart failure in Hyderabad on Sunday at the age of 61.

Zafar Hassan was an eminent critic, but also wrote short stories. Besides, he edited many magazines, including Mehran Quarterly. He taught at the University and played major role in the setting up of Sindhi Adabi Sangat.

Zafar Hassan was born on August 14, 1937, at Hyderabad. His family was well-known for imparting education for many generations. Schooled at Hyderabad and after doing his masters from Sindh University, Zafar developed an aptitude for writing at an early age. He began with short stories in the late 1950s. Then he contributed to the establishment of Sindhi Adabi Sangat, the organization devoted to promoting modern trends.

In the 1960s when Sindhi literature was undergoing a qualitative change under the political influence of the One Unit, Zafar Hassan voiced social and economic issues through short stories, critical notes and papers. He also became associated with a number of organizations devoted to publishing anthologies and other works to promote Sindhi literature. Among them were "Aarsi" and "Dharti" were quite popular. He even set up a printing shop in 1970 that helped many writers in bringing out their works.

As a writer, he was committed to the progressive movement and believed in social realism. Consciously staying away from slogan-mongering, he believed in upholding honesty, heard work and objectivity. Sometimes this bold and objective criticism was not liked by

**Mazharul Haq Siddiqui**

## NOTED SHORT STORY WRITER AND INTELLECTUAL SYED ZAFAR HASSAN

The Vice Chancellor University of Sindh Mazharul Haq Siddiqui has urged upon the intellectuals and writers to create qualitative literature to guide youth and to reform the society. He was presiding over a function to mark the 9th Death Anniversary of noted short story writer and intellectual Syed Zafar Hassan on Wednesday. The programme was organised by Sindhi Adabi Sangat Sindh University Colony in collaboration with Institute of Sindhology at Pir Hissamuddin Rashdi Auditorium.

Sindh University Vice Chancellor paying rich tribute to Professor Zafar Hassan was unique human and a person of high qualities. Siddiqui said that in creative literature there is no writer of caliber of Zafar Hassan and added that it is dire need that writings as well as stories must be republished so that young writers benefit from it.

He said that Zafar Hassan always makes efforts through writings, lectures and speeches to reform society and added that he was a good reformer being creative writer. He said that as University faculty Professor Zafar Hassan was an excellent teacher, research, scholar and gave high importance to Geography. He said that being a university teacher Zafar Hassan encouraged young students to study not only subject but also literature of different times.

Dean Faculty of Social Sciences Dr Rafia Ahmed Shaikh, short story writer and sociologist Dr Tanveer Junejo, Professor Ghulam Hussain Khaskehli. Waliram Walabh eulogised Syed Zafar Hassan's personal his qualities as a man, as a teacher and as a friend.
(Business Recorder 29th March 2007)

Prof.-Qamar Zafar Hassan

## ZAFAR HASSAN SHAH AS A HUSBAND

(May Allah Subahatallah place his soul in superior class of Jannah. Amen)

Zafar Hassan Shah as a person, as husband was thoroughly gentle man. He was quite aware of keeping his relations with his mother, sisters and brothers and with his wife and children. Though he looked serious, but he was jolly, humorous person and was friendly in his domestic life. He never bossed for the sake of bossing of course where it was needed he did.

With all his engagements at University and Adabi (Literary) life, he was family oriented person and used to give his precious time to children and wife going out, playing games, watching TV, listening radio and enjoying, always has his meals with the family. In food, he liked everything never made any fuss.

He was very organized person, and preferred to do most of his personal work himself and wanted his children to have same habits like him. He was a disciplined person, rising early walking, and doing things in time and honest, regular in his job.

He was respecting to elderly persons, his father's friends paying visits. He liked children very much and was very popular they loved him a lot.

In the end, I would like to say "He was loving, caring, respectful and friendly with me". There is much more to write about him.



مختيار ملاح اسان جو اهڙو نوجوان اسڪالر آهي جنهن جو سندس هم عمر لکندڙن ۾ مثال نہ آهي ۽ سندس ايندڙ هر ڪتاب جي اهميت هڪ پي ايچ ڊي جي لاءِ لکيل مقالي جيتري آهي ڪوجنا جي حوالي هن ٿوري عرصي ۾ گهڻي محنت ڪئي آهي هن هڪ ئي وقت تاريخ، ادب، تحقيق ۽ ترتيب تي ايترو ڪم ڪيو آهي، جيڪو سندس عمر کان گهڻو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اهڙي شخص/اديب سائين ظفر حسن بابت سندس هيءَ ترتيب ڏنل ڪتاب مٿين ڳالهہ جي شاهدي آهي، واڌو هيءُ ڪتاب هڪ پيٽا بہ آهي، جيڪا هڪ لائق شاگرد پاران هڪ لائق استاد ڪي ان جي ڪيل گهڻ رخي علمي ۽ ادبي ڪم ڪي عقيدي طور ڏني وئي آهي، هن پيٽا ڪي پڙهي، اهو اندازو لڳائڻ ۾ آساني ٿيندي تہ مختيار ملاح نہ صرف ليکڪ طور ساراهڻ جهڙو آهي پر هو شخصي طور بہ ساراهڻ جهڙو آهي جنهن پنهنجي مانواري استاد بابت هڪ يادگار ڪتاب ترتيب ڏيئي پاڻ کي وڏيڪ مانائتو ڪيو آهي. ساڳئي وقت پنهنجي همعمر لکندڙ نسل ڪي بہ، نہ فقط مانائتو ڪيو آهي پر ٻڌايو آهي تہ محسنن جو احترام هن طرح بہ ڪري سگهجي ٿو.

جيتوڻيڪ هن طرح جو احترام مختيار ملاح ٻين بزرگن، اديبن لاءِ بہ دل ۾ سانڍي رکيو آهي ڪنهن طرح مختيار ملاح جي پورهئي لاءِ پيار ۽ احترام لڳاتار وڌندو ئي رهي ٿو. مختيار ملاح پنهنجي تعريف کان وڌيڪ پنهنجي تحقيق ڏانهن ڌيان ڏيندڙ آهي، جيڪا خوبي سندس نسل جي لکندڙن/ڪوجنيڪن ۾ بنهہ گهٽ آهي، هو ان حوالي ۾ اڄوڪي سنڌ ۾ بنهہ اڪيلو آهي.

**رکيل مورائي**